# ڳُٽوانن جون ڳالهيون

قمر شهباز

ثقافت کاتو
حکومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# گُڏوانن جون ڳالهيون

قمر شهباز

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڪراچي. 2010ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: ڳٽوانن جون ڳالهيون
موضوع: مضمون
ليکڪ: قمر شهباز
پهريون ڇاپو: ١٤٣١ هه/ 2010ع
ڪمپوزنگ: امتياز انصاري
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: شمس جعفراڻي
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو بوڪ شاپ
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206063



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
sindhsalamat.com Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies Jamshoro books.sindhsalamat.com

# فهرست


پبلشر نوٽ........................................................ 5

ٻه اکر........................................................ 7

شيخ اياز ويهين صديءَ جو شاعر........................ 11

”هينئڙو ڌاڙهوءَ گل جئن“ جو هڪ جائزو..................... 23

لفظ جاڳن ٿا(شيخ اياز جي شاعريءَ جي پس منظر ۾)........... 39

ٻَرَّ جهڙو ڪو گهاڻو ماڻهو...................................... 55

سنڌي ڪهاڻيءَ جي خالق جو ماتم............................. 95

درد جو سفر........................................................ 99

منهنجو جليل........................................................ 143

امر جليل جي دل جي دنيا...................................... 155

نسيم کرل سنڌي ڪهاڻيءَ جو مرڪزي محور.................. 161

حميد: هڪ اڻ ٽڪ انسان...................................... 167

مرضيءَ جو مالڪ: شمشير الحيدري............................. 175

هڪ مانيٽو ماڻهو – شوڪت شورو.............................. 181

امداد حسيني: سنڌي ادب جو شهزادو............................ 193

امداد حسيني ـ سچار فنڪار...................................... 195

تنوير – مکٽو ماڻهو............................................ 199

فقير محمد لاشاري سنڌي صحافت ۾ بهادريءَ جي علامت ـ ............ 205




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلا لازوال آهي ........................................ 209
سنڌي ادب جو خاموش پانڌيئڙو! ........................................ 223
قاضي فيض محمد ـ هڪ سچار اڳواڻ ........................................ 229
هڪ ارڏي ڪردار تي موت جو اوچتو وار ........................................ 233
عبدالڪريم گدائي ـ اونده ۾ روشن مينار ........................................ 239
رفيق جعفري ........................................ 243
ڊاڪٽر مولا بخش جمالي ........................................ 247
جيجل پيڻ جو وڇوڙو ........................................ 251
سنڌي اديب جو آدرش ........................................ 255
جوڳي ٻيا ٻه گهٽا ........................................ 263



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

قمر شهباز سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو اديب، ڏيا وارو دانشور ۽ مڃيل شاعر هو. جيستائين جيئرو هو تہ سنڌ جي علمي ۽ ادبي اُفق جو وهائو تارو ٿي رهيو. هيئنر جسماني طور خاڪي اسان وٽ ڪونهي پر پنهنجي پٺيان پنهنجي شخصيت جي ٿنهي حوالن سان ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن جا اَمُلهہ خزانا ڇڏي ويو آهي.

پوئين سال سنڌس چاليهي جي موقعي تي ٿيل تقريب ۾ سنڌ ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو قمر شهباز جي علمي ادبي ورثي کي سنڌ جي موجود ۽ ايندڙ نسلن تائين حفاظت ۽ خوبيءَ سان رسائڻ لاءِ سنڌ ثقافت کاتي پاران ڇپائڻ جو اعلان ڪيو هو.

هيئنر سندس خاڪن ۽ مضمونن تي مشتمل هي ڪتاب ”ڳٺوانن جون ڳالهيون“ اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سندس ڪالمن جو مجموعو ”ڇيچ پرائي“ پڻ شايع ڪيو پيو وڃي.

هن ڪتاب ۾ قمر شهباز سنڌ جي ڪاهوڙي دانشورن ۽ ليکڪن جي شخصيتن متعلق شاهڪار خاڪا لکيا آهن. جنهن سان انهن جي زندگيءَ جا ڪيترا لڪل پهلو نروار ٿي اسان جي لاءِ مشعل جو ڪم ڏين ٿا. اهڙي طرح سندس لکيل ٻيا مضمون بہ سنڌي ادب جو شاهڪار نمونو آهن.

محترم پروفيسر سليم ميمڻ ڊين فيڪلٽي آف آرٽس ڪراچي يونيورسٽي، هنن مضمونن کي سهيڙي ڏيڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي جنهن لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ثورائتا آهيون. سڀ کان وڌيڪ مهربانيون سنڌ ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جون جنهن جي خواهش ۽ رهنمائي هيٺ سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي اسڪيمن جي وسيع پيئماني تي اشاعت جو سلسلو جاري آهي ۽ محترم قمر شهباز جا هي ہ ڪتاب بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهن.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

چين جي چترڪارن جي چتر چٽڻ جو اصول واهه جو آهي، جنهن ۾ شيءِ جو چٽ چٽڻو هجي، ان کي تصور ۾ آڻي ان وقت تائين تصور ۾ تاتيندا رهندا آهن جو وجدان جي لهر ذهن مان ٻوڙندي آڱرن تائين اچيو پهچي ۽ آڱريون ان تصور کي ليڪن وسيلي تصوير جو روپ ڏيو ڇڏين. اها وجداني ترڪيب هن پيش لفظ کي لکندي ان ڪري ڄاڻائڻي پئي جو قمر شهباز جي لکڻين جي شگفتگي ۾ به انهيءَ ساڳي وجداني ڪيفيت جو احساس ملي ٿو.

هو ڳالهه ناهي نه ٿو بلڪ پنهنجي جذبن سوچن ۽ فڪر کي بي اختيار بيان ڪري ٿو ۽ جن به شخصيتن بابت لکيو اٿس، تن سان پنهنجي پيار ۽ تعلق کي اوتيو اٿس.

قمر شهباز ادب جي افق تي پنجاه سال چمڪندو رهيو. سندس ادبي زندگي جي هر رات چوڏهين جي رات هئي. شاعري کان افساني نگاري، مضمون نگاري ۽ ڪالمن، ڊرامن مطلب ته هر صنف ۾ هن پاڻ ملهايو. سندس لکڻين ۾ هڪ عجب تاثر ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي جو احساس ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ ادي ارشاد قمر جي مدد سان ڪجهه مضمون، خاڪن ۽ مهاڳن کي شامل ڪيو اٿم. اڃان گهڻو ڪجهه ٽڙيل پکڙيل آهي. جنهن کي گڏ ڪرڻ جو ڪيس به آخري ڏينهن ۾ تمام گهڻو اونو هو. پاڻ ان ڏس ۾ حيدرآباد به هليو هو. گهڻو ڪجهه هٿ ڪيو هئائين ۽ گهڻي ڪجهه جي ڳولا ۾ الائي ڪاڏي هليو ويو. ڪهڙي تڪڙ هئس؟ پر ڪيس اهو احساس شدت سان هو ته ڪيس وڃڻو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قمر شهباز پنهنجي ادبي لڏي ۾ نه فقط گهڻو مقبول هو بلڪ هن جا هر ننڍي وڏي سان ويجها، گهرا ۽ اڻ ٽٽ ناتا هئا، اهو ئي سبب آهي جو هن گهڻن بابت نهايت سهڻي ۽ وڻندڙ انداز ۾ لکيو ۽ پنهنجي تعلق کي توڙ تائين نڀايو ٻ.

شيخ اياز جي شخصيت، فن ۽ فڪر سان ڪيس گهڻو پيار هو جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي پيرائتا مضمون لکيا اٿس، جنهن ۾ شيخ اياز جي شاعري جو تنقيدي تجزيو ڪيو اٿس. پاڻ انگريزي ادب جو استاد رهيو ۽ سرڪاري نوڪري دوران ڪيس گهڻا ئي ملڪ ڏسڻ جو موقعو مليو. انهن تجربن سندس لکڻين ۾ هڪ عجب تاثر ۽ نکار پيدا ڪيو.

ثقافت کاتي سندس ڪتابن کي شايع ڪرائڻ جو ذمو کنيو آهي، جنهن لاءِ اسين سپ ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو ۽ ثقافت کاتي جي سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي جا ٿورائتا آهيون.

اپريل 2010ع

**پروفيسر سليم ميمڻ**
ڊين فيڪلٽي آف آرٽس
ڪراچي يونيورسٽي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳُٽوانن
# جون
# ڳالهيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# شيخ اياز ويهين صديءَ جو شاعر

شاعري اَجهل اُدمن جي اوچتي اُچل جو نالو آهي، سا تعريف تہ هاڻي ذري گهٽ پورو جڳ تو ڄاڻي ۽ من سان مڃي، پر ڇا سٺي شاعريءَ لاءِ اها وصف ڪافي آهي، تنهن جي ڇنڊڇاڻ ضروري آهي. سٺي شاعريءَ مان منهنجي مراد آهي اها شاعري جيڪا هڪ سماج، هڪ قوم ۽ هڪ ڏيک کي نہ صرف موهت ڪري ڇڏي، بلڪ سندس دل جي ڳالهہ سندس ئي لهجي ۾، سندس ئي سوچ مطابق، سندس ئي انداز ۾، سندس ئي پيرايي ۾، اهڙيءَ طرح بيان ڪري جو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ دانهن ڪري اٿي تہ اها منهنجي ئي دل جي ماجرا آهي. اهو تہ مون بہ چوڻ پئي چاهيو پر شاعر پنهنجيءَ ذات وسيلي منهنجي اندر جي اورَ مونجهارا ۽ مامرا وڏيءَ مهارت سان سينگاري، سجائي ۽ سهجائي اهڙيءَ ريت تہ پيش ڪيا آهن جو هنيانءَ هُرڪِي اٿيو آهي ۽ تن تڙپي پيو آهي. رنگ ۽ برش تہ هر ڪنهن کي سولائيءَ سان هٿ لڳي سگهندو پر انهن ئي رنگن کي سليقي سان استعمال ڪري، موهيندڙ چِٽ چِٽڻ ڪنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاريگر جو ئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو. مِٽيءَ مان سِرَ ناهڻ سولي، پر خوبصورت صراحي جوڙڻ لاءِ فنڪاراڻي ذهن جي ضرورت آهي.

ايستائين بہ نيڪ. موتي ميڙي هار پروئڻ تہ گهٽا ڇاڻن، پٿر جي اڻگهڙيل ٽڪر کي ڇلي، گهڙي، صاف ڪري، منجهانئس ملڪوتي حسن واري مورتي ٺاهڻ لاءِ ڇيڻي، هٿوڙي ۽ ڪاريگر هٿن سان گڏ گهري سوچ جي اوچي اڏام وارو هڪ هاڪاري ذهن بہ ضروري آهي. پر انهن سڀني شين کان اجا بہ وڌيڪ ضروري آهي وقت، مقام ۽ حالتن جي سڃاڻ.

ملڪ ۾ هاهاڪار متل هجي، گولي ۽ بارود جي بوءِ ۾ دم گهٽبو هجي، در دريون بند ۽ رستا ويران هجن، سوچ تي پهرا ۽ آزاديءَ تي تير تاڻيل هجن ۽ شاعر گل ۽ بلبل جو داستان ڪٽي ويهي. عام ماڻهو بُکَ جو ٻَکُ ٽيندا هجن، ٻچڙا جي ڳولا ۾ للنگ لِيلائيندا هجن، معصوم ٻارڙن کي چنڊ ۾ مانيءَ جو عڪس نظر ايندو هجي ۽ شاعر جام و مينا جي ڳالهہ ڇيڙي ويهي. جواني ليڙن مان لياڪا پائيندي هجي، ابهم ڪير ڦڙيءَ لاءِ چمڙي جهڙين ڇاتين کي جهوپاڙيندا هجن، مُردن جيان هڏپائيون نڪتل نينگريون چند سِڪن ڪارڻ جسم جو سودو ڪرڻ لاءِ آتيون هجن ۽ شاعر مخملي بدن، سڊول جسم ۽ هرڻيءَ جهڙي چال جا قصيدا پڙهي. عدل ۽ انصاف ۽ سچائيءَ کي سر بازار سوريءَ تي چاڙهيو ويندو هجي ۽ زبان تي تالا هجن ۽ زندان جا در ڪليل هجن ۽ هٿ ڪڙيون ۽ سنگهرون ۽ ڪِيرَ ۽ ڪڙا ۽ بڙچيون ۽ ڀالا مُنڪر جو مقدر هجن ۽ شاعر محبوب جي اک جي آڱِي ۽ پيرن جي پٽي جي واکاڻ ۾ مگن هجي. اهڙي شاعري ڀل تہ سُر ۽ تالَ ۽ لئہ تي پوري اتري، ڀل تہ علم عروض جا سمورا قاعدا ۽ قانون ۽ حڪم ۽ احڪام پورا ڪندي هجي، ڀل تہ چند وديا ۽ ماترائن تي ٺهڪي ايندي هجي، پر ڇاڪاڻ جو وقت، مقامَ ۽ حالتن جي عڪاس ناهي، ان ڪري موزون شاعري هوندي بہ سٺي شاعري چوائڻ جي حقدار ناهي.

شاعر جو وقت جي نبض تي هٿ هئڻ لازمي آهي. ڌرتيءَ تي پير رکڻ ضروري آهي. حالتن تي گهري نظر وجهڻ اهم آهي. ماڻهن جي انبوهہ ۾ وچايل، اڻ ڇاتل، اڻ سڃاتل شخص، جيڪو بنا تفريق ان پيڙا مان پاڻ بہ گذرندو هجي، ساڳي پوڳنا پاڻ بہ پوڳيندو هجي، ڪروڌ جي ڪڙهائيءَ ۾ پاڻ بہ ڪڙهندو هجي، درد جي دريا ۾ ٻين سان گڏ وَهندو هجي، ٻڏندو هجي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترندو هجي، پچندو هجي، سڙندو هجي، ڪامندو هجي. وڙهندو هجي، جهڙندو هجي، رڙهندو هجي. لفظن جو محتاج نہ هجي. لفظ سندس راھہ ۾ جهول جهلي بيٺا هجن. سوچ جو اوسيئڙو نہ ڪري، سوچ سندس سودائي هجي. روانيءَ لاءِ جتن نہ ڪري، رواني سندس روح ۾ رچيل هجي. اهو ئي عظيم شاعر چوائڻ جو حقدار آهي. عوامي، قومي ۽ جمهوري قدرن جي پاسداري توڙي رهنمائي بہ ان هٿان ئي ٿينديءَ دلين تي راج بہ اهو ئي ڪندو. دماغن جو ڏٽي بہ اهو ئي ٿيندو. روحن کي ريج بہ اهو ئي ڏيندو.

"اير چنڊ پس پرين" جي مهاڳ ۾ اياز چوي ٿو. "دوستووسڪيءَ پنهنجي ناول رُوڊِن (Rudin) ۾ لکيو آهي تہ هڪ چڱو ٻول هڪ چڱو ڪارج بہ آهي. (A good word is also a good deed)

"مون هن وانگر سدائين سوچيو آهي تہ منهنجي شاعري ئي منهنجو بهترين عمل آهي، منهنجي بهترين سياست  آهي ۽ دنيا کي بدلائڻ لاءِ منهنجو بهترين ذريعو آهي. . . آزاديءَ کان پوءِ نہ رڳو مون قتل و غارت ۽ بغض و نفرت جي مخالفت ڪئي ۽ پاڪستان ۾ جهالت پسند ۽ آمريت پرور طبقن خلاف پنهنجي شاعريءَ جي زور آزمائي ڪئي پر ون يونٽ کان پوءِ هن وقت تائين شاعريءَ ۾ جمهوريت دشمني جي پرزور مخالفت ڪئي آهي. مون اشارا، ڪنايا، تشبيهون، تلميحون، استعارا، اساطير (ڏند ڪٿائون) ۽ ٻيا شاعرانا حربا استعمال ڪري، پنهنجي پوري تخليقي قوت ان ۾ صرف ڪئي تہ جيئن جمهوريت دشمن ۽ استحصال پسند نظام جي پاڙ پٽي وڃي ۽ ان دؤر جي آجيان ڪئي وڃي جنهن جا بنياد محبت ۽ اخوت تي ٻڌا وڃن ۽ اهڙي شاعريءَ جي نتيجي ۾ مون فوجي حڪومت ۽ سِوِل بيورو ڪريسيءَ جا ڏنل طرح طرح جا عذاب قبول ڪيا."

"خط، انٽرويو تقريرون" ۾ اياز شاعريءَ جي باري ۾ چوي ٿو "شاعري سڪ آهي، پنهنجائپ آهي، ويڇا متائي ٿي، ويجهڙائپ پيدا ڪري ٿي. شاعري ٻِگت ڪبير آهي، شاھہ ڀِٽائي آهي. اها پنهنجي پاڪر ۾ ساري انسانذات کي وٺي ٿي، هڪ ٻئي کي محبت آڇي ٿي، انسان سان پيار ڪري ٿي ۽ هن جي انسانيت اڳيان سر جهڪائي ٿي."

ويهين صديءَ دوران سنڌ ۾ ۽ ورهاڱي کانپوءِ هند توڙي سنڌ ۾ اياز ئي اهڙو نالو آهي جيڪو متي ٻڌايل انهن سمورين حدبندين تي پورو اتري ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ انهن ڪان بہ اڳتي دائمي قدرن (Absolute Values) جي سرحدن کي ڇهي ٿو. هن ننڍڙي جائزي ۾ منهنجو ارادو هرگز اهو ناهي تہ اياز جي همعصرن مان ڪنهن بہ هڪ يا گهڻن جي پيٽ ساڻس ڪجهي يا ڪانئس اڳ يا پوءِ وارن قلم ڌڻين جا عيب ثواب ظاهر ڪري کيس سڀني کان اول ۽ افضل ڄاڻائجي. ايئن ممڪن بہ ناهي. علم ۽ ادب جا اڻ ڏريا پارکو ڄاڻن ٿا تہ ادبي معيارن جي ڪسوٽيءَ تي شيخ اياز جي شخصيت پنهنجين سمورين اوڻاين ۽ انساني ڪمزورين جي باوجود، بنا ڪنهن ٽنيي ٽوٽيءَ جي، هونئن ئي سڀ کان مٿانهين آهي. مون تہ تڪلفاً کيس هڪ صديءَ جو شاعر ڪوٺيو آهي. دراصل سنڌس شاعري ڪيترين ئي صدين تي حاوي آهي ۽ جيسين ڪو ٻيو اياز پئدا ٿئي، تيسين سنڌس شاعريءَ جو سحر ماڻهن جي من کي منڊيندو رهندو.

اها اسان جي بدقسمتي آهي جو اياز کي سنڌس ئي پايي جو ڪو مترجم ملي نہ سگهيو ورنہ سچ پڇو تہ دنيا ڀر ۾ تخليق ٿيندڙ نظماڻي ادب ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ سالن جي عرصي ۾ سنڌس قد ڪاٺ وارو ڪو بہ تخليقڪار دور دور تائين نظر نٿو اچي. ان کي ڀل تہ ڪوئي منهنجي سادگي سمجهي، اڻ ڄاڻائي سمجهي يا خود پسندي سمجهي، پر ادب جي هڪ ادنيٰ شاگرد جي حيثيت ۾ مان پوري ذميداريءَ سان پنهنجيءَ دعويٰ کي ورجايان ٿو ۽ اهو پڻ چوان ٿو تہ ادبي ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ هڪ اعليٰ شاعر جون مجيل وصفون رکو ۽ ٻئي ۾ پنهنجو اياز. اياز گذريل صديءَ جي سڀ کان وڏي شاعر جي حيثيت ۾ اوهان کي انهن ماڻن ۽ ماپن تي پورو بلڪ ڪجهہ وڌيڪ ئي ڳرو نظر ايندو. ها، اهو برابر آهي تہ اياز تي پڻ ٻين اهم ليکڪن جيان مختلف دور آيا. سنڌس ذهن جدا جدا وقتن تي جدا جدا اثر قبول ڪيا. شروعاتي دور ۾ هُو رومانٽڪ ۽ انقلابي شاعر طور ابريو. ورهاڱي بعد سنڌ سان پنهنجو ناتو جوڙڻ کان پوءِ هو سنڌ جو چارڻ بنيو. سياسي طور هن جو لاڙو اشتراڪيت ڏانهن هو. روسي ادب جي گهري مطالعي کيس ڪميونسٽ نظرئي جو حامي بنائي ڇڏيو پر ديس جي درد ان ئي عالمي اشتراڪيت واري رومانس کي سُسائي، سوڙهو ڪري، سميٽي، قومي جاڳرتا جي محدود دائري اندر آڻي بيهاريو. آخري ڏينهن ۾ تصوف جو پرچاري بنيو ۽ لطيف جي ٻاريل ڏياٽيءَ کي روشن رکڻ لاءِ روحانيت جي پرچار ۾ رڌل رهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سمورن ڏهاڪن دوران اياز جي شاعريءَ ۾ لفظن، سنگيت توڙي روح ۾ ڇپي ويندڙ آلاپ ۽ ورلاپ جو جادو ڪڏهن به جهڪو ۽ جهيڻو نه پيو. ڏنڊ تي آڙيون لهنديون رهيون، وڏڙو اوهيڙا ڪري وسندو رهيو ۽ ڪونجون اڀ ۾ ڪُرلائينديون رهيون. سندس فني خوبين ۾ ڪابه ڪمي نه آئي. تجنيس حرفي، ورجاءُ، ورجاءَ جو ڦهلاءُ، تصور، تخيل، تصوير ڪشي، غنائيت، تشبيهون، تاويلون ته هميشه جيان سندس سرشت جو حصو ٿي رهيون، بلڪ سندس مطالعي ۽ مشاهدي ڪيس سدائين ڪجهه نئون ڪرڻ تي همٿايو ۽ اڪسايو. هن وائي، بيت ۽ دوهي جهڙين ڪلاسيڪي صنفن کي نوان ويس وڳا پارائي، حالتن جي جديد قالب ۾ اوتي، نه رڳو نئين سر جياريو بلڪ عوامي مقبوليت جي نهايت ئي اوچي پد تي آڻي بيهاريو. هن غزل جهڙيءَ ڌاريءَ صنف کي خالص سنڌي لهجو ۽ سڀاءُ ڏنو ايتريقدر جو اياز جو غزل ڪڏهن وائيءَ جي ڏِک ڏيڻ لڳو ته ڪڏهن نظم جي سرحد کي ڇهڻ لڳو. نظم جي ميدان ۾ پڻ ڪيل سندس تجربا نئين نسل کي نيون راهون ڏئي ويا. آزاد نظم، نثري نظم، ڊگهي نظم ۽ مختصر نظم کان ويندي ناٽڪي نظم تائين جو سفر اياز جي ذهني آنڌ مانڌ ۽ ادبي بناوت جو وڏو ثبوت آهي.

عالمي مسئلن سان گڏوگڏ عالمي صنفن کي سنڌي لهجو ڏيڻ پڻ اياز جي وسيع علمي ڄاڻ ظاهر ڪري ٿو. هائيڪو سانيٽ، ترائيل، بلينڪ ورس ۽ اوپيرا وغيره ته هن لکيائي، گڏوگڏ انٽرنيشنل موضوعن ۽ عالمي ڪردارن کي اجاگر ڪريڻ هن سنڌي ادب کي موضوعاتي توڙي صنفي لحاظ کان هڪ ئي ڇلانگ ۾ دنيا ڀر جي مظلوم، بيوس ۽ بي پهچ پر ويڙهاڪ، باغي ۽ غير تمند قومن جي صف ۾ آڻي بيهاريو. ويتنام، آفريڪا، ليٽن آمريڪا، فلسطين، اسپين، بنگلاديش، مطلب ته جتي جتي ظلم ۽ ڏاڍ جي بازار گرم هئي ۽ جتي جتي هيڻو هٿيارن بنا ڏاڍي سان ويڙهاند ۾ رُڌل هو، اياز اتي، ان جڳهه، انهن جنگجو باغين سان ساڻ رهيو. ظاهر آهي ته اهڙو ماڻهو جيڪو هزارين ڪوهه دور جوٽيل جنگ ۾ ڪمزور کي اتساهڻ لاءِ آتو هجي، سو پنهنجي گهر، پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجيءَ قوم سان ويڙهاند ويل ۾ پلا ڪيئن نه گڏ هوندو؟

اياز جي ان خوبيءَ ڏانهن مون شروع ۾ اشارو ڪيو هو. جنهن وقت سنڌ ۽ سنڌي قوم کي ڪنهن ڏاڍ، ڪنهن دلاسي، ڪنهن ڪلهي جي ضرورت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، ان وقت اياز ”سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو“ ڳايو. جنهن گهڙيءَ اسان جا نوجوان سڀ سانگا لاهي، ڌرتيءَ جي دانهن تي باهہ جي درياءَ ۾ ٽپي پيا، تڏهن اياز ”سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان“ ڳايو. جنهن ويل جيل ڀريا، تحريڪ تيز ٿي، ڦيرو ڪنا، تڏهن اياز ”اچا رچ مان رڙ اچي ٿي، اچي ٿي“ ڳايو.

هُن ڌرتيءَ جا سڀ قرض چڪايا، ڪا ويل، ڪو موقعو ڪا مهل وڃڻ نہ ڏني. جڏهن ٻيا گل ۽ بلبل جي گهاري پيل قصي کي ور ور ڪري ورجائيندا رهيا ۽ پيرُن ۽ پُسين جا چاپڙ لٿل ڪلام نئين رنگ ۽ روغن سان پيش ڪندا رهيا ۽ آريءَ جي انن کي ٻُڪائي ٽڪائي، ٻُڪائي ٽڪائي، ٻُڪائي ٽڪائي اڌ مئو ڪندا رهيا، تڏهن اياز هارين جي اُڃن ڏاٽن ۾ عيد جو چنڊ ڏسندو رهيو. هو تنهنجو شاعر هو منهنجو شاعر هو سڀ جو شاعر هو جڳ جو شاعر هو. اهڙو شاعر، جنهن حسن، عشق، محبت، امن، آس ۽ ڀائيچاري جا گيت ڳاتا. جنهن عزت، غيرت ۽ آزاديءَ خاطر سنگينن آڏو سينو ساهڻ جو سبق ڏنو. جنهن ليڙون لٿن، انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکين کي ظالمن، جابرن ۽ قاتلن جي تاٽيل ترارن آڏو اوچي ڳاٽ آٽي بيهاريو. ڇا تہ رواني هئي هن جي شاعريءَ ۾!

اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهور گهٽائون ٿي جهومو!
هر ڏونگر تي للڪار ڪيو
۽ ايري ان تي وار ڪيو
انڌير نہ ڪوئي رهڻو آ،
۽ پير نہ پنتي رهڻو آ،
ڪنهن پاپيءَ جي هن پاڙي ۾
اڌ رات ڪٽي سين ڏاڙي ۾
هيءَ باقي رات بہ ڪٽڻي آ . . .
۽ ويريءَ پويان وڃڻو آ،
۽ تنهن جو ڳاٽو پڃڻو آ،
ها، باک پليري اچڻي آ،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئن موهن تي جا نچڻي آ،
تي ڪِرڻو ڪرڻو پاڻيءَ تي...
جئن چانديءَ جا هارياڻيءَ تي
ڳهه جهرمر جهرمر لائن ٿا
۽ اک ادي جهپڪائن ٿا...

هن جي غم ۾ به غصو آهي، ڪاوڙ آهي، مزاحمت آهي. مايوسي ناهي. ان ۾ ئي سندس عظمت آهي. بيشڪ هُو هڪ مظلوم قوم جو شاعر آهي پر اهو نہ وسارجي تہ هو دنيا ڀر جي مظلومن جو بہ شاعر آهي. هُن سنڌ ۾ سنڌين جي مجبوري ۽ لاچاريءَ جو ذڪر ضرور ڪيو آهي، ڇو جو اها سندس پهرين ترجيح هئي. ان علامت جي پويان اهي سڀ گورا، ڪارا، ڳاڙها، پيلا چهرا آهن، جن جا ديس دور دور ۾ الڳ الڳ آهن، جن جي تاريخ، جاگرافي توڙي سماجي حالت جدا جدا آهي، پر دک درد ساڳيو آهي. سندن اکين جي اداسي هڪ جهڙي آهي. جيءَ جا جهير ساڳيا آهن.

ڪنڊيءَ نہ سگري ٻير نہ پلڙو
سائو نہ سلڙو
چانگون نہ چيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
پنڊيءَ نہ ڳيڙو وِهہ وات ويلا،
مُنهڙا بہ پيلا،
ڳوڙها ڳهيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
ٿا جيءُ جهورن ۽ روهُہ رولن،
جنهن وقت ٻولن،
ڪٽيچي ڪويلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو سنڌ جي بيڙا ٻُسي اپريو هو انياءَ جي آڙاهه ۾ پچي راس ٿيو هو. نفرت جي "وايومنڊل ۾ ساهه کڻيو هئائين. ان ڪري ئي سندس گيت آڳ اوڳاڇن ٿا. بغاوت جي باهه سندس سموري وجود کي ويڙهي وجي ٿي. جنهن سچ کي دٻائڻ خاطر ڏمر جي ڏاٽ ڏکي ٿي ۽ ٺهر جا ڪوٽ اوچا ٿين ٿا ۽ زنجيرن جي جهنڪار گونجي ٿي، ان سچ جي ساک ڏيڻ لاءِ اياز اوچي ڳاٽ چوي ٿو:

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان _
مون ڪيئي ڏوهه ڪيا آهن!

هيءَ ڏوهه نه آ، هن ڌرتيءَ تي
مون دل جي ديول جوڙي آ،
تو نفرت جي ديوار ڪنئي،
مون ان جي پاڙ اکوڙي آ _
مون ڳاتا گيت محبت جا،
مون واڳ وطن ڏي موڙي آ.

جنهن وقت لُڪن ۾ لوساٽيل
انسان ڳلين مان نڪرن ٿا،
جنهن وقت دکن ۾ دونهاٽيل
مزدور ملين مان نڪرن ٿا،
مان پنهنجي تند تپايان ٿو
۽ دَرِدَ دلين مان نڪرن ٿا.

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان_
مون ڪيئي ڏوهه ڪيا آهن!

هڪ نمائندي شاعر لاءِ ٽُڪبنديءَ کان وڌيڪ Conviction (پرپور اعتماد) جي ضرورت هوندي آهي. قافيا رديف نثر کي نظم نه بنائي سگهن ٿا، پر ڇا جديد شاعريءَ ۾ اهڙن روايتي جهالرن يا زري ڳوٽي جي ڪا گنجائش باقي آهي؟ اوهان جيڪو ڪجهه دل جي گهراين سان ۽ اندر جي اڌمن وچان چوڻ چاهيو ٿا، ان جو انداز ڪهڙو به هجي، خالص شاعري آهي. "راج گهاٽ تي چنڊ" جو هيءُ نثراڻو نظم ڇا خوبصورت ترين شاعريءَ جو اهم نمونو ناهي؟

ڇا تون مونکي اجازت ڏيندين
ته مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندرا گانڌيءَ جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيان؟
توکي شايد معلوم نہ آهي
تہ اڳ
مون جهانسيءَ جي راڻيءَ جي موت تي بہ رُنو هو
۽ اها تلوار
جا هن جي ڪپيل هٿ مان ڪري پئي هئي
مون صاف ڪري
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾
سانيي رکي آهي،
تہ جيئن ان تي ڪٽ نہ چڙهي وڃي!

اياز جي اها Conviction سندس پابند شاعريءَ ۾ ان کان بہ وڌيڪ وزنائتي ۽ زوردار تي نظر اچي. سندس شاعرانہ خوبين، گهاڙيٽن، لفظن جي چونڊ ۽ نغمگيءَ تي ڊگهي بحث ڪرڻ جو هيءُ موقعو ناهي. انهن باريڪين تي دوستن گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. اڃا بہ گهڻو ڪجهہ لکيو ويندو. هت اياز جو قد ڊيڪارٽو آهي، لباس نہ. انهن خوبين جو ذڪر ڪرڻو آهي جيڪي کيس ٻين کان الڳ تلڳ، انوکو ۽ املهہ بنائن ٿيون. کيس منفرد ۽ ممتاز مقام ڏيارين ٿيون. هڪ صدي تہ ڇا پر ڪيترين ئي صدين تي ڇانيل اياز آفاقي قدرن جو شاعر هئڻ سان گڏ پنهنجيءَ مٽيءَ جو سڀ کان وڏو مداح آهي.

جيسين آهي جندڙي، تيسين ڳائيندس،
ڪيئن ياڪر ۾ پونءِ جي، ٽانيئڪو ٽيندس؟
مان ايري ايندس، ڪلهي پائي ڪينرو.

انساني بنيادي آزادي، انصاف ۽ برابريءَ جو پرچارڪ اياز "ڳاءِ ڳاءِ انقلاب ڳاءِ" جي نعري سان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ گهڻن کان اڳي ۽ اڳرو نظر اچي ٿو:

هيءَ ڪنڌ ڪڪوريل آزادي،
ماٺيوءَ ۾ موريل آزادي،
تي پرکي پاڻ وهيٽن کي،
ڇا هانءِ ڏئي تي هيڻن کي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ اياز جي جوانيءَ جو دور هو جنهن ۾ حسن، عشق ۽ بغاوت جي گڏيل جذبن سان هُو سنڌي ادب ۾ قدم رکي ٿو ۽ پوءِ جيئن سندس جاڻ توڙي ادبي اوسر ۾ واڌارو ٿيندو وڃي ٿو تيئن هن جي نثر توڙي نظم ۾ پختگي ۽ گهرائي وڌندي وڃي ٿي.

"پنهل کان پوءِ"، "سفيد وحشي"، "نوران" ۽ "ڪلٽي" جهڙا شاهڪار افسانا لکڻ وارو ڪهاڻيڪار ۽:

محبت نہ ڪڏهن مات ڪئي موت هلي آ ءُ
سندم هوت هلي آءُ!
تڙپي آهہ رتن جوت نہ ڳڻ ڳوت هلي آءُ
سندم هوت هلي آءُ!
هلي آءُ، نوان ڏينهن، نوان نينهن، هلي آءُ
هلي آءُ، هلي آءُ!
هلي آءُ، پيا مينهن، پنا ڏينهن، هلي آءُ
هلي آءُ، هلي آءُ!

جهڙي مڏر شاعري ڪرڻ وارو اياز تاريخي، جاگرافيائي، سياسي ۽ سماجي حقيقتن کي حساس نظرن سان ڏسندي، پنهنجي اردگرد جي ماحول ۽ پنهنجي مرجهايل ماڻهن جي ترجماني ڪندي بي خوف ٿي چوي ٿو:

جت لُڪ لڳي، جت آڪ ٽپن،
سو ديس مسافر منهنجو ڙي!
جت سج ڦُلا ٿي نڪري ٿو
۽ آڳ اُلا ٿي نڪري ٿو،
جت ڏينهن ڪڙهائيءَ جيئن ڪڙهن،
سو ديس مسافر منهنجو ڙي!
جت ڪاري اُس ڪنواٽن تي،
۽ ويڙهيچن جي واٽن تي
ٿا واريءَ جا وسڪار ٿين،
سو ديس مسافر منهنجو ڙي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري تہ فقط اظهار جو ذريعو آهي. چڪ تي رکيل چيڪي مٽيءَ جو چاٽو آهي. ڇا جوڙيندڙ سو اوهان جي پنهنجي هٿ وس آهي. ها، البت ڪا يادگار شيءِ ٺاهڻ لاءِ اوتري ڄاڻ هئڻ لازمي آهي.

اياز هڪ گهڻ پڙهيو ۽ ذهين ليکڪ هو جنهن کي عالمي ادب، سياست، ڪلچر، آرٽ ۽ ديسي توڙي وديشي ڏندڪٿائن تي مڪمل عبور حاصل هو. مشاهدي ۽ مطالعي جي ان گهرائيءَ کيس پنهنجي وطن جي مايوسين ۽ محرومين تي لکڻ لاءِ تہ مجبور ڪيو ئي، گڏوگڏ هن دنيا جي سياسي، سماجي توڙي علمي ۽ ادبي مامرن تي پڻ دل کولي لکيو.

هن جو ڪينواس ايترو تہ ڪشادو هو جو شنڪر آچاريہ کان موزارٽ تائين ۽ پاسترناڪ کان هيمنگوي تائين ۽ بودلير کان ميراجيءَ تائين، سڀ سڄاڻ، ڏاها ۽ قلم ڌڻي منجهس آسانيءَ سان سمائجي پئي سگهيا. هو اسپين جي گهرو ويڙهہ کان وٺي نيپولين جي ايلبا ۽ روسي ريپن کان هندستاني ٽيپو ۽ اٿنا اخمتووا کان قرة العين تائين سڀني کي پنهنجي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز بنائي ٿو.

هن وٽ ڪٽرپڻو ناهي، ڪشاده دلي آهي، هُو تعصب مان نہ ڄاڻي، محبت سندس مذهب آهي:

مون ڏٺو گهنٽيون شوالي ۾ وڄائيندي ڪڏهن
مون ڏٺو تو کي اذان ڏيندي ڪڏهن.
آنءِ گرجا گهر گهميا
ديولين جا در گهميا
مون پتي لاءِ تو کي آسمانن ۾ ڏٺو
خاڪدانن ۾ ڏٺو
بن جهانن ۾ ڏٺو
تو مون کي جتي ملين،
مان پتو تو کان پڇان ٿو
تون پيو مون تي کلين!

مايوسي هن آڏو ڪفر آهي، هو اميد جو پيامبر آهي:

سُوسيونڻ سبايو اڄهو آيا گهوٽڙا
ڪِنُ ڪُميتن تي اٿي لونگيون لتڪايو اڄهو آيا گهوٽڙا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري رات رَمي وئي، سج ڪَنِيءَ آيو اجهو آيا گهوٽڙا.
ڏسي رستا رَت سان، متان گهبرايو اجهو آيا گهوٽڙا.
منهنجو تو لئہ ديسڙا، لايو سجايو اجهو آيا گهوٽڙا.

ڪيسٽ ڪمپنين لاءِ فرمائشي لال ليار لکڻ وارا سگهڙ سندس همسري صرف ان لاءِ ڪري سگهندا تہ گيت ايلاز منٽ سان مقبول ڳائڻ توڙي ڳائڻين ڳايو ۽ پنهنجي ڏُن يا آواز جي زور تي مشهور بنايو؟

ڇا گذريل صديءَ دوران اوپر يا اولهہ جو ڪو اهڙو پرڏيهي شاعر سجهي ٿو جنهن پنهنجي عوام جي امنگن کي ساراهڻ سان گڏ سنڌ جهڙي سياسي ۽ سماجي ڪوري ۾ ڪامنڊڙ قوم لاءِ بہ حرف همت افزائيءَ جا ايئن لکيا هجن جيئن اياز سندن ويڙهاند کي ساراهيو آهي؟ جيڪڏهن نہ. تہ پوءِ جواب آهي اياز. اهو اياز جنهن هڪ ڇڙوڇڙ انبوهہ کي قوم بنجڻ جي ساڃهہ ڏني. جنهن ذات پات، دين ڌرم، رنگ نسل جي بنديءَ کي بند ڪري، سنڌين کي مِٽيءَ ۽ جنم جي آڌار تي هڪ جسم، هڪ جان، هڪ دل، هڪ ڌڙڪن، هڪ ساهہ هڪ پساهہ هجڻ جو سنديس ڏنو. ڌاڃي سان سينو ساهڻ جو ساهس ڏنو. سڃاڻپ ڏني. شناخت تي ناز ڪرڻ سيکاريو ۽ ان ناز کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ جو آواز ڏنو.

وانديون وسايو
نڪرو ڪاڇي ڪُنڊ مان!
اُڃي ڌرتي ديس جي،
اُبون اجهايو
نڪرو ڪاڇي ڪُنڊ مان!
آيو آيو وڏ ڦڙو
آيو ڙي آيو
نڪرو ڪاڇي ڪُنڊ مان!
ڪڪر ڪارونيار تي،
جهجها جهڙ لايو
نڪرو ڪاڇي ڪُنڊ مان!

***



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# "هينئڙو ڏاڙهون ۽ گل جئن" جو هڪ جائزو

گذريل مهيني جي وچ ڌاري جڏهن شيخ اياز کي ساندهه ٻيون دفعو دل جو دورو پيو. تڏهن مان سائٽس اسپتال جي سخت حفاظتي ڪمري ۾ ملڻ ويس. هو پلنگ تي ليٽيو پيو هو. سخت تڪليف ڪان پوءِ ڪافي حد تائين ڪمزور پئي لڳو. اکيون ڳاڙهيون ۽ ڳالهائڻ وقت ساهه تيز پئي کڄيس پر سندس جوش ۽ جذبي ۾ رتيءَ برابر به ڪمي نه آئي هئي. مان ته صرف سندس طبيعت پڇڻ ويو هوس پر پاڻ علم ۽ ادب تي ڏگهو بحث ڇيڙي ويهي رهيو. مون ڄاتو پئي ته گهڻو ڳالهائڻ، سوچڻ يا چرپر ڪرڻ، هن جي لاءِ هاڃيڪار آهي، پر سندس شوق ۽ دلچسپي ڏسي مجبوراً گفتگو جو سلسلو چڱيءَ دير تائين جاري رکڻو پيو. اياز ادب ۽ فن جي اوسر تي ٺهڪي اينڊڙ هڪ ٽوٽڪو ٻڌايو ۽ ان تي هڪ جملي جو تبصرو پڻ ڪيو جو سنڌي اديبن جي رهنمائيءَ لاءِ جيئن جو تيئن پيش ڪيان ٿو:

"مشهور چترڪار پڪاسو وٽ هڪ وڏو مالدار فن جو شوقين آيو ۽ کيس سنڌس ٺي ٺاهيل هڪ تصوير ڏيکاريندي چيائين: پڪاسو تنهنجي هيءَ



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽنگ مون فلاڻي هنڌان، وڏي رقم جي عيوض خريد ڪئي آهي. تون رڳو مهرباني ڪري هن کي ڏسي اهو ٻڌاءِ تہ هيءَ تصوير نقل (Fake) تہ ڪانهي؟

پڪاسو هڪ نظر تصوير کي ڏنو ۽ ٻئي لمحي جواب ڏنو: نقل آهي.

مالدار شخص موٽي ويو. ڪجهہ ڏينهن رکي ٻي تصوير کڻي آيو ۽ پڪاسو کي چيائين: پڪاسو هيءَ تنهنجي جوڙيل ٻي تصوير ڏاڍي مهانگي خريد ڪئي اٿم. هن کي ڏس ۽ ٻڌاءِ تہ هيءَ بہ نقل تہ ناهي؟

پڪاسو وري بہ ساڳيو جواب ڏنو: نقل آهي.

ٽئين ڀيري وري اهو ماڻهو ٽين تصوير کڻي آيو ۽ ساڳيو سوال پڇيائين.

پڪاسو وري بہ ڪيس ساڳوئي جواب ڏنو: نقل آهي.

اهو ٻڌي ان شخص چيو: پڪاسو حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. هيءَ تصوير تہ خود مون تو کان ئي خريد ڪئي هئي، تون ان کي نقل ٿو ڪوٺين؟

پڪاسو وراڻيو: "مان اڪثر نقل ئي ٺاهيندو رهندو آهيان!"

اها آکاڻي ٻڌائي، اياز سنجيدگيءَ سان مون ڏانهن ڏسي ۽ چيو: "فن يا ادب تي ان کان وڌيڪ ڀرپور تنقيد مون ڪٿي ڪونہ ٻڌي آهي. اسان اڪثر ساڳي ئي خيال کي ساڳي ئي انداز سان ورجائي، نقل مٿان نقل پيدا ڪندا ٿا رهون."

مٿينءَ گفتگو جي پس منظر ۾ جيڪڏهن شيخ اياز جي ڪوشش ۽ جاکوڙ کي ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ هن شروع کان ئي پاڻيءَ کي دٻي جي صورت ۾ گهڻي دير هڪ هنڌ جمع ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني آهي. فارسي روايتي غزل جي اثر مان نڪرڻ کان وٺي اڄ تائين سنڌي شاعريءَ هڪ بيحد اڻانگو ۽ طويل سفر طئي ڪيو آهي. ان سفر ۾ جيڪي سياسي، سماجي توڙي مذهبي رڪاوٽون، ڏاڍايون، سور ۽ سختيون، ڪيس يا سندس هم خيال اديبن کي ڏسڻيون پيون، انهن جي اپٽار جو نہ هي موقعو آهي ۽ نہ ئي مقصد. اهو جدا باب آهي، جنهن جو تفصيل واسطيدار دانشور پنهنجي مناسب جاءِ تي ضرور ڪندا. مون کي صرف ايترو چوڻو آهي تہ اياز جي سڄاڻ طبيعت ڪنهن بہ هڪ مرحلي تي، هڪ هنڌ خيما کوڙي، ماڻڙي ڪري، ادب کي نار جي ڍڳي وانگر ساڳي ئي دائري ۾ ڏينهن رات ڦيرا پائڻ جي اجازت نہ ڏني. ان جي برعڪس هن هر دور ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪئي. نوان گهاڙيٽا، نوان خيال، نيون ترڪيبون، نوان محاورا، نيون تشبيهون، نيون علامتون ـــــ مطلب تہ اياز سنڌي ادب جي قافلي جو نہ صرف مهندار ۽ راهنما آهي، بلڪ هُو چُرپر، تحرڪ، رفتار ۽ زندگيءَ جي علامت پڻ آهي. آزاد نظم، نثري نظم، هائيڪو، چؤسٽي وغيره جي تعارف کان سواءِ شيخ اياز وائي، بيت، گيت، غزل، نظم ۽ نثري نظم ۾ گهاڙيٽي توڙي تخيل جا بيشمار تجربا ڪيا آهن. غزل کي عربي ۽ فارسيءَ جي اثر کان آجو ڪري، سولي سنڌي، سنڌي پس منظر ۾، وائيءَ جي قريب تر آڻڻ، اياز جو ڪمال آهي. آزاد نظم کي پڻ روايتي اردوءَ جي ن. م. راشد ۽ فيض احمد فيض جي ڇاپ وارن آزاد نظمن کان ڪوهين دور ڪڍي، پنهنجي الڳ رنگ ۾ رنگڻ صرف اياز جي حصي ۾ آيو آهي. نثري نظم کي متعارف ڪرائڻ، ان کي مقبول بنائڻ ۽ ان مٿان اجائي ۽ بيجا تنقيد جي پرواهہ نہ ڪندي، ڪيس وڌيڪ وسعت ۽ معنيٰ بخشڻ بہ اياز جو ئي ڪارنامو آهي. نظم کي تہ اياز ڇيڪي مٽيءَ وانگر ڳوهي، رڇائي، رسائي، ڪيس پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق ٿوڙي، مروڙي، گهٽائي، وڌائي، ڦهلائي، سُڪيڙي، شڪليون، شبيهون، جسم ۽ جُسا، ڪنڊون ۽ گولايون، پور، ڪُبَ ۽ اونهايون جوڙيون آهن. سُرَ ۽ تال جي هن عجيب راند ۾ هُو هڪُ استاد راڳيءَ جيان ڪٿي مُرڪيون، ڪٿي ميڻيون، ڪٿي پلٽا، ڪٿي مناسب لفظن جو پراءُ ڏيندو راڳ جي شڪل نکاريندو نظر ٿو اچي. " "گهَنَنِ گهَن گهَن ۽ ڇَنن ڇَنِ ڇَنِ" مان سندس مراد صوتي تاثر اڀارڻ ضرور آهي، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي ذات جي لاپرواهي، موج ۽ مستيءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ پڻ آهي. هُو چوڻ چاهي ٿو تہ مان لفظن جو محتاج ناهيان. لفظ منهنجا محتاج آهن. ماهر گَوَيي جي فن کي لفظن جو پنڌار بہ پورو پئجي نٿو سگهي، ان ڪري ئي هُو آواز ۽ آلاپ جي سهاري سمورو سفر طئي ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ادب ۾ پڻ ڪيترن ئي نامور شاعرن ۽ اديبن تسلسل ۽ تخيل جي ايڪائي ۽ رواني قائم رکڻ ڪاڻ، پنهنجي اڳيان موجود لفظن جي چونڊ يا کوٽ جي مسئلي کي پاسيرو رکندي، ڌارين ٻولين، مثلاً فرينچ، چيني، جرمن، سنسڪرت يا عربيءَ وغيره جا لفظ، محاورا يا سِٽون پنهنجي ڪلام ۾ داخل ڪيون آهن. ٽي. ايس. ايليٽ، اليگزينڊر پوپ، ڊبليو. بي. ييٽس ۽ ازرا پائونڊ انهن مان چند آهن. اياز ايئن ڪونہ ڪيو آهي، هُن جتي بہ لفظن جي وسعت ۽ پهچ کي پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفهوم بيان ڪرڻ لاءِ ناڪافي سمجهيو آهي، اتي صوتي لفظن جو سهارو وٺي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي قابليت ۽ لياقت تي ڇڏي ڏنو اٿس ته پل ته پنهنجي علم آهر اهي خال نيڪ اهڙيءَ طرح پُر ڪري، جهڙيءَ طرح استاد بڙي غلام علي خان جي ٺمري ۽ دادري ٻڌڻ وقت سندس مداح سُر ڪي سمجهي، لفظن جو ڪاڪ محل جوڙي جهومندا آهن.

ڏات آڏو هيئت جي ديوار هيچ ۽ بي سبب پئي لڳي. پائيندڙ خيالي يا هٿ سان ڪڍيل ڪمزور سرحدن کي ڪونه ڏسندي آهي. شاعريءَ جو سيلاب پنهنجون حدون پاڻ متعين ڪندو آهي. ٻوڏ اصولن جي محتاج نه هوندي آهي. اياز جي شاعري به هر دفعي پنهنجا اصول پاڻ جوڙيا آهن. صرف بي جان، مانو پاٽي ئي دلي جي شڪل وٺي بيهندو آهي. زنده، تڙپندڙ ڦٿڪندڙ لچندڙ لهرون ڪٿي تيون قيد ٿين؟

اهو ئي سبب آهي جو اياز جي شاعريءَ هميشه روايتي بند ڀڳا آهن، نيون راهون، نيون واهون تلاش ڪيون آهن ۽ ڪڏهن به مانجهاندي جي ماڳ کي منزل سمجهي، آسرو پلي، ويهي نه رهي آهي. سندس سگهاري، صحتمند ۽ طويل زندگيءَ جو راز به اهو ئي آهي.

”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن“ شيخ اياز جي شاعريءَ جو نئون ڪتاب آهي، جيڪو هُن بيماريءَ جي حالت ۾ لکيو ۽ سندس اسپتال ۾ داخل هئڻ واري عرصي ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ئي ليکڪ هن مجموعي کي لکڻ جو انداز ٻڌايو آهي:

هيءُ ڪتاب ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن“ آڪٽوبر 1990ع جي پهرئين هفتي ۾ لکيو ويو هو. مان رات جو نوين بجي کان صبح جي ڇهين بجي تائين لکندو هوس، جيستائين مؤذن بانگ ڏيندو هو. ايئن محسوس ٿيندو هو ته منهنجي عبادت پوري ٿي ۽ هاڻي مان سمهي پوان. اهو سارو درمياني وقت مان بستري تي ليٽيل هوندو هوس ۽ بتي اُجهاميل هوندي هئي. اوندهه ۾ هڪ سٽ هيٺ ويندي هئي، هڪ سٽ مٿي، جيئن منچر تي آڙيون اڏامنديون آهن ــــ. جيئن مٿي چيو ويو آهي، مون هيءُ ڪتاب آڪٽوبر 1990ع جي پهرئين هفتي ۾ لکيو هو ۽ آڪٽوبر جي ٻئي هفتي ۾ ان کي سڌاري ڪاپي ڪيو هو.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هفتي جي بي خوابيءَ واريءَ حالت ۾ نظم جو مڪمل ڪتاب لکڻ سچ پچ تہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. پر ان کان وڌيڪ اچرج ۾ وجهندڙ نقطا آهن:

(1) بيماريءَ جي حالت ۾ لکڻ.

(2) غير معمولي حالتن هيٺ لکڻ.

(3) پنهنجي اڳوڻي معيار کي قائم رکندي لکڻ. ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ:

(4) بلڪل نئين نڪور زاويي سان لکڻ.

مٿئين نقطي جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي.

هن مجموعي ۾ اياز جا بيت هونءَ تہ هر طرح سان مڪمل، اثرائتا ۽ سندس معيار کي ڇهندڙ آهن. پر هن ڀيري شاعر بيتن پاڻيءَ ۾ ڪنڪري اڇلي لهرون پيدا ڪيون آهن. مان شايد هن کان اڳ ڪٿي بئي هنڌ اياز جي گهڻ – ڪنڊائتيءَ شخصيت متعلق لکي چڪو آهيان. ان سڄيءَ عبارت جو تَتُ هيءَ آهي تہ: اياز تمام ذهين انسان آهي. هن جو حافظو تيز ۽ چٽو آهي. هن جو اڀياس تمام گهڻو وسيع ۽ ڪافي ڦهليل آهي. ادب سان گڏوگڏ هن فن متعلق بہ عام رواجيءَ کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي آهي. مصوريءَ جي مختلف تحريڪن کان بخوبي واقف آهي، ڇو تہ ادب ۽ فن سان گهرو رشتو رکي ٿو. اياز جو نثري نظم پڻ مصوريءَ جي سريئلسٽڪ تحريڪ (Surrealistic Movement) کان متاثر ٿي لکيل آهي. هِن مجموعي ۾ شامل بيت پڻ ان تحريڪ جي مکيہ اڳواڻ پڪاسو جي مصوريءَ کي مدِنظر رکي لکيا ويا آهن. پڪاسو (1973 – 1881) ويهين صديءَ جو عظيم فنڪار ٿي گذريو آهي. هن کي قدرت اظهار جي ذريعن ۾ نت نَون تجربن ڪرڻ جي اهڙي ڏات ڏني هئي، جنهن جي برابريءَ جو مثال ملڻ محال آهي. هُو پنهنجي فن کي مستقل نواڻ بخشيندو رهيو. ان ڪري هن جي ڪم کي جدا جدا دؤرن ۾ ورهايو ويو آهي. سندس پهريون دؤر جنهن کي "Blue Period" يا نيرو دؤر چئجي ٿو سو سندس سماجي طور پٺتي پيل ماڻهن جي همدرديءَ وارو دؤر آهي. نيرو رنگ غم ۽ ڏک جي علامت آهي. ان ڪري پڪاسو جو هيءَ دؤر غمگين دؤر ليکجڻ ۾ اچي ٿو ۽ 1901 کان 1904 تائين ڳڻجڻ ۾ اچي ٿو. سندس ٻيو دؤر "Red Period" يا گلاب جو دؤر 1905ع کان 1907ع تائين جاري رهيو. هن عرصي ۾ هُن مايوسيءَ کي پاسيرو رکي، اميد ۽ آس جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهارو ورتو. ان کان پوءِ "Cubism" اختيار ڪيو جنهن جو مطلب هو تہ دنيا ڪي جيئن جو تيئن ڏسڻ بجاءِ. ان جي اڻ ڏٺل پاسن کي پڻ فن ۾ ڏيکاريو وڃي. انسان، حيوانِ يا حالتن جي هُوبهو نقل ڪيل تصوير جي جاءِ تي ان ساڳي ئي انسان، حيوان يا حالتن جي پس منظر ۾ ڇُپيل دک، درد، غم، خوشي، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جهڙن جذبن کي پڻ اجاگر ڪجي. ايئن ڪرڻ لاءِ هنن جاميٽري ۽ شڪلين جو سهارو ورتو انساني توڙي حيواني شڪلين کي بي ترتيب (Disproportionate) ڪري پيش ڪيو ۽ سندن اندروني ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ منجهن ظاهري بِگاڙ ڪيو. اِگتي هلي فنڪارن پنهنجي ذاتي سوچ جي اظهار خاطر پڻ اهڙين تصويرن کي استعمال ڪيو. اهي فنڪار ڪنهن هڪ اسم کي يا هڪ منظر کي، بيٺل (Still) انداز ۾، پنهنجي مخصوص طرز سان پينٽ ڪندا هئا ۽ ان کي سمجهڻ جو ڪم ڏسندڙن جي ذاهپ تي ڇڏي ڏيندا هئا.

پڪاسو 1920ع کان 1930ع تائين ڪلاسيڪل تصويرون ٺاهيندو رهيو. 1930ع کانپوءِ سريئلسٽڪ ٽولي جي سرواڻن ۾ شامل رهيو ۽ 1937ع کان پوءِ وڌيڪ طاقت، قوت ۽ جرئت سان پنهنجي فنپارن جي ڪردارن کي چيري ڦاڙي، سندن اندر جو آواز ۽ ادما ڪينواس تي چٽيندو رهيو.

شيخ اياز پڻ پڪاسو جي راهہ اپنائي آهي. نئين مجموعي ۾ ڇپيل بيٺل وايون نظم ان ڪوشش جا شاهد آهن. بيت تہ وري بہ ٻن يا ٽن سٽن جو هئڻ ڪري، هڪ مضمون تي مرڪوز ٿي سگهي ٿو وائي، نظم يا غزل جي روح ۾ اها ڳالهہ شامل ناهي. اهي پنهنجن اصولن ۽ اظهاري وسعت سبب ڪٿابہ بيٺل (Still life) زندگي چٽي نٿا سگهن پر اياز ڏاڍي ڪاميابيءَ سان پنهنجي بي پناهہ ۽ اجهل ذات کي ونگ وجهي، ڪيس هڪ هنڌ بيهاري، مُنيءَ سان ٻڌي، تصوير ڪشي ڪئي آهي.

اياز جو ڪم آهي ٻاهريون سگهاريون ليڪون (Out lines) ڪيڙڻ ۽ منظر ڏيڻ. پڙهندڙ جو ڪم آهي انهن ۾ رنگ ڀرڻ ۽ منجهن جهاتي پائي وڌيڪ تفصيل حاصل ڪرڻ. اهي خاڪا ڪي نوان ناهن: روزمره جون شيون، منظر يا واقعا آهن، جن کي ڏسي يا تہ اسان انهن کي مناسب اهميت نٿا ڏيون، يا وري ڪن لاٽار ڪري هليا ٿا وڃون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺا آهن پَٽَ تي چوپڙ ٽا ڪيڏن،
ٻاهر واچوڙو پيو جاڙ ڪري جيڏن،
ٻوڙو تي ڪيڏن، راڙو رڻ لنوائيو!

جاٺايل تصوير پڙچ تي ويٺل ڪجهه ماڻهن جي آهي، جيڪي دنيا کان بيخبر چوپڙ راند ۾ مگن آهن. ٻاهر واچوڙي ماڻهن جو الهه تلهه ناس ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترين ئي محبتون، ڪيترين ئي عبادتون، ڪيترين ئي نفرتون ان واچوڙي ۾ ڳڪن ڪانن جيان اڏامي رهيون آهن. عورتون، مرد، ٻار ٻڍا، جان بچائڻ لاءِ اجهي جي تلاش ۾ سرگردان آهن. وڻ ٽڻ اکڙي ويا آهن. جايون جڳهيون کنڊر ٿي چڪيون آهن. هُو ڪنهن ڪُوپي جو لاش پيو آهي. هيءَ گوري پنهنجي جسم جي اوگهڙ کان بيخبر، سهاري لاءِ هٿوراڙيون ڏيندي پئي وڃي، هُو ٻار پيو ٻاڪاري ۽ هُو ٻڍو جان جي پرواهه ڪئي بغير ڪنهن معذور جي مدد ڪرڻ لاءِ موٽيو آهي ۽ ان سموري هاهاڪار دوران ڪي سکيا ستابا، بي فڪرا نوجوان چؤپڙ ويٺا کيڏن! ڪين پنهنجي اردگرد جو نه فڪر آهي نه اون! ڪن لاٽار ڪيو ويٺا آهن.

توهان تصوير ۾ گهرا ويندا وڃو رنگ پريندا وڃو نيون ڪهاڻيون، نيون علامتون، نوان نياپا، نوان زاويا جنم وٺندا ويندا. حياتيءَ جو نيون رخ ظاهر ٿيندو ويندو.

مون کي اجازت هجي ته مان جيڪر هن قسم جي شاعريءَ کي ٽن حصن ۾ ورهايان.

1. ظاهري رخ، جنهن ۾ شاعر پنهنجن لفظن ذريعي، خود محنت ڪري ايتري ته تفصيل سان منظرڪشي ڪئي آهي جو گهٽ کان گهٽ سمجهه وارو ماڻهو به ان کي جيئن جو تيئن سمجهي سگهي.
2. اڌ ظاهر رخ، جنهن موجب ڪجهه ڪردار ۽ منظر شاعر پاڻ چٽيا آهن ۽ انهن کي وڌيڪ تفصيل سان ڏسڻ، جاچڻ ۽ سمجهڻ پڙهندڙ جو ذمو آهي.
3. Abstract يا تجريدي رخ، جنهن ۾ هِتان هُتان، اشارتاً تصويرن جا ڪي اهڃاڻ يا نشان نظر اچن ٿا ۽ مڪمل تصوير پڙهندڙ کي ٺاهڻي آهي.

پهرئين قسم جي شاعريءَ ۾ هي به ٽي بيت مثال طور پيش ڪجن ٿا:

هاريءَ کي حقو ٿُهه چونڊن ٽا ٻارڙا،
پر سان هُن جي ڏيئڙي، لَسيءَ جو چُڪو
ساٿاري ڳُڪو اوڏر پاڏر ڳالهڙيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1)

مُتِرندي وَهيءَ تان ڇا تي گهوُري سُندري؟
ڇا هُن ڪڏهن سوچيو ڇِٽن گل مَتان!
ڇا هيءَ جاڙ نتي سُجهي هُن کي جوبَنَ ڪان!
ڪيڏا اَڇا آرسيءَ ڇنندي مَتي مان!
هَئِي، هَئَہ گهُنجَ نراڙ تي ورندڙ لهرين جان،
مُترندي وهيءَ تان،
اکيون پُوري سُندري،
ڇا تي گهُوري سُندري؟

(2)

لُڪِڙ لئي ۾
ڪيڏو مُندَ بَکي پَئي!
سانجهيءَ وانگر سانوري نگر نتي ۾
ڪيڏو مُندَ بکي پئي!
سِجُ پيو تو ڳوهجي هُن جي اَتي ۾
ڪيڏو مُندَ بکي پئي!
ڄَرِقَ ڪا آدِي جيتَ آ سَمئہ ستَي ۾
لڳِڙ لئي ۾
ڪيڏو مُندَ بکي پئي!

متين ہنهي واين جي مثالن کان سواءِ هڪ ٽين وائي جا مون ڪنهن بہ مصور جي آتن رنگن ۾ برش لاءِ ڪلاسيڪي ۽ نهڪي ايندڙ مثال ڏيڻ لاءِ بچائي رکي هئي، سا هيٺ ڏجي ٿي:

اٿو ڳوهي ٿال ۾ تاندا وِڪيڙي،
پچائي تي مانڙي،
پرسان ٻڪين ہارڙن ميڙاڪو ميڙي،
پچائي تي مانڙي،
تئي وِچڙِي باهڙي ڏند پئي ٽيڙي،
پچائي تي مانڙي،
ڪنهن سان پنهنجي ياگ جون ڳالهيون نہ ڇيڙي،
پچائي تي مانڙي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿالهَ ۾ اٿو ڳوٺو پيو آهي، چلهه ۾ ٽانڊا وڪڙيل آهن ۽ ٻاهه جي چوڌاري پيٽ ٻڪين ٻارن جو ميڙ پچندڙ مانيءَ کي گهوري رهيو آهي. هُوءَ خشڪ چپن، اٽين وارن ۽ جذبن کان خالي اکين سان چلهه ۾ دکندڙ ٽانڊن کي گهوري رهي آهي، جن جي سرخي سندس نيڻن ۾ لهي آئي آهي.

اهو سڀ ڪجهه پڙهڻ کان پوءِ ڪير نه چوندو ته اياز لفظن جو مصور آهي؟

ٻئي قسم جي شاعري، جنهن کي پنهنجي آسانيءَ لاءِ مون ”اڌ ظاهر رُخ“ ڪوٺيو آهي، سا پهرئين قسم يعني ظاهري رخ کان ڪجهه قدر وڌيڪ وقت، محنت ۽ توجه گهري ٿي. هن قسم جي شاعريءَ ۾ تفصيل گهٽ آهن. رهيل معنيٰ ۽ مطلب پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي. وڌيڪ خوبصورتي يا بدصورتي، ڪردارن يا واقعن جا خدوخال، رنگن جي چونڊ وغيره پڙهندڙ کي خود ڪرڻي آهي. مثال طور:

هي تُنهنجو لَٽو ڪِل ۾ وڻينءَ ويڙهجي،
تو ۾ تُنهنجو جيءُ جِتَن ڍَڪيءَ ۾ مَنو
کهڙو ڳهُه ڳَٺو تون آسارِي سونَ جي.

ٻاهر چانڊوڪي ڇٽي، ڪروت مَنجهه مُلان،
ڏرتي! مان توسان توڙيِ مان آڪاس جو.

ڏُسڪي ته ڏاري، اُتي آڌيءَ رات جو
هيءَ جا چُپ ڏاري، رِليءَ ۾ روئي سُمهي.

وڃان ٿو ويساهه سان، اونداهيءَ ۾ آنءُ،
مون تي تنهنجو ناءُ، چمڪي ٿو چڻ چنڊ جان!

اُڏري ولر کي ڇڏي، نه پهريءَ آڙي،
متانَ پوياڙي، ان لئه اڇي ڪانه ڪا!

ان ئي سلسلي ۾ صفحي 208 تي ڏنل نظم ”ايڏا رنگا رنگ پکيئڙا“ پڻ قابل ذڪر آهي. نظم تمام وڏو آهي، پر اياز جي فريم ۾ فِٽ ٿي اچي ٿو.

ٽئين قسم يعني Abstract (تجريدي) رخ ۾ اهي بيت، نظم، وايون وغيره شامل ٿين ٿا جن جو چٽو تصويري عڪس (Clear pictorial view) ان ڪري نٿو ملي، جو اهي مختلف رنگن، لائينن ۽ شڪلين جي امتزاج سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙيل آهن. انهن ۾ علامتون آهن، اشارا آهن، نشان آهن. انهن سيني کي ميڙي سيڙي يڪجا ڪري، ترتيب سان ڏاهي، منجهائڻ معنيٰ ۽ مطلب ڪڍڻ اسان جو ڪم آهي. مثلاً:

ماڻهو ـ ڪُتو ڪُتو ـ ماڻهو ٻوَنڪي آڳُر ۾،
ائين لڳي ٿو دَر مان گهَر ۾ پيهي اچڻو آهه!
ساري عُمر ڏٺو ڪو ناهي ههڙو آنءُ پسُون
مون تہ چيو هو مون ڏي ڪوئي نيهي اچڻو آهه!

ناهَر جا ننهن، مَمَر مُهانڊو، آيو آهي ڪيرُ
چَنڊُ اگُڻ ۾ جڻ تہ سيائڻ چاهي ٿو هن کي،
ڪنهن ڦهلايو آهي هن جي هينان ناٽي۔ ڊيرُ
اِن جي مامَر نہ سمجهي، جاڻڻ چاهي ٿو هن کي.

هِي جو ٿُنهنجيءَ پُٺِ ۾، گوليءَ جو ہر گهَلُ،
جنهن ۾ ويو بيهجي، ڪوئي جيئڻ پَلُ،
مون کي منهنجو حَلُ، اُن آهي سمجهائيو.

جڏهن سانجهيءَ گُل۔ نِڙي پيا آڪاس ۾،
واهيري جي ويرَ ٿيا جڏهن پکين هُلَ،
مون تي منهنجي پُلَ، پَلَ ۾ پڌري ٿي وئي.

هيءَ ڌرتي پيئي هَلي، هِڪ ويو بيو آيو
ڪنهن سان سانوڻ بادلن، ناهي نيايو
سَرءُ جو سايو آهر ڪنهن جي ساهہ تي.

متان پيپل چانوَ جَئن، پاڻيءَ ۾ ڳولين،
متان تون ڦولين، اونهي جي اسرار کي!

چترڪار رنگن جي تڪرار، هلڪي ۽ اونداهي روشني (light and shade) ۽ سنهين ۽ ٿلهين لڪيرن سان ڪيڏي تصوير کي وڌيڪ دلڪش ۽ معنيٰ خيز بنائيندا آهن. اياز پڻ ان ٽيڪنڪ تي تجربو ڪيو آهي.

کچر تي چانهيون، سُجو اُجو واهڻي،
اچي ٿو ڪاهيون، ڪيڏيءَ ڪاريءَ اُس ۾.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ ڪيئي contrast آهن. چانهيون تڏيون، منيون ۽ پياس ٻجهائيندڙ ٽيڻديون آهن پر اياز واهٽيءَ کي ”اُجو“ ڏيکاري ٻه ڏار رنگ پيدا ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح واهٽي کي خچر ٻه آهي، چانهيون ٻه سندس ملڪيت آهن، پر پوءِ ٻه شاعر ڪيس ’سُجو‘ ٿو چوي. آخر ۾ ’ڪاري اُس‘ جهڙو Contrast استعمال ڪري اياز پنهنجي فن جي پختگي ۽ پرپور ڄاڻ جو اعليٰ دليل ڏنو آهي. اُس ڪاري ڪيئن ٿيندي آهي، اهو ڪنهن فنڪار کان پڇو يا وري پيرن اگهاڙي غريب پيرسن کان. جنهن کي ڳيپي جي ڳولا ۾ ننهڻ اُس ۾ تغاري ڪٽڻي پوندي آهي، ڪاتي ڪٽڻي پوندي آهي يا چاٻڙيءَ تي وکر ڪٽي در در هوڪو ڏيڻو پوندو آهي.

اهڙوئي contrast هن بيت ۾ پڻ ڏسندا:

مَتن مَتي پوتڙا، تامي جئن آڪاشُ،
آيا پُوري لاشُ، ڪيڏيءَ تڏيءَ چانوَ ۾!

آڪاش تامي جيئن تتل ۽ ڏرتي تڏي ۽ سِيتل. زندگي ڪامندڙ ڪورو ۽ موت ٻڙَ جي منڙي چانوَ. ٻئي تصور هڪ ٻئي جي برعڪس، ابتڙ ۽ مخالف آهن ۽ ان ڪري ئي ٻنهي جي ٽڪراءَ سان شعر جي خوبصورتي وڌي ٿي. اهڙا ٻيا ٻه ڪجهه مثال ڏئي سگهجن ٿا، پر هن تبصري کي اينگهائڻ مقصد ناهي. ڪيس وڌيڪ ڪارآمد بنائڻ مقصود آهي.

شيخ اياز هميشه جيان هن مجموعي ۾ پڻ جماليات (Sensuousness) جي عروج تي آهي. هن جون تشبيهون نهڪندڙ وڻندڙ ۽ اڻ مٽ آهن. سندس منظرنگاري (description) بيمثل آهي ۽ سندس علامتون بي جوڙ آهن:

چوري هوندءَ ٻه چيڳري ويتر اُترَ اوت،
چارِئي چُنيءَ پوتَ، اُڏرن پيا واءَ ۾.

پنهنجي پوتيءَ جا پلئه ڪيئن وَرايا ٿِي؟
جمون جايا ٿِي، مان پانيان ٿو نينگري!

ويني آهي نينگري ڪِڪِيءَ ڪاريءَ تي،
چِلُرَ واريءَ تي چمڪن پيا اُس ۾!

سَرتين جُهبا ڳهرڳهلا چاتيون ٽپا ڏين،
اڱڻَ ۾ آٽين، جڏهن پاٽيءَ ڳهاڳهريون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت تائين جاٽايل مثالن مان، اوهان غور ڪندا تہ ڪي اهم ڳالهيون اوهان اڳيان ضرور ظاهر ٿينديون. هڪ اياز جي مشهور تجنيس حرفي، پنهنجي روايتي انداز ۾ گهٽي ياڳي موجود ناهي آهي. ضرور، پر گهٽ. اهڙيءَ طرح تجنيس حرفيءَ جو وڌاءُ (Extended Alliteration) تہ بنهہ ڪونہ ٿي نظر اچي. ٻيو: اياز جو ناميارو ورجاءُ، اُڇل، ڇيڄ، ناچ ڏُن ۽ بيساختگي بہ مدّم آهي. ڪٿي ڪٿي اوچتو ئي اوچتو اياز جو پراڻو پرتَو پلٽہ پوي ٿو ايئن جيئن رڻ جهاڳيندي ڪٿي ڪوئي نخلستان نظر اچي، پر وري خاموشي، نهراءُ، اڻ جاتو درد، اوندهہ انڌوڪار جو سفر. ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي، روشني، خوشبو ۽ رنگن جا اُهي علائقا جتي اياز پنهنجي روايتي شوڪت (brilliance) سان ايري اچي ٿو سي ڪيڏا نہ سجاتل. وٽندڙ ۽ ڳڏوڳڏ ڏڪوئيندڙ پڻ آهن.

ڪارونجهر جي ڪورَ جئن اوچو منهنجو چاهُہ
آءُ اٿل ويساهُہ، لُڏِي لُڏان ڪينڪِي.

سَرتا! شاهي باغ ۾ آنبن جي هيٺان،
او شل ﭘڏان مان ٽپ ٽپ سانوڻ مينهن جِي.

ٽيون: تصوف جو غلبو. سنڌ جي ڌرتي هوندئن تہ آهي ئي تصوف وارن جي سر زمين، پر اياز جي اشتراڪي سوچ ۽ ترقي پسند لاڙو هن طرح تصوف ۽ ويدانت جي سانچي ۾ ڍلجي ويندو سو شايد چند سال اڳ خود شيخ اياز بہ نہ سوچيو هوندو. عمر، تجربي، اڪيلائي ۽ ڪنهن حد تائين بيماريءَ پڻ سندس نئين سوچ کي پچائي راس ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. مهاڳ ۾ خود لکي ٿو:

”اي ڪاش! هتان جا ترقي پسند اديب اهو سوچي سگهن تہ هن وهيءَ جي موڙ تي مون ۾ انسان جي انت ۽ ان کان اڳتي تي سوچ ۽ ويچار فطري آهي ۽ اهو ڌرتيءَ سان منهنجي ڪمٽمينٽ جي آڏو نٿو اچي. مارڪسزم جي جدلي ماديت اڄ هڪ مُدي خارج فلسفو ٿي چڪو آهي، پر جنهن وقت اهو ادب کي اتساهيندو هو تنهن وقت بہ دنيا جي عظيم ڪميونسٽ شاعرن ۾ ڪيئي اهڙا شعر ملندا، جي ان فلسفي سان مطابقت نٿا رکن ۽ اڳتي جي اسرار ۾ ويڙهيل آهن.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ عمر ڪسي هر شيءِ مون ڪان
مون خالي جهولَ جَهلي آهي،
ڇا، ڌرتي نيٺ بدلٽي آ
يا اڄ مون آسَ پَلِي آهي؟

اياز جي شاعريءَ جي نئين موڙ ۾ مانارِ نهراءَ ۽ فلسفو آهي. اڻ ڄاتي ۾ اُهري وڃڻ جي آشا آهي، بلڪ ڪٿي ڪٿي تہ مون کي ايئن لڳي ٿو تہ اها آشا اشتياق ۾ بدلجي ٿي وڃي. هڪ بيچيني آهي جا ڪيس سک سمهڻ نٿي ڏئي. هڪ آنڌمانڌ آهي جا سندس روح کي روڳي ڪري رهي آهي.

چوي رات پَئي اُپ ڏي آءُ آءُ!
چانڊني رات ۾،
ڪيو ڪونہ ڌرتيءَ ڪنهين سان نياءُ،
چانڊني رات ۾.

جئن ٻڙَ تي ڪويل ڪُوڪي تي
دل منهنجي توڏي ڏوڪي تي
مان چاهيان ٿو تو ڏانهن اچان!
تا مانجهي هيڙيون موٽائن
۽ گيت انڌيري ۾ ڳائن
مان چاهيان ٿو تو ڏانهن اچان!
مان چاهيان ٿو تو ڏانهن اچان!

چوٿون: مايوسي، ٿَڪُ، جدائيءَ جو غم ۽ زندگيءَ پر جو درد.

موجوده مجموعي ۾ مٿيان نقطا بلڪل چٽا، صاف ۽ ڏڪوئيندڙ حد تائين ججهي تعداد ۾ ملن ٿا. ايئن ٿو لڳي تہ جڻ اياز پنهنجو سمورو درد هن مجموعي ۾ پلٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سياسي مانارِ صحت جي ناچاقي، پيءُ جهڙي پياري دوست جي جدائي، سکر ڇڏي ڪراچي آباد ڪرڻ وغيره ضرور سندس ذهن تي اثر ڪيو هوندو. ان ئي غم ۽ پريشانيءَ جو پاڇو اياز جي گذريل چند سالن جي شاعريءَ تي پيل ٿو ڏسجي. هُو جدائيءَ ۽ درد جي علامت ٿيندو ٿو وڃي. مون سندس هيءَ نظم ڪيئي پيرا پڙهيو آهي ۽ هر پيري لڙڪ روڪي نہ سگهيو آهيان:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان پو تون ميارون ڏين
ٻڌايو ڪونہ تو مون کي
"سهيلي هو وڃيئي تو!"
متان پو اوچنگارون ڏين
ڇتايو ڇو نہ تو مون کي
"ٻهيلي! هو وڃيئي تو!"

شفق جي راهہ تي گهوڙا
ڪڪر ناهي ڪڙا آهن
نہ روڪن رَتَ تا پنهنجا
وڏا هُو بي وَڙا آهن

پئي جنهن لئہ اڏارون ڏين
وڃيئي تو وڃيئي تو!
متان پو اوچنگارون ڏين
وڃيئي تو وڃيئي تو!

متان مون کي ميارون ڏين
وڃيئي تو وڃيئي تو!

سياڻي جو اُلڪو اياز جي اڄوڪي شاعريءَ مان پيو بکي. هُو تڪڙو پيو آهي، ڪيس ننڊ گهرجي، آرام گهرجي، توري وڇوتي گهرجي. هُن کي وشواس آهي تہ هُو موتي ايندو. اڳي جيان. هر بار جيان. هزار بار جيان. هُو موتي ايندو. اهو هُن جو هن ڌرتيءَ جي ماڻهن سان وچن آهي پر هاڻي هُو تڪڙو پيو آهي. ڪيس آرام گهرجي.

مان چاهيان ٿو تو ڏانهن اچان
مان ننڊ ڪريان! مان ننڊ ڪريان!

تو سِجُ لهي، ڪارج نہ ڪُٿي،
ها، پيهر جيسين باڪ ڦُٽي
مان چاهيان ٿو تو ڏانهن اچان!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُور آڪاس جي اونداهيءَ ۾ هن کي سُک ۽ چين جي وستي نظر اچي تي. هُو اوڏاهين اڏرڻ چاهي ٿو:

ماں بہ وڃان آڪاس ۾
ڌرتيءَ ڌاريءَ تان،
وِرچي وارِيءَ تان
جي مان گهوُريان سمنڊ ۾.

موتُ هن لاءِ ڪا پيانڪ، اٽوٽندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ شيءِ نہ رهي آهي. اياز کي موت روشني، آرام ۽ سُڪون جي صورت ۾ نظر ٿو اچي. هُو ان کان ڏڪڻ بجاءِ، سندس آجيان ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿو سمجهي:

متان ڏڪين موت جا ڏسي تون اهڃاڻ،
جَرڪي ٿي ڪا جاڻَ، پاهر هن سنسار کان.

مِٽي مٽيءَ سان مِلي سڀ ڪنهن ساڳيو ٿانءُ
ڪيڏو مون کي آنءُ، پڻڪايو آ پُونءِ تي!

هن پنهنجي ذهن جا سمورا در بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ هيمنگوي جي ڪردار جيان خاموشيءَ سان پلنگ تي ليٽي اُن آهٽ جو انتظار ڪري رهيو آهي، جا پڌرڻ کان انسان صدين کان لنوائيندو رهيو آهي.

ڪنهن وقت اجهاٽل مشعل جئن
ڪِٿ منهنجو لاش پيو هوندو
۽ سَرءُ سُڪايل ڪک پَن جئن
منهنجو وشواس پيو هوندو.

اياز تازو وري، هڪ دفعو اسپتال کان گهر موٽي آيو آهي. ڊاڪٽرن لکڻ پڙهڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي اٿس. ڪين ڪهڙي خبر تہ ڪوِيءَ جو سمورو وجود ڪلپنا آهي. خوابَ، خيالَ، تصور ۽ تصويرون، ڏُکندڙ ڪوُرو آهي سندس دل، جنهن ۾ پچندا رهن ٿا هردم نوان نڪور گيت. سُوري آهي سندس سَرير، جو جهُوليندو رهندو آهي احساس جي صليب تي.

اياز هاڻ خود گيت بنجي چڪو آهي. ڪهڙو ويد، ڪهڙو حڪيم، ڪهڙو ڊاڪٽر روڪي سگهندو ڪيس پنهنجي وجود جا وَڍَ ڦولهڻ کان؟ ❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# لفظ جاڳن ٿا

## (شيخ اياز جي شاعريءَ جي پس منظر ۾)

شاعري ايتري ئي قديم ۽ آفاقي آهي، جيتري ڪا به ٻولي. قديم ترين قومن پڻ شاعريءَ جو سهارو ورتو آهي ۽ سڌريل ۽ مهذب قومن ڪيس سنواريو سينگاريو ۽ وڻندڙ بڻايو آهي. اڄوڪي شاعري قديم شاعريءَ جو تسلسل آهي جنهن ۾ گهاڙيٽن توڙي تخيل ۽ تشبيهن جي نواڻ سان گڏوگڏ صدين جي سفر جا تجربا، مشاهدا، ارتقائي آزمودا، قومي توڙي انفرادي جدوجهد، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون ايئن جهلڪنديون نظر اينديون، جيئن منديءَ تي ٺِڪ. ڪنهن به هڪ کي ٻئي کان جدا ڪرڻ متعلق سوچي ئي نٿو سگهجي.

شاعري هر دور ۾، هر ملڪ ۾، هر حلقي ۾ لکي وئي آهي، شوق سان پڙهي وئي آهي، ڳائي وئي آهي ۽ ان کان به وڌيڪ امنگ ۽ اُتساهه سان ٻُڌي وئي آهي. صوفين، درويشن، الهه لوڪن توڙي سماج سڌارڪن جي نڪتن ۽ نصيحتن، عام ماڻهوءَ جي دل ۾ جيڪڏهن پڪي ۽ پختي جڳهه ورتي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والاري، تہ بہ صرف ۽ صرف ان ڪري جو اهي باريڪ نُڪتا ۽ نظريا نظم جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا. ماڻهن اهڙي قسم جي بيان کي ان ڪري بہ پسند ڪيو جو اهڙيءَ ريت کين اڻ مَٽِي خوشي حاصل ٿي. شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان يا جهونگارڻ سان هڪ سُرور تي مليو. اهڙي راحت ۽ آرام جيڪو روح کي گهراين تائين ڇهي وڃي.

پر شاعريءَ جو اهو ڪارج سندس مڪمل تعارف يا تعريف ناهي. شاعريءَ جي تعريف تہ وقت سان گڏ بدلجندي پئي رهي آهي. سچ پڇو تہ ماڻهن هميشہ شاعريءَ جي تعريف ۽ تشريح کان وڌيڪ سندس من لڀائيندڙ خاصيت ۾ دلچسپي ورتي آهي. دل کي ڇهندڙ ۽ جنجهوڙيندڙ لفظن جي ان سٽاءَ کي ساراهيو آهي، جنهن کي شاعري چئجي ٿو.

شاعري ڇا آهي؟ ان جو سولو ۽ سڌو جواب تہ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ شاعري ٻوليءَ جو اهو اسلوب آهي جيڪو عام ٻوليءَ کان وڌيڪ چٽي سگهي ۽ وڌيڪ شدت سان چٽي سگهي.

عام طور تي ٻوليءَ جو ڪم آهي خبر يا اطلاع ٻين تائين پهچائڻ. ٻوليءَ جو اهو استعمال سندس عملي ڪارج چٽي سگهجي ٿو پر ڪهاڻيون، ناول، ڊراما يا شعر ان لاءِ نٿا لکيا وڃن تہ جيئن خبرون يا اطلاع ٻين تائين پهچائي سگهجن.

ادبي پورهئي جو مکيہ مقصد وچان ئي ٻيو آهي. زندگيءَ سان رابطو رکڻ، سندس مطالعو ڪرڻ، وجود جا رشتا مضبوط ۽ وسيع ڪرڻ، ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ سان مختلف صورتحالن ۾ بدلجندڙ رويي کي سمجهڻ ۽ ان سموري عمل کي وڻندڙ ۽ دلچسپ پيرائي ۾ بيان ڪرڻ ادب جو سڀ کان اهم ڪارج آهي. اسان سيني کي دلي طور اها تمنا هميشہ کان رهندي آئي آهي تہ زندگيءَ کي ڪهڙيءَ ريت سڦل، ڀرپور ۽ لطف اندوز بنائجي ۽ ان متعلق گهٽ ۾ گهٽ ڄاڻ حاصل ڪجي. ٻين جا تجربا معلوم ڪجن ۽ پنهنجن تجربن جي روشنيءَ ۾ انهن جو تجزيو ڪجي.

شاعر پنهنجن احساسن، جذبن ۽ مشاهدن جي آڌار تي اهو سڀڪجهہ ڄاهي جوڙي، سجائي سموهي، سهڻن سٽن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو. هُو جادوگر وانگر عام ماڻهوءَ جي دل ۾ اٿندڙ هر اڻ ٽيڏي يا ٽيڏي خواهش کي لال لباس ۾ لپيٽي اهڙيءَ طرح پيش ڪري ٿو جو چنڊ ۽ تارن جا تمنائي بادلن جي رٿ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سوار تي آڪاس جي اوچاين کي ڇهي سگهن ٿا ۽ ميري زمين جي ڪوجهي آڳنڌ تي مانيءَ گرهہ لاءِ ٻاڏائيندڙ ڏکيا ۽ بکيا انسان يا تہ چنڊ کي مانيءَ سان تشبيهہ ڏئي، سندس دوريءَ جي احساس کي دل ۾ سانڍيو، ڪئي ڏينهن جي آس تي ماٺ ميٺ ۾ سمهي رهن ٿا، يا وري بغاوت جي ڀڙڪندڙ باهہ مان آڳ جي اُماڙي کڻي، سڄي ۽ سڪڻي سماج کان انتقام وٺڻ خاطر ميدان ۾ ڪڏي پون ٿا.

اهو سڀ ڪجهہ ساحر شاعر پنهنجي تخيل، تجربي ۽ مشاهدي جي زور تي مناسب لفظن جي مناسب ترتيب سان ايئن حاصل ڪري سگهي ٿو جيئن انگريزي شاعر ڪالرج ۾ پنهنجي جڳ مشهور نظم ”ڪبلا خان“ وسيلي حاصل ڪيو هو يا وري اياز جي لفظن ۾:

اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهور گهٽائون تي جهومو!

هر ڏونگر تي للڪار ڪيو
۽ ايري ان تي وار ڪيو!
انڌير نہ ڪوئي رهڻو آ،
۽ پير نہ ڪوئي رهڻو آ.

ڪنهن پاپيءَ جو هن پاڙي ۾،
اڌ رات ڪٽيسين ڏاڙي ۾،
هيءَ باقي رات بہ ڪنڊي آ —
پر هاڻي بات بہ ڪنڊي آ،
۽ ويريءَ پويان وڃڻو آ،
۽ تنهن جو ڳاتو ڀڃڻو آ.

ها، باک پليري اڀڻي آ،
نئن- موهن تي جا نچڻي آ،
تي ڪرڻو ڪرڻو پاڻيءَ تي —
جئن چانڊيءَ جا هارياڻيءَ تي
ڳهہ جهرمر جهرمر لائن ٿا
۽ اک آڏي جهپڪائن ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏونگر ڏاري ايندا سين
جي ماري ماري ايندا سين-

ٻنهي نظمن ۾ فرق اهو آهي جو ڪالرج پنهنجي تخيل جي زور تي زيناڊُو (Xanadu) جي خيالي ۽ طلسمي ڪاڪ محل کي Super natural (مافوق الفطرت) ماحول سان سنواري هڪ اهڙي سماج جو چٽ چٽيو آهي، جيڪو پڙهڻ توڙي ٻڌڻ ۾ پلو تہ لڳي ٿو پر حقيقت سان ان جو ڏُور جو بہ تعلق ناهي. جڏهن تہ اياز جي سوچ زمين تي رهندڙ هر مظلوم جي دل جي نہ صرف پڪار آهي، بلڪ ان جو حصول ممڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ياڳي رومانٽڪ پڻ آهي. شايد اهو ئي پهريون ۽ مکيہ موڙ آهي جنهن تي اياز جا رستا گهڻن مغربي توڙي مشرقي شاعرن کان الڳ ٿين ٿا. اياز خوابن، خيالن ۽ امڪاني سوچن جو شاعر ناهي. هو زمين تي وسندڙ هر حقيقت جو شاعر آهي. هاري ۽ مزدور جو محنت ۽ محبت جو هار ۽ جيت جو سچ ۽ سوريءَ جو- مطلب تہ هر اهو عمل جو انسان جي پهچ ۽ رسائيءَ تائين ممڪن آهي، سو اياز جي شاعريءَ جو موضوع پڻ آهي. ان موضوع کي نيائڻ لاءِ هن جا لفظ جاڳن ٿا. ٻولي سندس گولي آهي. لفظن جي استعمال ۽ جوڙجڪ سان هُو ڪنهن بہ زميني يا ذهني موضوع کي ”ڪبلا خان“ جهڙي تصوراتي ۽ طلسماتي سوچ کان بہ وڌيڪ پُر اثر بنائڻ جي مهارت رکي ٿو. مثلاً:

ڪهڙيءَ استيشن مٿان، آيون ريل بتيون
ههڙي ڪاريءَ رات ۾!

ڪنڪ لتا ڪيترا ويا وات وتيون
تارا اونده ۾ لڳا چٽني پار چٽيون
اونده تاٽي جهوپڙيون جن تي اپ چٽيون
مُنجهيون جڻ متيون!
ههڙي ڪاريءَ ٻات ۾!

اهو ئي تجسس، اها ئي بي يقيني، اهو ئي اڻ ڄاتو غيب جو پردو اها ئي لڳ ڪانڊاريندڙ طوفان کان اڳ واري خاموشي، پر لفظ جاڳن ٿا. اکيون کوليو اونده ۾ تيزيءَ سان لنگهي ويندڙ ريل بتين کي ڏسن ٿا، ڪنڪن کي لهندو پسن ٿا، تارن جي چٽين کي پڻ نظر ۾ رکن ٿا. ڪهڙي استيشن آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ پڙهن ٿا، ڪاريءَ رات ۾ مُنجهن ٿا. سوچن ٿا، ڏجن ٿا، سهمجن ٿا. لفظ جاڳن ٿا. اياز جون پاڙون پاتال ۾ آهن. سندس جڙون ڌرتيءَ ۾ پُختيون آهن. هن جا موضوع زنده انسان ۽ سندن معصوم آسون ۽ اميدون آهن. ڏپ، خوف ۽ وسوسا آهن، اڌما ۽ امنگ آهن، پر سندس لفظ ڪنهن به احساس کي اوپرو ۽ اڻ تيٽو محسوس ٿيڻ نٿا ڏين:

تون جو جاڳين ٿو
ته رات کي به دل ٿيندي آهي
۽ تون ان جي ڏک ڀڏي سگهندو آهين،

دور، جڏهن ميخاني جو در ٻوٽبو آهي
تڏهن ان جي آهٽ
تنهنجي ڪنن تي ايندي آهي،
دور، جڏهن جنگ جي ميدان ۾ گهوڙا ڊوڙندا آهن
تڏهن انهن جا سنب تنهنجي ساهه ۾ وڄندا آهن.

تون ٻڌندو آهين
هر سُس پُس، هر پڙڪو هر پڙاڏو
۽ جڏهن پهاڙ پولا ٿي ويندا آهن
تڏهن تون ڪندو آهين انتظار
ڀونچال جي پڙڪڻ جو.

تون جو جاڳين ٿو
ته رات کي به دل ٿيندي آهي
۽ تون ان جي ڏک ڀڏي سگهندو آهين.

هن انڌيري رات ۾
هن ڀوائتي سانت ۾
جڏهن مون پنهنجا سڀ ساز ڀڃي ڇڏيا آهن،
ڇا تنهنجا سر لا ڪن ٻڌي سگهن ٿا
اهي ٻول جي منهنجي آواز جو انتظار ڪن ٿا،
اهي سُر جي منهنجي ساز کي ڳولن ٿا
۽ سوچن ٿا ته منهنجون آڱريون ڪيترو وقت سُن رهنديون؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن جي ڪاڪ محل ۾ اياز پڙهندڙ کي رستو پلائي نٿو رلائي نٿو منجهائي نٿو. اها هن جي خاص خوبي آهي تہ پنهنجي جوڙيل مانداڻ ۾ نہ پاڻ وڃائجي ٿو ۽ نہ وري پڙهندڙ کي ئي وڃائجڻ ٿو ڏئي. هن جي پراسراريت (mystery) ڏرتيءَ تائين محدود آهي، دور نٿي وڃي. ماٺهوءَ جي پهچ کان پري نٿي ٿئي. سندس اردگرد گهمي ٿي. ذهن تي بار نٿي بنجي، بلڪ ڏُنڌ جي پردي کي هٽائي، سچ کي سامهون اچڻ جو موقعو ٿي فراهم ڪري. اهو ئي سچ آهي جنهن جي تلاش ۾ اياز جو قلم هر قدم تي سرگردان آهي. زندگي پل تہ صديون پراڻو معمو هجي، اياز ان کي وڏيڪ منجهائڻ بدران هڪ سولي، سڌي ۽ غيرجذباتي حقيقت جي روپ ۾ پيش ڪري ٿو.

لفظن جو پڙاڏو ۽ پڙلاءُ سندس تحرير کي تاثير بخشي ٿو:

پيڙا مان پڙلاءُ اچي ٿو:
سَروَم ڏکم ڏُکم!
مرڪين چو ٿو اي مت مُوڙها؟
دک درياهہُ ڪروڙين ڳوڙها_
جنهن ۾ روز ٻڏا ٻاڪارن،
هُو جي هر هر تا هاڪارن،
هُو جي تڙ هوڙاڪ ٻڌَن تا،
مُرڪي لاچوبَند ڏسن تا_
جن لئہ لهرون ليئا ليئا،
ڏورانهين ۾ ٻارن ڏيئا_
تن کي تاڙي ڪُن ڏسن تا،
روز پنيءَ ۾ پڻ جهڻ ڪن تا_
۽ پوءِ هيءُ سماءُ اچي ٿو:
سَروم دکم دکم!
تون چاهين ٿو پار وڃان مان،
پاٽيءَ تارون تار وڃان مان،
چو تہ پراهون پارُ بہ آهي،
۽ اهڙو سنسار بہ آهي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت ڪا جوت پئي جهمڪي ٿي،
مُرڪ ستارا ٿي ٽمڪي ٿي-
اڻ ڏيٺيءَ کي ڇو تو چاهين؟
روز ٻُڏي ٻيڙي تو ناهين،
روز انڌيءَ جا ٽُن ٽُنين ٿوا
ڇا تون مون کي ڪونہ سڏين ٿو؟
تو کي روز ڇتاءَ اچي ٿو:
سَروم دکم دکم!

لفظ انسان جيان هوندا آهن. کلندا آهن، روئندا آهن، مرڪندا آهن، ڪُرڪندا آهن، سوچيندا ۽ لوچيندا آهن، رُسندا ۽ پرچندا آهن، اگها ۽ عليل ٿيندا آهن، ۽ ڪن حالتن ۾ مري ڪپي صفحہ هِستيءَ تان متجي ويندا آهن. شاعر انهن کلندڙ ڪڏندڙ رئندڙ ۽ سڏڪندڙ شرمائيندڙ لڄائيندڙ لفظن کي پنيوريءَ جيان جاريءَ ۾ ڦاسائي هَٿ وس ڪندو آهي. اهو ڪمال صرف ان ذهين شخص جو آهي جيڪو صرف انهن لفظن کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي ٿو جيڪي سندس گهرج ۾ آهن، ٻين کي هُو مُٺ کولي اڏاري ٿو ڇڏي شاعر ۽ لفظن جي ان باهمي ۽ دائمي رشتي جو ئي نتيجو آهي جو شاعر جي هلڪيءَ سينڍَ تي لفظ ڳنڍڳن ۾ ايئن اڏرندا ايندا آهن جيئن ڍنڍ تي آڙيون. اياز سان لفظن جا پکي تہ ايترو هري مري ويا آهن جو کين سڏڻ جي بہ ضرورت محسوس ڪونہ ڪندو آهي. خودبخود پاڇي جيان سندس پيڇو ڪندا رهندا آهن.

ڪلهہ ڇا نہ ڪجاوا ڇمڪيا ها!
۽ ڏينهن ٽٽي ۾ واريءَ تي،
ڇا جهاڳا جُهوڙا جهمڪيا ها!

هُو ڇَم ڇَم گهُنگهُرو گوڏن تي!
ڇا جهانءِ هئي جُهونجهارن ۾!
هر وِک تکيري تِکَ ڏئي،
ڪيڏانهن نظر مان ترڪي ويا،
ڪيڏانهن ويا هُو ڏِک ڏئي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اج واٽن تي واجهائن تا،
۽ سُڄ _ سياپا واريءَ جا،
ٻين ڪرهن لاءِ ڪنائن تا!

ڪجھ سانيڪي مان ڪوس پريان!
ٻيا اوٺي ايندا اُڄ ڪٽي،
ڪئن چئجي ڪهڙي وقت پريان!

لفظن کي پنهنجا رنگ، پنهنجا ڍنگ، پنهنجو مزاج، پنهنجي شبيھ، پنهنجو ڇُهاءُ، پنهنجي خوشبو پنهنجو ساءُ ٿيندو آهي. ڪي لفظ رلٽا ملٽا، سهٽا سيبتا، ڪي اڪيلا، اباٽڪا، سودائي ۽ سوڳوار. ڪي منا جهڙي مصري، ڪي ٿوهن کان بہ ڪڙا، ڪي موتئي جي مهڪ. ڪي اڻ وڻندڙ ۽ اگرا. ڪي نرم، گداز ۽ پشم جهڙا ڪُنئرا، ڪي سخت، ٻي لچڪ ۽ کهرا. انهن سڀني مزاجن ۽ خصوصيتن کي تناسب سان استعمال ڪرڻ ئي هڪ باصلاحيت ذات ڏٽي فنڪار جو ڪمال آهي. چوندا آهن تہ شاعري هڪ گهڻ _ تارو ساز آهي، جنهن جي هر تار ۾ مختلف سُر سمايل آهي. انهن سُرن کي مناسب طريقي سان ڇيڙي منجهائن وڻندڙ موسيقي پيدا ڪرڻ لاءِ سمجهدار، ڄاڻو ۽ تجربيڪار استاد جي ضرورت آهي ۽ اها خوبي اياز ۾ اتم درجي موجود آهي. هن جا لفظ هر طرح ۽ هر طرف کان منداڻتي مينهن جيان وڏ ڦڙو وسڪارو لائي ڏين تا. پاڻيءَ جي ان پالوٽ ۾ دل چوي تہ جيڪر وچ پڌر تي ٻيهي خوب پاڻُ پسائجي ۽ پنهنجي پاڻ کي ڇائن، اوهيڙن ۽ وسڪاري جي ڇڙَ ۾ اڪيلو ڇڏي اهو ڪيف، سُرور ۽ سڳنڌ ماڻجي جيڪو ٻن ۾ مور کي ملندو آهي.

منهنجو اهو پڪو وشواس آهي، ۽ هر دفعي جڏهن اياز کي وري وري پڙهندو آهيان تہ اهو وشواس وڌيڪ پختو ٿي ويندو آهي تہ شيخ اياز جي شاعريءَ جي سموري شڪتي، موهہ ۽ سندرتا سندس لفظن ۾ سمايل آهي. هُو لفظن جو پارکو آهي. جوهريءَ وانگر کيس کري ۽ کوٽي جي خبر آهي. جيڪڏهن ڪو لفظ ضدي آهي، کهرو آهي يا ارڏائي ٿو ڪري تہ اياز ان کي پيچي ڏاهي ٻيهر گهڙي ناهڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ڪو لفظ ڪم چور، سُست ۽ ٻي ڇيو آهي تہ اياز ان کي سزا طور در کان ٻاهر ڪڍي، سندس جاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مناسب قدبت ۾ شڪل شبيھ وارو ڏاريو لفظ پاڙيسريءَ کان اڌارو ونڻي، پيار سان ايئن تو ڪتب آڻي جو پڙهندڙ سندس نئون روپ ڏسڻ ڍنگ رهجي ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح رنا لفظ پرچاڻ، وسريلن کي ٻيهر ياد ڪرڻ ۾ نَون ۾ پراڻن جي پاڻ ۾ ميل ملاقات ڪرائڻ اياز جي خصوصيت آهي.

تتر ڪرڙي اپ تي، اندر ٻاهر ٻُٽ۔
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟
جهولا جهڪ، جهجي هيئون، ڦانگ نہ آهي ڦَٽ
تير تکيرا ترورا، چوڏر ترڇي چُٽ
سپ ڪي پيرين پُرڪٽا، واريءَ ڍير اکٽ
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟

منجهڏار ڏاريو لفظ آهي. ان جو ڪارائتو استعمال ڏسو:

سُري پڳهہ تي آئي سانجهي، پڳهہ نہ آيا پار
نيٺ تہ ايندا منهنجي من جا مانجهي اي منجهڏار.

يا وري: آهن بند ڪواڙ چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي! ”ڪواڙ“ لفظ تي غور ڪيو.

شاعر لفظن جا مسيحا هوندا آهن. مرندڙ لفظن کي نئين زندگي ڏيڻ ۾ مئل لفظن ۾ ٻيهر جان وجهڻ جي ڪرامت ڪين قدرت جي طرفان مليل هوندي آهي. لطيف سائينءَ کان پوءِ لفظن جو مسيحا اياز آهي. اهي لفظ جي ورهيہ، بلڪ صديون اڳ پنهنجي طبعي زندگي گذاري، مري کپي ويا هئا، انهن کي ٻيهر جياري اياز کانئن اهو سيڪجهہ چوائي ٿو جيڪو هُو چاهي ٿو.

ساريون ٻَجُ اياريون، آهن اهڙڪي،
تو اونهاري اُس ۾، ٽيٽيهر ٽڙڪي،
آهن ٻسڙ ڪي، هارياٽيون کِهَہ، ٻُڪليوُن.

ٿلهي ليکي اياز وٽ لفظن جي استعمال جا هي مارَ آهن:

(1) چونڊ ۾ نهڪي ايندڙ اهي عام مروج لفظ جن تي اياز جي شخصيت ۾ فن جو ٺپو لڳل آهي. جي ٿڏا، منا، وڻندڙ رومانوي ۾ مسحور ڪندڙ آهن ۾ جي کانئس اڳ واري شاعريءَ ۾ تمام گهٽ يا نہ جهڙا استعمال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا ويندا هئا. پر هاڻي سندس تقليد ۾ اهي لفظ جديد شاعريءَ جي جان سمجهيا وڃن ٿا. مثال طور:

اڳ نہ توتي جندڙي ايئن ڪئي ٻلهار
سوڳهو آ پيهار
منهنجو ساهُہ سڳنڌ ۾.

يا:

ٿر ۾ ڇَنڪي آهي
ڪانڱهہ تي چانڊوڪي.
ساري رات اسوءَ جا بادل
جن تان لٽڪي آهي،
ڪانڱهہ تي چانڊوڪي.
چوڏس واريءَ تي چانديءَ جئن
هيءَ جا ڊِٺڪي آهي،
ڪانڱهہ تي چانڊوڪي.
تون جو ڪَٽَ تي ڪونہ ڪِرِڙيل آن،
هر هر ڪٽڪي آهي،
ڪانڱهہ تي چانڊوڪي.

يا:

پکين منجهہ پچار ڪٿ ڪالهوڪيون ڪونجڙيون،
الا ڪنهن ڪي سار ڪڏهن اُتر ڪُڙڪندو!

(2) اهي لفظ جي هندي، فارسي، بنگاليءَ يا سنسڪرت وغيره جا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ اياز جي معرفت ايئن فٽ تي ويا آهن جو ڌاريائپ جو احساس مٽائي چڪا آهن.

سيڪجهہ آ آڪار ۾، ڪجهہ بہ نہ نرآڪار
انڌو اوندهہ ۾ ڏسي، انوکو اسرار
ڳُڻ ستارا اپ ۾، نِرگُڻ انڌوڪار
مايا ناهي جار، مايا ساگر سونهن جو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) شاهہ سائينءَ 'حسناڪ' لفظ جو استعمال ڪري جا جدت جي ترغيب ڏني آهي. اياز ان کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي سِرِ ٻيا ڪيترائي تجربا ڪيا آهن. حيرت جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ سان بيحد جذباتي لڳاءُ واري حساس دؤر ۾ پڻ نہ رڳو انهن تجربن تي اعتراض ڪونہ ڪيو ويو بلڪ اهڙي عمل کي ساراهيو ويو ۽ ان جي تسلسل کي پڻ قائم رکيو پيو وڃي.

او مڌماتا هوريان هَلُ،
منزل آهي هر هڪ پَلُ،
منهنجي مُنهن تي تنهنجا هٿ،
تڙندو آ جئن نيل ڪمل.
تياڳ ويا ويراڳ ويا،
هئہ هئہ چوري تنهنجو ڇَلُ.
اڏري ڪائي لاتِ ڪيان،
ڪيسين روڪيندو انُ _ جل.

يا:

رات انڌيري ڪاري ڪالِڪُ
آءُ ٻڌيءَ جي ٻيڙيءَ جو هِڪُ
لڙهندڙ ونجُهہ. اُهريون لهريون.
پورب پَڇَم لهريون لهريون!

(4) نيٺ سنڌي لفظ ۽ محاورا جيڪي شهري زندگيءَ مان بلڪل خارج ٿي چڪا آهن ۽ چڱن ڀلن اديبن، استادن ۽ عالمن کي بہ سندن مطلب ۽ معنيٰ پروڙڻ ۾ ڏکيائي ٿئي، تن کي اياز پنهنجيءَ شاعريءَ وسيلي ٻيهر نئين زندگي ڏئي ڪتب آندو آهي.

گهاگهر گهاگهر گهاٽ
سج ڪني نڪتي.
سينهون ويڙهي سانوري.
تون ڇو آ نهن اُچاٽ؟
سج ڪني نڪتي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورج — ونسي سونهن سان،
سارئي رات سماڻ _
سج ڪني نڪتي.

يا:

گونتي تارون، گهاگهرا، لويون لوهاٽيون
وَرَ وَرَ اماٽيون، جي مون سارَ سٿاوَ ۾.

يا:

وِيريُن واٽ وجن، ڳچين پائي ڪنٺلا،
ڪيئي ٻانهون عام جون، ٻهراڙيءَ ٻهڙن،
ڪن ڪن گورُين گورلا، ڀڪن ڪرائين،
ڏرتي تنهنجي ڏيئرن، لوڏي ڪُرَ ڪَنن،
ٻاک ڦٽيءَ تارن، ڏيئي ڏِک لڄايو.

(5) هندو ڏند ڪٿائن جا ڪردار ۽ محاورا آزاديءَ سان استعمال ڪيا اٿس:

اڳ نہ اهڙو سنيران، ڪوئي ڏرتيءَ دک،
هي جو ڪاليءَ مُک، هيل ڏٺو مون ڏيهہ ۾.

يا

تو ۾ توڙي ڪنس جو ايماني ڳاٽو
آهي انت نہ ڪو هن اونهي آڪاس جو.

مٿين ڪان سواءِ اياز ڪمين ڪاسبين، پکين، پکٽن، وڻن ٽڻن، جيتن جٽين، جانورن، سامونڊي مخلوق وغيره جا نالا، ساڻن تعلق رکندڙ محاورا ۽ تشبيهون بہ خوب استعمال ڪيون آهن.

شاعريءَ جو دائره ڪار زندگي آهي. سندس بنيادي تعلق نہ خوبصورتيءَ سان آهي، نہ فلسفياڻي سوچ ساڻ آهي. خوبصورتي ۽ فلسفياڻي سچائي بہ تجربي جا حصا آهن، ان ڪري شاعر گهٽي ياگُهي انهن سان لاڳاپيل رهي تو بہ شاعري مجموعي طور هر قسم جي تجربي، يعني مطالعي ۽ مشاهدي سان سنئون سڌو واسطو رکي ٿي. پوءِ اهو سهڻو هجي يا ڪوجهو انوکو هجي يا معمولي، حقيقي هجي يا تصوراتي. اها انساني فطرت جي هڪ عجيب و غريب حقيقت آهي تہ هر قسم جو تجربو پوءِ پلي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي اهو ڪيڏو بہ تڪليف ڏيندڙ ڇو نہ هجي، جڏهن فن جي ڪنهن بہ شعبي يا وهٽ ذريعي پيهر چٽيو وڃي ٿو تہ هڪ سني پڙهندڙ کي ان منجهان راحت، خوشي ۽ تسڪين حاصل ٿئي ٿي. حقيقي زندگيءَ ۾ ڏک درد، پيڙا ۽ موت، خوشي ڏيندڙ تجربا ناهن پر شاعريءَ ۾ اهي مسرت جو باعث بنجي سگهن ٿا. حقيقي زندگيءَ ۾ روئڻ، ڏک ۽ غم جي علامت هوندو آهي پر جيڪڏهن ڪا فلم يا ڊرامو ڏسندي اسان جي اکين ۾ ڳوڙها تري اچن تہ سمجهو تہ اسان فن جي ان ادائيگيءَ کان متاثر ۽ محظوظ ٿي رهيا آهيون. اسان روزمره جي زندگيءَ ۾ خوفزده ٿيڻ پسند نہ ڪنداسين، پر خوفائتا ڪتاب ۽ ڀوائتيون فلمون ان ڪري ڏسندا آهيون تہ جيئن ان خوف ۽ ڀوَ کي ماڻي سگهون. حياتيءَ کي چڱي طرح ڇوڙڻ ۽ ماڻڻ موت جي بلڪل برعڪس آهي. ان ڪري اسان حياتيءَ کي هر زاويي کان ڏسي پسي، ٺوڪي وڄائي گذارڻ ٿا چاهيون.

شاعري حياتيءَ کي ڇيري ٿاڙي، کولي اسان جي سامهون رکي ٿي ۽ چوي ٿي تہ: ڏسو هيءَ آهي زندگي. هن ۾ خوشيون بہ آهن تہ غم بہ. اچو تہ انهن سيني مان لطف حاصل ڪيون.

۽ پوءِ جڏهن شاعر پنهنجي دل جي گهراين سان غم ۽ گوندر جا اهي چٽ چٽي ٿو تہ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ وارا ڪلا جي ان ڪرشمي تي بيخود ٿي سڌ ٻڌ ڀلائي ويهن ٿا. اهو خوشيءَ جو اظهار فن جي عظمت تي آهي، غم جي طبعي شدت تي نہ. مون اڪثر سوچيو آهي تہ آخرڪار ڇو ٻڌندڙ شيخ اياز جي هن گيت تي بي ساختہ اٿي رقص ڪندا آهن ۽ بيخود ٿي ويندا آهن:

ڪنڊيءَ نہ سڱري، ٻير نہ پلڙو
سائو نہ سلڙو
ڇانگون نہ ڇيلڙا!
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

اهو تہ هڪ نهايت ئي ڏکوئيندڙ الميہ گيت آهي، جنهن ۾ مارن جي مجبوري، لاچاري ۽ اڪيلائيءَ جو ذڪر دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ ڪيل آهي. ڪو ماڻهو ٻئي جي ڏک ۽ غم تي نچي ۽ خوشيون ملهائي سگهي ٿو؟ اهوسوال اڪثر ماڻهن مون کان ور ور ڪري پڇيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مختصر جواب هن ريت تي سگهي ٿو:

شاعريءَ تصوراتي ادب جي ٻين شاخن ۾ ڪو به سنئون سڌو سَنڌو يا سرحد ناهي. اوهان جي ذهن ۾ شايد اهو وڏو ويو هجي ته شاعريءَ جي سڃاڻپ اها آهي ته نظم ۾ سٽون ڪنهن خاص ترتيب سان لکيون وينديون آهن ۽ آخري لفظ صوتي لحاظ کان هڪ جهڙا هوندا آهن يا بحر ۽ وزن ۾ آيل سٽون شاعريءَ جي پرک ۽ ڪسوٽي هونديون آهن. پر هر ويرو ايئن به ناهي. ڪيترائي نثر جا ڪتاب، ناول يا ڪهاڻيون شاعراڻيون آهن. مثلاً آغا سليم جو ”اونداهي ڌرتي، روشن هٿ“، جمال ابڙي جي ”پيراڻي“، امر جليل جي ”هولي“ وغيره.

ان جي برعڪس اسان جاميٽريءَ جي ڪنهن ٿيرم کي يا ڪيمسٽريءَ جي ڪنهن فارمولا کي کڻي ڪيترو به بحر وزن ۾ لکون، تڏهن به اهي نظم نه چوائيندا. ظاهر ٿيو ته شاعري نه بحر وزن جو نالو آهي ۽ نه وري سٽن کي ڪنهن خاص ترتيب سان لکڻ جو. دراصل سچي شاعريءَ جا محرڪ اهي شڪتيوان لفظ آهن جن مان ساءِ، سڳنڌ ۽ سچائي اڀري اچي. جي ڀاڻ سوز ۽ گداز جي علامت آهن. جن ۾ سُر ۽ سنيهو سمايل آهي. ان سچي پس منظر ۾ اياز جي آزاد نظم ۽ خاص ڪري نثراڻي نظم کي پڙهي ڏسو ۽ پوءِ امين ٿيو ته زوريءَ مڙهيل ڪافيءَ واري شاعري ۽ دل مان اڌمو ڏئي ڦٽي نڪرندڙ لفظن جي سنئين سڌي بنا جڙاءَ وارين سٽن ۾ وڏيڪ نغمگي جو دعويدار ڪير ٿي سگهي ٿو؟

اڄ تنهنجي ڪڙتي ۾
ڪيئي ڪتيون جڙيل آهن،
۽ تنهنجي ڪلهي تي،
هي ڪينرو
چنڊ جڻ چمڪي رهيو آهي؛
ڪٿي ڏوئي آئين ڌرتيءَ جي ڏوڙا و چارڻ!
هُو ماٺهوءَ ماٺهوءَ جو ميرو من!

هُو ديس ديس جي نيتيءَ جو ڪارو چارو
جنهن ۾ ڪوڙ جا ڪوريئڙا پنهنجو ڄار ڦهلائي ويٺا آهن،
ڪيترو نه پري آهي انهن کان تنهنجو پاند!
ڪنهن ڄاتو آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماج جي ڪني ڪسيءَ کان دور
سنگيت کير ڏارا ۾ وهنجندي آهي!

اهڙيءَ طرح هيءَ نظم پڻ غور جو طلبگار آهي:

مان پنهنجي جام ۾ وڃهي رهيو آهيان
پنهنجا ۽ ڌرتيءَ جا ڏک.
پنهنجا سپنا جي ٽٽي چڪا آهن
۽ پنهنجو ڀاڳ جو ڦِٽي چڪو آهي؛
مان پنهنجي جام ۾ وهنجي رهيو آهيان
اهي سڀ مکڙيون جي ڦُٽڻ کان اڳ ڇڻي ويون،
۽ جن ۾ هاڻي ڪائي سڳنڌ نہ رهي آهي سواءِ
انهن جي سار جي جنهنجو هڳاءُ اڃا تائين
منهنجي هانوَ ۾ هري رهيو آهي؛
۽ ان ۾ وڃهي رهيو آهيان پنهنجي من جي ساري
پيڙا، جو هجي هيٺو ٿي پيو آهي،
۽ مون کي ان تي افسوس آهي تہ ڇا ٿي سگهان ها
جو ٿي نہ سگهيس
۽ ان نگريءَ تي جا

مون وسائي هئي ۽ جا ڍهي ڍير ٿي چڪي آهي:

ها، منهنجي جام مان اڀري رهيا آهن
ان جا مندر جن جون مورتيون ٽٽي چڪيون آهن،
۽ ان جا پروهت جي مري چڪا آهن،
۽ هُوءَ ديوداسي، هُوءَ منهنجي ڪوتا جا نچي نچي
ساٿي ٿي پئي آهي؛
۽ منهنجي هٿن ۾ ايتري سگهہ نہ رهي آهي تہ مان
اهو جام ڪٽي پنهنجي چپن تائين آڻي سگهان!
مان فقط ان کي تڪي رهيو آهيان
فقط ان کي تڪي رهيو آهيان!

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# بڙن جهڙو ڪو گهاٽو ماڻهو

بڙن جيان گهاٽو گهرو وِشال ۽ پُراسرار هيءُ شخص، جو موجوده صديءَ جو سڀ کان مهان ڪوِي آهي، منهنجي سامهون چپ چاپ ويٺو آهي. هن جي پيشانيءَ تي صدين جي پيڙا جا پيرا آهن، اکين ۾ ذهانت جي چمڪ ۽ چهري تي بي انتها خود اعتمادي، سنجيدگي، ڏاهپ ۽ وقار پيو ٻکيس. جڻ يوناني ڏند ڪٿائن جو ڪو وچڙيل ديوتا! اونداهيءَ سان پيار اٿس. اونداهيءَ ۾ سوچيندو آهي، لوچيندو آهي، پوڄيندو آهي، لکندو آهي. رات رات پر اونداهيءَ جي پاڇولن سان دل جا اورڻ اوريندو آهي. انهيءَ ئي اونداهيءَ جي اوٽ مان ذات جي ديوي گلڙن جهڙن خوبصورت، رنگ برنگي، نرم، نازڪ ۽ ڪومل گيتن جا جهول پري مٿس ورڪا ڪندي آهي ۽ هُو خوابن، خيالن ۽ خوشبوءَ جي طلسمي دنيا ۾ ڪوئجي، سونهن، سوڀيا ۽ سچائيءَ جا تانا بانا اڻندو آهي. آسن ۽ اميدن جا جرڪندڙ موتي پوئي، مالهائون مڙهي جڳ کي آڇيندو آهي. گذريل پنجاهه سالن کان سنڌ جي ڏاهي، شيخ اياز جي، ڪلا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ديويءَ آڏو اها تپسيا هلندي پئي اچي. درد جو سفر اڄا جاري آهي. تخليق جو هر عمل ڏکوئيندڙ ۽ ڏنگيندڙ ضرور هوندو آهي، پر هڪ ڪلاڪار ئي ان پيار جي پورهئي جي لذت ۽ لاڀ پليءَ پت جاڻي ٿو جيڪو سندس مداح جي چهري تي مرڪ يا لڙڪ جي صورت ۾ نِکِري نروار ٿئي ٿو. سچ پڇو تہ اهو سودو هرويرو ايترو مهانگو بہ ناهي. جيتوڻيڪ هر سچي تخليقڪار کي هر دور ۾ ڏک ڏولاوا، سختيون، سزائون ۽ سَنگهرون ئي نصيب ٿيون آهن؛ ڪوٽ ڪڙا ۽ قيد سوڪڙيءَ ۾ مليا آهن، پنهنجن پيارن جي جدائي، اعصابي دٻاءُ، جسماني توڙي ذهني اذيتون ئي پرايون اٿن، پر پوءِ بہ ذات ڏٺي قلم جي عظمت برقرار رکڻ خاطر، اهي ڏک ڏوجهرا سِرَ تي سهائي، هر زماني ۾ سرخرو ٿيا آهن.

※ "بابا هن کي گولي ڪنهن هنئي آهي؟"
"آزاديءَ."
"بابا، هن کي ڦاهيءَ ڪنهن چاڙهيو آهي؟"
"آزاديءَ."
"بابا، هن جو ڪنڌ ڪنهن ڪپيو آهي؟"
"آزاديءَ."
"بابا، ڇا آزادي ڪنهن جلاد جو نالو آهي؟"
"هائو پٽ! پر اهو جلاد وڏو جادوگر آهي،
هڪ پيرو ان جا هٿ چمندين تہ سِرَ جي سارَ
وسري ويندءِ."

شيخ اياز پڻ انهن سچن ۽ سُورهيہ قلمڪارن مان هڪ آهي، جن اڌ صديءَ تائين اصولن جي ويڙهہ وڙهي آهي، قيد ۽ بند ڏٺا آهن، اجائي سجائي، بي ٽُڪي ۽ بيهوده تنقيد برداشت ڪئي آهي؛ پر ڪڏهن بہ همت نہ هاري آهي. سندس لکڻ جي رفتار اڳي کان اڳري ٿيندي پئي وڃي. سندس جوش ۽ جذبي ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. ٻاڻ وٽائڻ، سَستي شهرت يا اصولن تي سوديبازي ڪرڻ، سڌڙين، موقعي پرستن ۽ بي اصول انسانن جو ئي وَڙُ ٿي سگهي ٿو. اياز جهڙو اعليٰ آدرشن وارو انسان، اهڙن ٽِڪسادن کان تمام گهڻو اوچو ۽ اڳانهون آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

※ چاڙهي پُوري ٿي، لاهيءَ ۾
ريل وچي ٿي اونداهيءَ ۾،
دور ڪٿي فانوس ٻرن ٿا
شايد ڪا اسٽيشن آهي!
پر هيءَ منهنجي منزل ناهي،
دور اڃا وڃڻو آ مون کي،
ڏاڍو دُور اُتي لهڻو آ
هارَ جهلي مون لئه مگرن جا
پيارَ! جتي تون بيٺو هوندين
منهنجي واٽ تڪيندو هوندين.

اها اسان جي پنهنجي بدقسمتي آهي جو اسان اياز اَمُلهه هيري جو نه صرف مناسب ۽ جوڳو قدر نه ڪيو آهي، بلڪ عالمي سطح تي ڪيس روشناس ڪرائڻ ۽ سندس مهانتا مڃائڻ لاءِ ٻه واکاڻ جهڙو قدم نه کنيو آهي. ٽيڻ ته ايئن گهربو هو ته هن عظيم ڪويءَ جي مڃتا طور ڪيس هر زبان ۾ ترجمو ڪري، مٿس سيمينار، سمپوزيم ۽ ورڪشاپ ڪوٺائي، مقالا ۽ مضمون لکي، سندس فن ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪري، ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلايو وڃي ها. سڙڪن، چوڪن ۽ محلن کي سندس نانءُ سان منسوب ڪري ڪيس جوڳي عزت ۽ احترام ڏنو وڃي ها. سرڪاري طور ڪيس ملڪ جي نمائنده دانشور جي حيثيت ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ امن، ڀائيچاري ۽ مسلسل جدوجهد جي علامت طور روشناس ڪرايو وڃي ها. سندس ذات ۽ لات کي دائمي قدرن جي حوالي سان، وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين رَسائيءَ جو موقعو ڏنو وڃي ها. ايئن ڪرڻ سان نه صرف شيخ اياز ساڻ انصاف ٿي سگهي ها، بلڪ دنيا ڀر جي مظلوم، محڪوم ۽ ڏتڙيل انسانن کي اميد ۽ آشا جي هڪ مضبوط ۽ روشن مينار ساڻ ڏيٺ ويٺ جو پڻ موقعو ملي ها.

※ ڳنڍا ڳنڍا موڙ اَرتو ڪَنڌُ ڳويءَ جو،
گهائي ڪيڏو گهوٽ کي، ذات رسايو توڙ!
لُونءَ لُونءَ جنهنجي لوڙ آهه سا ساڀيا سيجَ تي.

پر ايئن نه ڪيو ويو. شايد اهو انڪاري عمل اياز جي فائدي ۾ ئي ويو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو خواص جي تائيد سان ايرڻ ۽ اُسرڻ بجاءِ عوام جي دلين ۾ دائمي گهر ڪري چڪو آهي. هُو پنهنجي ذاتي حيثيت سان سنڌ واسين جي مربي ۽ محبوب هئڻ جي ناتي اهڙي تـہ اهم منزل ماڻي چڪو آهي، جنهن ڪي وقت جي دَزَ ۽ ڪروڙ جي لَتَ ڪڏهن بہ لتي نـہ سگهندي هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي امر تي چڪو آهي: ۽ اهو رُتبو هن نگريءَ جي باسين تمام ٿورن انسانن کي عطا ڪيو آهي.

※ ڪالهہ ڏنم ڳلونَت جو ڪانيءَ مٿان ڳنڍُ،
ڪوڪن ساڻُ ڳلُورَ جي، ساڻو هر هڪ سَنڌُ،
اَڄُ اُهو سؤڳنڌ، ماڻُ مٿيءَ جو ايترو!

اياز سنڌ آهي ۽ سنڌ اياز. هُو سنڌ جي سڃاڻ، علامت ۽ اُهڃاڻ آهي. آواز آهي هن نگري جي مجبور، ڏتڙيل ۽ ڏڪويل عوام جو. ترجمان آهي جهانگيئڙن، سانگيئڙن ۽ ڏوتيئڙن جي عزت، غيرت ۽ حياءَ ۽ شرم جو. نقاش آهي هن ڌرتيءَ جي بدصورت ڪُک ۾ تڙپندڙ سندر سچائيءَ جو. نقيب آهي اونداهي، انڌياري، پوائتي ۽ خوني رات ڪانپوءِ ايرندڙ سونَ ورني سج جو. پرهہ ڦٽيءَ جو پيامبر آهي. صبح جو ساڪي ۽ آئيندي جو امين آهي. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن کان مايوس ٿي، پنتي مڙي جڏهن اياز جي هماليہ جيڏي اوچي، اجهل، اٽل ۽ اٽموٽ هستيءَ ڏانهن ڏنو اٿم، تڏهن سمجهہ ۾ آيو اٿم تـہ هيءَ مستاني قوم، پنهنجي تمام تر لاچارين، مجبورين ۽ معذورين جي باوجود اڄ بہ دودي کي جوڙو چئي پو وجد ۾ اچي، ويرِيُن تي وارُ ڪرڻ لاءِ آتي تي اٿندي آهي.

※ اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهور گهٽائون تي جهومو!
هر ڏونگر تي للڪارَ ڪيو
۽ اُيري اُن تي وارَ ڪيو!
انڌير نہ ڪوئي رهڻو آ،
۽ پيڙ نـہ ڪوئي رهڻو آ
ڪنهن پاپيءَ جو هن پاڙي ۾،
اڌ رات ڪٽيسين ڏاڙي ۾،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ باقي رات ٻہ ڪَنڍي آ
۽ ويريءَ پويان ويٺو آ.
۽ تنهن جو ڳاتو پيٺو آ.

اياز ڏاڍو وڏو انسان آهي _ پر ان کان ٻہ وڏو ۽ اوچو شاعر آهي. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ سندس عظمت جي ڳَڻَ ڪري ئي نٿا سگهون. هيءُ معجزو ايترو تہ ويجهو وجود ۾ آيو آهي ۽ ان جو مشاهدو ڪرڻ وارا ايترا تہ حيرت زده آهن، جو ان مهما کي سمجهڻ لاءِ کين گهٽ ۾ گهٽ هڪ اڌ صدي ٻي بہ گهرجي. وقت ٻڌائيندو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ عالمي ادب جي افق تي شيخ اياز جو ظاهر ٿيڻ، نظام شمسيءَ ۾ ڪنهن نئين ۽ روشن ستاري جي دريافت کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ واقعو ڪينَ آهي; ۽ اهو بہ تہ اسان ڪيڏا نہ خوشنصيب آهيون، جن کي اهو معجزو پنهنجي اکين سان ڏسڻ نصيب ٿيو.

هيءَ جا منهنجي شاعري، ڪانگهہ وارو لَڪُ،
جنهن ۾ ڪوئي ٿَڪُ، مُور نہ ڏسندؤ مارُئو!

اياز تي شاعري ايئن وَسندي آهي، جيئن ساونڻ جي برسات ٿَر مٿان اوهيرا ڪري برسي. سٿن ڏينهن اندر شاهہ جي رسالي کان ٻيڻو ڪلام چوڻ وارو اياز پنهنجي تخليق جي ڪابہ تحسين (Credit) وٺڻ لاءِ هرگز تيار ناهي. چوي ٿو: "مون کي فقط ايتري ڄاڻ آهي تہ مون کي هر روز اڌ رات جو ننڊ مان ڪوئي ڄاڳائي ڇڏيندو آهي ۽ مان قلم کڻي لکڻ ويهندو آهيان ۽ پرهہ ڦٽيءَ تائين لکندو رهندو آهيان. هڪ سٽ لکڻ کان اڳ ئي ٻي سٽ لکجڻ لاءِ بيتاب ملندي اٿم. اهو سمورو عرصو نہ مون کي سوچڻ جو ۽ نہ وري سمجهڻ جو ئي ڪو موقعو ملندو آهي. سخت بيماريءَ جي حالت ۾، جڏهن ڊاڪٽر ننڊ جون گوريون کارائي، مون کي ننڊ ۾ سٽل ڇڏي ويندا هئا، تڏهن بہ مقرر وقت تي مون کي خودبخود جاڳ ٿيندي هئي. ان ڏينهن کان تہ ڪٽي روشني ڏسي گهر وارا پريشان نہ ٿين، مان سڄي رات اونده ۾ لکندو رهندو هوس. اکر ڏنگا ڦڏا ٿي ويندا هئا، سٽون هيٺ مٿي لکجي وينديون هيون ۽ صبح جو انهن کي ٻيهر پڙهڻ ۾ سخت تڪليف پڻ ٿيندي هئي; پر پنهنجو ئي ڪلام پڙهي مون کي سخت حيرت ٿيندي هئي. مون پنهنجو تقريباً سمورو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ان ڪيفيت ۾ لکيو آهي. ان ڪري منهنجي شعر جون سڀئي خاميون ۽ خوبيون منهنجي ڪنهن بہ شعوري ڪوشش جو نتيجو سمجهڻ نہ گهرجن.

جهوليءَ جهليان ڪيئن مان، ذرتي ايڏا دانَ!
ڪيئي وايون مينهن جئن، ڪيئي گيتَ مهانَ.
مان پانيان تو مان نہ هي سڀ ڪجهہ ڀي ڪنهن لکيو!

سچ تہ اهو آهي تہ شيخ اياز اسان جي دؤر جي ذهين ترين انسانن مان هڪ آهي، ليڪن پنهنجي تمام تر قابليتن ۽ صلاحيتن جي باوجود ڪوبہ سگهڙ يا شاعر ايتري perfection سان، روح ۾ پيهي ويندڙ ڪلام ڏئي نہ سگهندو. جيسين منجهس ڪا غيرمعمولي قوت ڪيس ايئن ڪرڻ تي مجبور نہ ڪري، صرف مواد (Matter) ڪابہ حيثيت نٿو رکي، جيسين ان ۾ لياقت ۽ اسلوب (Manner) موجود ناهي. ٻين لفظن ۾ 'مال ۽ رومال' جي گڏيل امتزاج سان ئي ڀرپور ادب پئدا ٿيندو آهي. ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ جي غير موجودگي يا ٿورائي ان قسم جي ادب جي اهميت گهٽائي سگهي ٿي. لازوال ادب اهو آهي جو پنهنجي نياپي، سنيهي يا پيغام ۾ معياري هجڻ سان گڏوگڏ فني لحاظ کان پڻ مڪمل هجي. معيار جو ماپو وقت، حالتن ۽ واقعن جو محتاج نہ هوندي بہ انهن کان متاثر ٿيڻ بغير رهي نٿو سگهي. تواريخ ادب جي سڀ کان وڏي راهنما (Indicator) آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادبي معيار جي ڇت اتان جي تواريخي ستونن تي بيٺل هئڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ اها عمارت ناپائيدار ئي رهندي. اياز ادب جي مٿين ٻنهي اهم جُزن ساڻ پورو پورو انصاف ڪيو آهي. هُو معيار ۽ مقدار جي ڪسوٽيءَ تي بہ پورو اتريو آهي ۽ وقت جي ضرورتن پٽاندڙ اهو سڀ ڪجهہ بي خوف ٿي لکيو اٿائين، جنهن جي اميد هڪ سجاڻ ۽ همت ڀرئي اديب مان رکي سگهجي ٿي.

هن جو مطالعو تمام وسيع ۽ مشاهدو بيحد گهرو آهي. ادب، فن ۽ لاڳاپيل ٻين علمن تي جيترو اياز پڙهيو آهي، مان نٿو سمجهان تہ ٻئي ڪنهن بہ سنڌي اديب اوترو پڙهيو هوندو. ذاتي مشاهدي خاطر هُو ڪيئي ڀيرا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي آيو آهي. هر خطي جا رسم ۽ رواج، ٻولي، لهجو لوڪ گيت، پکي، جانور، وڻ ٽڻ، گاهہ اهم جايون، مطلب تہ هن جي عقابي اک کان اهم يا غير اهم، ڪابہ شيءِ بچيل ناهي. حافظو تمام گهڻو تيز اٿس. نہ رڳو پنهنجو سمورو ڪلام برزبان ياد اٿس، پر اردو، فارسي ۽ انگريزي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن جو پڻ ڳچ ڪلام حفظ ڪيل اٿس. انهن ٿنهي شين ـ مشاهدي، مطالعي ۽ حافظي ـ سندس ذهن کي اهڙيءَ طرح آماده (Tune) ڪيو آهي، جو هن جو ڪوبہ تجربو ڪوبہ تجزيو ڪوبہ مشاهدو پوءِ ڪٿي اهو ڪيترو بہ پراڻو يا معمولي ڇو نہ هجي، رائيگان ٿيڻ نہ ڏيندو آهي. هن جو دماغ موضوعن، واقعن ۽ تجربن جي اسٽور جهڙو ڪم ڏئي ٿو جتي اهي جيئن جو تيئن حفاظت ساڻ رکيل رهن ٿا. ها، البت ڪڏهن ڪڏهن هُو انهن کي بي خياليءَ ۾ ڪڍي، صاف ڪري، بيهر سليقي سان موٽائي رکندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح لکڻ وقت، اسٽور ۾ رکيل واقعن، حادثن ۽ تجربن جا هجوم جڏهن سندس قلم جي نِبَ منجهان گذرن ٿا، تڏهن ايڏي تعداد ۾ ايتري سليقي (Discipline) ۾ ڏسي، هو خود بہ حيران ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙن کي پڻ حيرت زده ڪري ٿو ڇڏي:

باکَ ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سِجَ ـ اُهاءُ ڪري،
رَتُ اُہڙڪا کائي ٿو ايئن
ڏينهن ٽٽو جِئن تاءُ ڪري!
سارو وقت تہ رهندو ناهين،
ويندو آنهہ سماءُ ڪري!
ڪيسين ڪُوءِ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هُڳاءُ ڪري؟
آءُ تہ آڌرياءُ ڪري ڪو
تنهنجو آڌرياءُ ڪري!

هُو چوي ٿو: "مون کي ڄاڻ ناهي تہ جيڪي محاورا، منظر (Locate) ۽ ڪردار منهنجي شاعريءَ جي تِڪ ۾ ٿِري اوچتو اچي ٿا آڏو بيهن، تن جي پٺيان ڪهڙو پس منظر يا سبب (Rationale) آهي. مثلاً هڪ بيت ۾ مون سيڙهہ جو ذڪر ڪيو آهي:

متان مارين سيڙهہ کي، گهري گهاٽي جهنگ،
ڪيئن ڇنجي اِنَ سَنگِ، تو ڪي گهاريا ڏينهڙا؟

اتي منهنجي ذهن ۾ سيڙهہ ڇو آئي؟ ٻيو ڪو جانور، ماڻهو يا پکي ڇو نہ آيو؟ سيڙهہ سان منهنجي ڪهڙي نسبت آهي؟ ڪهڙو سنگ؟ ڪهڙو ساٿ؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٿورو ڪلندي) ڪٿي سَوَنِ جنمن مان هڪ جنم اهو بہ تہ نہ هئو؟ ان کان پوءِ، دنيا ۾ ڪيترا اهڙا شاعر ٿي گذريا هوندا، جن ننڍ مان اٿي شاعري ڪئي هجي؟ منهنجي خيال ۾ تہ ٽي، چار يا وڌ ۾ وڌ پنج. نہ. اهو ڪو روڳ يا بيماري ناهي. منهنجي روزمره جي زندگيءَ جو ڄاتل سڃاتل هڪ حصو آهي. منهنجو معمول آهي. عبادت آهي، عادت آهي. ايئن نہ ٿئي تہ پوءِ شايد پاڻ کي اڻپورو پائيندس.

اٿي آڌيءَ رات جو
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهہ جا.

ڦڙا ڦڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهہ جا.

جن تو لاءِ سڳنڌ جون
ڪيئي ڳليون ڳولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جا.

پنيرڪي جو پُنءِ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جا.

شيخ اياز جي شاعري ڪيترن ئي ارتقائي ۽ تجرباتي مرحلن مان گذري آهي ۽ اهو سفر اڃا تائين جاري آهي. 'يونئر پري آڪاس' کان اڳ ۽ ٿورو پوءِ واري عرصي جي شاعريءَ ۾ اردو ۽ فارسيءَ جي لفظن کي استعمال ڪرڻ، اياز ٻُرو نہ سمجهيو آهي: نہ ئي وري ڪٿي ڪٿي زير اضافت يا همزه اضافت جو استعمال هن لاءِ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهہ هئي. سندس شروعاتي غزل پڻ گهڻي قدر فارسي رنگ ۾ رنگيل هو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي اسيرانِ شب ٻُڌو مون کي
ڪنهن جي زلفن جو داستان هان مان

غم نہ ڪر هن جهانِ تيره ۾
چانڊني! تنهنجو پاسبان هان مان

دامنِ تر تي وڃ نہ اي واعظ
چشمِ فطرت جو رازدان هان مان

يا

تون زلف لبِ بام وڃائين نہ وڃائين
آهي بہ غنيمت تہ هجي سايہء ديوار

هي غنچہ و گل، هي مه و انجم، هي مَي و جام
بس آهہ گهڙيون چار، ميان آءُ اکيون ٺار.

يا

جنهن وقت مردِ ڪوهڪن،
تيشہ فگن، اڳتي وڌن،
تن سان رهِ تقدير ۾،
گڏجي ٽيان مان گامزن،
مان زندگيءَ جي سِير ۾
تن سان وڌان، اي هموطن!
شمشير هٿ ۾، نعره زن،
شعلہ فشان سارو بدن،
اڳتي وڌان! ماريان مران!

هُو چوي ٿو: "مون شاعريءَ جي شروعات غزل ۽ نظم سان ڪئي. منهنجو والد مرحوم فارسيءَ ۽ اردو زبان جو چڱو ڄاڻو هو. سندس ڪتبخاني ۾ ڪافي تعداد ۾ انهن ٻولين جا ڪتاب موجود هئا. جن کي پڙهڻ جو موقعو مون کي ننڍيءَ ڄمار کان مليو. انهن مان ڪيترا تہ مون تئين چوٿين درجي تائين برزبان ياد ڪري ڇڏيا. حافظ ۾ چاڪاڻ تہ نغمگي (Lyricism) تمام گهڻو آهي، ان ڪري نہ رڳو مون کي سڄو ديوان ياد ٿي ويو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ اڪثر سير سفر ۽ ڪم ڪار ۾ ان کي جهونگاريندو وتندو هوس. اهڙيءَ طرح غالب بہ مون کي سمورو ياد ٿي ويو. ظاهر آهي، ان ماحول ۾ مون تي فارسي توڙي اردو ٻوليءَ جو اثر ٿيڻ لازمي هو.“

سنڌي ادبي سنگت جي وجود ۾ اچڻ، ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ قومي شناس پيدا ٿيڻ ڪري، سنڌي ادب ۾ هڪ هلچل مچي وئي. فارسي، عربي ۽ اردوءَ جي بيجا استعمال خلاف ترقي پسند گروهہ باقاعدي هڪ ڪامياب مهم هلائي، جنهن وسيلي ان وقت جي نئين ٿهيءَ جي ليکڪن پرڏيهي، اڻ سونهندڙ ۽ اڌارا ورتل لفظ، محاورا، ترڪيبون ۽ هيئتون رد ڪري ڇڏيون ۽ ان جي جاءِ تي نيٺ سنڌي لفظ، محاورا ۽ علامتون ٻيهر روشناس ڪرايون. بيت، دوها ۽ وايون پنهنجي روايتي هيئت سان ٻيهر مقبول ٿيڻ لڳا. مضمون، علامتون ۽ محاورا نوان ۽ حالتن پٽاندڙ قومي ۽ جذباتي رنگ ۾ رنگيل، گهاڙيتا پراڻا، ڏٺل وائٺل ۽ روايتي. غزل، آزاد نظم، نظم توڙي نثري نظم پڻ ان اثر کان بچي نہ سگهيو. تواريخ، سماجي توڙي سياسي حالتن جو اهڙو تکو، تلخ ۽ تيز اثر شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ تي ٿيو هجي. ان جنگ جو سالار بہ شيخ اياز ئي هو. هن پنهنجا سمورا پراڻا وستر لاهي ڦٽا ڪري ڇڏيا. نئين جدوجهد لاءِ، نئين جوش، ولولي ۽ اعتماد سان هُو هوڪاريندو، للڪاريندو ميدان ۾ ٽُڏي پيو.

جاڳ پٽائي گهوٽ! سنڌڙي تي تو کي سڏيو،
مرن پيون ماروئڙن، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

گل و بلبل، جام و صبو، سوسن ۽ سنبل جي جاءِ تي سنڌڙيءَ جي سانگيئڙن جي ڏکن سورن جو ذڪر ٿيڻ لڳو. سنڌين روزمره جي زندگيءَ جون ڳالهيون، سنڌ جي سورمن، جوڌن ۽ دودن جو تذڪرو ٻيي جي ٻولا، ٽرن ۽ برن ۾ برساتون، زنجيرون ۽ رنگ، چارڻ ۽ چنگ سنڌي شاعريءَ جاعنوان ٿي ويا.

وري چوريان چنگُ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سُرَ جو سِرَ سان سنگُ،
پريان آءُ امنگُ، ڪريان لات لطيف جي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينم اهو تنبورو مون کي، ڪيسين سمهندين شاهه!
ڏينم تہ ڳايان، آڳ وسايان، دليون ڪريان درياهہ!

جيڪڏهن مون تي جذباتيت جو الزام نہ ڌهنيو وڃي، تہ جيڪر مان حقدار کي حق ڏيڻ خاطر اهو چوڻ جي جسارت ڪريان تہ پيڙهيءَ کان پوءِ اياز تائين سنڌ ڪوبہ اهڙو راڳي پئدا نہ ڪيو جو سنڌ واسين جي دلين جي تارن کي اهڙي شدت ساڻ جهنجهوڙي جو ٽُنُ ٽُنُ ٽڙپي اٿي، مَنُ مَنُ ماندو ٿي وڃي. ماٺهو ماٺهو مچلي پوي، شاهہ جي وساٽيل چٽنگ کي پنيٺ ۾ بدلائڻ صرف ۽ صرف اياز جو ئي ڪمال آهي.

پڙڪُ وري پنيٺ، ڪيئي سال سُتو رهين،
ڪڙڪُ دلين جي ڌڙڪ تي وِلهہ ۾ ڪرِ واجَٽ،
شعلا شعلا واءَ ۾، چٽنگون چٽنگون پَٽَ،
ڏاتي نڪرن ڏِٽَ، ڄرڪِي تنهنجي چاڻَ سان.

پڙڪِي آڳ عوام جي، پوڻ سجي پنيٺَ،
ڄرڪي چاڻ پگهاريا، سڀ جا ڳچيءَ ڳَٽَ،
سارا پڌر پَٽ، ڌرتيءَ ڌوتا رت سان.

اها روشني ۽ جاڳرتا، اها بهادري ۽ ويرتا، اها سچائي ۽ سندرتا جنهن جو سنڌ کي صدين کان انتظار هو، جا هن ڌرتيءَ جي پير، مير، وڏيري ۽ سياستدان، پنهنجي اندن اوڌن ڪارجن، مطلبن، لالچن ۽ لچاين سبب ڪوڙ بدوڙ زور زبردستي ۽ دبڙ ڌوڻس سان ڪانئن کسي ورتي هئي، جنهن جا خواب ماروئڙا فقير پيڙهيءَ جي بيتن ۾ ڏسندا هئا ۽ لاچاريءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندا هئا، سا بيباڪي ۽ بغاوت اياز ڏيهہ ۾ ڏياتيءَ جي صورت ڪٽي آيو:

جَلُ جَلُ مشعل، جَلُ جَلُ!
ويري واءُ، انڌيرا آتڻ، سيءَ سياتا جَلُ ٿَلُ ـ
جَلُ جَلُ مشعل جَلُ جَلُ!

*

آ گدري جي ڦارَ امانا!
اڄ پُورو ناهي چنڊ، اسان کي ٻُک بہ ڏاڍي آ!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڙهونءَ ڪرڻ چوڏار امان!
تون ٻينهين خالي جَنڊُ، اسان کي ٻُڪ ٻہ ڏاڍي آ!

*

ٻُڪَ ٻُري ديس جي
لُڪَ ٻُري سيٺ جي
پيٽ ٻُرو سيٺ جو
پيٽ ٻرو سيٺ جو
نيٺ اهو سيٺ جو
پيٽ وڏو ڦاٽندو۔
ڇُرو وڏو آبا جو
ٿرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو سيٺ جو.

*

هيءَ ڏوهہ نہ آ، هن ڌرتيءَ تي
مون دل جي ديول جوڙي آ؟
تو نفرت جي ديوار کنئي،
مون ان جي پاڙَ اکوڙي آ.
مون ڳاتا گيت محبت جا.
مون واڳ وطن جي موڙي آ.
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ۔
مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن!

اياز سنڌي شاعريءَ کي نئون سَٽُ، نئون ساهہُ نئون رنگ، نئون روپ، نئين زندگي ۽ نئين روشني ڏني. هن جيئڻ جي راهہ ٻڌائي. اڻ کُٽ جدوجهد جو ڏس ڏنو. وات ۽ لات ڏني. هِڪُ اڪيلو انسانُ، ستل قوم کي ڌونڌاڙي، ڪيئن بيدار ڪري سگهي ٿو ان جو بهترين مثال اياز جي بيمثل ۽ اڻ کٽ جدوجهد آهي. هن هر دؤر ۾ قلم جي عظمت ۽ آبروءَ کي اوچو ۽ اتانهون رکيو. بدترين مارشلائن ۽ ظالم جمهوريتن بہ ڪڏهن سندس راهہ نہ روڪي. قيد ۽ بند، سورَ ۽ سختيون، جبل جيڏا جيلَ سندس صدا کي ويتر اوچي اڏام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا رهيا. سنڌ جو نوجوان پنهنجو تواريخي ڪردار نڀائڻ لاءِ اياز جي قافلي ۾ شامل ٿيندو رهيو. شايد هن زمين تي هيءُ پهريون موقعو هو جو قلم قبيلي، گولين جي گجگوڙ کي گيتن ۾ بيتن سان مات ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو:

مون ذات انوکي آندي آ،
تي تند وڙهي تلوارن سان!
ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن
تو آءُ سنڌ ديوارن سان،
ٽا تنهنجا ياري، بُرج لُڏن،
تون هيٺو آن هٿيارن سان.
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان-

مون آزاديءَ جي سَئن هڻئي،
مون لاٿا طوق غلاميءَ جا،
هي گيت هئا يا جادُو ها،
زنجير ٽُٽا ايامن جا!
سڀ موتي سمجهي چونڊن ٿا
اڄ ڳوڙها منهنجي دامن جا
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ـــ

اياز اها جنگ جيتي ورتي. سنڌ جو ٻچو ٻچو سندس سَئن تي بيچين ٿي اٿيو. مارشل لا جا اوچا ۽ مضبوط بُرج لڏي پيا. ون يونٽ ٽُٽي ويو. آمريت دفن ٿي وئي. اياز جي منزل پر اڃا دور هئي. آمريت ۽ جمهوريت جي نورا ڪشتي اڄ بہ جاري آهي. زنجير ۽ زندان تازي ريٽي رت لاءِ اڄ بہ واجهائي رهيا آهن. ڌڪيڙي، وڳوڙي ۽ دهشتگرد، هُوڙهيائيءَ جي هُشڪر تي اڄ بہ ڪلاشنڪوف تاڻي، ڌرتيءَ ڌڻين جي خون سان هولي کيڏڻ لاءِ نُوس نُوس ڪندا ٿا وتن. غنڊن، بدمعاشن ۽ ڌاڙيلن، غريب ڳوٺاڻن جي عزت، غيرت ۽ حياتي تاراج ڪري رکي آهي. انصاف جي هيڙيءَ ۾ نظريہ ضرورت جا سوين سوراخ پئجي چڪا آهن. ملڪ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملت جي نالي ۾ سادن سودن، سڀاجهڙن سنڌين جي سِرَ تي ڏارين جي يلغار جا پهاڙ ٽوڙيا ويا آهن. ويڪائو وڏيرا ۽ بيشرم ميرَ ۽ پيرَ، هميشه جيان پنهنجو پراڻو دلاليءَ وارو ڪردار هڪ دفعو ٻيهر نڀائڻ ۾ پورا آهن. سنڌ سڙي رهي آهي، سنڌ ٻڏي رهي آهي، سنڌ تڙپي رهي آهي؛ پر سڌڙيا سياستدان پنهنجي ذاتي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ تي بغلون وڄائي، هنبوڇيون هڻي رهيا آهن.

ان سَمي جيڪڏهن ڪا اميد جي ڪِرڻ نظر تي اچي، ته اها آهي سنڌ جو دادلو ۽ دلبر پُٽ ____ شيخ اياز.

هُواچ ٻه زخمن ڪان چُور، ڀڳل تراڙ هٿ ۾ جهلي، آگ ۽ خون جو درياءَ جهاڳيندو اُوچي آواز چنگهاڙيندو چئي رهيو آهي:

جي تو ڪانئر ڪُک ۾، تنهنجو گهوٽُ نه هيءَ،
مون نه ڏنو مُنهن ڦيرڻو ڪوئي سنڌي پيءَ؛
هن ڌرتيءَ جي ڏيءَ، ڪيئن ڄڻيندي ڄامڙا!

❋

جي تو اُلڪو ڪنڌَ جو تون ڇا وڙهندين؟ وَڃُ!
تنهنجي رت ۾ ٿَڃُ، ناهِ اسان جي اَنَ مان.

❋

هن يُوميءَ جو وِيرُ، مات نه ڪائي موت کان؛
سدا سهاڳڻ سنڌڙي، ڪَرِيو نه تنهنجو ڪِيرُ؛
توڙي نيڻين نِيرُ، ته ٻه ڳوڙها ڳوڙها رَتَ سان.

هيءَ جوش، هيءَ ولولو، هيءَ سجاڳي اياز جي جادوگريءَ جو ئي نتيجو آهي. نوجوان سنڌي نينگرن وٽ وجود جي ويڙهه وڙهڻ لاءِ اياز جو آواز سڀ کان وڏو هٿيار آهي.

آڌيءَ رات انبوهه ۾ جي مون ٻول ٻُرن
آءُ امرتا پايان.
ڪيئي گلا ڳُودرين ڳڏجي گيت ڇون
آءُ امرتا پايان.

مُر اياز جي شاعريءَ جو نه صرف اهم جز آهي بلڪ سندس سموري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخليقي عمل جو بنيادي عنصر پڻ آهي. نغمگي (Lyricism) تہ توري ڪي گهٽي هر شاعر جي ڪلام ۾ موجود هوندي ئي آهي. نغمگيءَ کان سواءِ شاعريءَ جو تصور ئي اڻ پورو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن نقادن جي راءِ ۾ شاعريءَ جي وصف ئي آهي اها لکت، جا ڳائي سگهجي. پر اياز وٽ اهو تصور ڪجھ وڌيڪ اهميت رکي ٿو. هو نہ صرف پنهنجي ڪلام کي نغمگي بخشي ٿو پر ان ۾ مختلف ذريعن سان سر ۽ تال وسيلي موسيقيءَ جو اهڙو مدهوش ڪندڙ ماحول پيدا ڪري ٿو جنهن کي پڙهڻ توڙي ٻڌڻ وارا، ٻڌا، ٻار ۽ جوان وجد ۾ اچي بي خود ٿي ازخود جهومڻ لڳن ٿا. اها سندس اظهار جي سچائي آهي. لفظن جي جادوگري آهي يا انساني نفسيات جو ڳوڙهو مطالعو ـ بهرحال جو ڪجھ بہ آهي خوب آهي. اچو تہ ڏسون تہ اهو جادو ڦهلائڻ لاءِ مستيءَ جو چار اُٽڻ لاءِ، مدهوشيءَ جو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ اياز ڪهڙن وهتن (Vehicles) جو سهارو وٺي ٿو. منهنجي ذاتي راءِ موجب سندس شاعريءَ جو سرچشمو ڪٿي ٿا بہ هجي هو هڪ اعليٰ پائي جو منفرد ڪاريگر (Craftsman) آهي. ڪيس پنهنجي فن جي سيني پهلوئن تي مڪمل دسترس حاصل آهي. نہ رڳو ايترو بلڪ هو تواريخ، جاگرافي، آرٽ ۽ نفسيات جي علم، پسمنظر ۽ پيش منظر کان پليءَ پت واقف آهي. هن جو مطالعو وسيع، سوچ گهري ۽ ذهن جديد دور جي سمورين تقاضائن کان مانوس آهي. ان ڪري هو اظهار جو جيڪو بہ ذريعو چونڊي ٿو سو تمام گهٽي خبرداري ۽ هوشياريءَ سان. هن کي خبر آهي تہ هو ڪهڙيءَ ريت پنهنجو پيغام تير جيان تيز ۽ سڌو پنهنجي قاريءَ جي دل ۾ کپائي سگهندو. هن جو هر قدم سوچيل سمجهيل ۽ هر لفظ تڪيل ۽ توريل آهي. اهو محض اتفاق ناهي تہ عام رواجي شاعري ڪندي اياز اياز ٿي پيو. ايازيت جي درجي تي پهچڻ لاءِ هن کي ٻاهرن ڪنڊن تي هلڻو پيو آهي. قربانيون ڏيڻيون پيون آهن. تپسيا ڪرڻي پئي آهي. انهن سيني سختين کي ذات جو نالو ڏئي درگذر ڪري ڇڏڻ هن لاجواب فنڪار سان ڏاڍي زيادتي ٿيندي. هو مڃي نہ مڃي، اسان کي حقدار کي حق ادا ڪرڻ ۾ ذرو برابر بہ هٻڪڻ نہ گهرجي.

جيئن مٿي چئي آيو آهيان تہ سر ۽ تال سندس شاعريءَ جو بنياد آهي. ننڍپڻ شڪارپور ۾ گذاريائين، ورهاڱي کان اڳ شڪارپور سُرَ، سگيت ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن جو سنگمر هو. هندو سنڌ ورڪي شاهوڪار پرڏيهه مان ناڻو ڪمائي پنهنجي شهر تي لڳائيندا هئا. وڏا ويڪرا رستا، اوچيون خوبصورت بلڊنگون، بهترين تعليمي ادارا، صبح جو شاهي باغ جو سير، خوشبو رنگ ۽ روپ، سنڌ واهه تي پپل جي ڇانو هيٺ گورين جا جهمگٽا ۽ مندرن ۽ گردوارن مان گهنڊ گهڙيال، سنک ۽ ٽلين جا مڌر آواز، شام جو چوچاڪيون بگيون، چمڪيلا پڙڪيلا وڳا، ٺهڪ، کل، خوشي! شڪارپور علم ادب جو مرڪز راڳن، گوين ۽ سريلن جي جوءِ! حسن ۽ خوبصورتيءَ جو ڪوهه ڪاف! ان ماحول ۾ اياز اک کولي. سندس ابهم اک انڊلٺ جا عجيب رنگ ڏٺا. سندس معصوم ڪنن پڳتي ۽ شرڌا جا پڄن ٻڌا ۽ سندس ڪچڙي ذهن ۾ فن جو سائو سلو ڦٽي پيو. هو چوي ٿو ”امڙ جو آواز ڏاڍو مٺو هوندو هو. ننڍي هوندي لولي ڏاڍي سُر ساڻ ڏيندي هيم. اهو سر منهنجي هيانوَ ۾ جڙ ته هميشه لاءِ کپي ويو آهي. شڪارپور ۾ اڪثر پڳت ڪنور رام ۽ ٻيا ڳائڻ وارا ايندا هئا. مون تي انهن جي راڳ، سُرَ ۽ آواز جو پڻ ڏاڍو اثر پيو.“

جيڪڏهن اياز چواڻي شاعري سندس شعوري ڪوشش جو نتيجو ناهي ته ايئن مڃڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه هئڻ گهرجي ته اياز جي ننڍپڻ کان ئي پڳتي نرت، موسيقي ۽ لوڪ گيتن جو اڻ سڌو ۽ غير ارادي ايترو ته اثر پيو آهي جو سندس لفظ لفظ، سِٽ سِٽ ردم، سر ۽ تال ۾ ٽڙڪندي نظر اچي ٿي. مٿان وري جو ٿو ڪري لفظن جو سرچاءُ سو ته مورڳو روح کي رهڙي ٿو ڇڏي:

محبت نه ڪڏهن مات ڪئي، موت هلي آءُ
سندمر هوت هلي آءُ.
تڙي آهي رتن جوت، نه ڳڻ ڳوت هلي آءُ
سندمر هوت هلي آءُ.
هلي آءُ نوان ڏينهن، نوان نينهن هلي آءُ
هلي آءُ هلي آءُ.
جهلي لات ڏسي وات، ٽڪانيڻ هلي آءُ
نه ڏي ويڻ هلي آءُ.

موسيقي، اچل ۽ ورجاءُ اياز جا اهم فني اوزار آهن. ننڍڙيون ننڍڙيون سٽون، ويجها ويجها قافيا ۽ هم وزن لفظ اهڙو ته جادوءَ جو وايومنڊل پيدا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن تا جنهن ۾ ماڻهو جيئن ٻوءِ تيئن وڃي سڌ ٻڌ وڃائي گم ٿيندو.

تون آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ
اي پيار پلي آءُ، پلي آءُ، پلي آءُ
هي هيج ڀري سيج، هلي آءُ، هلي آءُ
هي چاهہ ڀريو ساهہ، هلي آءُ هلي آءُ
هي سنگ ڀريا انگ، هلي آءُ، هلي آءُ
هي نينهن ڀريا ڏينهن، هلي آءُ، هلي آءُ.

❊

ڪنڊيءَ نہ سنگري، ٻٻر نہ پلڙو
سائو نہ سلڙو
چانگون نہ چيلڙا
مارو اڪيلڙا
مارو اڪيلڙا.
پنڊيءَ نہ ڳيڙو وهہ وات ويلا
منهڙا بہ پيلا
گوڙها گهيلڙا
مارو اڪيلڙا _ مارو اڪيلڙا.

سارو سيارو ٿي مات ماري
سومرا، اڱاري
مارو نہ ميلڙا
مارو اڪيلڙا _ مارو اڪيلڙا

تا جيءَ جهورن ۾ روح رولن
جنهن وقت ٻولن
ڪٽڇي ڪويلڙا
مارو اڪيلڙا_ مارو اڪيلڙا!

اياز ڪي پڙهندي مون شدت سان محسوس ڪيو آهي تہ ورجاءُ واري عمل سان هو وجد واري ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو ماهر آهي. لفظن ۾ سٽن ڪي وري وري دهرائڻ سان جيڪو مانداڻ مچي ٿو سو انسان جي بنيادي جبلت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Instinct) يعني ناچ لاءِ هٿ پير، اکيون ۽ آڱريون بيساخت موڙڻ، متڪائڻ ۽ مچلائڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. سنڌ ۾ ڇيڄ، جهمر ۽ ڏونڪو ناچ تہ عام آهي. شادي مراديءَ تي عورتون ٽوڙي مرد گهرن جي آڳرن ۾ يا گهوٽ سان گڏ سرگس ۾ اڪثر جهومندا، نچندا، ڳائيندا نظر ايندا. اها سندن خوشيءَ جي اظهار جي انتها آهي. اياز ڇيڄ کي تہ رومانوي انداز ۾ خوب نڀايو آهي، جنهن ۾ ردم آهي، ارڏائي آهي هوڪار، للڪار ۽ بي خوفي آهي. لفظن جو ورجاءُ پڻ اضافو ڪيو آهي جيئن مٿين شعر مان ظاهر آهي. گهاڙيتو تہ ناچ رنگ جو آهي پر مضمون الميہ آهي. شڪارپور کان پوءِ سکر ۾ درياهہ جي ڪناري رهڻ جي ڪري اياز جي شعر تي، لاشعوري طور درياءَ جي لهرن، مهاڻن جي جهونگار ۽ هوڪار ۽ ٽانگي جي ٽال جو اثر پيو ٿو ڏسجي، جنهن پڻ سندس شعر کي هڪ خاص موسيقيت ڏني آهي، جنهن ۾ ردم آهي، ارڏائي آهي، هوڪار، للڪار ۽ بي خوفي آهي. لفظن جو ورجاءُ پڻ وري ان ڪري آهي جو اهو سندس شاعريءَ ۾ خوبصورتي پيدا ڪري ٿو. سندس تجرباتي طبيعت آزاد نظم، بيت، وائي غزل وغيره کي پڻ ڇيڄ واري ورجاءُ جو رنگ ڏئي، هڪ دلچسپ ۽ موهيندڙ صورتحال پيدا ڪئي آهي.

ڪونہ پڇندس
ڪونہ پڇندس
ٽاڻجي تنهنجيون رڳون ويندون رباب جيئن جڏهن
آءُ وڄندس
آءُ وڄندس.
باک تو تي ڦٽندي ڳاڙهن شرابن جيئن جڏهن
آءُ وهندس
آءُ وهندس.
زندگي هوندي هزار آفتابن جيئن جڏهن
آءُ تنهنجي
ساٿ ڪڇندس
ڪونہ پڇندس
ڪونہ پڇندس.
آءُ تنهنجي ساٿ هوندس
آءُ تنهنجي ساٿ هوندس!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ور ور وسڪارا ٿيا، پرج اڃا ڪجهه پرج
گرج سمندر گرج منهنجو من توسان متو.

*

ڪجي نه ڪوئي، لڄي نه ڪوئي، پڇي نه ڪوئي هاءِ
پوءِ به چوين تو مون کي آهي تنهنجي جڳ ۾ جاءِ

*

ڏيهه ڏئي تو ڏوهه اديون ڙڙي، ڏيهه ڏئي تو ڏوهه
آءُ چوان ٿي ڏوهه سهي، پر منڙو آهي موهه

*

اڇو اڇو اي جر جا جاڻو لڄي پئي اڄ لات
ڪوليو ڪوليو هي ڪنيڙاتيون ڳٽيو نه پنهنجا ڳات

*

آءُ وهاڻي ويل
گهڙيءَ جا ميل _ محبت ڪنهنجي ناهي رهندي،
ڪنهنجي ناهي جوءَ
مگر خوشبو سدائين آٿي هير الهندي.

*

اڙي چنڊ اڙي چنڊ پرين تو ته ڏنو ناهه
سندس روپ سندس رنگ ايئن آهه جيئن تون.

اڙي رات اڙي رات پرين تو ته ڏنو ناهه
سندس وار سندس ونگ ايئن آهي جيئن تون.

تجنيس حرفي (Alliteration) مشرقي شاعريءَ جو ڏاج آهي. سنڌي شاعري (پوءِ کڻي بيت هجي دوهو يا وائي، ڪافي، گيت يا غزل هجي) ان زيور سان سنواريل سجيل، سجايل ملنديءَ شاهه، سچل، سامي ۽ ڪانئن پوءِ وارن سمورن سگهڙن توڙي شاعرن ان هنر ۾ پاڻ موکيو آهي. موجوده دور جا جديد شاعر پڻ ساڳي روايت قائم رکيو اچن. شيخ اياز جي شاعري پڻ سموري تجنيس حرفي سان ٽمٽار آهي. مثلاً:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چري پيو چنگ جهري پئي جندڙي
رکي رکي روح ۾ ڏکي پيو ڏنگ
سجڻ تنهنجو سنگ، وسري وسري ڪينڪي.

❊

آيو اوهيرا ڪري، جرڪي منهنجي جاڻ
چڙا چنگ وڳا پئي، پنا پئي پاڻ
ساري رات وتاڻ، تميا چُٺاڪا ڪيو.

❊

ڏاڳا ڏوپ نہ واسيا، ساڳيون جتائون
آءُ ايئن ئي پنڌ ۾.
موتيو ناهيان ماڳ کي، ڏور ڏسي آئون
آءُ ايئن ئي پنڌ ۾.
پار اهو ئي آ پرين، کهڙيون پچائون
آءُ ايئن ئي پنڌ ۾.
توسان منهنجون سانوري، لوئيءَ ۾ لائون
آءُ ايئن ئي پنڌ ۾.

اهڙا مثال گهڻو ڪري هر شعر ۾ ملندا. روايتي سنڌي شاعريءَ سان نباهہ جو سولو طريقو تجنيس حرفيءَ جو عام رواجي استعمال آهي. اياز جي جادوئي ڇهاءَ ان صنف جا ٻيا وڏيڪ وڻندڙ پهلو ڳولي لڌا آهن جيڪي پنهنجيءَ پر ۾ يڪتا آهن. اهو صرف ۽ صرف اسان جي شاعر جو ڪمال آهي. هنن شعرن کي غور سان پڙهڻ سان اوهان تي هڪ بلڪل اڇوتي ڪوشش جو اظهار ٿيندو.

گهگهو وڳو گهگهه ۾، ڏني جَهپ جهاز
ڦاٽا وڏي ڦاٽ سان ٻمن مان آواز
هي آزادي راز، اڪ نہ ڇنين آدمي.

❊

تو سڌ ڏيان هر سڏڪي کي
تون جاڙ ڪرين مان ماڙ ڪيان

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپيون ٻانهون اپ ڏي ڏونرن بنا ڏار

٭

ڪا ترائيءَ جي چانوَ چانئي هجي.

متين سٽن ۾ گهگهو گهگهہ ڦاٽا ۽ ڦاٽ، سڏڪو ۽ سڏ، اپيون ۽ اُپ چانوَ ۽ چانئي وغيره نہ صرف ساڳي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا آهن پر مختلف معنيٰ رکندي بہ هڪ لفظ ئي جو وڌاءُ آهي. جهڙوڪ گهہ + و = گهگهو، ڦاٽ + ا = ڦاٽا، سَڏُ + ڪو، سڏڪو، اپ + يون = اپيون، چانءَ + ئي= چانئي وغيره. چاڪاڻ تہ هيءُ هنر بلڪل نئون آهي يا گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾ ڪامياب آهي. ان ڪري ان کي نالي ڏيڻ لاءِ ڪيس تجنيس حرفي جو وڌاءُ (Extended Alliteration) چوندس. لفظن کي ان سٽاءُ سان استعمال ڪرڻ محدود شاعري ڪندڙ لاءِ تہ شعوري ڪوشش چئي سگهجي ٿي پر شيخ اياز جهڙي تڪڙي ۽ لڳاتار لکندڙ شخص لاءِ اهڙي قسم جو بيان ڏيڻ خود اياز سان ناانصافي ٿيندي دراصل شاعري اياز جي لونءَ لونءَ ۾ سمايل آهي. هن جون اکيون، ذهن ۽ قلم هڪ اهڙي تہ خودڪار سسٽم تحت پاڻ ۾ رابطي طور ڳنڍيل آهن جو نہ تہ ڪيس تخيل جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻو پوي ٿو ۽ نہ وري هو لفظن ۽ محاورن جو محتاج آهي. اهي سڀ شيون هن وٽ ايئن تہ قدرتي ۽ عام رواجي طور ٿيون اچن جيئن ڪنهن بہ جيئدار لاءِ سمهندي جاڳندي گهمندي ڦرندي ساهہ کڻڻ. ان ئي سلسلي ۾ اضافي طور هڪ ٻي ترڪيب جو بہ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اها آهي هم آواز ۽ هم قافيہ لفظن جو عام جام استعمال. مثال طور:

ڏاڍا واڍا ڏيهہ جا، ڏيهہ ڪڙن ڦابو
هي جو هيل لهو!

٭

چارڻ ٻارڻ ٻار ڪو ڏي ڪا لونءَ لهس
مچ وساڻو سچ جو.
سِرُ ڪپجي سُرُ ٿيو، پورا ڳالهہ نہ پل
گهوريو ـ گهوريو، گهوريو.

٭

پيئڻ ٿي جيئڻ، گهوري گهوٽ وهاڻيا
روئندو تن لاءِ راتڙيون سدائين سانوڻ
هو جي مري جڻ، موڪيءَ کي موکي ويا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

※

تو ڪي سڏ سئا هو جي رات هئا
ورتائون وهہ ڳاڏئون
سَپُ بہ آهي سپ ۾ ڪنهن کي هور هئا
ورتائون وِهہ ڳاڏئون.

※

ڪونڌ ڪڏائي اوڏڙا، نونڌ نچايا مون
وجن پيا ويڙهہ ۾ سورهيہ ۽ سوپون
لهوءَ لال چڳون، ڪڙيون رت ڇڪندڙيون.

متين شعرن ۾ ڏاڍا، واڍا، چارڻ ٻارڻ مڇ سڇ _ سِرُ سُرُ، پيئڻ جيئڻ، سَپَ ۽ سِپ جا جوڙ/هم قافيہ ۽ هم آواز آهن. انهن لفظن جي استعمال سان شعر ۾ جا خوبصورتي پيدا ٿئي ٿي، اها ساراهہ جوڳي آهي. پر نہ اياز بہ قدم اڳتي وڌي ساڳين ئي لفظن کي مختلف معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. انگريزيءَ ۾ اهڙي ترڪيب کي (Pun) چوندا آهن ۽ اڪثر طنز مزاح يا طرحدار جملن ۾ ڪم آڻيندا آهن. اياز ايئن نہ ڪيو آهي. هن پنهنجي سنجيدگي برقرار رکندي اهڙي قسم جي سينگار سان شعري سونهن پيدا ڪئي آهي متي ڄاڻايل هڪ بيت جي آخري سٽ ۾. ڪجهہ ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا:

هو جي مري جڻ موکيءَ کي موکي ويا.

※

ڪڙو جڻ تہ ڪڙو جڙجي ويو جيءَ ۾
گهاٽي ساڻ گهڙو لوڻ لوڻ ۾ لهڪڻ لڳو

※

پٽ لڳي تو پٽ جان
کهڙا کانڌيرا _ مان ڪيئن جيئندس جت ري

شاهہ سائين ۽ ٻين پڻ اهڙي قسمن جا لفظي تڪرار پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا آهن، ان ڪري سنڌي ادب لاءِ نئون مثال نہ سهي وٽندڙ مثال ضرور آهي.
عام رواجي تجنيس جنهن ۾ لفظ جو پهريون اکر ٻي لفظ يا ٻين لفظن جي پهرين اکر سان ملي اچي يا ان جي آواز جي قريب ترين هجي، گهٽو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئتي ڇڏي اياز سموري شعر کي اهڙن نگينن سان جڙي ڇڏڻ جا جتن ڪيا آهن جو نہ رڳو پهرين، ٻئين يا ٽئين اکر جي هڪجهڙائي تي مشتمل هجن بلڪ جن جو مڪمل ۽ مجموعي تاثر پڻ هڪ جهڙو ئي هجي.

تانگھہ نہ تانگهي تانگها تڙ
اوتڙ اوتڙ آءَ ميان
راهہ انوکي سپ کان اوکي پيرا پيرا ناهي
اوتڙِ اوتڙِ آءَ ميان.
سج سنهرا، نيرا، گهرا، جر تي پوپاڙيءَ جا پَرَ
اوتڙ اوتڙ آءَ ميان.
ڪيئي گونگا گيت هوا ۾ سانجهيءَ ويلي جهونا ٻڙ
او تڙ اوتڙ آءَ ميان.
اوتڙ ٻوڙي اوتڙ تاري اوتڙ اوتڙ پنهنجا وڙ
اوتڙ اوتڙ آءَ ميان!

هن وائيءَ ۾ گهہ ـ ت ـ ج ـ ا ـ ۽ سپ کان وڌيڪ ڙ ـ حاوي آهي. انهن صوتي آوازن پاڻ ۾ ملي جيڪو رنگ پيدا ڪيو آهي سو هڪ بهترين ڪمپوزر جي وڏي محنت سان بيلنس ڪيل آرڪسٽرا کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ناهي. هيٺين وائيءَ ۾ پڻ ڪ ـ ڌ ـ ر جي جهرمر نہ رڳو شعر کي نکاري ٿي بلڪ ترنم سان گڏوگڏ بي خوديءَ واري ڪيفيت پڻ پيدا ڪري ٿي جيڪا وائيءَ جي بنيادي ضرورت آهي.

تون تہ ڪنڌيءَ جو ڪانڌ ميان
هاءِ، ڪُنڊيءَ ۾ منهنجو من!
ڇرڪي ترڪان، ترڪي ڇرڪان، توکي ڪونہ ڏسان
هاءِ ڪنڊيءَ ۾ منهنجو من!
وَر وَر تنهنجي يَرَ سان، ڇوليءَ ڇوليءَ منجهہ ڇلان
هاءِ، ڪنڊيءَ ۾ منهنجو من!
هينئون بہ منهنجو توتي هرکي، توکان ونءُ بہ ويجان
هاءِ ڪُنڊيءَ ۾ منهنجو من!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن جو ٺي ذڪر تي رهيو آهي تہ اها گذارش بہ ڪندو هلان تہ اياز پنهنجي فلاسافيءَ جي ٿَوَ ۾ پڙهندڙ کي لفاظيءَ جي جنگل ۾ گم ٿيڻ لاءِ اڪيلو نٿو ڇڏي ڏي. هو ڏس بہ ڏي ٿو گس بہ ڏي ٿو ۽ سمورو وقت ساڻس گڏ بہ رهي ٿو. ڳالهيون ڪندو منظر بيان ڪندو مخاطب ٿيندو لفظ جوڙيندو توڙيندو موڙيندو صوتي اثرن جو جادو جاڳائيندو پڙهندڙ کي پنهنجي وجود جو هڪ اهم حصو بنائي ٿو ڇڏي. ايستائين جو اياز جي دک ۾ سندس پڙهندڙ پڻ ايتريقدر شريڪ ٿو ٿئي جو ٻنهي ۾ فرق محسوس ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. جيڪڏهن مان پنهنجي مٿين بيان کي ڇنڊي ڏار ڏار ڪري ٻڌايان تہ جيڪر هيئن چوان:

(1) اياز لفظن جو ڌڻي آهي، هو زبان تي ايتري تہ قدرت رکي ٿو جو ضرورت وقت پنهنجا نوان لفظ جوڙي Coin ٿو ڪري، اهڙيءَ طرح نوان محاورا پڻ ٺاهي ٿو.

(2) ڏارين ٻولين جي لفظن کي سنئون سڌو جيئن جو تيئن استعمال ڪري ٿو.

(3) سنڌ جي مختلف حصن ۾ ڳالهايا ويندڙ متروڪ ۽ غيرمتروڪ لفظ ميڙي چونڊي ڌوئي صاف ڪري، چمڪائي پنهنجي ڪلام ۾ جڙي ٿو.

(4) هن جي تخيل جو گهراءُ ايترو تہ اونهو آهي، جو وٽس موجود لفظن جو ڀنڊار جڏهن سندس سوچ کي بيان ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو وڃي تڏهن هو پڙهندڙ کي ڪورو چيڪ (Blank Cheque) ڏئي صرف صوتي اثر ڏيڻ خاطر صوتي لفظ ڏيو ڇڏي ۽ پڙهندڙ جي ذهني اوسر تي باقي ڪم ڇڏيو ڏئي تہ پل تہ وڃي پنهنجي وت، سگهہ ۽ سوچ آهر انهن لفظن جي جاءِ تي اندا پري. مٿين سڀني ڳالهين ڪرڻ لاءِ خود اعتماديءَ جو سڀ کان اعليٰ معيار وٽس هئڻ تمام ضروري آهي. پڙهندڙ جي جذبات ۽ احساسات سان هٿچراند صرف اهو ئي ليکڪ ڪري سگهندو جنهن کي ڄاڻ هوندي تہ مان جيڪا بہ غيررسمي (Deviation) ڳالهہ ڪندس سا اڳهامجي ويندي ان تي اعتراض ڪونہ ٿيندو. ان تي واويلا ڪونہ مچندي ان تي فتوائون ڪونہ ملنديون. پڙهندڙ ماٺ ميٺ ۾ نہ رڳو ان کي قبول ڪندو ان سان سهڪار ڪندو ان کي پنهنجي ٻولي، ڪلچر ۽ سماج جو حصو پڻ بنائيندو. اياز وٽ اهو اعتماد ان درجي موجود آهي جو هو بنا ڊپ ڊاءُ، جهجهڪ جي هر قسم جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهي. مثال طور نوان لفظ ۽ محاورا:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڪو سچ، اسچ ڪري تو

❊

جنهن جي منهن ۾ موت پريل آ
هر پل من تي مُگ ڏريل آ

❊

ڪوڙو سارو آپو آهي
ڪانو سڀ جو ماپو آهي

❊

ماٺهو چڪ — پنوڙو ناهي
گونگو ناهي — ٻوڙو ناهي

❊

ور ور ڏيندو ڪيترا
اوٺي ڳوٺي وَڍ

❊

پٿر منجهه پڪار — ڇيڻيءَ ڀيٽي ناهه ڪا
سر ۾ سنگتراش جي ڪارا ڪارونيار
ايري جن مان اوچتو صورت سچ ايار
سرچي سرجڻهار مرڪي جاچي مورتي.

❊

هيءَ نه ڪينهونءَ ڪيڏ سوچي آءَ اچاترا
گهوٽ گهٽيئي گهير ۾ جن جا پڳا پيڏ
اوسِري اڪ ٽيڏ، ڪيئي مانجهي ماريا.

❊

پيري پيري ڪوئل ڪوڪ.
هيءِ هيءِ تنهنجي ٿت اڪيل

❊

چرخو چو ـ هيئن چپ آ؟
اڱڻ ايڏي سن!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏارين ٻولين جا لفظ:**

آءُ اها لس ليٽ جنهن تي چمڪي چانڊني

❊

سنڌ ديس جي ڌرتي تو تي پنهنجو سيس نوايان
مٺي ماٽي لايان

❊

تارا پيچي تارا آڳي
جيءُ سمهي جڳ سارو جاڳي

❊

هي جوڀن جا ڀرن ڀرن اُڌما
تونس تن جي ڪچڪا ڪِن جا

❊

توڙي واري جنڊڙي مون ان تي پَل پَل
پوءِ به سوني تي لڳي ڌرتيءَ جي ديول
اج نه مون ڪان اَلِ ڳجهه ڳهجاندر ڳالهڙي

❊

سڀ ڪجهه آ آڪار ۾ ڪجهه به نه نر اَڪارُ
انڌو اونڌهه ۾ ڏسي انوکو اسرار
ڳڻ ستارا اپ ۾ نرگڻ انڌوڪار
مايا ناهي چار مايا ساگر سونهن جو.

❊

**سنڌ جي مختلف علائقن جا لفظ جانورن پکين جاين وغيره جا نالا:**

ڪهڙيون باتيون تو ڪيان ساريون راتيون مان
بارهن ماسيءَ سان ٻلهاري آڪاس ۾

❊

توکي نيٺ سراپ سان ساڙدڙو ساڙي
مور نه مون پاڙي ملندي توکي جاٽڙي

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرٽا سرن تا
سانجهي تنهنجيءَ سانت ۾.

❊

ساريون گج اياريون آهن ابڙڪي
تو اونهارو آس ۾ تيتيهر تڙڪي
آهن ٻسڙڪي، هارياڻيون ڪَهه پڪليون.

❊

ڪيئي پک وَڳَر، ڪيتيون ڪنچر ڪيترا
ڪيئي مڇيون مانگريون جيوت جيڪا جر
وڏراهيون ۽ وستيون ڪيئي جبل جَهر
سڀ ڪي ڪا ساڃاهه آ، توکي کهڙي ڪَرَ
چاهيئه رڳو پر، ماڻهو پنهنجو پاڻ کي.

❊

ڏي تون ڦري ڦير ۾ چڪر نه چوڏار
سوچي وکون وجهه تون
لوٽ هجي ها بگري ڪرٽا سج هزار
سوچي وکون وجهه تون

❊

نيري پاڻيءَ ايوٽيءَ جا پوندڙ پاڇا
اِنِ آندو ڇا ڇا، مون پنهنجي هر بيت ۾

❊

دور پرهه ۾ پولڪا کوهه مٿان هو ڪَنجَ
جهڙا ڦوگ ڦلار ۾، جهڙا سَرَ تي هنج
رات رچايا رنگ ٻهڪي نڪتيون ڀهڳٽيون.

**صوتي اظهار:**

جيئو جيئو پيئو پيئو
چنن چن چنن چن

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ پنهنجي پنهنجي سينگ سَجَن
ايئن ڪڙ ڪڙ ڪڙ ڪڙ ڪان وڃن

❊

ڪاري رات ڪويري ڦڙ ڦڙ
ويروتار وهي آ رم جهم
ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ، ٽم ٽم ٽم ٽم
هن پاسي مڙ، هن پاسي مڙ

❊

گهنن گهنن، گهن، گهن، گهن، گهن، گهن
ڏنن، ڏنن، ڏن، ڏن، ڏن، ڏن، ڏن
گجو گجو اڃ ڪارا بادل، وَسو وَسو ورسايو جل ٿل
پيو پيو مئي جا متوالا جيو جيو ڌرتيءَ جا پيارا
ڇنن ڇنن ڇن، پيالا ڇلڪن
گهنن گهنن، گهن گهن، گهن گهن.

❊

ڪيڙو ڪيڙو ڪوهه ڪرين
ڇا ٿو سارين ڪارڙا...

❊

ڪو واءُ لڳي وڻ ڏوڙي ٿو
۽ ڇڻ ڇڻ ڇڻ پن ڪرن ٿا پيا
آ ڪڙ ڪڙ ڪڙ چڪڙي ۾
پر ڦيٿا پو بہ ڦرن ٿا پيا.

پڙهندڙ کي اعتماد ۾ وٺڻ جو اياز کي پنهنجو انوکو ڍنگ آهي. هڪ تہ هو پاڻ کي پنهنجي پڙهندڙ کان ڌار نٿو سمجهي، ڪيس پاڻ سان گڏي ٿو ڇڏي. سندس پيڙا پنهنجي ٿو ڄاڻي ۽ سندس خوشيءَ ۾ برابر جو شريڪ ٿو ٿئي. سندس ٻولي ٿو ڳالهائي. سندس ئي خوف، پئو ڪاوڙ لڄ، حيا مطلب تہ سڀ جذبا پاڻ تي طاري ڪري ٿو ڇڏي، جنهن ڪري اجنبيت جو احساس ويندو ٿو رهي. پر جتي ايئن ممڪن ناهي ۽ شاعر کي پاڻ کي ڌار ڪرڻ ڪرڻ ضروري ٿيو پوي، اتي اياز پنهنجي اسم کي نالو وني سڏ (detach)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هوشيار ٿو ڪري، پنهنجي مدعا بيان ڪرڻ ۾ اڳلي تي اثر انداز ٿيڻ جو اهو تمام موثر طريقو آهي ته ڪيس مخاطب تي سندس سموري توجه پاڻ ڏانهن ڇڪائي، پوءِ جيڪي چوڻو هجي سو چئجي. اياز نه رڳو انسانن کي مخاطب آهي پر هو هر ان شيءِ کي مخاطب آهي جنهن وسيلي هن کي ڪو پيغام رسائڻو آهي يا نُڪتو بيان ڪرڻو آهي:

وڃ تون چوڻو ورائين ڀانهن ؟
ڇا پڏين ڪونه ٿو دکيءَ دل جي دانهن؟

❊

مسافر رڳو نم جي ڇانوَ ۾
اچي ويهه مون سان ڪڏهن نار مَن...

❊

گهايل سوار کي
ڪارا ڪميت تون
ڪيڏانهن نيندين؟

❊

ڪٿي ته پيچبو ٿڪ مسافر!
ڪٿي ته پيچبو ٿڪ!

❊

تون ڪيٽيءَ جي ڪونج! تون ڪيئن ميٽرو پول ۾
چڙ ساري لائونج، تو ڏي منهن ڦيري ڏنو.

❊

چنڊ! پرينءَ کي پرچائي ڏي، مون سان ڪيئن رٺو
تون چئه مون ساريون راتيون ڪائي ننڊ ڪئي!؟

❊

وري عشق بازي اڙي دل! اڙي دل!

مٿين مثالن کان سواءِ اياز جو ڪلام ان قسم جي سٽئين سڌي گفتگوءَ سان ڀريو پيو آهي. ڪٿي پاڻ کي مخاطب آهي، ڪٿي فضائن ۽ هوائن کي ۽ ڪٿي پنهنجي خيالي محبوب کي اهڙي قسم جي تاثر کي وڌيڪ طاقتور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ هن وٽ ٻيا ٻه گهڻا ئي ذريعا آهن. هت مان صرف انهن مان ٻن جو ذڪر ڪندس.

1ـ موسيقيءَ جا آلاپ ۽ آواز جهڙوڪ، الا، الوميان، ووـ وغيره

2ـ اسم تهغير جو دريا دليءَ سان اظهار.

ڳالهائڻ وجائڻ، سر ۽ ساز ڪي جيڪا اهميت انساني زندگيءَ ۾ حاصل آهي ان کان ڪوبه انڪاري ٿي نٿو سگهي. انسان ته انسان، پکي مرون ۽ پسون به سُرَ تي سِر ڏوڙين ٿا. ٻيجل چنگ جي مڌر آواز سان راءِ ڏياچ جو سِرُ ورتو. نانگ مرليءَ جي سريلي آواز تي موهت ٿي موج ۾ اچي، لهر ڪري ٿو. سرندي جي سوز سان مرگهه چونڪڙيون ڀرڻ وساري ويهن ٿا. سارنگ جي صدا تي آسمان ۾ ڪارا بادل گرجي برسن ٿا. اياز سوز ۽ گداز جي انهن آلاپن مان ٿهري ڪم وٺي ٿو. سندس اهي ورلاپ ڏکويل دلين ۾ جهير وجهيو ڇڏين. اهو سندس ڪاريگريءَ جو ڪمال آهي جو سخت کان سخت دل انسان به اهي آهون ۽ دانهون ٻڌي سيسراٽين مان سڙڪي اٿي ٿو.

هيءَ هيءَ بسنتو هي ڦول پنهنجا
ڪنهن لاءِ آندوَ منهنجي پڄاڻا؟

※

ناهي موت ميار
ووءِ ميان، وو ميان، وو ميان!

※

لوري ڪيئن لڳي
او آيل، لوري ڪيئن لڳي!

※

ڪرها سرها ريتيءَ، اسهن نيٺ اسور
الو ميان! ديس نه دل کان دور.

※

ڏي ڏي ڏي ڳاڙهي ڳيت
پل پل آهي پيالو اوءِ!
ٻيءُ ٻيءُ ٻيءُ ٻيءُ کهڙي پوءِ

※



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڙ تڙ تي طوفان الو ميان
ناءَ هلي آ گيت ڪٽي.

❊

سج لهي سانجهي ٿيو هي اونداها تر!
پاڻ ويجون ٿا وو ميان!

❊

پون ۽ نہ آئي يانءِ
الا! مان اڏري ويندوسانءِ!

ساڳيءَ طرح اياز اسم تصغير جو بہ عام استعمال ڪيو آهي. سنڌي هوندئن ئي سڀاجها ماڻهو آهن ويتر جو ڪنهن کي وڏيڪ سهڻو سڀاجهو مظلوم، سادو نندڙو ۽ معصوم وغيره ظاهر ڪرڻو هوندو آهي تہ اسم جي پويان "ڙو ڙا، يا ڙين" وجهي ان جي نہ صرف صوتي سونهن وڌائيندا آهن پر ان جي صفت کي پڻ وڏيڪ وڻندڙ بنائيندا آهن. عام سنڌي روزمره جي گفتگوءَ ۾ انڪساري عاجزي ۽ قبوليت پيدا ڪرڻ لاءِ اسم تصغير جو استعمال ڪندو رهندو آهي. اياز مقامي ماڻهوءَ جي ان ڪمزوريءَ کي چڱي طرح جاچيو ۽ پرکيو آهي. پوءِ پنهنجي ڳالهہ ۾ اوترو ئي ميناج پيدا ڪرڻ لاءِ شعر ۾ جابجا ان صورتحال مان لاڀ حاصل ڪيو آهي.

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون
ڪري ها، ها، هل، ميان!
تڏهن ملنداسين!

❊

جاڳي ساريون راتڙيون
جرڪي جن جي ذات،
ڪٽي ڪنپ چڏي ويا.
ڏورانهين ۾ ڏيئڙا
سانگيئڙن جي سار، ڏني لهندم ڏکڙا.

❊

ساوڪ رت ۾ سانورا هيل نہ آئين تون
آيا سرءُ ڏينهڙا.

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيسين ٻاري ڏيئڙا سنجهي ڪر ساهيان!
آءُ تہ مرڪي منهن ڪٽان!

❊

جيئن جهيڻي ٻاهڙي مچ نہ ساڳيو مچ
لالڻ لاءِ نہ ڏينهڙا.

❊

اڏر پکيئڙا يار،
ٻُنا ٻولڻ ڏينهڙا!

❊

مانڙي تي پچي، ٻاهڙي تي ٻري،

❊

ڪويلڙي ڪوڪي
آڏيءَ جو آواز ۾.
ساهہ سڄو ڦوڪي
ڪويلڙي ڪوئي

❊

ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن
پيرا پکين جا
ڳوڙها اکين جا
سارون اڏارون، پرڙا پٽوڙن
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

دل کي ڇهندڙ من کي جهوٻاڙيندڙ اندر مان سيسرات ڪيندڙ اهي ننڍڙا سهڻا لفظ اياز جي شاعريءَ جو اهم حصو آهن. نفسيات جي علم موجب هو ماڻهوءَ جي دل هٿ ڪري جاڻي. سندس ذهني توڙي روحاني ڪمزورين مان فائدو وٺي ڄاڻي، اندر ۾ پيهي ڄاڻي. چنڊ، آڪاس، بارش، ستارا ۽ سمونڊ جهڙيون شيون جي شروع کان انسان جي لاءِ ڇڪ، ڪشش ۽ رومانيت جو ڪارڻ رهيون آهن تن کي اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ورجائي ورجائي جڳهہ ڏني آهي. ڪونج مور ڪوئل، هرڻ وغيره پڻ گهڻي ڀاڱي سندن موضوع رهيا آهن ۽ جيئن تہ انهن سان ڪا نہ ڪا وصف ۽ خاصيت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وابستہ آهي ان ڪري انهن کي علامتي حيثيت سان پيش ڪري اياز سنڌي شاعريءَ جي علامتي ڪارج کي برقرا رکيو آهي. سندس بين علامتن ۾ ڪلاسيڪي ڪردار نئين سوچ ۽ نين حالتن تحت قومي پس منظر ۾ ڪم آندا ويا آهن. سنڌ جي تواريخ جا قومي سورما، جنگيون ۽ بهادريءَ جا واقعا پڻ علامت جو روپ ڌاري آڏو اچن ٿا. هو چوي ٿو: منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي باقي ان جي موضوع ۾ جدت آهي. منهنجي واين جي هيئت ۽ موضوع ٻئي جداگانہ ۽ جديد آهن. وايون فارسي بحر ۾ آهن پر ان ۾ قديم وائي جو تسلسل آهي جو درحقيقت وائي جي صنف سخن جي جان آهي. دراصل بيت، دوهي ۽ وائيءَ ۾ هيئت جي لحاظ کان تجربي جي تمام گهٽ گنجائش آهي.“ اها دعويٰ پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست ۽ بجا آهي تہ اياز ڪلاسيڪل گهاڙيتن ۾ جديد خيال سمايو آهي. هن روايت کي نئون روپ ڏئي ان ۾ جدت پيدا ڪئي آهي پر گڏوگڏ اهو بہ درست آهي تہ اياز روايتي گهاڙيتي ۾ تمام گهٽ موقعي جي باوجود پنهنجي وس آهر ڪافي تجربا ڪري نواڻ پيدا ڪرڻ جي پڻ ڪوشش آهي. بيت ۾ بہ بہ رديف پيدا ڪرڻ، ساڳئي ئي رديف کي قافئي طور استعمال ڪرڻ، بلڪل اڇوتا ۽ غير روايتي لفظ قافيي لاءِ چونڊڻ کان سواءِ هن بيتن، واين غزلن ۽ نظمن جي سٽن کي مفهوم جي لحاظ کان ننڍو وڏو ڪري تمام ڪامياب تجربا ڪيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ موکيو اٿس. مختلف صنفن ۾ ڪيل ڪجهہ تجربا نموني طور ڏجن ٿا.

ادي اڄ اداس آهي منهنجو جيئڙو
پرين ساڳيو واس، ڪوهہ اواڳيو هينئڙو.

❊

سونهن نہ ويندي سومرا، مينديا ڏُئان يا نہ
ويندس سڄ سمان، موٽي ملڪ ملير ڏي

❊

انڌو اُپ انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان
چوڌاري چمڪات اسان.

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي سمجهه تہ ڌار
ايئن تون نہ اڌار
ڍانديئڙي کي ڪام تان.

اياز جي وائي ۽ گيت ۾ تمام ٿورو ۽ ڪن حالتن ۾ تہ بلڪل ڪوبہ فرق نٿو ڏسڻ ۾ اچي. سندس آزاد نظمن جهڙا پابند نظم مون ڪٿي نہ پڙهيا هوندا. حقيقت ۾ هن شخص جي شعور ۾ ڇپيل رواني، نغمگي ۽ ردم هر هنڌ سمونڊ جي لهرن جيان ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڇلڪي ٿو پوي. هو لک چاهي تہ بہ انهن وصفن کان پاڻ بچائي ڄاڻي ٻجهي ڪا ٻي شيءِ ڏئي تہ بہ سندس اندروني موسيقيت ڪيس ايئن ڪرڻ ئي نہ ڏيندي. هيءَ آزاد نظم ئي ڪٿي ڏسو:

ايتري فرصت هجي
رات ساري چنڊ جا چارا ڏسان
واهہ جي ڪڙ تي پپل جي ڇانوَ سان
پاٽيءَ مٿان
ڪجهہ گهڙيون لڙهندو رهان،
ڪجهہ سرءَ جي شام ۾ سوچيان سڙان
لوچان لهان...

۽ هيءَ ٻيو آزاد نظم:

هي ڦٽيل پير وري پنڌ ڪندا
تنهنجو سوڳنڌ ڪندا
هي ٽٽل هٿ هٽي هنڌ ڪندا
مان چوان ٿو تہ ضرور
وقت ايندو تہ وري ڇڪنا چور
ڪوڙ جو ڪنڌ ڪندا.

متئين آزاد نظم ۾ لئي بہ آهي. موسيقي ۽ رواني بہ آهي. اهڙيءَ طرح اياز آزاد نظم جي مغربي مزاج کي مشرقي رنگ ۾ رنگي ان کي وڌيڪ وڻندڙ موهيندڙ ۽ قابل قبول بنايو آهي. مون کي اعتراف آهي تہ ڪجهہ نقاد هن شاعريءَ کي آزاد شاعري چوڻ وقت ضرور پرون تاڻيندا ۽ ناسون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦونداريندا پر جيڪڏهن ڪنهن ڏاريءَ صنف کي ديسي ويس وڳي سان ڍڪي گل گلاب ڪري سگهجي ته ان ۾ اهم ئي ڪهڙو!

ها اياز جي نثري نظم تي واقعي گهڻن بقراطن پرون تاڻيا آهن. هنن جو خيال آهي ته نثري نظم ته پري جي ڳالهه آهي، اهو ته نه نثر آهي ۽ نه نظم.

ٻئي جي راءِ جو احترام فرض آهي پر اکيون پوري انڌن اونڌن ويچن کان علاج ڪرائڻ به ناداني ٿيندي. اياز Blank verse جي طرز تي نثري نظم لکيا آهن ۽ انهن ۾ به مختلف تجربا ڪيا آهن. هو گهڻ پڙهيو انسان آهي، سندس ادب جو ۽ فن جو مطالعو گهرو آهي. ان ڪري هن هر ان تحريڪ متعلق ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ادب ۽ فن تي ڪو نه ڪو اثر وڌو. هن کي ڄاڻ آهي ته سرئيلزم (Surrealism) ادب ۽ بصري فن جي تحريڪ، پهرين ۽ ٻي مهاياري لڙائي جي وچ ڏاري يورپ ۾ جنم ورتو. اصولي طور هيءَ تحريڪ ڊاڊا تحريڪ (Dada movement) منجهان اسري ۽ ايري هئي جيڪا پهرين مهاياري لڙائي کان اڳ جاري ٿي. هن تحريڪ ڊاڊا جو مقصد هو فن جي خلاف فنڪاري ڪرڻ ۽ ڄاڻي واڻي سوچي سمجهي عقل ۽ فهم جي خلاف ادب پيدا ڪرڻ. ان جي برخلاف Surrealism جو زور منفي نه پر هاڪاري پهلوئن تي هو. هن تحريڪ جي باني آندري بريٽن 1924ع ۾ هڪ پڌرنامو شايع ڪرايو جنهن موجب سرئيلزم سوچيل ۽ اڻ سوچيل تجربن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري اهڙيءَ طرح ملائڻ جو نالو آهي جو حقيقت ۽ خواب گڏجي هڪ نئين دنيا جوڙين. سندن زور گهڻي ڀاڱي عقل بجاءِ نفسيات تي هو. ٿلهن لفظن ۾ هو اهڙي ادب جا باني هئا، جنهن ۾ تصنع ۽ بناوٽ کي ڪا به جڳهه نه هجي، جو ماڻهو جيئن سوچي تيئن لکي يا مصوري ڪري. اياز پنهنجي شروعاتي ادبي زندگيءَ ۾ ان تحريڪ بابت پڙهيو هو. هو چوي ٿو ته مون سورهن سترهن سالن جي ڄمار ۾ Surrealism جو مطالعو ڪيو هو ۽ ان ئي زماني ۾ پنهنجي ڪهاڻين جي پهرين مجموعي ”پنهل کان پوءِ“ جي مهاڳ ۾ ان تحريڪ جو ذڪر پڻ ڪيو اٿم. اڳتي هلي ان سلسلي ۾ ”پتڻ تو پور ڪري،“ ”تڪرا تتل صليب“ جا ۽ ٻيا نثري نظم لکيا. نثري نظمن ۾ مختلف بحرن کي استعمال ڪري (يا نه ڪري) تجريدي صورت ڏئي، اياز خيالن کي پنهنجي اصلوڪي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي. ايئن جيئن زندگيءَ جا سوين رنگ آهن، ايئن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن حياتي پابندين کان سواءِ پنهنجي لاشعوري وهڪ ۾ وهندي هجي، ايئن جيئن انسان تنظيم (Discipline) جي خودساخته قيد کان آزاد پنهنجي منهن اڪيلي ۽ فطري زندگي گذاريندو هجي. ايئن جيئن ڪا دوشيزه مسي، مساڳ ۽ سرمي جي مصنوعي خوبصورتيءَ کان سواءِ صبح سوير پنهنجي قدرتي حسن ساڻ پنهنجي اصلوڪي رنگ روپ ۾ اکيون کولي آرس ڀڃي راتوڪي ڪنهن وٽندڙ ياد کي سنياري شرمائي هلڪي مرڪ سان ڪنڌ ڍاري ڇڏي هيءَ نثري نظم انهن تاٽيل پروئڻ جي جواب لاءِ اتاريان ٿو جيڪي هن قسم جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي شاعراڻين خوبين جي کوٽ محسوس ڪن ٿا:

ڇا هو تيون آهي ۽ تون ۽ مان به آهيون
يا تون ۽ مان آهيون ئي ڪونه
رڳو هو آهي
يا هو آهي ئي ڪونه ۽ رڳو
تون ۽ مان آهيون!
ڇا ماڻهوءَ جي سوچ انهن ٽن
سوالن کان ٻاهر نڪري سگهي آهي؟
ائين ته ناهي ته نه هو آهي نه
تون آهين نه مان آهيان
رڳو ڪجهه به نه آهي!

ايئن آهي ته نثري نظم رڳو شيخ اياز جي اٽڪل هڪ سؤ نوٽ بڪن تان ورتل آهن جنهن ۾ پنهنجي مطالعي جا نوٽ وٺندي هن پنهنجا ڪيئي اصلوڪا نظم به ساڳين نوٽ بڪن ۾ لکيا آهن پر مٿئين نظم ۾ ذڪر ڪيل سوچ اها ئي ساڳي سوچ آهي جا اڄ به اياز جي ذهن کي ڊونڊاڙي رهي آهي.

مون کان اڳ به ڪونه هو
مون کان پوءِ به نه ڪو
هي منهنجو سپنو ٻي ڪنهن
ڏنو ڪينڪي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثري نظم اياز جي شعوري ڪوشش جو نتيجو هرگز ناهي. هو بنيادي طور ذات ڏٽي آهي. هن جي ذهن ۾ سر، تال، لئہ جا آبشار وهن ٿا. هو چاهي نثر ئي ڇو نہ لکي. ميڊاس (Midas) وارو ڇهاءُ هر شيءِ کي رنگ، خوشبوءِ خوابن جا واس ڏيو ڇڏي. ڪٿي ڇنا، ڪٿي اڻ ڇنا، ڪٿي سڌا ڪٿي اڻ سڌا. ڪٿي جاتل سڃاتل، ڪٿي اڻ لکا ۽ اڻ ڄاتل قافيا ۽ رديف موجون لهرون ۽ بحر ايئن پيا جهلڪندا، جيئن اونداهي رات ۾ ڪڪرن جي اوٽ مان شرير تارا.

ننڍيءَ عمر ۾ ئي شاعريءَ مون کي ڳولي لڌو ۽ اها ڪنهن گلاب جي گل مان خوشبوءَ وانگر آئي.

ڪنهن جل پريءَ وانگر چنڊ جي ترهي
تي ترندي آئي
ڏکڻ جي هير مان رابيل جي سڳنڌ تي
سوار آئي
اونهاري ۾ وهندڙ واهہ تي نم ريا
سرنهن جي ڇايا مان نڪري آئي
۽ جنهن وقت مون هن کي
پهرين پيري ڏٺو هيو
هوءَ ڪنهن پينوءَ کي
اٽي لپ ڏئي رهي هئي
هاٿيدر جي اندران گهٽيءَ ۾
سامي جي پاڙي جي ئي پاسي.

مٿين نثري ٽڪري ۾ نثر ڪيترو آهي ۽ نظم ڪيترو، ان جو اندازو تہ هر پڙهندڙ بخوبي لڳائي سگهي ٿو. ڇوٽو صرف اهو آهي تہ احساس جو مٿيون اظهار بيحد ايمانداريءَ سان نيڪ ان طرح ئي لکيو ويو آهي جهڙيءَ ريت شاعر جي ذهن ۾ آيو آهي. نہ تہ منجهس تخيل ۽ تصور جي گلڪاري ڪئي وئي آهي، نہ وري آرائش ۽ بناوت جو ميڪ اپ پر ڇاڪاڻ تہ شاعر جي دل جو آواز آهي، ان ڪري منجهس خودبخود شاعريءَ جي سرهاڻ پيدا ٿي وئي آهي. هو چوي ٿو: "شاعري مون تي سانوڻ جي مينهن جيان ايندي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. مان مهيني ڏيڍ تائين مسلسل لکندو رهندو آهيان ۽ هڪ ڪتاب مڪمل تي ويندو آهي. جيئن ايرنڊڙ لهرون منهوڙي جي ٽڪرين سان ٽڪرائجن ٽيون ۽ پوءِ انهن کي نوٽ چڙهي ٽيون وڃن، اهڙيءَ طرح لکڻ دوران ۽ لکڻ کان پوءِ منهنجي ڪيفيت هوندي آهي. منهنجو نثر بہ نظم جون سرحدون ڇهندو آهي ۽ مان پنهنجي رت ۾ اهي ئي لهرون محسوس ڪندو آهيان.“

حقيقت اها آهي تہ نثر ڪٿي ڪيترو بہ اثرائتو ۽ ڀرپور ڇو نہ هجي شاعريءَ جو ڪارج ڪري نہ سگهندو. لطيف نُڪتا، حساس جذبا ۽ ڪنئرا امنگ شاعريءَ جي ريج تي ڦٽندا آهن. اياز جي خوبي اها آهي جو هن کي نثر تي بہ اوترو ئي دسترس حاصل آهي جيترو نظم تي. لفظ هن جي ذهن ۾ ايئن پگهرجندا آهن، جيئن بٺيءَ ۾ لوهہ ۽ پوءِ هو ويندو آهي ان کي قالب ۾ اوتيندو. قالب ۾ اوتيندڙ تہ شاعراڻا هٿ آهن، گهڙاءُ تہ نيٺ لطيف، نازڪ ۽ وڻندڙ ئي گهڙيندا. خيال (Thought) مختصر هجي يا تفصيلي ڪاريگر جي ڪاريگري ڪا لڪڻ جي آهي. هي بہ سٺون ئي ڪٿي ڏسو هڪ ضخيم ڪتاب جو بدل ناهن؟

ادب ۾ امن جو سوال ئي نٿو اٿي
ادب اکٽ جنگ آهي.

هو چوي ٿو: ”مان خودمختياريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ وائي هجي يا بيت، دوهو هجي يا غزل، گيت هجي يا نظم، آزاد نظم هجي يا نثري نظم، اوپيرائون هجن يا نثر جا ڪتاب، هر سٽ تي منهنجي مهر لڳل آهي ۽ بڌڻ سان محسوس ٿيندو تہ اها شيخ اياز جي شاعري آهي. مان سنڌي شاعريءَ کي هر قيد ۽ بند کان آزاد ڪيو آهي.“

اياز هر نوجوان شاعر لاءِ اتساهہ جو ذريعو آهي، سنڌ جي قومي سڃاڻ آهي. اسان سيني جي آسن اميدن ۽ امنگن جو محور آهي. سنڌي قوم جي ذهني آزادي، سجاڳي ۽ سهائي جو علمبردار آهي. ادب ذريعي اکٽ جنگ جو پيغام ڏيندڙ اياز هڪ نئون ۽ انوکو محاذ کوليو آهي ۽ ان محاذ تي لڙندڙ اديب نہ ڪنهن سلطان جي دربار ۾ وڪامي سگهي ٿو نہ وري موت هٿان مات ئي کائي سگهي ٿو جو هو فنا ٿيڻو ئي آهي تہ پوءِ پنهنجي ئي ذات هٿان جيڪا ماءُ جي پيار جيان ڪيس پنهنجي ارهہ سان ايترو تہ زور سان لڳائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي جو سندس ساهه نپوڙي تي چڙهي:

اي شاعري،
مان تو کان چڙ کان بہ ٿو
تو کي چڙهي نٿو سگهان
تون جا وش ڪنيا آهين
پاڳ منهنجو موت
تنهنجي پاڪر ۾ لکيو آهي.

❊

شاعر ڪنيار جي ڪار نہ آهي
ڪلال جي ڪانڌ آهي
سري جو سڳنڌ ڪان سواءِ هر ٿانوَ
رڳو مٽيءَ جو لساڻل پنوڙو هوندو آهي.

سري جو سڳنڌ ڦهلائڻ لاءِ اياز اڌ صديءَ ڪان جاڳي رهيو آهي.
ٻڙ جي گهريءِ ڦهليل وڻ جيان جو علامت آهي حوصلي جي عزم جي ۽ قربانيءَ جي!

شل نتهڻ اس ۾ اهو گهرو گهاٽو ۽ ڦهليل ٻڙ جو وڻ عرصي تائين اسان کي پنهنجي ڇانوَ ۾ پناهہ ڏيندو رهي.

شل ٻڙ جي ڇانوَ هميشہ اڳ کان گهاٽي ٿي رهي.

(نوٽ: هن مضمون جي شروع وارو نثري نظم "بابا هن کي گولي" ۽ "ڇا هو ٿيون آهي" جي سري وارو نثري نظم شيخ اياز جي نوٽ بُڪن مان ورتل آهن. جي هن ڪن افسانن مان چونڊي ترجمو ڪيا آهن. موقعي جي مناسبت سان ڪين هن مضمون ۾ شامل ڪيو ويو آهي.)❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# سنڌي ڪھاڻيءَ جي خالق جو ماتم

در ٻوٽبا تا وڃن.
علم جا، ادب جا، ڏاهپ جا، سهپ جا، سوچ جا، سمجهه جا.
در ٻوٽبا تا وڃن.
ان دور جا، جڏهن ادب عبادت هو، بغاوت هو، ساهه هو، چاهه هو.
در ٻوٽبا تا وڃن.
تحريڪن جا، تحريرن جا، تقريرن جا، تعبيرن جا، تفسيرن جا.
ها، در ٻوٽبا تا وڃن. هر ان اهڃاڻ جا جو سنڌ جو ماضي هوءِ حال تي نہ سگهيو. ان سوجهري جا، جنهن جي سونهري ڪرڻن مان اجرو آئندو اپرڻو هوءِ نازڪ نينهن نسرڻو هو.
ان خواب جا، جنهن جي آس تي مجبور، محڪوم ۽ محروم سنڌي وجود جي آخري ويڙهہ جا سانباها ڪري رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان خوشبوءَ جا. جنهن پنهنجي سڳنڌ سان واهڻ وستيون واسي ڇڏيا هئا.

جمال ابڙو تہ پنهنجين لکڻين ۾ هميشہ زندهہ رهندو پر سندس وجود جو احساس ويندو رهيو. ويندي رهي اها خاموشي، جا ڳالهائيندي هئي. وينديون رهيون اهي کهاڻيون، جيڪي اڻ چيون، اڻ ڇپيون، اڻ ڇهيون رهجي ويون ۽ ويندي رهي اها مُرڪ، جا هر آئي جو آڌر ڀاءُ ڪندي هئي ۽ ننڍي کي ننڍو رهڻ نہ ڏيندي هئي ۽ ڏاڙئي کي پل ۾ پنهنجو ڪرڻ جو هنر ڄاڻندي هئي ۽ ويندو رهيو اهو ڀاڄهارو آواز، جو آڏيءَ مانجهيءَ شفقت جي هٿ جيان پنهنجي پناهہ ۾ وٺڻ جو گُرُ ڄاڻندو هو.

گذريل چند سالن ۾ ڇا ڇا وڃايو اٿئون، ان جو ڪو پوتاميل بہ آهي ڪنهن سنڌ جي سڄڻ وٽ؟ ڪا بيلنس شيٽ جڙي آهي. ڪنهن سياڻي جي سيني ۾؟ فائدي ۽ نقصان جي ٻن خانن وارو وهي کاتو کليو آهي ڪنهن بورڊ، ڪنهن سنگت، ڪنهن اتارتيءَ جي دفتر ۾؟

اياز کان وٺي جمال تائين رڳو ڏاها تہ نہ وڃايا اٿئون. شعر ۽ کهاڻيءَ جا امام تہ نہ هليا ويا آهن اسان منجهان! نياز نئڙت، ذات ۽ لات جا ڏٺي تہ نہ منهن موڙي ويا آهن اسان کان. صرف ماڻهو ۽ نالا ۽ پاڇا ۽ پڙلاءَ نہ اوجهل ٿيا آهن اکين کان. ان کان بہ گهڻو ڪجهہ وڌيڪ کسجي ويو آهي هن اياڻي قوم کان گذريل چند سالن ۾.

پنهنجو پاڻ ۾ وشواس وڃايو اٿئون. ذاتي، انا ۽ عزت وڃائي اٿئون. ڪنڌڪٽي جيئڻ جي جرئت وڃائي اٿئون ۽ مرڪي ساهہ ڏيڻ جو ساهس وڃايو اٿئون ۽ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي تہ اسان اڄ بہ انهن سڀني محرومين کان اڻ ڄاڻ آهيون. ڪوڙ ڪپٽ، لاڦ ٻٽاڪ، گارگند، لوڀ لالچ ۽ مان ۽ مان ۽ مان ڪاهي پئي آهي ان قوم ۾ ،جنهن لطيف جي اڱڻ ۾ ويهي سنڌ لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جو وچن ڏنو هو. جنهن ايثار ۽ قربانيءَ جا اعليٰ مثال قائم ڪيا هئا. جنهن وطن خاطر ويڙهاند کي عبادت ڪوٺيو هو. جنهن جي ادب جي سنجيدگي لوڀيءَ جي لونڊڙيءَ ۾ پالو ٻڌجي ڪُٺي هئي. جن جي اعتماد آڏو ٻڪنيٽرن جا ڇهہ ڇڄي پيا هئا. جن جي وفاداريءَ تي فرشتا بہ رشڪ ڪندا هئا.

اهي سڀ در ٻوٽجي ويا. جيڪي بچيا آهن، سي بہ آيا ڪي آيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پهريون جمال جو ماتم، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي خالق جو ماتم، پياري، مهربان، باجهاري قلمڪار جو ماتم. جو ڪالهه هُئو اڄ ناهي، جنهن جي وڇڻ جو پئو ورهين کان هاڻ ۾ هُرندو رهندو هو ۽ جڏهن ملندو هو ته لڳندو هو ته جيءَ پري ڪيس ڏسي ونجي، پيهر شايد اهو سايو سلامت نه رهي.

فون ڪري پڇندو هو. ”گدڙ جا کهڙا حال آهن؟“

امر جليل کي ”گدڙ“ سڏيندو هو سندس ڪهاڻيءَ ”اسلام آباد ۾ هڪ گدڙ“ جي حوالي سان. چوندو هو: شهباز اڪيلو ٿي پيو آهيان. ڪڏهن ته پڇندو ڪر.“

مون کي هميشه شهباز ڪوٺيندو هو.

هڪ ڀيري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي روحانيت تي بحث ڪيائين. مون چپ ڪري ويٺي ٻڌو. موڪلائڻ وقت چيائين، ”شهباز توکان وڏو ڪوڙو مون دنيا ۾ ڪو نه ڏٺو.“

مان هڪو ٻڪو ٿي ويس. دل ۾ سوچيم ته مون اهڙي ڪهڙي ڳالهه ڪري وڌي جنهن تي جمال سائينءَ هي جملو چيو.

پاڻ ئي کلندي چيائين. ”توکي سڀ خبر آهي، پر چوڻ نٿو چاهين.“

اياز جو ديوانو هو. سندس ڳالهيون ڪندي نه ٿڪبو هو. بيماري سيماريءَ ۾ ساڻس ملڻ ضرور ويندو هو. اياز گذاري ويو ته جمال سائين به وياڪل رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن چيائين، ”اياز جي انا جوانيءَ ۾ اهو چوڻ نه ڏنس، جيڪو پيڇاڙيءَ ۾ چوڻ جي موت مهلت نه ڏنس.“

بدر جو عاشق هو. پٽس جون ڳالهيون ايئن ڪندو هو جڻ پنهنجي ننڍپڻ جا جا چارا هٿائيندو هجي. هڪ دفعي ڏاڍي اداس لهجي ۾ چيائين، ”منهنجو سيِن کان تيلينٽيڊ پٽ، سڀن اڪان بدنصيب پڻ آهي. ڪنهن به پٽ پنهنجي پاڻ کي ايڏي سزا نه ڏني هوندي، جيڏي بدر پاڻ کي ڏني آهي.“

ڏيءَ شاهده ۾ ته جڻ ساهه هئس. گهر واريءَ جي جدائيءَ کان پوءِ ته ويتر پنهنجو سمورو پيار ان نياڻيءَ تي نڇاور ڪري ڇڏيائين. آخري پساهه به سندس ئي پير ۾ پورا ڪيائين. اڪثر پنهنجي ان نياڻيءَ جو ذڪر ڪندو رهندو هو.

آواري هوٽل ۾ ڪو فنڪشن هو. مان جمال سائينءَ جي پير ۾ مٿي اسٽيج تي ويٺل هئس. پڇيومانس، ”ڪنهن سان آيا آهيو؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون بدر ۽ پنهنجي نياڻي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”منهنجا ٻه پٽ نٿو ڏسين؟“

اهڙو پيارو ماڻهو سچو ۽ کرو ماڻهو نهنو ۽ نماڻو ماڻهو اسان مان اٿي ويو هليو. رسمي جملا، افسوس، تعزيت ۽ عذر خواهيون، ان کوٽ کي ڪيئن پري سگهنديون جيڪا جمال ابڙي جي جدائيءَ هميشه لاءِ اسان جي ليکي ۾ لکي ڇڏي؟

تڏهن اونداهيءَ جو احساس گهرو ٿي ٿو وڃي ۽ اباڻڪائي الڪو ٻڻجي من تي ڇانئجي ٿي وڃي ۽ سياڻي جو سورج دور دور تائين ڪٿي نظر نٿو اچي ۽ بند دروازن جي پويان ڇرڪائيندڙ خاموشي آهي ۽ جيڪي رهجي ويا آهن سي ٻه ڪنهن گهڙيءَ اوچتو هوا جي جهوٽي سان بند ٿي ويندا. پر ان کان اڳ، رات ڪنڌ ۽ پرهه ڦٽڻ جي وچ ڏاري، ٿي ايس ايليٽ جي بار ٽينڊر جو آواز گونجي ٿو.

Hurry up please it is time!

(جلدي ڪيو. ميخاني بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو آهي.)

*

# درد جو سفر

1954ع جي هڪ گرم شام. خوجا صاحب جي نواب شاهه واري مشهور هاءِ اسڪول جي راند جو ميدان. سامهون ڪرڪيٽ جي نيٽ پرئڪٽس پئي ٿئي. مان ڪجهه دوستن سان ميدان جي ڏاڪڻي پٽ وٽ، ٽالهيءَ جي وڻن هينان ويٺو آهيان. ڪجهه ڏينهن کان پرئڪٽس تي ڪونه ويندا آهيون، ڇو ته 'ون يونٽ' ناهڻ لاءِ ڪهڙي حڪومت زور شور سان تياريون شروع ڪري ڏنيون آهن. هر روز اخبارن ۾ ون يونٽ جي فائدي ۾ سرڪاري توڙي سنڌ دشمن ڌارين جا بيان پيا ڇپجن. مان چند ڏينهن اڳ ڇهون درجو (هاڻوڪو نائون) پاس ڪري مئٽرڪ ۾ پهتو آهيان. پر ڪلاسن ۾ ڪونه ويندا آهيون، ڇو ته 'ون يونٽ' جي خلاف نفرت ۽ ڌڪار واري مهم جاري رکڻ ۾ اسان جو وڏو هٿ آهي. مشهور هاري اڳواڻ محترم قاضي فيض محمد سان گڏ سڄي ضلعي جو دورو ڪري اڄ ئي موٽيو آهيان. جيپ ۾ لائوڊ اسپيڪر ٻڌي، هڪ هڪ شهر، هڪ هڪ ڳوٺ گهمي آيا آهيون. هفتي کن ۾ ڪنوينشن ٿيڻي آهي، جنهن ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي. ايم. سيد ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيندا. اسان شاگرد انهن تيارين ۾ مشغول آهيون. رات جو ادا عبدالمالڪ جي گهر ڀرسان ملان جبار جي ڪنڊر جهڙي جاءِ ۾ گڏ ٿيندا آهيون. ڏيئي جي جهڪي روشنيءَ ۾ لکپڙهه جو ڪم ٿيندو آهي. اشتهار لکبا آهن. ڪم ورهائبا آهن ۽ پوءِ ساٿي هڪ هڪ ٿي رات جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويندا آهن.

ٿالهيءَ جي وڻ هيٺان ويٺا اسان ڪنوينشن جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين. ڪراچيءَ مان ان تحريڪ جا ڪجهه نوجوان اچڻا هئا. انهن متعلق بحث ٿي رهيو ته ايتري ۾ حميد رضا ميدان ڏانهن اشارو ڪندي چيو "هيءُ ڪو نئون رانديگر ٿو ڏسجي."

اسان سڀني اوڏاهين ڏٺو. مضبوط جسم ۽ سانوري رنگ وارو هڪ نوجوان نهايت ئي اعتماد سان بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪري رهيو هو.

"ڪراچيءَ جو ٿو ڏسجي." مير ننڍي چيو.

"ڏاڍو اسٽائلش آهي. ڪَورَ ڊرائيو ته لاجواب ٿو هڻي." شهمير وراڻيو.

"اڳي ته ڪڏهن ڪونه ڏٺو اٿئون؟"

"نه. نئون آهي پر آهي ڏاڍو سٺو پليئر."

ايتري ۾ ادا عبدالمالڪ گرائونڊ تان ڊوڙندو اسان ڏي آيو. چيائين. "يار ڏاڍو سٺو ٿيو جو هڪ بهترين رانديگر وڌيو. هاڻي اسان کان ڏسون ته ڪير ٿو ڊويزن جي چيمپئن شپ کٽي."

"آهي ته ڏاڍو سٺو پر آهي ڪير؟"

"ڪراچيءَ مان آيو آهي. هت ڪاليج ۾ پڙهندو. اڄ ئي آيو آهي. ماڻهو ڏاڍو مزيدار آهي. اڄڻ سان ئي منصور ۽ آفتاب مک سان گڏهه جي سواري ڪئي اٿائين. پوليس واري کي سڏي ئي پٽيوالو. راند پوري ٿئي ته توهان سان ملايانس ٿو."

ان شام جو جڏهن سج لٿو ۽ آسمان ۾ اوندهه جا سڙهه ايا ٿيا. تڏهن مون پهريون ڀيرو امر جليل سان هٿ ملايو. اها سڃاڻ اڳتي هلي درد جو هڪ اڻ کٽ سفر ثابت ٿي. اهڙو سفر جنهنجي نه ابتدا جي خبر. نه انتها جي ڄاڻ. اهڙو سفر. جو سڏڪو بڻجي دل ۾ سمايو ۽ ساهه بڻجي سرير مان نڪرندو. اهڙو سفر. جو رڻ جي راڙي ۾ رُڃ ۽ اُڃ سان پريت جي ريت نڀائي ڄاڻي.

ان شام اسان سڀ بي فڪر نوجوان ڄام جي هوٽل ۾ گڏ ٿياسون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرائونڊ کان هر شام ٿهڪن جو قافلو چار جي هوٽل تي وڃي ختم ٿيندو هو. اتي ڪچهري مچندي هئي. ڳالهيون ٿينديون هيون. راڳ روپ، نقل نذير، کِل مسخري دير دير تائين پئي هلندي هئي، ۽ پوءِ نوجوان ٽڙي پکڙي ويندا هئا پر اڄوڪي شام ڪجهه نرالي هئي. اڄ هڪ نئون دوست به اسان سان شامل هو. دوست محمد انڙ هوٽل جو خرچ پرڻ قبوليو هو. دوست محمد ڪشميريءَ پنهنجي ايجاد ڪيل سوشلزم جي پرچار شروع ڪري ڏني. حميد رضا معجون مرڪب جو نسخو ٻڌائڻ شروع ڪيو. علي گوهر ٽائيپ جو احوال کولي ويٺو. شهمير رڍ ۽ ٻڪريءَ جو قصو بيان ڪرڻ لڳو. نبي بخش انڙ، نورو، لالُو پئي مير ۽ ٻيا سڀ ڪرڪيٽ تي بحث ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح امر جليل سان پهرين شام ملهائجي وئي ۽ ڪنهن کي خبر به نه پئي.

رات جو جليل مون سان گڏجي ادا عبدالمالڪ جي اوطاق ۾ خاص گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو. مون محسوس ڪيو ته هُو بنيادي طور تي هڪ رانديگر ئي آهي ۽ بس. اردو ٻوليءَ جو مٿس تمام گهڻو اثر هو. اڪثر وقت اردوءَ ۾ ئي پئي ڳالهايائين. ”ون يونٽ“ جي نقصانن جي به ڪيس ڪا خاص ڄاڻ ڪانه هئي. بس ايئن پئي لڳو ته ڪرڪيٽ ئي هن جي لاءِ سڀ ڪجهه آهي. دنيا جي ڪنهن به ٻيءَ شيءِ ۾ ڪيس ايتري دلچسپي ڪانه هئي. هو ميٽنگ ۾ چپ چاپ ويٺو رهيو ۽ بور ٿيندو رهيو. پوءِ جڏهن رات لڙئي پئي ڇٽا گڏجي اٿياسين ۽ ويران اڪيلي رستي تي نڪري پياسين، تڏهن مون جليل جي زندگيءَ جو ٻيو رخ ڏٺو ۽ مون کي اڄا تائين چڱيءَ طرح ياد آهي ته مان ان رات بي حد حيران ٿيو هوس. هڪ نئين ماڻهوءَ کي هڪ ئي ڏينهن اندر ڏرتي ۽ آسمان جي ڏار ڏار چيڙن تي بيٺل ڏسي مون کي پهريون دفعو هيءَ دنيا واقعي عجيب ۽ پراسرار لڳي هئي ۽ هي ماڻهو ____ جو اوچتو اونداهي اپ مان ڌرتيءَ جي دکندڙ سيني تي لهي آيو هو خود سندس وجود به ڪيترو نه انڌاهو ۽ اڻ لکو هو. هن چيو:

”مان هڪ اياڳو انسان آهيان. مون کي ڪنهن جي تلاش آهي. سڪون جي ڳولا آهي. ان ئي ڳولا ۾ مان در در ڀٽڪندو رهيو آهيان پر منهنجي درد جو درمان ڪوبه ناهي. مون کي اها ڄاڻ به ته ناهي ته آخر مان ڇا جو ڳولائو آهيان.“

هو چپ چاپ مون سان خاموش رستي تي هلندو رهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان اڄ بہ گڏ هلي رهيا آهيون. رستو ڪٿو ناهي. رستي جو ڪو انت ناهي.

درد جو سفر بہ ڪڏهن پورو ٿيو آهي؟

جليل کي اڄ بہ ڪنهن جي تلاش آهي. هو اڄ بہ سڪون جو ڳولائو آهي. ان تلاش ۽ جستجوءَ ۾ هن طرحين طرحين دوڪا کاڌا آهن.

ٿي سال اڳ، جڏهن مان ڪنڊڪوٽ ۾ هوس تہ هڪ ڏينهن جليل جو خط پهتو هو لکيو هئائين:

”قمر، سياڻي منهنجو ڊرامو ”زخم زندگيءَ جا،“ حيدرآباد ريڊيو تان نشر ٿيندو. ضرور ٻڌجانءِ - جليل.“

ڊرامي واري رات مون ماضيءَ کي موٽ ڪائيندي ڏٺو. پولار جا پڙلاءَ جاڳي پيا. مون کي جليل سان گهاريل پهرين رات ياد آئي. اکين ۾ لڙڪ تري آيم. ها هيءَ ساڳيو ئي آواز هو. ساڳي ئي صدا هئي:

”مان سڪندر آهيان، مان ظلمات جو مسافر آهيان. مون کي آب حيات جي تلاش آهي.“

اها رات، ڪنڊڪوٽ جي ڪاري رات، مون پرهہ ٽائين پاڇولن سان گڏجي گهاري.

تازو ڪراچي آيس تہ هڪ دفعو وري ٽيليويزن تان ساڳيو ئي آواز ٻڌم. ”ماءُ“ ڊرامي ۾ جليل پنهنجو اندر اوتي ڇڏيو هو:

”مان سڪندر آهيان، مان ظلمات جو مسافر آهيان، مون کي آب حيات جي تلاش آهي.“

جليل واقعي سڪندر آهي. هن کي آب حيات جي تلاش ناهي، هو صرف پيار جو پياسو آهي. اندر اونهائين تائين اوساٽيل، اُجوءِ اپالو.

اسان دير تائين اڪيلي اپاٽڪي رستي تي هڪ ٻئي کي ڳوليندا رهياسين، ڦوليندا رهياسين. اهو ذڪر 1954ع جو آهي. هو ڪراچيءَ مان نوابشاهہ پڙهڻ آيو هو. ذهني پريشانين سبب هو سائنس کي اڌ ۾ ڇڏي بيهر آرٽس ۾ داخلا وٺڻ لاءِ پروفيسر احمد سعيد خان ۽ خوجا صاحب جي نگراني هيٺ پڙهڻ لاءِ آيو هو.

خانصاحب عبدالغني قاضيءَ جو ننڍو پٽ قاضي عبدالجليل خاندان جي روايتن، ريتن رسمن ۽ رواجن جو مخالف ثابت ٿيو هو. هُن جا خيال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باغي هئا. هن جو ذهن مختلف سوچ رکندڙ هو. سڀ کان وڏي ڳالهه، جنهن روهڙيءَ کان ڪراچيءَ تائين تر تلو مچائي ڇڏيو هو سا هيءَ هئي تہ خانداني روايتي ضد ۾ جليل سيني کان سرس هو.

خانصاحب عبدالغني قاضي هڪ سخت، ايماندار ۽ ضدي آفيسر هو. هن پنهنجي نندي پٽ جي ارڏين اکين ۾ پنهنجي ئي تصوير ڏٺي هئي ۽ مستقبل جو تصور ڪري هو ڏڪي اٿيو هو. ان ڪري هن بهتر سمجهيو هو تہ ڪيس پنهنجي پاڇي کان پري رکي. اهو ئي سبب هو جو سرڪش روح ۽ هوڏي طبيعت وارو هيءُ نوجوان گهر نيڪاليءَ تي هت آيل هو.

بيو ڏينهن آيو. ون يونٽ جي خلاف مظاهرن سبب ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ اڪثر هڙتال رهڻ لڳي هئي. ان ڪري اسان اسڪول وڃڻ بجاءِ مسجد روڊ تي، پاڪ بڪ ڊيپو جي ٻاهران پيپل صندل تي اچي ويناسين. پر ۾ ميوي درزيءَ جي ڇڳل ڪٽ ۽ ٻہ چار لوهي ڪرسيون پيون هونديون هيون. اسان جي آئنده جي بيٺڪ اهو صندل، ڇڳل کٽ ۽ لوهي ڪرسيون بنجي پيون. سامهون مشهور ڪانگريسي اڳواڻ، خلافت تحريڪ جي مهندار ۽ بيخوف سياسي شخصيت مولوي محمد معاذ جو دواخانو هوندو هو. پاسي ۾ ادا عبدالمالڪ جو گهر ۽ ملان جبار جي گهڻ — مقصدي اوطاق، جنهن ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ پلجندي هئي.

صندل تي جليل وينو هو. سندس پر ۾ دوست محمد انڙ، پاٽس نبي بخش انڙ، مير ڪرم علي، مير يار محمد، حميد رضا، علي گوهر، ادا عبدالمالڪ ۽ ٻيا ڪيترائي نوجوان اچي گڏ ٿيا هئا. اهي محفلون پوءِ هر روز مچڻ لڳيون، گيت گونجڻ لڳا، سنگيت سرجڻ لڳا. اسان سڀ گڏجي ڳائيندا هئاسين:

"مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين."

ڪلاڪن جا ڪلاڪ _ اڪثر آڌي لڙيءَ تائين اسان سڀ چندر جا گيت ڳائيندا هئاسين تاڙين جي تال تي. مرڪندڙ ماضيءَ جا اهي نغما اڄ بہ اونداهي اُڀ ۾ تانداٽي جيان ٽمڪندا آهن.

جليل جو آواز تمام سنو ۽ سريلو آهي. سندس اکين جي اداسي سندس سُرن ۾ بہ سمايل آهي. هو اڪثر هيءَ گيت ڳائيندو هو ۽ اسان لاڳ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڄائيندا هئا سونس:

”جب جب پھول کھلے، تجھے یاد کیا ہم نے
دیکھ اکیلا ہمیں، ہمیں گھیر لیا غم نے۔“

ڳائيندي ڳائيندي سندس اکين ۾ موتي چمڪي اڀرندا هئا.

مون اهي موتي ان کان پوءِ به ڏٺا آهن. اهو گيت ڪئين دفعا وري به ٻڌو آهي پر اهي گھڙيون ـ سوچيندو آهيان ته باقي حياتي سودي ۾ ڏئي هڪ دفعو ـ صرف هڪ دفعو ـ اهي به ستون سمايل لمحا هڪ دفعو وري ورائي سگھان. پر وقت جي واڳ ڪير واري؟ وقت ته اسان جي وجود کي لتاڙي، چيپاٽي، چٿي، چيچلائي، گھڻو پري وڃي چڪو آهي. ايترو پري جو منهنجي معذور آواز جي اڏام تڪي هارجي موٽي ٿي اچي.

صبح جو ون يونٽ خلاف جلوس ڪڍندا هئاسون. شام جو ڪرڪيٽ ۽ رات جو دير دير تائين ڪچهري، گيت سنگيت، راڳ روپ، ٿهڪن جا ٽانگر، مُرڪن جا ميخانا، خوابن جي خوشبو.

هر جمعي تي شام جو مولانا جبار جي ڪوٺيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ٿيندي هئي. ون يونٽ جا مخالف ورڪر به اتي ئي ڪم ڪندا هئا. صلاح مشورا، ڳالهيون ٻولهيون ۽ فيصلا پڻ اتي ئي ٿيندا هئا.

جمعو آيو ته مان جليل کي به ساڻ وٺي ويس. هو بي دليءَ سان هليو. ڪراچيءَ ۾ رهڻ ۽ بنيادي طرح رانديگر هئڻ سبب هن کي سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ متعلق ڪا خاص ڄاڻ نه هئي. نه رڳو ايترو پر سنڌي وڏيري، پير ۽ مير خلاف سندس دل ۾ وڏي نفرت، سڄي سنڌي نظام خلاف ٿي ويٺي هئي. انڪري سنڌي ادب جي هن پهرين گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي باوجود، هو وري به هڪ ڪرڪيٽر ئي رهيو. ان شام جي گڏجاڻيءَ ۾ بردو سنڌي، نور عباسي، منظور، گل محمد چنا، نظر سنڌي مرحوم ۽ ٻيا شريڪ ٿيا هئا. ادبي گڏجاڻيءَ کان پوءِ ون يونٽ تحريڪ جو ايندڙ هفتي جو پروگرام ٺاهيو ويو. ڪاميٽيون مقرر ڪيون ويون. جلوس ڪڍڻ جي رٿ منظور ڪئي وئي. سنڌ دشمن، سنڌي اخبار ’نواءِ سنڌ‘ کي ساڙڻ جي صلاح پڻ ڪئي وئي. اتي اهو به حڪم ڏنو ويو ته مان هڪ جوشيلو گيت لکان ۽ جلوس دوران جليل اهو گيت لائوڊ اسپيڪر تي ڳائيندو هلي.

ان رات، گڏجاڻيءَ مان نڪرڻ کانپوءِ، اڪيلي اونداهي رستي تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي سبب هلندي پهريون پيرو جليل مون کي چيو "جيڪڏهن مان افسانو لکي اچان تہ ــــــ"

"تون؟" مون حيرت مان ڏانهس نهاريو.

"ها." هو مرڪيو "شايد مون هاڻ توهان کي ۽ پاڻ کي سچ پچ سيڃاڻڻ شروع ڪيو آهي."

"ضرور لک، مون کي خوشي ٿيندي"

مون ڪيس همٿايو. زور پريم. ياد ڏياريم ۽ آخر هڪ جمعي تي جڏهن سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ملان جبار جي ڪوٺيءَ تي، تڏهن امر جليل ڪاغذن جو بنڊل کولي پنهنجي ادبي زندگيءَ جو پهريون افسانو "اندرا" پڙهيو جليل قاضيءَ جي نالي سان. اها سال 55-1954ع جي ڳالهہ آهي.

اها گهڙي مون لاءِ نهايت ئي خوشيءَ جي گهڙي هئي. مون جليل کي گلي لڳائي مبارڪ ڏني هئي. سڀني اديبن پڻ تعريف ڪئي. ادبي نالي رکڻ جو سوال پيدا ٿيو تہ خود جليل ئي پنهنجو ادبي نالو چونڊي ورتو — "جليل پريمي" ان ئي نالي سان هن جا افسانا اڳتي هلي، اسان جي جاري ڪيل رسالي "ادا" ۾ ڇپيا. مناسب جاءِ تي ان جو تفصيل سان ذڪر ڪندس.

"اندرا" نهايت ئي ڪامياب افسانو هو. مون جليل ۾ فن جا پنڌار ڏسي ورتا هئا. کيس مجبور ڪيم تہ هو ٻيءَ گڏجاڻيءَ لاءِ افسانو لکي. ٻئي جمعي تي هن "ڪاغذ جا گل" پڙهيو. جليل ادب جي اڏيءَ تي ڪنڌ رکي چڪو هو.

ڏهين جولاءِ 1962ع تي، جليل جو لکيل هڪ خط منهنجي سامهون آهي. ڳوٺ جروار، تعلقي شهدادڪوٽ مان هيءُ خط لکندي جليل لکيو آهي: "ڊيئر قمر ــــ ڪرڪيٽر جليل کي لکڻ تي تو ئي آماده ڪيو هو ۽ ان ۾ حالتن کي بہ وڏو هٿ هو. نہ مان ڪراچي ڇڏي نرابشاهہ اچان ها. نہ توسان ملان ها ۽ نہ ئي لکڻيءَ جي جنون ۾ پوان ها!

اڄ جي مٿيءَ مانُ لڌو آهي، تہ اها تنهنجي پنهنجي محنت آهي. زمين جي خاڪ، خاڪ رهندي. جيڪو پوکيندو سو لڻندو. قمر، يقين ڄاڻ تہ هيءُ حقيقت ۾ منهنجي نہ بلڪ تنهنجي محنت جو ڦل آهي. مان خاڪ آهيان. خاڪ رهندس."

هر هفتي باقاعدگيءَ سان اسان ادبي ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيندا هئاسين ۽ جليل هاڻي اڪثر پنهنجا افسانا آڻڻ لڳو هو. هن جي ايتري دلچسپي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعي حيرت ۾ وجهندڙ هئي. اسان کي خوشي هئي تہ اسان وٽ ادب جي اساتيل اڀ تي هڪ روشن ستارو تمڪي اٿيو هو.

انهن ڏينهن ۾ (55_1954) پڊعيدن ريلوي اسٽيشن جي هڪ مسڪين پورٽر جو پٽ هر روز ريل رستي نوابشاهہ ڪاليج ۾ پڙهڻ ايندو هو. رات جو موٽي ويندو هو. مُرڪڻو مُنهن. بيوقوفيءَ جي حد تائين سادو. ڳالهائڻ ۾ هٿڪ. جو چوڻ چاهيندو هو، سو ڪڏهن بہ چئي نہ سگهيو. همدرد، محنتي، سچار ۽ خلوص وارو. اڪثر هُو بہ ادبي سنگت ۾ ايندو رهندو هو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي مرڪندو رهندو هو. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ پنهنجو ادبي نالو رکيائين "تاج صحرائي". جلد ئي خبر پيس تہ ان نالي سان هڪ بزرگ اڳ ئي مشهور آهي. ان ڪري پاڻ کي "تاج بلوچ" چوائڻ شروع ڪيائين پر غريب کي اهو نالو بہ نہ ڦبيو. ڪراچيءَ مان ان ئي نالي وارو هڪ شهزادو نڪري نروار ٿيو. اهي حال ڏسي هُو ويچارو ڏاڍو پريشان ٿيو. اسان "ڏنو" سڏيندا هئاسون. اهو نالو ايترو تہ پچي ويس جو اڳتي جليل کيس پنهنجي افسانن ۽ ڪالمن ۾ امر ڪري ڇڏيو.

ڏنو گهڻو وقت اسان سان گڏ گذاري نہ سگهيو. غربت جا غوراب کيس اونهي ۾ اوهري ويا. هُو جلد ئي جوانيءَ جو موت ماڻي رمندو رهيو پر هاڻي هُو ٻيهر مري نہ سگهندو. جليل کيس ابدي زندگي ڏيئي ڇڏي آهي.

ون يونٽ خلاف نفرت وڌندي پئي وئي. سنڌ جا ماڻهو ڪنهن بہ قيمت تي اهو غلاميءَ جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. اخبارن، اشتهارن ۽ جلسن جلوسن ذريعي نوجوان طبقي حڪومت جي ان ظالماڻيءَ رٿ جي دل کولي مخالفت ڪئي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسٽرائيڪون ٿيون. صحيحن ونڻ جي مهم هلي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرزمين تي شايد پهريون دفعو نوجوان جاڳي اٿيو هو. اسان رات جو مُلان جبار جي اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ ويهي پوسٽر لکندا هئاسين ۽ ڏينهن جو جلسا ڪندا هئاسين ۽ پوءِ اها شام بہ آئي جڏهن جلوس ڪڍڻو هو. جلوس خوجا صاحب جي اسڪول کان، لطيف هال جي پارڪ مان نڪتو. هزارها شاگردن جي هن مجموعي جي مهڙ ۾ هڪ ٽانگي تي لائوڊ اسپيڪر ٻڌل هو ۽ مائيڪ هٿ ۾ جهلي، نهايت جوشيلي انداز ۾ منهنجو لکيل گيت ڳائي رهيو هو جليل. شعر ڪجهہ هن ريت هو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطن جي راهہ ۾ وطن جا نوجوان شهيد ٿيو
يا بچايو سنڌ کي، يا سورما شهيد ٿيو.

جلوس اڳتي هليو. اسپتال روڊ کان ٿيندو ڪچهري روڊ ۽ پوءِ پوليس ٿاڻو. دراصل رستي ۾ پوليس اسان کي نهايت ئي چالاڪيءَ سان گهيري وئي هئي ۽ جوش ۾ اسان کي پتو ئي نہ پيو تہ اسان خودبخود پوليس ٿاڻي ڏانهن وڃي رهيا آهيون. پوليس سان شاگردن جي پهرين ڏي وٺ ٿي. جلوس ڪامياب ويو ڇو تہ اسان پنهنجي نفرت ۽ ڌڪار سرڪار تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ويا هئاسين.

ان رات، جڏهن سڀ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ گڏ ٿياسين، تڏهن مون محسوس ڪيو تہ جليل هاڻي اسان جي جذبن کان متاثر ٿي چڪو هو. سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ محبت هن جي دل ۾ ڪپي چڪي هئي. هن جا گيت وطن لاءِ وڪامي ويا هئا. هُو دل کولي آئينده جي پروگرام لاءِ رايا ڏيڻ لڳو هو.

ٻئي ڏينهن جو پروگرام اخبارون ساڙڻ هو پر ان کان اڳ جو اسان رات لاءِ جدا ٿيون، نوابشاهہ مان لنگهندڙ اڌ رات واري چناب ميل کي اسٽيشن تي روڪيوسين. هڪ هڪ گاڏي ۾ وڃي ون يونٽ خلاف تقريرون ڪيون سين. گاڏيءَ جي ٻاهران نعرا لکياسين ۽ پوءِ جڏهن گاڏي ہہ تي ڪلاڪ ليٽ ٿي وئي، تڏهن ڪيس وڃڻ ڏنوسين.

اخبارون ڪراچي ايڪسپريس ۾ ايندڀون هيون ۽ ايڪسپريس منجهند جو نوابشاهہ پهچندي هئي. پروگرام موجب صرف نواءِ سنڌ ۽ هڪ ٻن اردو اخبارن جا بنڊل ڪنيا ويا ۽ وچ چڪري بازار ۾ جلايا ويا. ان باهہ سبب شهر ۾ ڦرلوٽ پئجي وئي. پوليس ۽ سي- آءِ- ڊي وڏيڪ چوڪس ٿي وئي. هڪ سي- آءِ- ڊي وارو جنهن جو نالو علي مردان بلوچ هو سو اسان جي پنيان چڏيو ويو. (ڏاڍو دلچسپ ماڻهو هو. ڪنهن ٻئي مضمون ۾ سندس احوال تفصيل سان ڪندس.) مولانا جبار پڻ هڪ پياري هستي آهي. سندس مڪمل احوال پڻ ٻئي مضمون ۾ ڪبو. في الحال صرف جليل جي ذهني ارتقا ۽ احساس جي سجاڳيءَ بابت ڳالهائڻو آهي.

شام تائين خبر پئجي وئي تہ وارنٽ نڪتا آهن. جليل، ملان جبار سليم ميمڻ عرف آڪي ڏنو گل محمد چنا، نواب ميمڻ ۽ مان. اسان سيني



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گرفتاري ان ئي رات ٿيڻي هئي. اسان سڀ جيل وڃڻ لاءِ تيار هئاسين، پر هڪ نهايت ئي معزز ۽ پياري هستيءَ جي حڪم تي راتو واهه ڇڙوڇڙ ٿي وياسين. جليل ۽ مان ڪراچيءَ پهتاسين. ٻيا جدا جدا طرفن ڏانهن راهي ٿيا. ڪراچيءَ ۾ اچي اسان ون يونٽ جي ڊرامي جي آخري سين ڏٺي.

جليل پنهنجي سعيد منزل واري جاءِ ۾ رهندو هو ۽ مان ڪانئس ٻه فرلانگ ڪن پري رام سواميءَ ۾ رهندو هوس. ملاقات هر روز صبح شام ٿيندي هئي. سنڌ نيڪاليءَ جو هيءُ عرصو اسان ٻنهي گڏجي گذاريو. ڪتاب پڙهياسين، بحث ڪياسين، سنڌ جي مسئلن تي سوچ ويچار ڪئي سين ۽ اهڙيءَ طرح اسان جي ذهن تي سنڌ جو سڳنڌ ڇانئجندو ويو.

ون يونٽ نهي ويو. سنڌ جي ماڻهن جو گلو گهُٽي ڪين پاڪستان جي وحدت ۽ اسلام جي نالي ۾ هڪ دفعو وري لُٽيو ويو. سندن حقن تي ڌاڙا هڻڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ويو. سڀڪجهه ٿيو پر جيڪڏهن نه ٿيو ته اهو ته سنڌين جي دل مان نفرت جو سلو نه نڪتو. اسان جڏهن ٻيهر نوابشاهه پهتاسين ته نئين عزم ۽ نئين نياپي سان.

ان اونهاري ۾ اسان جو پيارو دوست ۽ ساٿي ادا عبدالمالڪ اوچتو گذاري ويو. هو سيني دوستن کي بي حد پيارو هو. جليل جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. مون ڪيس ڪڏهن به سڏڪا ڀريندي نه ڏٺو آهي، پر ادا جي موت تي هو اوچنگارون ڏئي رُنو هو. ايئن رُنو هو ڄڻ ڪڪر ڦاٽي پيا هئا.

عبدالمالڪ مرحوم جي ياد ۾ اسان سيني گڏجي هڪ رسالو ڪڍيو. آفيس اها ئي اونداهي ڪوٺي. ايڊيٽر مان هوس، ڪم ڪار سڄو گل محمد چنا جي حوالي ئي رهيو. ”ادا“ جو پهريون پرچو آگسٽ 1955ع تي ظاهر ٿيو ۽ ان ۾ جليل جو نالو به پهريون دفعو سندس ڪهاڻيءَ 'اندرا' سان گڏ ڇپيو. ٻئي پرچي ۾ سندس ٻي ڪهاڻي ”ڪاغذ جا گل“ ڇپي اهڙيءَ ريت جليل ”جليل پريميءَ“ جي نالي سان ادبي دنيا ۾ داخل ٿيو.

هاڻي مان به مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخل ٿي چڪو هوس. اسان جي ڪاليج ۾ هڪ پروفيسر سياري توڙي اونهاري جيڪر وارو گرم ٽوپ ڦندڻ سان پائي ايندو هو ۽ هر روز ياد ڪيل هڪ ئي ليڪچر ٻڌائيندو هو. سڀ ڪان وڏيڪ ڏکي ڳالهه جا اسان کي نه وڻندي هئي، سا هيءَ ته هو سنڌي هجڻ جي باوجود سنڌين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو. اسان ڪيس

"ڦندڻ" ڪوٺڻ لڳاسين ۽ اڳتي هلي "ڦندڻ" جليل جي ڪردارن مان هڪ ٺاهوڪو ڪردار بڻيو.

مون کي ٻيا ڪيترائي اهڙا ماڻهو سڄهن جيڪي جليل جي ڪهاڻين ۾ نظر ايندا آهن. اسان جا ئي واقف، دوست ۽ ڪڏهن ته عزيز به هوندا آهن. جهڙوڪ، مائٽ شڪارپوري، مظفر، پوپٽ، گدامڙي، ديوآنند جهڙو صوبيدار، يوسف ۽ سوين ٻيا. اهي جيئرا جاڳندا ڪردار اڄ به اسان ۾ موجود آهن. انهن کان سواءِ جليل جا افسانا اڌورا لڳندا.

جليل جي دل ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه شخص ٻيا به اڻ سڌيءَ طرح جو ابدار آهن. هڪ کيس مطالعي جو جنون ڏنو ۽ ٻئي کيس سڌي ادب سان روشناس ڪرايو.

مان شروع ۾ لکي آيو آهيان ته جليل کي سندس والد نوابشاهه ۾ پروفيسر احمد سعيد خان جي نظرداريءَ هيٺ پڙهڻ لاءِ موڪليو هو. احمد سعيد خان ان وقت نواب شاهه جي نئين قائم ٿيل ڪاليج ۾ پرنسپال مقرر ٿي آيو هو. پنهنجي فطري ڪمزورين جي باوجود، هو هڪ بيحد ذهين ۽ علم دوست ماڻهو هو. انگريزي ادب ۾ ايم. اي هو ۽ مغربي ادب تي تمام گهڻي دسترس هيس. پڙهائيندو اهڙي سهڻي نموني سان هو جو اسان صرف سندس ئي ڪلاس اٽينڊ ڪندا هئاسين. هو مرڪندي، مشڪندي ادب جي پالوٽ لائي ڏيندو هو. يوناني ڏندڪٿائون کيس برزبان ياد هيون. افسانن، ناولن ۽ شعرن جا حوالا ڏيندو هو معمولي ڳالهين کان ويندي ڪارلائل جي فلاسافيءَ تائين بيحد اثرائتي نموني ۾ هر ڳالهه سمجهائي ويندو هو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پڻ ڏاڍو بي ڊپو ۽ آزاد هوندو هو. ڪرڪيٽ جو بيحد شوقين هو. انڪري اسان سندس وڌيڪ قريب ٿي وياسين. اڳتي هلي اسان جا ساڻس تعلقات تمام خراب ٿي ويا ۽ نتيجي طور احمد سعيد خان جي خلاف هڙتالون ۽ بک هڙتالون ٿيون ۽ ان جي ڪري ئي کيس لاهور بدلي ڪيو ويو. پر هت منهنجو انهن ڳالهين دهرائڻ جو ڪو به ارادو ناهي. اهو تمام وڏو قصو آهي. حالانڪ ان جو واسطو به سنڌي نوجوانن جي سجاڳيءَ سان ئي آهي پر ان لاءِ جدا ڪتاب جي ضرورت آهي. في الحال جنهن مقصد سان مون کيس ياد ڪيو آهي، سو صرف ان لاءِ ته سنڌي ادب کي هڪ چمڪندڙ موتي عطا ڪرڻ ۾ اڻ سڌي سهائتا ڪرڻ لاءِ سندس ٿورا مڃان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جليل ڪراچيءَ مان آيو تہ سڌو اچي احمد سعيد خان ساڻ گڏ رهڻ لڳو. ڪاليج نئون نئون کليو هو. کيس پنهنجي ڪابہ بلڊنگ ڪانہ هئي، خوجا صاحب پنهنجي مهرباني ڪري مين برانچ جا ڪلاس ڪاليج کي رات جو استعمال ڪرڻ لاءِ ڏنا. نہ رڳو ايترو پر پنهنجي اسڪول جي سموري لائبريري ڪڍائي، لطيف هال ۾، ڪاليج جي استعمال لاءِ وڇي رکائي. راند جو ميدان پڻ ڪاليج جي شاگردن لاءِ ڪم آڻڻ جي اجازت ڏني. سڀ کان وڏي ڳالهہ جا خوجا صاحب ڪئي، سا هيءَ تہ احمد سعيد خان کي رهڻ لاءِ اجهو ڏنو. خوجا صاحب حامد علي ڪلب جو سيڪريٽري پڻ هو، ان ڪري حامد علي ڪلب جي عمارت جو هڪ حصو پرنسپال صاحب کي رهڻ لاءِ ڏنو. اها جدا ڳالهہ آهي تہ انهن سيني مهربانين جو بدلو احمد سعيد خان کيس چڱو نہ ڏنو ۽ مورڳو سندس اسڪول تي قبضي ڪرڻ جو پروگرام بنايو.

حامد علي ڪلب جو حصو جنهن ۾ احمد سعيد خان رهندو هو، ڪرڪيٽ ميدان جي ڪناري تي اهڙيءَ طرح ٺهيل هو جو ان ئي جڳهہ جو پٺيون حصو رانديگرن ۽ ڏسندڙن لاءِ ”پويلين“ جو ڪم ڏيندو هو. جڏهن جليل نوابشاهہ آيو تہ احمد سعيد خان کيس ان ئي عمارت ۾ هڪ ڪمرو رهڻ لاءِ ڏنو. احمد سعيد خان جو ادب سان تمام گهڻو چاهہ هو. هو ڏينهن رات پنهنجي ڪمري ۾ پڙهندو رهندو هو. جليل جي ڪمري ۽ احمد سعيد خان جي روم جي وچ ۾ صرف هڪ ديوار هئي، جنهن ۾ ٻنهي ڪمرن کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ هڪ دروازو پڻ هو. ان ڪري جليل کي کيس مطالعو ڪندو ڏسڻ جو تمام گهڻو ۽ ويجهو موقعو ملندو رهندو هو. خود جليل جي لفظن ۾:

”مون هن ماڻهوءَ کي راتين جون راتيون ڪتابن ۾ اکيون اٽڪائي پڙهندي ڏٺو. هو پڙهندو هو ۽ نوٽبڪ تي پنهنجي پسند جا نوٽ بہ اتاريندو ويندو هو. سندس ميز ڪرسي، بسترو ڪٻٽ، پيٽيون وغيره ڪتابن سان سٿيا پيا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪتاب هٿ ۾ هوندي ئي ننڊ اچي ويندي هيس. مون اتي ڪيترن ئي ڪتابن جا نالا ياد ڪيا. انهن کي پڙهڻ جي خواهش ٿيم. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ مون کي پڙهائيءَ جو اهو انداز ڏاڍو وڻيو ۽ شايد اتان ئي مون کي لکڻ پڙهڻ جي عادت پئجي وئي.“

احمد سعيد خان جي بي ڊپي ۽ آزاد خيال هجڻ جو ذڪر مان متي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري آيو آهيان. هت هڪ ننڍڙو واقعو ياد آيو اٿم. اهو توهان به ٻڌو. ان ئي ڪاليج ۾ هڪ ڇوڪري پڙهندي هئي. ڇڙواڳي جي حد تائين آزاد اسان جي ئي هڪ دوست سان سندس ڪچهريون وڌڻ لڳيون. ڏاڍو پيارو دوست آهي. پئسي وارو به هو. انڪري ڇوڪري جو ڏانهس لاڙو ڪرڻ ڪا حيرت جي ڳالهه نه هئي. جليل ۽ مان ڪرڪيٽ پريڪٽس تان موٽندا هئاسين ته اچي هنن جي ڪچهري ۾ رخنو وجهندا هئاسين. هو وڻ هيٺان بيهي پيار جا ڊائلاگ چوندا هئا ته اسان وڻ تي چڙهي ويهي ٻڌندا هئاسين. هو ڪلاس خالي ڏسي محبت جا عهد پيمان ڪندا هئا ته اسان دريءَ مان واچو وجائيندا هئاسين. مطلب ته ڪباب ۾ هڏي تي پياسين. مجبور تي اسان وارو يار پرنسپال وٽ دانهين تي ويو ته فلاڻا مون کي تنگ ٿا ڪن. ڇوڪريءَ به ساڳي دانهن وڃي ڏني.

جليل ۽ مون کي دوست محمد پٽيوالو (جنهن کي سندس صورت ۽ جسم جي لحاظ کان جان وين سڏيندا هئاسين) اسان کي ونڻ آيو. چيائين، "صاحب سڏي ٿو. شڪايت ملي آهي."

آفيس ۾ پهتاسين، ڇا ڏسون ته ٻئي فريادي اڳي ئي موجود آهن. احمد سعيد خان چيو "ميان، توهان جي دانهن ملي آهي ته توهان هنن ٻنهي کي تنگ ٿا ڪيو. ڇا ڳالهه آهي؟"

اسان ڊڄندي چيو "سائين، هي ٻئي وڻن ٿا ڪاليج ۾ پيار جا ڊائلاگ چوندا. اسان کي اها ڳالهه نٿي وڻي."

احمد سعيد خان فريادي نمبر هڪ ڏانهن ڏسي پڇيو "ڇا اهو صحيح آهي؟" اسان واري يار چيو "بلڪل صحيح آهي."

پرنسپال صاحب ڇوڪريءَ ڏانهن ڏنو. پڇيائين، "توکي ته ڪو اعتراض ناهي؟"

"بلڪل نه." ڇوڪريءَ جواب ڏنو.

احمد سعيد خان مرڪيو. چيائين، "ميان، جڏهن هنن کي اعتراض ناهي ته پوءِ توهان جو ڇو ٿو هانءُ ڦاٽي؟"

ٻئي شخص جنهن جليل کي سنو ادب پڙهڻ جي راهه ٻڌائي، سو هو ايچ. ايم خوجا صاحب. حالانڪ مان سمجهان ٿو ته خود خوجا صاحب کي به ياد نه هوندو ته هن ڪڏهن ۽ ڪهڙي موقعي تي اها ڳالهه ڪئي، جا جليل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بهترين اديب ٿيڻ لاءِ مددگار بڻي. مون کي اهو واقعو چڱيءَ طرح ياد آهي. اسان کي ڪرڪيٽ جو ايترو تہ جنون هوندو هو جو اسُر جو اٺين بجي ڌاري ئي ساري ٽولي ماڻهن جي ميدان تي پهچي ويندا هئاسين. Warm up ٿيڻ لاءِ پهريون سڄي گرائونڊ جو ڊوڙندي چڪر لڳائيندا هئاسين. سڀ کان اڳ جليل هوندو هو ۽ پويان اسان سڀ. رائونڊ هڻڻ کان پوءِ نيٽ پريڪٽس ٿيندي هئي، جا اڪثر نائين وڳي تائين هلندي هئي. نيرن پاڻي ڪري وري ميدان تي پهچي ويندا هئاسين. منجهند جو ٿوري دير لاءِ ماني کائڻ لاءِ راند بند ٿيندي هئي. شام جو وري ٽين وڳي کان پريڪٽس شروع ٿيندي هئي جا سج لٿي تائين جاري رهندي هئي، ان کان پوءِ رانديگرن جو هجوم ميدان تان نچندو ڳائيندو ڪاليج ايندو هو. انگريزيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ پيرڊ اٽينڊ نہ ڪندا هئاسون. بلڪ ٻين پيريڊن ۾ ڪلاس ٻاهران ڪرڪيٽ جاري رهندي هئي. اهڙي ئي هڪ موقعي تي اتفاق سان جليل جي هڪ شاٽ سان ڪلاس جو هڪ شيشو ڀڄي پيو. ڪاليج بلڊنگ تہ هئي اسڪول جي ملڪيت ۽ خوجا صاحب تہ اڏڙ چاڪ تي ساهہ ڏيڻ وارو ماڻهو! ڪيس جڏهن خبر پئي تہ سندس هڪ شيشو ڀڄي پيو آهي، تڏهن اسان کي پاڻ وٽ گهرايائين. نهايت ڪاوڙ ۾ چيائين، "اڙي چورا، منهنجو نقصان ڪري ڇڏيو اٿو. مون کي هڪدم پئسا ڀري ڏيو."

اسان ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺا رهياسين.

جليل ڏانهن ڏسندي خوجا صاحب چيو "قاضي عبدالغنيءَ جو پٽ آهين نہ؟"

"ها سائين"

"پٽهين ڪهڙو نہ شريف ماڻهو آهي ۽ تون ــــــ؟"

پوءِ خوجا صاحب جي نصيحتن واري تقرير شروع ٿي جنهن ۾ سڌرڻ تي تمام گهڻو زور ڏنائين. پڙهڻ جي اهميت، لکڻ جي ضرورت وغيره وغيره. مطلب تہ اسان جي چڱي گوشمالي ٿي، انهن ئي ڳالهين جي دوران خوجا صاحب هڪ بہ ليکڪ ٻڌايا، جن جا ڪتاب اسان کي پڙهڻ جي صلاح پڻ ڏنائين. انهن ليکڪن مان هڪ هو Hall Caine اسان لاءِ تہ اهو نالو بلڪل نئون هو پر پوءِ خبر پئي تہ وڏن وڏن اديبن بہ اهو نالو ڪونہ ٻڌو هو. بهرحال، اسان اسڪول جي لائبرري مان هال ڪين جا ڪتاب وٺي پڙهيا. Prodigal



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

son Bondman, Manxman اهي اهڙا ڪتاب هئا، جن جا چاپ اڄ بہ جليل جي لڪڻين تي لڳل آهي. هال ڪين اسان کي چريو ڪري وڌو. ڪوشش ڪري اسان سنڌس بيا ڪتاب بہ هٿ ڪيا. لائبرريءَ وارا ڪتاب اڄ بہ مون وٽ آهن. خوجا صاحب کي اجا تائين ان ڳالهہ جي خبر نہ پئي آهي، ورنہ هو مون کي جيئرو نہ ڇڏي. شيشي جا پئسا بہ ڪونہ پري ڏنا سين. اجا تائين خوجا صاحب جڏهن بہ ملندو آهي تہ انهن پئسن جو ذڪر ڪندو آهي.

هال ڪين جي سولي، جذباتي، ۽ ذڪاري اسٽائيل اسان کي بيحد متاثر ڪيو خاص ڪري جليل تہ سنڌس رنگ ۾ رچجي ويو. ان کان پوءِ هيمنگوي، وليم سيرويان، ارون شا ۽ بين جو مٿس تمام گهڻو اثر ٿيو. پر بنيادي طور هو اڄ بہ هال ڪين جي فن جو تمام گهڻو قائل آهي. ايئن ڪٿي چئجي تہ سنڌس دل ۾ لکڻ ۽ سني لکڻ جو شوق پيدا ڪرڻ جو اصل سبب هال ڪين ئي هو تہ بيجا نہ ٿيندو.

بهر حال "ادا" رسالو ڪجهہ وقت هلي بند ٿي ويو پر هن ننڍڙي رسالي سنڌي ادب کي ڪافي مشهور ليکڪ ڏنا. جهڙوڪ: امر جليل، بردو سنڌي، نظر سنڌي، گل محمد چنا، معصوم هالائي، نور عباسي ۽ ٻيا. "ادا" جي بند ٿيڻ کان پوءِ ڪافي عرصو جليل ڪٿي بہ ڇپجي نہ سگهيو. 1955ع کان 1962ع تائين وارو هيءُ دور جيتوڻيڪ ظاهري طور جليل جو خاموشي وارو دور آهي ۽ گهڻن نقادن تہ سنڌس ادبي زندگيءَ جي شروعات ئي 1962ع کان وٺي ڳڻي آهي پر مان سمجهان ٿو تہ اهو صرف حقيقتن کان چڱيءَ پر واقف نہ هجڻ ڪري ئي آهي. ان سلسلي ۾ جليل جي هڪ خط جو ٽڪرو هتي ڏيان ٿو جيڪو پڙهن معاملي جي ڪافي حد تائين صفائي ڪندو.

ريسرچ يونٽ
ريڊيو پاڪستان
حيدرآباد _
14 _ آڪٽوبر _ 1969ع

پيارا قمر،

1955ع ۾ مون ادا رسالي لاءِ "اندرا" لکيو هو. ان کان پوءِ نوابشاهہ جي ادبي گڏجاڻين ۾ پابنديءَ سان ڪجهہ لکي اچڻ، ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ڪجيون ڦڪيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ 1958ع ۾ لا ڪاليج ۾ ڪهاڻيءَ جو شايع ٿيڻ. اها ٻي ڳالهه آهي ته 1955ع کان 1961ع تائين مان وڏيڪ ڇپجي نه سگهيو هوس. اٺ ڏهه ڪهاڻيون "آزاد" ۾ شايع ٿيون. ان عرصي ۾ مون عذاب سٺا، ناڪامين جو مُنهن ڏٺم. هڪ ٻئي ڪڍ ڪهاڻيون رجيڪٽ ٿي موٽنديون رهيون. ان آزمائش مان مون حاصل ڪيو آهي، وڃايو ڪجهه نه اٿم. مان ته معمولي ڪک آهيان. "پاپا هيمنگوي" ۾ هوچنز لکيو آهي ته: هيمنگوي کي روزانو رجيڪٽ ٿيل ڪهاڻين جا لفافا منهن ۾ اچي لڳندا هئا ۽ اهو عرصو اٺ ڏهه سال هلندو رهيو.

*تنهنجو جليل*

متئين خط ۾ جليل پنهنجي ناڪامين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪهاڻين جي رجيڪٽ ٿيڻ جي به ڳالهه ڪئي آهي. اهو تفصيل ڏيڻ ڪاڻ مون کي آگسٽ 1958ع تائين ٽپي اچڻو پوندو. نوابشاهه جو زمانو بيحد خوشين جو زمانو هو. اسان ڪاليج جي حياتيءَ جو هڪ هڪ ڏينهن ڪِل خوشيءَ، راند روند ۽ اهڙين ئي ٻين مشغولين ۾ گذاريو. جليل ڪاليج جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان ٿيو. سندس اڳواڻيءَ ۾ اسان سنڌ جي دوري تي نڪتاسين. ميچون ۽ ٽورناميٽون کيڏيون سين.

شروعاتي دور کان وٺي 1960ع تائين وارو عرصو بنيادي طرح ڪرڪيٽ وارو عرصو هو. لکڻ پڙهڻ کي ان عرصي دوران ڪنهن به مرحلي ۾ اسان اوليت ڪانه ڏني. ڪرڪيٽ اسان جي رڳن ۾ رچيل هئي. جليل ته سيني کان گوءِ ڪٽي ويو هو. هن پنهنجي لاءِ خاص بيٽ، پيڊ ۽ وڪيٽ ڪيپنگ گلوز انگلينڊ کان گهرايا هئا. هڪ ڪٽ بئگ هوندي هيس جنهن ۾ اهو سامان وجهي ميدان تي ايندو هو ۽ پنهنجي ڪنهن به شيءِ کي ڪنهن کي هٿ لائڻ نه ڏيندو هو.

ٻاهرين ملڪن مان ڪابه ٽيم پاڪستان ايندي هئي ته اسان گڏجي وڃي اسٽيڊيم ۾ اهي پنج ئي ڏينهن اُس ۾ سڙندا هئاسين. اسٽيڊيم ۾ مئچ ڏسڻ لاءِ وڃڻ جو اهتمام به ڏسڻ وٽان هوندو هو. صبح جو سوير ئي سئنڊوچ تيار ڪندا هئاسين. بيدن جا جدا، ٽماٽن جا جدا، ڊبل روٽيون، ڪباب وغيره ٽنهن ڪانسواءِ. پوءِ گڏجي روانا ٿيندا هئاسون ميچ ڏسڻ لاءِ صبح کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام تائين هڪ هڪ بال اهڙيءَ غور سان ڏسندا هئاسون جهڙوڪر ڪيڏي ئي اسان رهيا آهيون.

جليل جو پسنديده رانديگر هو امتياز. امتياز جي لاپرواهي، جرئت ۽ اسٽائيل جليل کي بيحد پسند هئا. ايتريقدر جو اهي سڀ ڳالهيون هن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون. امتياز جي هڪ هڪ اسٽروڪ تي جليل جهومي اٿندو ۽ سندس هر هڪ ناڪامي تي مايوس ٿي ويندو هو. ويسٽ انڊيز جا ويڪس، وارل ۽ والڪاٽ پڻ سندس پسنديده رانديگر هئا. اهڙيءَ طرح باڪسنگ ۾ ڪيس پيٽرسن سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. پيٽرسن جي هر ادا کيس وڻندي هئي. سندس اداس اکيون ته ڄڻ جليل جي جيءَ ۾ ڪپي ويون هيون. اهو ئي سبب آهي جو پيٽرسن جي ناڪامي سبب جليل ڪيترائي ڏينهن اداس رهندو هو.

اهي ڏينهن اسان جي زندگيءَ جي خوبصورتي تي رهندا. نوابشاهه جا ڊراما ڏاڍا مشهور هوندا هئا. اسان ڊرامن ۾ دل کولي حصو ورتو. اڳتي هلي جليل ڪراچيءَ ۾ ٽي- چار ڊراما اسٽيج ڪيا، لکيا ۽ انهن ۾ ڪامياب حصو ورتو. سندس ڪهاڻين ۾ ڊرامائي عنصر جي گهڻي ياڳي موجودگي به منهنجي خيال ۾ انهن شروعاتي ڊرامن جو اثر آهي.

نوابشاهه ۾ تعليم جي دوران جليل به دفعا سخت بيمار ٿي پيو ۽ ڪراچيءَ هليو ويو. هيءَ 1957ع جي ڳالهه آهي. آخري دفعي بيمار ٿيڻ ڪري بي. اي جو امتحان ڏئي نه سگهيو ۽ اهڙيءَ طرح سال وڃايائين.

بيماريءَ دوران هو ڪراچي ۾ ئي رهيو. سال وڃائڻ جو ڏک تمام گهڻو هوس. هيءَ عرصو جليل جي زندگيءَ ۾ سڀ کان اهم جاءِ واري ٿو. ڇو ته هن عرصي ۾ کيس زندگيءَ جو عجيب ترين تجربو ٿيو.

مان اڳ ۾ ئي لکي آيو آهيان ته جليل جي جسماني بناوت تمام مضبوط ۽ رانديگر هجڻ سبب سندس بدن ڪسرتي هوندو هو. هو ڪلمڪ ته مشهور هو. انهن سيني ڳالهين گڏجي کيس هڪ تلخ حقيقت جي آڏو آڻي بيهاريو جا اڳتي هلي هن جي زندگيءَ جي وڏي تبديلي جو ڪارڻ بني. سندس اڪيلائين جو فائدو وٺي هڪ شادي شده عورت سندس زندگيءَ ۾ ايئن ٽپي آئي جو هن کي ڪاٻه سڌ، ڪاٻه ڄاڻ، ڪاٻه سمجهه باقي نه رهي. هوءَ سندس رڳ ڪهڙي سخت جسم جي ديواني هئي ۽ جليل اڻ ڄاڻائي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابوجهائي ۾ گهٽو اڳتي وڌي ويو. اهي تجربا هن جي ذهن ۾ طوفان جي تيزي ۽ ڇولين جو ڇوهه ڪٽي آيا. هو باقي زندگي انهن ڳالهين کي وساري نه سگهندو ڇو ته ان مختصر تجربي ڪيس عورت ڏانهن سنجيدگيءَ سان لاڙو رکڻ تي مجبور ڪيو. اڳتي هلي ان جا نتيجا ڇا نڪتا. اهي مان پوءِ ڪنهن مناسب جاءِ تي لکندس. پر هڪ اهم ڳالهه جا مان هن مضمون ۾ ڪيئي دفعا لکي چڪو آهيان ۽ هڪ دفعو وري به دهرائيندس. سا هيءَ ته جليل جي طبيعت ۾ ضد ۽ سرڪشي تمام گهڻي آهي.

مٿئين واقعي (58_1957ع) کان پوءِ جڏهن هو نوابشاهه موٽيو ته هن ۾ ڪافي تبديلي اچي چڪي هئي. هو هوڏي تي پيو هو. هونئن به هن هر ان شيءِ کي حاصل ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جي ڪيس جهل ڪئي وئي آهي. سندس نوابشاهه اچڻ جو مکيه ڪارڻ به اهو ضد ئي هو. جليل کي پاڪستان ايئرفورس ۾ پائليٽ جي فائينل چونڊ لاءِ رسالپور وڃڻ جو حڪم مليو چڪو هو پر گهر وارا ضد ڪري بيٺا ته جليل فوج ۾ نه وڃي. هن جي هر طرح مخالفت ڪئي وئي ۽ اهڙيءَ ريت ڪيس ايئرفورس ۾ وڃڻ نه ڏنو ويو. جليل جي هٺيلي طبيعت پنهنجي امنگن کي خاڪ ۾ ملندو ڏسي، تڙپي اٿي. هن وڌيڪ پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نه رڳو ايترو بلڪ ڪراچي ۾ رهڻ کان به جواب ڏئي ڇڏيائين. اهو ئي سبب هو جو خانصاحب قاضي عبدالغنيءَ کي پنهنجي نندي پٽ کي نوابشاهه پڙهڻ لاءِ موڪلڻو پيو. نوابشاهه اچي هو نئين ماحول ۾ پنهنجا پراڻا دک وساري وينو. هڪ نئين راهه سندس انتظار ۾ هئي. هڪ نئين منزل سندس منتظر هئي. ذات جي ڏياتي عرصي کان سندس اوسيئڙي ۾ جلي رهي هئي، صرف سندس اچڻ جي دير هئي!

1959ع ۾ اسان ٻئي بي. اي ڪري ڪراچيءَ ڏانهن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ روانا ٿياسين. جليل اڪانامڪس ۾ ايم. اي ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي ۽ مون ايم. پي. اي ڪرڻ لاءِ آمريڪن انسٽيٽيوٽ ۾ پڙهائي شروع ڪئي. ڪراچي يونيورسٽي تن ڏينهن ۾ اجا نئين ڪئمپس ڏانهن لڏي ڪانه وئي هئي بلڪ پرانسيس اسٽريٽ تي، سول اسپتال جي پنيان هوندي هئي. ٻن مهينن کان پوءِ مون ايم. پي. اي جو ڪورس ڇڏي وڃي يونيورسٽيءَ جي انگريزي ادب واري ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتي. هاڻي اسان هڪ دفعو وري ويجهو ٿي وياسين.

جليل ان وچ ۾ ڪجهه ڪهاڻيون هفتيوار "آزاد" ۾ ڇپايون، پر سندس مکيه تمنا اجا پوري ڪانه ٿي هئي. اها هئي "نئين زندگي" ۾ پنهنجا افسانا ڇپائڻ. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽماهي "مهراڻ" پڻ جاري ٿي چڪو هو ۽ ان سان گڏوگڏ شيخ اياز جا بيت پڻ ڇپجي چڪا هئا. اها ترقي پسند سنڌي ادب جي موجوده دور جي شروعات هئي. ظاهر آهي ته نوجوان ليکڪ پنهنجا شعر ۽ افسانا ڇپائڻ لاءِ آتا هئا. چڻنگ دُکي چڪي هئي. هر دل ۾ آڳ لڳي چڪي هئي. اسان به ان کان پاڻ بچائي نه سگهياسين پر اسان جون لکتون ڇاپي ڪير؟ "مهراڻ" برابر ترقي پسند ادب ڏئي رهيو هو ۽ اهو به اول درجي جو. پر سندن پسند يا ناپسند جو معيار ذاتي اثر رسوخ تائين ئي هو. اسان کي اجا تائين اها سعادت نصيب ڪانه ٿي هئي ته "نوازيلن" جي لسٽ ۾ شمار ٿيون. منهنجا شعر ته وري به "مهراڻ" ۾ اچڻ لڳا پر جليل کي ڪوبه خاطريءَ جهڙو جواب نٿي مليو.

هُو لکندو هو ۽ تمام گهڻو لکندو هو پر ڇاپڻ لاءِ ڪوبه تيار ڪونه هو. هڪ دفعي "مهراڻ" جي آفيس ۾ پنهنجا لکيل افسانا ميڙي چونڊي کڻي ويو اتي هڪ مشهور شخصيت سندس لکڻيون بي دليءَ سان ڪانئس ورتيون، بنا پڙهڻ جي، پنهنجي هٿن تي وزن ڪري چيو: "هون، نيڪ آهي. هن ۾ به ٿي افسانا ته ضرور چڱا هوندا!"

جليل کي سخت مايوسي ٿي. اج اها ئي مشهور هستي اها دعويٰ ڪري رهي آهي ته جليل کي سنڌي عوام سان روشناس ڪرائڻ جي ڪَنڊي سندس ئي ڳلي ۾ وڌي وئي!

هيڏانهن "مهراڻ" جو اهو حال هو ته هوڏانهن وري سرڪاري رسالو "نئين زندگي" چند رجعت پسندن جي ذاتي ملڪيت بڻيل هو. مولانا عبدالواحد سنڌي پنهنجي سر هڪ بيحد شريف ۽ سادو ماڻهو آهي پر هُو پنهنجي سب ايڊيٽر مرحوم رشيد احمد لاشاري جي چنبي ۾ قابو هو. نه رڳو ايترو پر چند ٻيا به اهڙا ئي موقعي پرست ۽ چالاڪ اديب "نئين زندگيءَ" کي پنهنجي ذاتي ملڪيت بنايو ويٺا هئا.

اسان گهڻا ئي دفعا سندن آفيس ۾ پنهنجا شعر ۽ افسانا ڇاپڻ لاءِ کڻي پهتاسين، پر هر دفعي سخت مايوس ٿي موٽياسين. ڇاپڻ ته درڪنار ايڊيٽر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحبان اسان کي اک جو ڪنڊو سمجهڻ لڳا. ايتريقدر جو هڪ دفعو جليل جي رشيد احمد لاشاريءَ سان ڳالهه ٻولهه تمام ٻري وڃي پئي. اسان مولوي صاحب ڏانهن دانهين وياسين، پر هن مورڳو پوليس کي گهرائڻ جي ڌمڪي ڏني ۽ ٻيهر آفيس ۾ پير پائڻ کان منع ڪئي.

اڄ جا نوجوان ليکڪ اڃا لکڻ شروع ئي مس ٿا ڪن ته پنهنجي لکڻين نه ڇپجڻ جون شڪايتون به ساڻ کنيو ٿا اچن. منهنجي اهڙن پيارن کي التجا آهي ته هو جليل جي جدوجهد ۽ ڪشمڪش جي ڪهاڻي غور سان پڙهن ۽ پوءِ خود فيصلو ڪن ته جليل کي امر ٿيڻ تائين ڪيترا لڪ لتاڙڻا پيا. ڏونگر ڏورڻا پيا. جبل جهاڳڻا پيا.

هندستان ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ اتان جا هندو تمام گهڻيون ڪوششون ڪري رهيا هئا. سنڌن رسالا نئين دنيا، ڪونج، ساهت ڏارا، رابيل، مومل، سنڌو وغيره پاڪستان ۾ ايندا رهندا هئا ۽ هت نوجوان طبقي ۾ پسند به ڪيا ويندا هئا. اسان جڏهن سنڌ جي رسالن کان نااميد ٿياسين ته هندستان جي رسالن ۾ لکڻ شروع ڪيوسين. اها نهايت ئي حيرت جي ڳالهه آهي ته جنهن سرد انداز ۾ اسان کي هت نظرانداز ڪيو ويو هو ان جي برخلاف هندستاني رسالن اسان کي ان کان وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان آجيان ڪئي. اسان سنڌ جو خيال لاهي هندستاني رسالن ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو.

ڪراچي يونيورسٽي 1960ع ۾ نئين ڪئمپس ڏانهن کڄي وئي. جليل ۽ مون گهر گهات هوندي به ڪئمپس جي هاسٽل ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهري طرح ته اهو هڪ معمولي ۽ غير اهم فيصلو هو پر اسان جي گڏ رهڻ جو اسان جي ادبي زندگيءَ تي تمام گهرو اثر پيو.

هاسٽل جي ٻئين نمبر بلاڪ ۾ ٻيءَ ماڙ تي مون کي 32 ۽ جليل کي 33 نمبر نويڪلا ڪمرا مليا. جليل پنهنجي ڪمري جي در تي چاڪ سان Abode (پناهه گاهه) ۽ مون Hell (جهنم) لکي ڇڏيو هو. انڪري اسان جي دوستن ۽ دشمنن کي اسان تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي نه ٿيندي هئي. صبح جو ڪلاس ۽ ڪچهري، منجهند جو ماني ۽ ڪچهري، شام جو ڪرڪيٽ ۽ ڪچهري ۽ رات جو ڪچهري ۽ ڪچهري اسان جو روز جو ٽائيم ٽيبل هوندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ دور انکري بہ اهم آهي، جو هاسٽل جي عرصي ۾ اسان ڪائڻ جا سڀ اڳوڻا ۽ پويان رڪارڊ ٽوڙي پورا ڪري ڇڏيا. رڳو نيرن تي ئي اسان انن قسمن جا مال پنهنجي خرچ تي وٺي وڃي ميس تي ڪائيندا هئاسين. بيرا ويچارا جليل کي ايندو ڏسي پنهنجو منهن مٿو پٽيندا هئا. هڪ رات، جڏهن سڄي هاسٽل جا شاگرد شهر ويل هئا (ان وقت شروعات ۾ صرف 30_35 شاگرد هاسٽل ۾ رهندا هئا.) تڏهن اسان جلدي موٽي آياسين ۽ ٻنهي ڄڻن گڏجي سڄي ديگ خالي ڪري ڇڏي، اهو مثال ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اڃا تائين ڏيندا آهن.

هاسٽل جي زندگيءَ دوران ڪجهہ اڻ وسرندڙ واقعا بہ ٿي گذريا. هت مان صرف هڪ اهڙي واقعي جو ذڪر ڪريان ٿو. هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر مظهر تمام سخت ماڻهو هو. هن جا ڪي قاعدا قانون مقرر ٿيل هئا جن جي خلاف ورزي ڪرڻ تمام وڏو ڏوهہ ليکيو ويندو هو. انهن قاعدن مان هڪ هيءَ بہ هو تہ رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ هاسٽل کان ٻاهر رهڻو ناهي. اسان اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندا رهندا هئاسين پر تڏهن بہ خوف هميشہ رهندو هو تہ ڪٿي پڪڙجي نہ پئون. يونيورسٽي اڃا نئين نهي هئي. چئني پاسي جهنگ ۽ ويراني هوندي هئي. هر روز رات جو ٻہ ٽي نانگ ماريندا هئاسين.

هڪ ڏينهن صبح جو جليل ۽ مان ورانڊي ۾ ويٺا ڳالهائي رهيا هئاسين. جليل پنهنجي اگهاڙي ڪيو ٽنبي کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو تہ ايتري ۾ هڪ سنهڙو ڪپر نانگ ٽنبي تان هيٺ لهندو سندس اگهاڙي ڪلهي وٽ اچي پهتو. اوچتو منهنجي نظر پئجي وئي ۽ جليل کي ڌڪو ڏئي پري ڪري ڇڏيم. جيڪڏهن هڪ سيڪنڊ بہ دير ٿئي ها تہ شايد ڪپر پنهنجو ڪم ڪري وڃي ها. سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ چئني پاسي جهنگ هوندو هو. رات جو رڳو پري کان پٿرن پيهڻ واري ڪارخاني جو خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اونداهيءَ ۾ تہ اهو آواز ويتر ڀوائتو محسوس ٿيندو هو. اسان کي ڪيترائي دفعا اهو سوداءُ ذهن ۾ ويٺو تہ ڪڏهن وڃي ڏسي اچجي تہ آخر اهو آواز اچي ڪٿان ٿو. وري جو مٿان چوڪرن ڳالهيون ڪيون تہ رات جي اونداهيءَ ۾ ان جهنگ ۾ سمگلر ۽ چور چڪار پنهنجو مال ورهائيندا آهن ۽ شهر جا عياش پنهنجين موٽر ڪارن ۾ جوانڙيون وٺي، اتي اچي جهنگل ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگل ملهائيندا آهن، تنهن تہ ويتر اسان کي بيچين ڪري ڇڏيو. پڪو ارادو ڪيوسين تہ ڇا بہ ٿي پوي، ان طرف ضرور هلڻو آهي.

هاسٽل ۾ سنڌي ڪو هڪ اڌ بيو رهندو هو. هڪ تہ علي بخش شاهہ موري وارو هوندو هو. دلبر ماڻهو چوويهہ ئي ڪلاڪ. اسان کيس "لِيلو" ڪري سڏيندا هئاسين. ٻڙس ماڻهو هوندو هو. حڪم جي دير هئي. تيار ٿي بيٺو. ٻيو امين 'ٻرٻوُن' هو. سنڌي ڪونہ هو. حيدرآباد جو مهاجر هو. "چندرا" سندس چِڙ هئي. قد جو ڊينڊو هوندو هو. بڪواس تمام گهڻي هيس. اڄڪلهہ ڪراچيءَ ۾ منهنجو پاڙيسري آهي. زمان عباسي عرف "منيڙ" لاڙڪاڻي (قمبر) جو شهزادو هو. پوءِ سي- ايس- پي ٿيو پر تيز پورا سارا هوندا هئس. ڇورا منٺ ۾ بيوقوف، بنائي ويندا هئس ۽ کيس پتو ئي نہ پوندو هو. ياسين پناڻ ڳڙهي ياسين جو ٻولائي هو. اڄڪلهہ شڪارپور ۽ سکر ۾ وڪالت ڪندو آهي. صادق "گنجو" خيرپور جو هو ۽ اسان سيني جي مشترڪ محبوبہ "سيهڙ" جو ڳوٺائي هو. انڪري اسان کي ڏاڍو پيارو هوندو هو. شڪيل لاري، مرحوم زيڊ- ايچ - لاريءَ جو پٽ هو ۽ ان ڪانسواءِ ڪجهہ ٻيا.

اسان سيني گڏجي صلاح بيهاري تہ رات جو جڏهن سڀ سمهي پون، تڏهن ان مهم تي چوريءَ چوري نڪرنداسين. جهنگلي جانورن جي خوف کان هٿيار طور سيئي وارڊروبن جون لوهي لٺيون بہ ساڻ کڻنداسين ۽ پوءِ ڏسنداسين تہ آخر ان اوڙاهہ ۾ ڪهڙي ماجرا آهي. رات ٿي. اسان انتظار ۾ جاڳندا رهياسين. سيني ڪمرن جون بتيون آهستي آهستي ٿي اُجهامي ويون. تڏهن اسان هوريان هوريان پنهنجي ڪمرن مان نڪتاسين. سخت سرديءَ سبب ڪوٽن جا ڪالر اُڀا ڪري ڇڏياسين ۽ لوهي لٺيون منجهن اندران لڪائي، جهنگل طرف، نڪري پياسين. رستي ۾ موٽرن جي ڦيٿن جا نشان برابر مليا پر بيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. جهنگلي جانورن جا آواز ايندا رهيا، پر اسان کين نظرانداز ڪري ڇڏيو. هلندا هلندا اسان گهڻو پري نڪري وياسين. ايتريقدر جو مائڪرو بايولاجي ڊپارٽمينٽ جيڪو اسان کان بہ اڍائي ميل پري هو ان جون بتيون بہ هاڻي صاف نظر اچڻ لڳيون. شايد اسان جي آواز تي ڊپارٽمينٽ جا چوڪيدار جاڳي پيا. انڪري هڪ هنڌ گڏ ٿي اسان کي ڏسڻ لڳا. پهرين تہ اسان لاپرواهہ ٿي ڏانهن هلندا رهياسين، پر جڏهن هنن کي بندوقون اڀيون ڪندي ڏٺوسين، تڏهن پهريون دفعو خوف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو احساس ٿيو.

اسان اڃا سوچي ئي رهيا هئاسين تہ چوڪيدارن وٺي گهوڙا گهوڙا ڪئي، هُو اسان ڏانهن اشارا ڪري ”چور چور“ پڪارڻ لڳا. اسان وٽي پوئتي ڊُڪ پاتي. هُو بہ اسان جي ڪِڍ پيا. بندوقون کڻي چوڙيائون. هاٽي تہ مورڳو سِرُ تي ويو. بس پوءِ تہ اسان جي لباڙ پئي لڳي. امين ”ڊڊوُن“ ٽاهڙجي ڪري پيو. تڪڙ ۾ اٿي بہ نہ سگهيو. اسان کيس ڪلہن ڪرڙن مان گهليندا وياسين. چوڪيدارن سمجهيو تہ چور مري پيو سو اڃا بہ زور شور سان پنيان پيا. هر ڪنهن کي ساهہ جي اچي لڳي تہ ڪٿي سچي پچي بندوق نہ لڳي پوي. جڏهن گهاٽي جهنگل ۾ پهتاسين تہ اتي چوڪيدار بہ ڍرا ٿيا ۽ پنيان پير ڪيائون. اسان هجون سو سهڪندا، ٿڙندا ٿاهڙندا اچي هاسٽل پيڙا ٿياسين. اڃا ڏاڪڻ چڙهون ئي پيا تہ ڇا ڏسون تہ سامهون ڊاڪٽر مظهر پنهنجي ڪمري مان بينو اسان کي ڏسي. هٿن ۾ لوهي لٺيون بہ هجن. ڪوٽن جا ڪالر اُڀا ۽ مفلر ويڙهيل. ڏاڍا ششدر ٿياسين. ٻيا تہ ويا هليا باقي جليل پنهنجي ”پناه گاهہ“ ۾ ۽ مان پنهنجي ”جهنم“ ۾ سوچيندا ئي رهياسين. اسان جون گئلريون گڏ ئي هيون. سيءَ ۾ سڄي رات گئلرين ۾ ويهي صبح لاءِ صلاحون ڪندا رهياسين. صبح ٿيو. ڪپتان اقبال خان کي پنهنجو جاسوس ڪري موڪليوسين تہ حال احوال وٺي اچي. ٿورڙيءَ دير ۾ اقبال خان موٽي آيو. ڪلندي چيائين تہ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ هنگامو متو پيو آهي. چوڪيدارن قرآن تي قسم کڻي ڳالهہ ڪئي آهي تہ رات ڪي ڌاڪو ٻُٽون ٻڌي يونيورسٽيءَ تي حملو ڪري آيا هئا، پر اسان فائرنگ ڪري سندن ہہ تي همراهہ ماري وڌا. انڪري هُو لاش کڻي ڀڄي ويا.

اسان کي بہ ڏاڍي کِل آئي. اڃا ڪلياسون ئي ويٺي تہ ايتري ۾ اسان مان ئي هڪ همراهہ سهڪندو آيو. روئڻهارڪو منهن ڪري چيائين: ”مري وياسين. راتوڪي جاءِ تان سچ پچ هڪ ڇوڪريءَ جو لاش لڌو آهي. پوليس ڪئمپس ۾ پهچي وئي آهي. لاش ٽرڪ تي رکيو اٿن. پڇا ڳاڇا جاري آهي. چوڪيدار بيان مٿان بيان پيا ڏا ڏين. اجهو ٿا ڦاهي تي چڙهون.“

اسان لڪي لڪي هڪ هڪ ٿي ايڊمنسٽريشن بلاڪ ڏانهن وياسين. سچ پچ پوليس جا انبوهہ هجن. لاش ڪنهن ڳوناٺي سنڌي ڇوڪريءَ جو هو. ڇوڪرن جي هجوم ۾ پوليس جي ٽرڪ پرسان اوچتو اسان کي ڊاڪٽر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مظهر نظر اچي ويو. هو اسان ڏانهن ڏسي معنيٰ خيز نظرن سان مرڪي رهيو هو. اسان جون ته ٻه ٻه ويون، ڇهه ٻه ويون. هاڻ اچي پيرن ۾ پيو. مانڙي ڪري موٽي ڪمري ۾ آياسين ته اجهو ٿا ٿاٽ ٿاٽن ۽ راهه گناهه ويندا سون ڦاسيءَ تي چڙهي. سڄو ڏينهن ڪمرن ۾ لڪا ويٺا هئاسين. نه ماني، نه پاڻي. پيو ڏينهن آيو. اسان جي حالت ڏسڻ وٽان هجي. ڊاڪٽر مظهر اسان کي ڏسي پيو پراسرار نموني ۾ مرڪي. اهڙيءَ طرح ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. آخر هڪ ڏينهن خبر پئي ته اصلي ڏوهاري پوليس هٿ ڪيا آهن، پرسان ئي ڪنهن ڳوٺ جا ماڻهو هئا. خون به انهن ئي ڪيو هو. اسان جي جان ۾ جان آئي. تڏهن وڃي سک جو ساهه پٽيوسين.

ڊپارٽمينٽ ۾ اڪثر اهڙي قسم جا يوڳ ٿيندا رهندا هئا. جليل جو ڊپارٽمينٽ (اڪانامڪس) هيٺين طبقي تي هوندو هو ۽ منهنجو انگريزي ڊپارٽمينٽ پهرينءَ منزل تي هوندو هو. گهڻو ڪري مان ئي هيٺ گذاريندو هوس. آرٽس فيڪلٽي جي ورانڊي ۾ ٿنڀن کي ٽيڪ ڏئي اسان سڄو سڄو ڏينهن ويٺا ڪچهريون ڪندا هئاسين. سڄي يونيورسٽيءَ جا ڇوڪرا اچي سلامي پريندا هئا. جليل ڳانا ٻڌائيندو هو ۽ لتو پيرزادو (هاڻي ايگريڪلچر ڊيولپمينٽ بينڪ ۾ مئنيجر آهي) ڊانس ڪندو هو. هڪ دفعي ته لتو خبر ناهي ڪٿان قوالن جي ٽولي وٺي آيو. پوءِ ته محفل سماع جي مٽي.

جليل پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾، خاص ڪري ڇوڪرين ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو. سندس ڊپارٽمينٽ جون ڇوڪريون ويچاريون هيون شڪل صورت جون پوريون ساريون. اسان کين ”ڪچڙي“ سڏيندا هئاسين پر اڪانامڪس وارن لاءِ ته اکين جو نور هيون. سڄي يونيورسٽي ۾ انگريزي ڊپارٽمينٽ مڙئي سونهن سوڀيا ۾ سرس هو. ان ڪري لامارا به اسان جي پاسي گهڻا لڳندا هئا. سائنس جا ڇوڪرا پنهنجي فيڪلٽي مان آرٽس ڏانهن ايندي چوندا هئا ته ”ساهرين ٿا وڃون.“

پر جيئن چوندا آهن ته ويراني ۾ به بهار ايندي آهي انگريزي ڊپارٽمينٽ گهڻو ئي سٺو پر عربي ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ اهڙي سهڻي ڇوڪري آئي، جنهن سڄي يونيورسٽيءَ کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو. ڇوڪري ڇا هئي، حسن جو مثالي نمونو هئي. تمام سادي، حسن کان بي نياز هميشه سفيد برقعي جو هيٺيون اڌ پائي گهمندي هئي. عربي ڊپارٽمينٽ اسان واري منزل تي هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڪري مون کي تہ ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ جو موقعو ڏينهن ۾ ڏھ دفعا پيو ملندو هو پر ڏنم تہ جليل، جيڪو اڳ مٽي ايندو ئي ڪونہ هو سو هاڻي اڪثر مٽي اچڻ لڳو. خبر تڏهن پئي، جڏهن هڪ ڏينهن ان ڇوڪري کي (پوءِ خبر پئي تہ سندس نالو سيما آهي) جليل سان ڳالهائيندي ڏٺم. منهنجا تہ لاهہ ئي نڪري ويا. اڪيلي منهنجا ڇا، هت تہ سيني جي اميدن تي پاڻي ڦري ويو هو. هرڪو پيو اندر ۾ جڪ کائي. ٻاهران مرڪيو پيا مبارڪون ڏين.

مون سمجهيو تہ سيما ۽ جليل جو قصو صرف ڪنهن ڪتاب جي ڏيڻ ۽ وٺڻ تي ئي ختم تي ويندو پر ايئن ڪونہ ٿيو. ملاقاتون باقاعدي هر روز ٿيڻ لڳيون. مون پڇيو تہ چيائين، ”ڪجهہ بہ ناهي. هوءَ بيحد حسين آهي ۽ مان بن مانس. مون سان ڪيئن پيار ڪندي؟“

پر ان جي باوجود هو هر هنڌ گڏ نظر اچڻ لڳا ۽ اهڙن موقعن تي هو مون کي هميشہ نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو. اجا تائين ساڳي عادت اٿس. هڪ رات منهنجي ڪمري ۾ آيو چيائين، ”قمر، مون کي ڪو گيت لکي ڏي“

”خير تہ آهي نوجوان؟“ مون پڇيو.

”ڪجهہ ناهي.“ هو مرڪيو ”سيما کي سنڌي گيت ڏاڍا پسند آهن.“

سو اها ڳالهہ هئي!

مون کيس گيت لکي ڏنو. ”او ڇري، او ٻانوري، اوري تہ آ او سانوري“

ٻئي ڏينهن اسان جو گيت سيما جي خدمت ۾ جليل پنهنجي سموري ذات ۽ فن سميت پيش ڪيو. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. اسان ٻاڇي وانگر سندن پويان ڦرندا هئاسين. چندر جو هڪ گيت جو جليل کيس اڪثر ٻڌائيندو هو سو هيءُ هو:

قسمت ڪئي جدائي، ڪنهن تي ميار ناهي،
خير ڇا بہ ٿي پوي پر ٽٽو تہ پيار ناهي.

سڀ ڪجهہ ٿيو پر پيار نہ ٽٽو. يونيورسٽيءَ جي حسين دنيا ڇڏائجي وئي. سيما وقت جي دز ۾ دٻجي ڪٿي گم ٿي وئي. وقت بدليا. حالتون بدليون، ”سهڻي“ ۾ جليل جو افسانو ڇپيو ”هڪ دل جي اڪيلائي“ لکيل هو: ” تنهنجي ياد منهنجي دل ۾ ڇيت جيان ڇيندي رهندي“ تڏهن مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. اها ئي تہ سيما هئي، نرگس جي نقاب ۾ ڇپيل سيما منهنجي اکين آڏو ڦري وئي. حسين، بي انتها خوبصورت سيما. جنهن کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ نه آيو هو ۽ سندس ياد اڄ به ڇيت جيان جليل جي دل ۾ چيندي رهندي آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ به جاڙيون ڀينر يونيورسٽي ۾ آيون. ٻئي ڄڻيون ڏاڍيون سهڻيون هيون. هوبهو هڪ ٻئي جهڙيون. ڪپڙا به هڪ جهڙا پائي ايندڙيون هيون. ڊپارٽمينٽ به ساڳي. سڃاڻڻ جو مسئلو تي پيو. سندن نالو رکيوسين "جوڙي سلامت." هڪ ڏينهن لائبريريءَ ۾ اڪيلو ويٺو هوس ته "جوڙيءَ" مان هڪ آئي. مرڪي ڏنائين. ٿوري ڳالهه ٻولهه به ٿي. ان خوشيءَ ۾ مون يارن کي خوب کارايو. چئني پاسن کان واڌايون مليون. مان هجان جو پير پٽ تي نه پيو پويم. ٻئي ڏينهن سهي سنيري وجهي دڳ جهليم. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻئي ڄڻيون هڪ جهڙا ڪپڙا پائي نظر آيون. ڊوڙي وڃي اڳ جهليم. بر مسئلو اهو ٿي پيو ته هنن مان "هوءَ" ڪهڙي هئي؟ گهڻو ئي سوچيم. پر پتو ئي ڪونه پيو. جيڪا به هئي، تنهن کي خدا جي مار پوندي، مون مسڪين جا باقي ڇهه مهينا سندس ياد ۾ گذريا.

لُتو پيرزادي به عشق ڪيو پر سندس اپروچ اهڙي ته اڊنگي هئي، جو ويچاري ڇوڪري کيس ڏسندي ئي بي هوش ٿي ڪري پوندي هئي. هڪ دفعي ته امتحان ڏيندي لتوءَ تي نظر پئجي ويس. اتي ئي ڍيري ٿي پئي، مائٽ گهر کڻائي ويس. لتو کي ان حال تي به رحم نه آيو. گهر فون ڪيائينس. ويچاريءَ فون کنئي ته لتو چيس، "ڪهو ڪيا حال هي؟" ٻئي پاسي کان ٺهڪي جو آواز آيو ۽ خاموشي ڇانئجي وئي. ويچاري آواز ٻڌندي ئي بيهوش ٿي وئي هئي!

فون جي ڳالهه نڪتي آهي ته هڪ ننڍڙو قصو مختصر نموني ٿي وڃي. يونيورسٽي ڪئنٽين ٻاهران "ٽيليفون بوٿ" ٺهيل هئي، جنهن ۾ سڪا وجهي فون ڪري سگهبي هئي. ڇوڪرا ته پئسا ڪڏي ڄاڻن، وجهندا وري ڪٿان! فزڪس وارا شاگرد مفت ۾ ٽيليفون ڪرڻ جي هڪ ٽل ڪٽي آيا ۽ اسان ان مان پورو پورو فائدو ورتو. رات جي ماني کائي، جليل، مان، ليلو ۽ هڪ اڌ ٻيا ڪتابن جي پڙي ٻڌي نڪرندا هئاسين. ٽيليفون نمبر ته اڳ ۾ ئي موجود هوندا هئا. جليل ٽيليفون تي ڳالهائيندو هو ۽ اسان دت پارتي ۽ ڪرشن چندر جي ڪتابن مان جذباتي ڊائلاگ ڪڍندا کيس ڏيندا ويندا هئاسين. ٽپي ٽپي تي جليل نهايت ڊراماتي انداز ۾ اهي ڊائلاگ ٽيليفون تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندو هو. انهن ڊائلاگن جو نتيجو خاطرخواه نڪتو. اسان اڻ ڏني، صرف ٽيليفون جي ذريعي خبر ناهي ڪيترين ڇوڪرين جي راتين جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي ۽ سندن دل ۾ ڪنهن اڻ ڄاتي جذبي جو اڻ لکو درد پيدا ڪيو.

هڪ رات ٽيليفون تي پنهنجي روزاني معمول موجب ڊائلاگن ۾ مشغول هئاسين تہ اوچتو پري پوليس جون موٽرون پاڻ ڏانهن اينديون ڏٺيون سين. شايد ڪنهن شڪايت ڪئي هئي. اسان جو ان رات وارو پيچرو اولمپڪ ۾ رڪارڊ قائم ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. پر نہ___ اهو پرائو حق آهي. اسان ڪيئن ٿا ان جي دعويٰ ڪري سگهون.

هاسٽل ۾ رهڻ جو هڪ فائدو بيو بہ ٿيو سو هيءُ تہ گڏ رهڻ سبب اسان جا ادبي نظريا پڪا پختا ٿيندا ويا ۽ اسان ٻنهي گڏجي هفتيوار "آزاد" ۾ ادبي ٺيڪيدارن جي خلاف محاذ کوليو. اسان جي تنقيد جو نشانو ماهوار "نئين زندگي" ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا چڱا مڙس هئا، جيڪي سنڌي ادب تي هڪ هٽي قائم ڪيو ويٺا هئا. اهي خط ڇپجندي ئي تاج بلوچ نالي هڪ شخص ساڳي ئي اخبار ۾ جوابي حملا شروع ڪري ڏنا. هن ترقي پسند ادب تي ڪافي ڇوهہ ڇنڊيا. نوجوان اُڀرندڙ ليکڪن کي گهٽ وڌ ڳالهايو. گل ۽ بلبل واري ڪوڙهي شاعري جي طرفداريءَ ۾ ساراهہ جون سرڪيون پريون. هيءُ تنقيدي سلسلو اٽڪل مُنو سال باقاعدگيءَ سان هلندو رهيو. اسان ٻئي راتيون جاڳي، صلاح مشورا ڪري جواب تيار ڪندا هئاسين ۽ "آزاد" جي آفيس ۾ پهچائي ايندا هئاسين. ٻنهي طرفن جا موڪليل خط نهايت ئي دلچسپ ۽ معلوماتي هوندا هئا. نہ رڳو ايترو پر انهن منجهان ان وقت جي ادبي ماحول جي بہ پليءَ پت پروڙ پوندي. گهٽ ٻوسٽ ۽ اڻ سهائيءَ جو هيءُ ماحول ڪنهن بہ اُڀرندڙ ليکڪ لاءِ هرگز سازگار ڪونہ هو. نوجوان انقلابي سجاڳيءَ لاءِ ڪر مروڙي رهيو هو ۽ ادبي ابابيل ڪيس لوليون ڏئي سمهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هڪ طوفان هو جو اچڻ لاءِ بيقرار هو. هڪ ٻوڏ هئي جا ڪاهي اچڻ لاءِ بي چين هئي.

هندستان ۾ اسان جي مقبوليت وڌي رهي هئي ۽ سنڌ وارن کي بہ ان جو احساس هو پر هوڏ تان لهڻ لاءِ ڪير بہ تيار ڪونہ هو. "آزاد" جي مضمونن اسان کي ويتر ادبي ٺيڪيدارن جي اکين ۾ آڏي ڇڏيو هو. هُو اسان کي تمام خراب لفظن سان ياد ڪرڻ لڳا. غلط فهميون وڌنديون پئي ويون، جو اوچتو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن جليل ٻڌايو تہ مولوي عبدالواحد سنڌيءَ ڪانئس افسانو گهريو آهي. هيءَ 1962ع جي ڳالهہ آهي. اها تعجب جهڙي ڳالهہ هئي، پر پوءِ جڏهن سنڌي صاحب سان گهرائي ٿي تہ سندس سادي طبيعت ڏسي اسان محسوس ڪيو تہ سنڌي صاحب جو ان ۾ ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ هو سندس صلاحڪار ڪيس هميشہ غلط صلاحون ڏيندا رهيا هئا.

1961ع ۾ جليل ايم. اي پاس ڪئي ۽ نوڪريءَ جي تلاش شروع ڪري ڏنائين. اهو مکيہ مسئلو هو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ کيس اڪانامڪ اينيومريٽر جي نوڪري ملي وئي. ان ڪري هو سکر روانو ٿي ويو. سندس خط اتر سنڌ جي جدا جدا شهرن مان ايندا هئا، جن مان ان نوڪريءَ لاءِ سندس بيزاري پئي بکندي هئي. 62_7_10 واري خط ۾ لکيائين:

”هن ٻن مهينن جي نوڪريءَ مان اندازو لڳايو اٿم تہ ڇهن مهينن ۾ ئي هيءَ نوڪري دماغ کي کوکو ۽ ذهن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي. ڀلا ڪجي بہ تہ ڇا ڪجي. سکر ۾ پوپٽ جي ور چڙهي ويو آهيان، ٻيو مڙئي اوندهہ آهي. لکان بہ تہ ڪيئن لکان؟ ڪالهہ هت گرمي 120 ڊگري کان بہ شايد وڌيڪ هئي. سچ چوندا آهن تہ نوڪري ٺوڪري آهي. منهن تہ ڏيٺو پوندو.“

ان وچ ۾ ”ڪونج“ بمبئي رسالي طرفان افسانن جي چٽاڀيٽي ٿي. جليل پنهنجو هڪ افسانو ”سوجهرو“ مقابلي ۾ ڏياري موڪليو. نتيجي ۾ ”سوجهرو“ پهريون نمبر کٽي ويو. سنڌ کان ٻاهر سنڌ جي ئي هڪ گمنام اديب جو اهڙيءَ ريت نالو ڪيڻ، هتان جي ادبي ٺيڪيدارن جي مُنهن تي هڪ زوردار چماٽ هئي. هو پشيمانيءَ، حسد ۽ ساڙ کان جلي اٿيا.

جليل جو خط اها خوشخبري کڻي مون تائين پهتو:

”جيتري خوشي هريءَ جي خط مون کي ڏني، ٻڪ هيم تہ توکي ان کان ٻيڻي مسرت ٿيندي. تنهن جي ڪري هريءَ جو خط مليم ئي مس تہ توکي، اتان، پوسٽ آفيس مان ئي خط لکي اطلاع ڏنم. سمجهان ٿو تہ ”هوليءَ“ توکي بيحد متاثر ڪيو آهي. پر قمر، هڪ ڳالهہ دل جي پوري احساس سان لکان ٿو تہ ”ڪونج“ جي نتيجي ڪانپوءِ مان پاڻ کي هت (لکي نٿو سگهان) ڏاريو محسوس ڪري رهيو آهيان، جڻ تہ قافلي کان ڇڇي ڏار ٿي ويو آهيان. هت، ڏس تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهي، اسان ادبي ٺيڪيدارن جا ظلم سهون، ستم سهون. هڪ هڪ افسانې لاءِ ڇهه ڇهه مهينا انتظار ڪيون. ۽ پوءِ به نتيجو ڪجهه به نه نڪري اهو ظلم ناهي ته ٻيو ڇا آهي. توکي هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايان. (اجان هريءَ جو خط نه آيو هو.) مون "نئين زندگي" کي مارچ ۾ هڪ افسانو موڪليو هو. سنڌي صاحب مئي ۾ شايع ڪرڻ جو واعدو ڪيو. مئي، جُون ۽ اڄ جڏهن جولاءِ ۾ به ڪجهه نه ڏٺم ته هڪدم بي چين ٿي هڪ طويل احتجاجي خط لکي ڪيس روانو ڪيم ۽ آخر ۾ لکيومانس ته: "اڄ هي خط لکي سنڌي صاحب ۽ رشيد صاحب سان ايڊيٽرن جي حيثيت ۾ سڀ تعلقات ختم ڪيان ٿو." خط لکي لفافي ۾ وڌم ۽ پوءِ هريءَ جو خط به اچي پهتو. سنڌي صاحب ۽ رشيد کي خط مٿي ۾ لڳو هوندو."

27 جون 62ع تي سندس ٻيو هڪ اهم خط پهتو. تفصيل ڏيڻ ۾ ڇڱائي نٿو سمجهان. سکر کان بيزاري سندس اکر اکر ۾ اوتيل هئي.

"هت آفيس جو ڪم سخت وڌي ويو آهي. سو ڪراچي وڃڻ جو ته سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. گرميءَ جو جواب ئي ناهي. نوابشاهه جي گرمي به ڏٺي هئم پر روهڙيءَ جي گرمي ڪجهه اور آهي. صبح جي نائين کان رات جو ڏهين تائين دوزخ جا دَرَ روهڙيءَ تي کليل ٿا رهن."

جليل سکر ۾ گهڻا ڏينهن رهي نه سگهيو جلد ئي هو نوڪري ڇڏي موٽي ڪراچي پهتو. هو ڪراچيءَ آيو مس ته آڪٽوبر 1962ع ۾ مون کي ميرپورخاص ۾ ليڪچراريءَ جو آرڊر پهتو ۽ مان اوڏاهين هليو ويس.

"نئين زندگي" جي نئين پاليسيءَ ۾ جليل کي هاڻي ڇڱي ڀاڱي لکڻ جو موقعو ملڻ لڳو هو. سندس نئين زندگيءَ وارو سفر سڦل ثابت ٿيو. "روح رهاڻ" حيدرآباد مان حميد سنڌيءَ جي همت سان نڪري چڪو هو. اهو رسالو سنڌي ادب جي نئين دور ۽ نئين نسل جو صحيح نمائندو ثابت ٿيو. هن رسالي جي ميدان ۾ اچڻ کان پوءِ جديد ۽ قديم خيالن وارا سنڌي اديب ڌار ڌار ظاهر ٿي بيٺا. ايوبي آمريت سنڌي ٻوليءَ کانپوءِ سنڌي قوم کي به ختم ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺي هئي پر سنڌي نوجوانن جي جوان همتي ۽ سجاڳي سڄي سنڌ ۾ روشنيءَ جي لهر ڦهلائي ڇڏي ۽ ان روشنيءَ جي مهندارن ۾ سڀ کان اڳرو ۽ اتاهون هو اسان جو جليل، جيڪو هاڻي امر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جليل جي نالي سان مشهور ٿي چڪو هو. هن جا افسانا آڳ ٻنجي ڦهليا ۽ گهر گهر ۾ ڄاڻ جا ٻاڻ اڇليندا ويا. هو نوجوانن جو نمائندو ٿي اڀريو. سنڌيت جو سجاڳيءَ وارو تصور، پيرن ۽ ميرن جا ڪڌا ڪرتوت، عورت جي احترام وارو تصور ۽ اهڙا ٻيا موضوع جليل جي قلم مان تراشجي ٻاهر نڪتا ۽ ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويا.

اروڙ جو مست، هن ڪن ۾، هولي ۽ ٻيا افسانا تمام گهڻا پسند پيا. "روح رهاڻ" وسيلي جليل پنهنجا سرڪش ۽ باغي خيال چوڌس ڦهلائي ڇڏيا. هاڻي هو گمنام ليکڪ نہ رهيو هو. هن جي لکڻين جي تقاضا تيڻ لڳي. نوجوان جاڳي اٿيو هو. سنڌ سجاڳ ٿي هئي. سچائي جو سورج چمڪڻ لڳو هو.

جليل مون سان ملڻ لاءِ ميرپورخاص آيو. اسان ڪيفي حيات ۾ ويهي سنڌي ادب جي نئين لاڙي تي ڳالهايو. هن چيو تہ "مان لکندس، ايترو لکندس جيترو اڳ ڪنهن بہ نہ لکيو آهي."

جليل واقعي ائين ڪري بہ ڏيکاريو. جليل "روح رهاڻ"، ۽ "نئين زندگي" لاءِ لاڳيتو لکڻ شروع ڪيو. هو پنهنجي لياقت ۽ قابليت ۽ مطالعو ثابت ڪري چڪو هو.

1963ع ۾ گرميءَ جون موڪلون گذارڻ لاءِ ڪراچيءَ ويس تہ ماحول ڪافي بدليل نظر آيو. اسان اڪثر شام جو ڪلفٽن ڏانهن نڪري ويندا هئاسين ۽ رات جو دير تائين "سي بريز" هوٽل ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين. هن جي ذهن ۾ سوين اسڪيمون، هزارين صلاحون ۽ مشورا هئا پر ذاتي مجبوريون ڪيس ڪجهہ بہ ڪرڻ نہ پيون ڏين. اين. جي. وي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ هن جي قابليت کي ظالماڻي نموني ۾ استعمال ڪرڻ جي برابر هو. هو نهايت مجبوريءَ جي حالت ۾ ان نوڪريءَ کي گهلي رهيو هو.

1963ع واري هن مختصر دور ۾ جليل جي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ ٿي گذريو. ايترو جيترو شايد ٻن جنمن ۾ بہ نہ ٿي سگهي. مون کي ياد آهي، هڪ دفعي ڳالهين هلندي چاچا (جليل جي والد) ڪلندي چيو هو. "مون جليل جي جمڻ تي هڪ هندو پنڊت کان سندس جنم پتري لکائي هئي. پنڊت ايتريقدر تہ ڄاڻو هو جو سندس لکيل هر هڪ لفظ سچو ٿيندو ٿو وڃي. ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنم پتريءَ ۾ جليل جي وڏي تيڙ بعد سندس شڪل صورت جا تفصيل به ڏنل آهن، جي بلڪل نهڪي تا اچن.“

ان ئي جنم پتريءَ لاءِ جليل مون کي ٻڌايو هو ته: ”اُن ۾ ڪي اهڙيون به ڳالهيون لکيل آهن، جي بابا مون کي پڙهڻ نه ڏنيون آهن. شايد ڪي تمام سنجيده ڳالهيون لکيل آهن.“

مون کي يا جليل کي جنم پترين تي يقين هجي يا نه، پر ڪجهه سالن کان چاچا اداس رهڻ لڳو هو. ڪنهن اڻ ڄاتي خوف ۽ هراس جي ڳُٽتي کيس ڪائيندي تي وئي. هو مون سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ڪندي ڪندي اوچتو خاموش ٿي ويندو هو ۽ پوءِ گنڀير آواز ۾ عجيب سوال ڪندو هو ”پلا ڏي جليل جي خبر؟“

مان ان اوچتي سوال جو جواب ڏئي نه سگهندو هوس.

هاسٽل ۾ رهڻ واري عرصي ۾ جليل اڪثر مون سان هڪ ڳالهه ڪندو رهندو هو. هو چوندو هو ته: ”مون کي ايئن ٿو معلوم ٿئي ڄڻ هڪ شاهي قلعو آهي، جنهن جي ڇت تي مان لانگ بوٽ پائي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين پيو ٿو پنڌ ڪيان.“

اهو خواب هو يا خيال، بهرحال هن مون سان اها ڳالهه ڪيترا دفعا ڪئي هئي ۽ پوءِ جلد ئي اڪنامڪس ڊپارٽمينٽ سان اولهه پاڪستان جي دوري تي هليو ويو. پشاور جي پرسان هڪ پراڻي قلعي ۾ گهمندي ئي کيس پنهنجي خيالن وارو قلعو ياد آيو. هوبهو ساڳيو هو. جليل چرڪي پيو. ساڳيو دروازو، ساڳيا ميدان، ساڳيا ايوان. ڏاڪڻيون به ساڳيون ۽ تڏهن هڪ عجيب ڳالهه ٿي گذري، قلعي جي چوڪيدار کين ٻڌايو ته هيءُ قلعو واسيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن رات جو اونداهي ۾ ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ڇت تي ڪو ماڻهو لانگ بوٽ پائي، هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پنڌ ڪندو ٿو رهي!

جليل جي شخصيت اڄ به پراسرار آهي. هُنَ، به هفتا اڳ جڏهن هو ڪراچي آيو هو مون کي چيو ”دل چوي ٿي ته ڊڪندو رهان، ڊڪندو رهان، ڪٿي به هڪ پل لاءِ به نه ترسان. بس، ڊڪندو ئي رهان.“

هو واقعي ڀڄندو رهيو آهي. پنهنجي پاڻ کان، پنهنجي پاڇي کان. هن ڪڏهن به پنهنجي اکين ۾ اکيون وجهي نه نهاريو آهي، ڇو ته هو باغي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪش هوندي بہ پنهنجو پاڻ کان خوفزده آهي. ڪيترائي سال هن کي اها شڪايت رهي تہ: "مون کي اج تائين ڪنهن بہ پيار نہ ڪيو آهي. شايد ان ڪري جو مان خوبصورت ناهيان." پر پوءِ اوچتو 1963ع ۾ جڏهن ڪيس بي انتها پيار نصيب ٿيو تڏهن هو بہ واڻي تي بيهي سوريءَ تي لٽڪندو رهيو. مون کان اهي ڏينهن ڪڏهن بہ نہ وسرندا. 25 - آگسٽ 1963ع واري خط ۾ لکيائين:

قمر!

افسوس تہ اهو اٿم تہ جنهن فيصلي تي مان سڄي عمر فخر ڪندو رهندس، تنهن تي شايد مون کي نالائقيءَ جو الزام ڏنو ويندو."

*تنهنجو جليل*

هن کي نالائقيءَ کان بہ وڌ الزام ڏنا ويا. هو سوريءَ تي لٽڪيو ئي رهيو. 17 - سيپٽمبر 1963ع وارو خط وڌيڪ ڏکوئيندڙ هو:

" ممڪن آهي تہ مان هليو وڃان. ڪنهن بہ وقت منهنجو دم نڪري سگهي ٿو. مون خاندان جي پوت اڳيان تمام وڏي قرباني ڏني آهي. مون کي وچڻ کان پوءِ بزدل نہ سمجهجانءِ قمر. ڪجهہ انسان ٿوري عرصي لاءِ هن دنيا ۾ اچي، جلد موٽي ويندا آهن. ڪين سڏيو نہ ويندو آهي، هو پاڻ هليا ويندا آهن. مون کي بزدل نہ سمجهجانءِ، قمر!"

هو سوريءَ تي لٽڪيو ئي رهيو. 17- سيپٽمبر تي ئي لکيل هڪ ٻيو خط بہ ساڳي ڏينهن مليم:

" نيٺ تون نہ آئين. اڄ جليل مري ويو. تو دير ڪئي، تو تمام دير ڪئي ۽ هو هليو ويو. هڪ دفعو تہ ڪيس ملڻ اچين ها، هڪ دفعو تہ ڪيس ڏسڻ اچين ها، هڪ دفعو تہ ڪيس گڏجين ها."

مان ان رات ئي خيبر ميل ۾ نوابشاهہ کان ڪراچي روانو ٿيس. هو مُئو ڪونہ هو. بہ اڌ تي چڪو هو. هو اڄ بہ پنهنجو لاش پنهنجي ئي ڪُلهن تي کڻي گهمندو آهي. هڪ دفعي چيو هٿائين: "قمر، ڪي ماڻهو پنهنجو صليب پاڻ کڻي هلندا آهن. مان بہ انهن مان هڪ آهيان."

25- آڪٽوبر 1963ع تي سندس شادي ٿي وئي: مان پهچي نہ سگهيس. شايد اها ئي اهڙي خوشيءَ جي گهڙي هئي، جنهن ۾ مان هن سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ نہ هوس.

جنوري 1964ع ۾ مان نوابشاهہ کان بدلي ٿي شڪارپور هليو ويس. 31 جنوري 1964ع تي جليل لکيو:

"شڪارپور Exile جو شهر آهي. ڏٺل، پراڻي ۽ ويران شهر ۾ ڪيترو پريشان هوندين، مان چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهان ٿو. رستي ۾ گڏ، پنيءَ ۾ خنجر ۽ اوندهہ ۾ ٽاپو هن شهر جا خاص تحفا آهن. خيال رکجانءِ ٽانگي وارا، پوليس وارن جا دوست ۽ شودا شريفن وٽ پلبا آهن، اهو اٿئي شڪارپور."

ساڳي ئي خط ۾ اڳتي هلي لکيائين:

"جيڪڏهن "باس" نڪمو جڏو ۽ ڦڏو آهي، تہ پاڻ کي ڪانئس وڌيڪ احمق ثابت ڪجي. اهو هتي جو دستور آهي، نہ تہ تارا فرش تي ۽ پٿر عرش تي ڪيئن رهي سگهندا. ڪيئن چند نااهل انسانن جي هٿ ۾ اقتدار رهي سگهندو جيڪڏهن اڄ جي وڌندڙ نوجوانن جي راهن مان رنڊڪون هٽائي ڇڏيائون!"

"روح رهاڻ" ۾ جليل جون ڪهاڻيون باقاعدگيءَ سان ڇپجنديون رهيون. هو هاڻ اين. جي. وي هاءِ اسڪول ڇڏي، ڪراچي ملڪ سپلاءِ اسڪيم ۾ مارڪيٽنگ آفيسر طور شامل ٿي چڪو هو ۽ مٿئين خط جو جيتوڻيڪ سڌيءَ طرح اشارو مون ڏانهن هو پر تنهن هوندي بہ اهو ئي خط سندس حال تي بہ ٺهڪي ٿي آيو.

مارچ 1965ع جي آخري هفتي ۾ هو مون وٽ شڪارپور آيو منهنجي آزاديءَ جو آخري ڏينهن ڏسڻ ڪاڻ. ڇو تہ ان رات منهنجو مڱڻو ٿيو ۽ پوءِ رات جو دير دير تائين زور سان ڪلندو رهيو. جڏهن بس ڪيائين تڏهن چيائين، "نوجوان، هاڻي وصيت لکاءِ، تنهنجا ڏينهن پورا ٿيا." پر منهنجا ڏينهن پورا نہ ٿيا. البت سال جي پڇاڙيءَ ۾ مون کي ستن سالن جو بنواس ضرور ڀوڳڻو پيو.

مان ڊگري ڪاليج ڪنڊڪوٽ ۾ پرنسپال ٿي هليو ويس. ڪنڊڪوٽ سنڌ جي مٿئين ڇيڙي تي آهي ۽ هر لحاظ کان ٻاهرينءَ دنيا کان ڪٽيل آهي. اتي مون کي سنڌيت جو واسطو ڏئي گهرايو ويو هو ۽ مان سنڌ جي آواز تي ڪنڌ جهڪائي، انگلينڊ جو وائوچر ڦاڙي، پاڪستان ايئر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فورس وارن کي جواب ڏئي، اوندهہ جي اوڙاهہ ۾ ٽپي پيس. ڪراچيءَ وچڻ ڪجهہ قدر گهٽجي ويو پر جليل سان خطن ۽ ٽيليفون رستي تعلق قائم رهيو. هو ادب جي راهہ تي ڊوڙندو ٽي ويو.

ان عرصي (1966ع) ۾ طارق اشرف "سهڻي" ڪڍي. "روح رهاڻ" ڪانپوءِ سنڌ جي تحريڪن کي جيڪڏهن ڪنهن فرد پنهنجي ڪُلهن تي کڻي ماڳ پهچائڻ جو ڏکيو ڪم سر تي سهايو تہ اهو طارق ئي آهي. مان هين نوجوانن جي همت ۽ قربانيءَ کي رينڻ هرگز نٿو چاهيان. انڪري ڪابہ غلط فهمي ٽيڻ نہ گهرجي. "سهڻي" جي سڏ تي جليل هڪ بار وري ادب جي پالوٽ لائي ڏني، جا اڄا تائين جاري آهي. "سهڻي" جو اڄ تائين وارو عرصو اتفاق سان سنڌ لاءِ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ ڪشمڪش وارو دور پئي رهيو آهي. ان ڪري بہ هن رسالي ۾ ڇپيل مواد ۽ خاص ڪري جليل جون ڪهاڻيون، تمام گهري احساس ساڻ لکيون ويون آهن ۽ نوجوان طبقي انهن کي ساهہ ۾ سانديو ۽ هنئين ساڻ هنڊايو آهي.

مئي 1969ع ۾ جليل جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "دل جي دنيا" شايع ٿيو. گيٽ اپ سهڻو نہ هوندي بہ ڪتاب هٿون هٿ کڄي ويو. هڪ نوجوان ترقي پسند ليکڪ جي ايتري مقبوليت ڪيترن ئي نام نهاد اديبن جي هٽرادو ڀرم کي ڀوري ڀرزا ڀرزا ڪري ڇڏيو. هو پنهنجا بي جان بت ڀڄندا ڏسي ڏڪي ويا. هنن جي هاءِ گهوڙا "مهراڻ" اخبار جي هن تبصري مان صاف ظاهر آهي جيڪو 7- اپريل 1969ع تي شايع ٿيو:

"__ جڏهن جناب امر جليل جي افسانن جي مجموعي "دل جي دنيا" تي نظر وجهجي ٿي تہ افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ان ۾ سواءِ هڪ افساني "سچ ايرڻ ڪان اڳ" جي، ٻين سڀني افسانن کي گند جي ڍير کان وڌيڪ ڪابہ حيثيت نٿي ڏئي سگهجي."

مون بہ "نئين زندگي" ۾ ان ڪتاب تي پنهنجا خيال پيش ڪيا هئا. ڪن يارن کي انهيءَ ڳالهہ تي بہ مَنيان لڳي هئي ۽ بتال تي وقليا هئا. 15 اپريل 1969ع تي جليل مون کي "مهراڻ" واري تبصري جي ڪٽنگ ۽ هڪ خط موڪليو. لکيائين:

" پيارا قمر، ڏس مُلان پيا مارين. مُلن کي متان خط لکين. انهن جي اها سزا آهي تہ کين نظرانداز ڪري ڇڏجي. لفٽ نہ ڏجين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري تون بہ جاهلاڻو تبصرو پڙهي ڦاڙي ڇڏجان.“

*تنهنجو جليل*

مون تبصرو ڦاڙيو ڪونہ. اهو خط ۽ اها ڪٽنگ هينئر بہ مون وٽ محفوظ آهي، پر جن کي سزا ملڻي هئي، تن کي ملي چڪي. جليل جي مقبوليت ئي سندن وڏي سزا آهي.

مِلڪ سپلاءِ مان بيزار ٿي، نوڪري ڇڏي، جليل ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ريسرچ آفيسر ٿي آيو هو. هيءَ نوڪري سندس مزاج مطابق هئي، انڪري مون کي اميد هئي تہ هاڻي هو آرام سان ويهي لکپڙهہ جو ڪم ڪندو پر سندس بي چين روح کي اتي بہ آرام نہ آيو.

8 ـ جون 1968ع واري خط ۾ لکيائين:

”ـــ گهڻو اڳ، هڪ دفعو ڪراچي ڇڏي ڀڄتايو هوم. پوءِ جڏهن ڪراچيءَ موٽي آيو هوس، تڏهن توبهہ ڪئي هيم تہ ٻيهر ڪراچي نہ ڇڏيندس. ٻيهر ڪراچي ڇڏي ڀڄتايو اٿم. منهنجي خاموشي ان ڀڄتاءَ جو اظهار آهي.“

مان سندس خاموشيءَ ڪان پريشان هوس پر جليل تہ دل ئي دل ۾ ڪي ٻيا فيصلا ڪري چڪو هو. حيدرآباد تہ ڪيس سوچڻ، سمجهڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جو موقعو ڏنو هو. ساڳي ئي ڏکهي خط ۾ جليل لکيو هو:

” منجهند جو گهر موٽندو آهيان ۽ وري ٻئي ڏينهن صبح جو آفيس ويندو آهيان. ان هائوس اريسٽ مان اهو فائدو سو مليو آهي، جو گهڻو ڪجهہ پڙهيو اٿم ۽ لکي رهيو آهيان، ۽ اڪيلائين ۾ پنهنجي باري ۾ ۽ ماحول جي باري ۾ پريشان ٿيندو رهيو آهيان.

”مان هڪ اٽل فيصلي تي پهتو آهيان قمر، تہ منهنجو وجود سنڌ سان آهي، سنڌي ٻوليءَ سان آهي. سنڌ کانسواءِ مان پنهنجي وجود جو تصور بہ ڪري نٿو سگهان. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا رٿابندي ڪئي وئي آهي، جيڪي بہ منصوبا سٽيا ويا آهن، تن جي ترڪيب ۽ چنگيزي استعمال ڏسي منهنجي دل پچي پئي آهي. مان مرڻ چاهيان ٿو مان خودڪشي ڪندس پر پنهنجين اکين سان سنڌ کي ختم ٿيندي ڏسي نہ سگهندس. جيڪڏهن پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ڏوهہ آهي تہ پوءِ مان ڏوهاري آهيان. ان ڏوهہ لاءِ جيڪڏهن مون کي گوليءَ سان اڏايو وڃي، تہ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيار آهيان.“

جليل اٽل فيصلو ڪري چڪو هو. هن جو جيئڻ مرڻ سنڌ لاءِ هو. مٿئين خط ۾ هن خودڪشيءَ جي ڳالهه ڪئي هئي. منهنجي لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي، ان ڪري حيرت ڪانه ٿيم. جو تہ ارنيسٽ هيمنگوي جي خودڪشيءَ واري واقعي کان پوءِ جليل اڪثر اهڙيون ڳالهيون ڪندو رهندو آهي. هن اهڙي قسم جا اشارا پنهنجي افسانن، ڪالمن ۽ ڊرامن ۾ پڻ ڏنا آهن پر منهنجي خيال ۾ اهو قدم جليل جهڙي عظيم ليکڪ لاءِ ڪانئرتا جي انتها ٿيندو. مون کيس روبرو بہ اهي الفاظ چيا آهن. کيس زنده رهڻو آهي، پنهنجي لاءِ نہ سهي، هن بدنصيب، ڏکويل، اجهاميل قوم جي لاءِ، جنهن کي سنڌي چوندا آهن.

مٿئين خط کانپوءِ جڏهن مان حيدرآباد ويس تہ جليل ٻڌايم تہ هو هڪ طويل افسانو لکي رهيو آهي جنهن ۾ هن جا اٽل فيصلا ظاهر هوندا. مون ڪجهہ ٽڪرا پڙهيا پڻ. پر پوءِ جڏهن اهو افسانو هڪ ڪتابي صورت ۾ ٻين ڪهاڻين سان گڏ ڇپيو تڏهن ان ۾ ڪافي ردوبدل نظر آئي، شايد وقت جي سياسي مصلحتن ڪري ايئن ڪيو ويو هو. بهرحال، ”جڏهن مان نہ هوندس“ تمام جلد ڪپي ويو. ان حد تائين، جو خود مون کي بہ ڪاپيءَ لاءِ ڪجهہ مهينا انتظار ڪرڻو پيو.

حيدرآباد واري پهرئين عرصي دوران، جليل فلمن لاءِ ڊائلاگ ۽ ڪهاڻيون پڻ لکڻ شروع ڪيون. مون کي خاطري آهي تہ جيڪڏهن فلمن جا ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر کيس آزاديءَ سان پنهنجي ذات ۽ فن جو مظاهرو ڪرڻ ڏين ها، تہ ان ۾ ٻنهي ڌرين جو فائدو هڪ طرف ٿئي ها ۽ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تهذيب جي ترقي ٻئي طرف ٿئي ها پر افسوس جو ايئن نہ ٿيو. اسان جا پروڊيوسر واپاري قسم جا ماڻهو آهن. هنن اڳيان لوڻ مرچ وڪڻڻ ۽ فلم ناهڻ جو هڪ ئي مقصد هوندو آهي ۽ اهو آهي پئسو ڪمائڻ.

اسان جا فلمي ڊائريڪٽر ۽ خاص ڪري سنڌي نوجوان، پنهنجي مستقبل ناهڻ خاطر هر اها ڳالهہ ڪري گذرن ٿا، جيڪا خود سندن ضمير جي بہ خلاف آهي. جليل کي ڊائريڪٽرن کان شڪايت آهي تہ هو سندس لکڻين کي نامڪمل سمجهندي، پنهنجي ادبي ذات استعمال ڪرڻ ضروري ٿا سمجهن ۽ پروڊيوسرن کان اها شڪايت آهي، تہ هو معاوضو پورو نٿا ڏين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري هن فلمي دنيا کان دوري اختيار ڪئي آهي.

ذاتي طور مون کي اها ڄاڻ آهي ته فلمي دنيا جليل جو تمام گهڻو وقت ضايع ڪيو. کيس ذهني ۽ دلي بي آرامي ڏني. معاشي طرح فائدن بجاءِ نقصان پهچايو. صبح شام گهر تي فلمي ماڻهن جا ميڙا متل هجڻ ڪري سندس ادبي ڪم تمام گهڻو متاثر ٿيو. اسٽوڊيوز ۾ چمڪندڙ رنگبرنگي لباس ۾، ۽ ٻي طرح، فلمي نوجوانڙين کي ڏسندي ۽ پسندي، سندس نظر ڪمزور ٿي وئي. حافظو جواب ڏئي بيٺو ۽ صحت خراب ٿي وئي.

اهو ئي سبب هو جو هو ان انڊسٽريءَ کان پري ٿي ويو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ سندس اهو فيصلو بلڪل مناسب آهي. جليل اسان جي ادب ۾ هڪ نئين روايت جي علامت ۽ ابتدا آهي. هو بيباڪ ۽ سرڪش آهي. هن جي قلم ۾ ترار جي تيزي آهي. کيس ٻيون سڀ ڳالهيون ڇڏي صرف ادب ڏي ئي ڌيان ڏيڻ گهرجي پر هر هڪ سنڌي اديب جيان هو پڻ ڳيپي جي ڳولا ۾ رڌل آهي. کيس جيئڻ جي لاءِ ڏوڪڙ گهرجن ۽ پئسي لاءِ هن کي به هٿ پير هڻڻا ٿا پون. ادب ۽ افسانن سان جيڪڏهن پيٽ پرجي ها ته اڄ جليل جهڙو ڏايل ماڻهو ڪو ورلي ليپي ها. تنهن ڪانسواءِ اسان جو الميو اهو آهي ته اسان سنڌي اديب آهيون. فيض احمد فيض نه آهيون. شوڪت صديقي، رئيس امروهوي، جوش مليح آبادي، ابن انشا نه آهيون. ورنه اسان کي به بنگلو ڪار ۽ پينشن پگهار ضرور هجي ها.

جليل کي هن وقت تائين پاڪستان رائيٽرز گلڊ طرفان ٻه انعام ملي چڪا آهن ۽ ٻنهي کي ملائي هو درزيءَ وٽان پنهنجو سُوٽ به ڇڏائي نه سگهيو. ان جي ابتڙ اردوءَ وارا لکن رپين جا انعام هر سال ٻهارين سان ميڙي ٿا کڻن. پوءِ به سنڌن هاءِ گهوڙا جاري آهي.

مون کي ياد آهي، جڏهن جليل کي پهريون رائٽرز گلڊ انعام پنج سو رپين جو عطا ڪيو ويو هو ته حميد آخوند پاڪستان ڪائونسل حيدرآباد ۾ سائنس شام ملهائي هئي. مان خاص طرح اها شام ڏسڻ لاءِ حيدرآباد آيو هوس. اتي جليل پنهنجي تقرير ۾ جنهن ڏک ۽ تلخيءَ سان گلڊ جي انعام متعلق ڳالهايو هو اها ڪوڙاڻ منهنجي ذهن جو هڪ حصو بنجي چڪي آهي. اها مايوسي هر سنڌي اديب جو مقدر آهي. اها اُداسي آئيندو آهي. پر اسان جو اديب انهن سيني ڏکيائن هوندي به پنهنجي ڪم ۾ مگن آهي. هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نہ نالي جي پرواهہ آهي ۽ نہ ناڻي جي.

متي لکي آيو آهيان تہ "دل جي دنيا" تي منهنجو ڪيل تبصرو هڪ خاص ٽولي کي نہ وڻيو. ڪين تہ "دل جي دنيا" ئي نہ وڻيو هو. هو سخت پريشان هئا ۽ پنهنجي گهبراهٽ ۾ عجيب غريب حرڪتون ڪرڻ لڳا.

17 _ جون 1969ع واري خط ۾ جليل ان باري ۾ لکندي چيو:

"تنهنجي تبصري بابت فقط ايترو لکندس تہ تو ڪيترن ئي اسلامي اديبن ۽ پڙهندڙن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي. ان سموري واويلا جو سبب رڳو هڪڙو آهي تہ جيڪي ڪجهہ تو لکيو آهي، سو ڪنهن بہ آرٽسٽ جي حياتيءَ ۾ نہ لکيو ويندو آهي. (گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾) جيڪي ڪجهہ منهنجي ۽ منهنجي ڪهاڻين جي باري ۾ لکيو ائئي، سو جيڪڏهن منهنجي مرڻ کان پوءِ لکين ها تہ شايد ڪنهن کي بہ اعتراض نہ ٿئي ها. اهو صدمو مڃو ۽ ڪمپني برداشت ڪري وجن ها پر ڇا ڪيون! تو تبصري لکڻ ۾ تڪڙ ڪئي آهي ۽ مون مرڻ ۾ دير ڪئي آهي. وچون اُچاترا نقاد عرف مگٽهار مريو ٽا وجن. ڪجهہ ڏينهن اڳ مهراڻ اخبار جي هڪ ڪمپازيٽر ڪتاب تي تبصرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مون سندس ڇاڙتن کي چيو هو تہ افسانن تي تنقيد فقط اهو شخص ڪري سگهي ٿو جنهن افسانن جي ٽيڪنيڪ تي زبردست مقالا پڙهيا هجن. جاهل ماڻهوءَ کي ڪوبہ حق ڪونهي تہ تنقيد جي نالي ۾ هوڙهاري جنهن تنقيد ۾ اهو لکيو وڃي تہ: افسانا اسلامي يا غير اسلامي آهن، تہ اهڙي تحرير تنقيد نہ بلڪ جهالت جي سند آهي."

ان وقت ارشاد پناڻ (پڙهيل ڳڙهيل ڪايست آهي) قرت العين حيدر جو حوالو ڏنو تہ:

"هندستاني تنقيد جو معيار اهو آهي تہ نقاد جنهن بہ ليکڪ جي حمايت ۾ تنقيد ڪندا، تنهن جي افسانن جي پڇڙي مديني سان وڃي ملائيندا ۽ جنهن ليکڪ جي خلاف لکڻو هوندن تنهن جي افسانن جي پڇڙي روس سان ملائيندا. اهو آهي اسان جي تنقيد جو معيار. 'دل چاهي ٿي تہ هڪ هڪ ادبي ٺيڪيدار کي ڪنڌ کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهلي چوان تہ جيڪڏهن اوهان هيمنگوي، سيرويان، اسٽائين بيڪ، اروِن شا، ڪامو، موراويا، ڪرشن چندر، بيدي وغيره کي نہ پڙهيو آهي، چيخوف کي نہ پڙهيو آهي، توهان کي افساني جي بنيادي ضرورت Conquest of time & element of time جي خبر نہ آهي تہ پوءِ افسانن تي رحم جي نظر ڪريو. مون کي سيرويان جو هڪڙو جواب ڏاڍو وڻندو آهي:

I do not write for the critics, I write for the people. اسان کي مُڇن، منهن ۽ گورو بينگارن کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ نہ گهرجي. پل تہ ڏوڙ ۾ پُڇ هٽي دز اڏائيندا رهن. گذريل هفتي ”هڪ لاش، راتين جا رولاڪ“ سبب روح رهاڻ جي سالنامي 1968ع کي BAN ڪيو ويو آهي سال کان پوءِ! واهہ جو فرشتن جا ڪارناما ۽ ڪم جي رفتار آهي.“

جليل جو مطالعو تمام گهڻو آهي. هن جي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ پيتين تي، ڪبٽن ۾، شوڪيسن ۽ ريڪن ۾ ايترا تہ ڪتاب رکيل آهن، جو ڏسندڙ حيران ٿي ويندو. خوشحاليءَ واري زماني ۾ هو وڏن دڪانن تان نوان ڪتاب خريد ڪندو آهي ۽ غربت واري زماني ۾ فٽ پاٿين تان پراڻا ڪتاب وٺي ايندو آهي. ان رشتي سبب ڪيس فٽ پاٿين وارا سڀ ڪتاب وڪڻندڙ سڃاڻن ۽ سندس اوسئيڙي ۾ ويٺا هوندا آهن.

لکڻ ۽ پڙهڻ جا بہ وقت مقرر اٿس. هر روز رات جو سمهڻ کان اڳ لکڻ ۽ پڙهڻ جليل جي عادت آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو ايترو گهڻو ۽ عمدو ادب ٿوري عرصي ۾ پيدا ڪري سگهيو آهي. سندس پڙهڻ ۽ لکڻ جي شوق جو اندازو ڀهرين جنگ دوران 16 سيپٽمبر 1965ع تي لکيل هن خط مان ڪري سگهجي ٿو:

”هر طرف اوندهہ آهي، گهگهہ اوندهہ. زمين کان آسمان تائين تاريڪي آهي، تارا چمڪن ٿا پر اجهاميل اُجهاميل، رستي تي جهڪي لائيٽ سان ڊوڙندڙ موٽرن، رڪشن ۽ بسن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو آهي. خطري جي سائرن سان اهي روشنيون بہ گم ٿي وينديون آهن. گذريل هڪ هفتي جي تاريڪيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾ ۽ ڪڏهن ڪٿ هيٺان موم بتيءَ جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ ۽ ڪڏهن لالٽين جي روشنيءَ ۾ پڙهندو ۽ لکندو رهندو آهيان. اکيون سايون ۽ ٿڪل ٿي پيون آهن. اڄ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيرو واٽ جو بلبل آندو اٿم. ٻاريم. پاڙي وارن ڪيڪون ڪيون، آهون ڪيون ۽ دانهون ڪيون جڻ هندستاني بمبار اچي پهتا هجن. سڄو بلب ڪاربن پيپر ۾ ويڙهيو اٿم ۽ اهڙي روشنيءَ ۾ تو ڪي هيءُ خط لکي رهيو آهيان، جنهن ۾ پنهنجا لکيل اکر پڙهڻ به محال آهن. صبح جو پڙهي ڏسندس ته ڇا لکيو اٿم.

ٻن راتين کان خطري جا سائرن نه وڳا آهن. زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه وسرندڙ راتيون گذارڻيون اٿئي ته هڪ به رات هت رهي وڃ. اچي ڏس ته سانجهيءَ کانپوءِ ڪيئن نه ڪراچي هيبتناڪ اونده ۾ ٻڏي ٿي وڃي.

جيڪڏهن اهڙي اونده وڏيڪ وقت لاءِ قائم رهي، ته پوءِ ڊپ اٿم ته اکين ۾ اونده نه سمائجي وڃي. رات جي ڏهين کانپوءِ پڙهڻ ۽ لکڻ جي اهڙي ته عادت پئجي وئي آهي جو پڙهڻ لکڻ کانسواءِ ننڊ به نٿو ڪري سگهان.“

”روح رهاڻ“ تي بندش پئجي وئي. سنڌي ادب تي هڪ افسوسناڪ خاموشي ڇانئجي وئي هئي. ڪتان به ڪو آواز ڪا صدا، ڪو سڏ ڪونه ٿي گونجيو. اهڙي خاموشي، جهڙي برسات کان اڳ واري مونجهه. مان ڪنڌڪوٽ ۾ پنهنجي زندگيءَ جا ڏکر ورهائي رهيو هوس. آئيندي جي ڪاٻه ڄاڻ ڪانه هئم. ادبي سرگرميون ڏري گهٽ ختم ٿي چڪيون هيون. اهڙي ئي هڪ خاموش ڏينهن تي جليل جو هيءُ خط پهتو 17 ـ مئي 1969ع جو لکيل:

”زندگي هڪ محور تي اچي بيهي رهي آهي. لکڻ کانسواءِ حياتي بيمقصد سمجهان ٿو. وقت ڪي سلام. نه رسالا آهن ۽ نه ئي ڪجهه لکڻ تي روح ڪري ٿو. قلم کان اڳٽ ڪانڙيءَ جو ڪم وٺي رهيو آهيان.“

هڪ دفعو وري به اها خاموشي بي مقصد ڪانه هئي. هن خاموشيءَ جليل جي ٻئي ڪتاب ”جڏهن مان نه هوندس“ کي جنم ڏنو. هن جو مقصد ان طويل افساني کي ناوليٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو هو پر حالتن کيس ايئن ڪرڻ نه ڏنو. هو سوچ جي ساگر ۾ لڙهندو رهيو. ڳڻتيون ۽ ڳاراٽا کيس وڪوڙي ويا. حالانڪ ان وچ ۾ به هن ڪيئي مقبول ۽ مشهور افسانا لکيا پر سندس سوچ جو مرڪز ڪو ٻيو هو ۽ آخر 24 سيپٽمبر 1971ع تي لکيل خط سندس احوال آندو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" تو کان ڪجھہ بہ نہ لڪايو اٿم ۽ نہ لڪائي سگھندم. گذريل ڪجھہ سالن کان مان پاڻ ۾ تبديلي ايندي محسوس ڪري رهيو آهيان. ذهن ولوڙجي رهيو آهي. ايئن محسوس ٿو ٿئي، جڻ ٻاهرين ڪنهن قوت منهنجي وجود ۾ اچي ديرو ڪيو آهي. ان ۾ ماحول، حالتن ۽ ملڪي وايومنڊل جو هٿ آهي. مون کي يقين آهي تہ وجود لاءِ جدوجهد ڪندڙ قومن جو ادب ۽ فن پروپيگنڊا کان ڌار ڪري نٿو سگهجي. روز ڪاغذ ڪارا ڪندو آهيان. ڦاڙي ڇڏيندو آهيان ۽ وري ٻيهر لکندو آهيان. لکڻ کانسواءِ منهنجي زندگيءَ جو ٻيو ڪوبہ معقول مصرف نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو مقصد آهي. مون اڪثر تمام سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي تہ جڏهن لکڻ جي ذات مون کان کسجي ويندي (جنهن کي مان Talent exhausted چوندو آهيان) تڏهن مان خودڪشي ڪندس. جيڪڏهن جيئندس تہ اهو حادثو ئي پوندو.

"منهنجي ذهني پريشاني جو سڀ کان وڏو سبب هيءَ آهي، جو مان بدقسمتيءَ سان پنهنجي وجود ۾ بہ بلڪل مختلف ۽ هڪٻئي کان بلڪل ابتڙ شخصيتون کڻي جي رهيو آهيان. هڪ، جنهنجو نالو امر جليل آهي، سو سرڪش، ضدي ۽ باغي آهي. ٻيو جنهنجو نالو عبدالجليل قاضي آهي، سو ڀاڙيو، ٽيپ رڪاردر ۽ گراموفون جو پونپو آهي. ٻنهي جي پاڻ ۾ جنگ آهي. منهنجو وجود جنگ جو ميدان آهي.

منهنجو ٻيڃ ڏرتيءَ سان آهي. مان اهو رشتو ٽوڙي نہ سگهندس. ان رشتي کي برقرار رکڻ لاءِ مان ٻيو هر ڪو رشتو ٽوڙي ڇڏيندس."

جليل هاڻي حيدرآباد مان بدلي ڪرائي ڪراچي پهچي چڪو هو پر سندس بيقرار دل کي اتي بہ قرار نہ آيو. هو اجايل روح ۽ ڏکي دل کڻي تنهائين ۾ تڙڳندو رهيو. هن جي زبان سمجهڻ وارو ڪير بہ نہ هو. هن جي دل جو درد پرکڻ وارو ڪوبہ انسان نہ هو. هو اڳ بہ اڪيلو هو. هاڻي بہ اڪيلو هو. 23- آڪٽوبر 1971ع وارو خط پڙهي منهنجي دل کي جهٽڪو آيو:

" گذريل آچر تي تون ڏاڍو ياد آئين. K.M.C اسٽيڊيم تي پورٽ ٽرسٽ ۽ پي. آءِ اي جي فائينل فٽ بال مئچ هئي. ٻنهي ٽيمن ۾ International رانديگر هئا. ميچ کان بہ ڏينهن اڳوات ڪنهن يار دوست کي ڳوليندو رهيس، جيڪو اسٽيڊيم جي کهري ٽُلهي تي ويهي سگهي ۽ انهن هزارين مزورن، ڪارن مڪرانين ۽ اندر جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ سان سندن جذبن ۾ شامل ٿي سگهي پر ڪو به دوست نه مليو. اڪيلو وڃڻ تي دل جهلي نه سگهيس. ان ڏينهن شدت سان احساس ٿيم ته عمر جي گذرندڙ هر هڪ لمحي ۾ انسان هڪ اڪيلائيءَ کان ٻي اڪيلائيءَ تائين هيڪلو سفر ڪندو رهي ٿو. تون هجين ها ته جيڪر اها يادگار ميچ ڏسون ها.“

1972ع ۾ هلال پاڪستان ڪراچي مان نڪرڻ شروع ٿي. جليل ڀهرئين پرچي کان ئي ”تنهنجون منهنجون ڳالهيون“ نالي روزانو ڪالم لکڻ شروع ڪري ڏنو. اهو ڪالم بيحد پسند ڪيو ويو. ڇو ته ان ڪالم جي ذريعي جليل سنڌين ۾ سجاڳي آڻڻ جو هڪ نئون طريقو اختيار ڪيو هو. سنڌ جي دشمنن لاءِ هي ڪالم هضم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ڇو ته جليل پنهنجي مخصوص انداز ۾ سندن ڇوڏا لاهڻ شروع ڪري ڏنا هئا. 7- جولاءِ 1972ع تي سنڌ اسيمبليءَ، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري زبان بنائڻ جو بل پاس ڪيو ته رئيس امروهوي ۽ ٻين هڪدم هنگاما ڪرائي ڇڏيا. سنڌين جون جانيون ۽ ملڪيتون نفرت جي آڳ ۾ جلي ويون. انسان شرافت جا پردا چاڪ ڪري پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ ظاهر ٿي بيٺو. فقيرن، درويشن ۽ الهه لوڪن جو ديس سنڌ، نفرت جو شمشان بنجي پيو. ڪراچي جا سنڌي جان، مال ۽ عزت بچائڻ لاءِ لڏڻ لڳا. مون جليل کي فون ڪئي ته هڪدم ڪراچي ڇڏي مون وٽ ڪنڊڪوٽ هليو اچي. خط به لکيومانس. 14 جولاءِ 1972ع تي جليل جواب ڏنو:

”ڪراچي جو شهر نفرتن جو شهر ٿي پيو آهي. ڪجهه دوستن ۽ گهڻگهرن صلاح ڏني اٿم ته ٻارن کي سعيد منزل واري جاءِ مان ڪڍي وڃان. عجيب صلاح آهي هنن جي. ڪهڙو منهن کڻي هليو وڃان. پڇي وڃان! مان وڏ ۾ وڏ اهو ڪري سگهان ٿو ته عورتن کي نئين آباد يا روهڙيءَ روانو ڪري ڇڏيان. مان هتان نه نڪرندس. مان موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ چاهيان ٿو.“

هن واقعي ڪراچي نه ڇڏي. منهنجو دوست، موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسندو رهيو ۽ موت هارائي ويو. جليل جي زندگي موت سان کيڏندي گذري آهي. هن زندگيءَ کي هڪ ٺهڪ کان وڌيڪ اهميت ڪڏهن به ڪانه ڏني آهي. گهڻا سال اڳ 1960ع ۾ اسان ڪوئيٽا ويا هئاسين. هُرڪ تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفريح لاءِ وياسين تہ سچ لهي ويو. موٽندي هڪ ننڍڙو ٻار جنهنجا ماءُ پيءُ پريرو بيٺا هئا. ٻار بي خيالائيءَ ۾ رستي تي اچي بيٺو اوچتو وراڪي ڪان بس تيز رفتاريءَ سان ظاهر ٿي. ٻار ڪان چند فوٽن تي بہ بس نہ رڪي ۽ ٻار جو موت يقيني پئي نظر آيو. تڏهن اوچتو جليل منهنجي پرسان ٽپو ڏئي Dive ۾ ٻار کي وڃي جهٽيو ۽ ان کان اڳ جو بس ٻار کي چيپي وڃي، هو ڦيٽن ڪان ڪجھ انچن تان بچندو ٻار سوڌو وڃي رستي جي ٻئي پاسي ڪريو.

جليل ڪراچيءَ ۾ ٿي رهيو. ٽورن ٿي ڏينهن ۾ مان بہ ڪنڌڪوٽ ۾ ستن سالن جي خدمتن جو انعام وٺي اچي ڪراچي پهتس. اسان هڪ دفعو وري مليا هئاسون. سالن جي دوريءَ ڪانپوءِ پر هن دفعي مون کي جليل ڪافي حد تائين ڪمزور، فڪرمند ۽ پريشان نظر آيو. چيائين، ”دل تي چوي تہ ڊوڙندو رهان. ڊوڙندو رهان. بيهندس تہ مري ويندس.“

مان ڇا جواب ڏيانس؟ سندس حالت ڏسي ڏک ضرور ٿيم. هو وکري ويو هو. هن جو ذهن اجهامندو ٿي ويو. هيءُ اهو جليل نہ هو جنهن کي مان سڃاڻان؟ هي ڪو ٻيو اپاهڳو انسان هو. مون ڪيفي گرانڊ ۾ ويهي سندس ڳالهيون ٻڌيون. هي اها گرانڊ هئي، جنهن سان اسان جون ماضيءَ جون يادون وابستہ هيون ۽ اُتي جليل هڪ پيارو افسانو ٻڌ چوندو ويو. هڪ لاوو هو جو وهي هليو هو. پهاڙ هو جو ڀُرندو ٿي ويو. مان ٻڌندو رهيس. هو چئي رهيو هو. ”دل تي چوي تہ ڊوڙندو رهان.“

۽ مون کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن ڪرڪيٽ پرئڪٽس لاءِ اسر جو اٿي ڊوڙندا هئاسين، اڳيان اڳيان جليل- پويان اسان سڀ. شايد اڄ بہ ايئن ٿي آهي پر اڄ سندس پويان سنڌ جا سڀ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهن ۽ هي ڊوڙ اسان سڀ پيرين اگهاڙا، ٻاهرن ڪنڊن تي ڊوڙي رهيا آهيون! رڃايل رڻ- پٽ ۾ اڃايل انسان ڊوڙي رهيا آهيون. زندگيءَ جا زنجير هٿن پيرن ۾ پائي ڊوڙي رهيا آهيون. خوفزده ڇهري سان، ڊنل ۽ هيسيل نگاهن سان ڊوڙي رهيا آهيون. نتهڻ اُس ۾، اُلا اُلا اُپ مان آواز اچي رهيو آهي: ”مان سڪندر آهيان، مان ظلمات جو مسافر آهيان، مونکي آب حيات جي تلاش آهي!“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# منهنجو جليل

هيءَ ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌي ادب تي ڀرپور بهار آئي هئي ۽ سنڌس انگ انگ جرڪي ۽ مرڪي اٿيو هو. جڏهن شاعري توڙي ڪهاڻي پنهنجي عروج تي هئي. جڏهن سنڌي ليکڪ ورهاڱي جي صدمي مان تازا ٻاهر نڪتا هئا. جڏهن اياز ۽ شمشير ۽ تنوير ۽ دلگير ۽ برده ۽ سرويچ شاعريءَ جو مورچو سنڀاليو هو ۽ جمال ۽ رباني‌ءَ ۽ حفيظ ۽ ماهتاب ۽ ثميره افسانوي تي حاوي هئا. جڏهن نئين زندگي ۽ مهراڻ جو هر پرچو سانڍڻ تي دل چوندي هئي.

۽ هيءَ ان دور جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌي نوجوانن پنهنجي وطن سان ڪفن جو وچن ڪيو هو ۽ ڏيهه سان پريت ڪي پوڄا جو درجو ڏنو هو ۽ اکين ۾ بغاوت جا شعلا سجائي سنڌ جي ڳلي ڳلي، واهڻ ۽ وسنديءَ ۾ جاڳرتا جي جوت جلائي هئي.

۽ هيءَ ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌي ليکڪن ۾ شعور جي ڀرين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽنگ ڊکي هئي ۽ هنن محبت کي عبادت جي معنيٰ پهرائي هئي ۽ ٻوليءَ خاطر گولي سهڻ لاءِ سينو ساهي آگ جي دريا ۾ بي خوف ٽپي ڪڏي پيا هئا. ۽ هيءَ ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن شاگردن رياستي طاقتن سان مهاڏو اٽڪايو هو ۽ لاڪپ، ٿاڻا ۽ بنديخانا جيئي سنڌ جي نعرن سان گونجي اٿيا هئا ۽ تعليمي ادارا ميدانِ جنگ بڻجي پيا هئا ۽ جهنڊا جهوليا هئا ۽ گوليون گونجيون هيون ۽ ڌرتي ريتي رت سان رنگجي وئي هئي.

ها، هيءَ 1955ع جي ڳالهه آهي جڏهن ٻوليءَ جي تحريڪ ۽ ون يونٽ جي خلاف پهريون آواز اٿيو هو. تڏهن نواب شاهه جي سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻيءَ ۾ هڪ نوجوان پنهنجو پهريون افسانو "اندرا" جي عنوان سان پڙهيو هو. ان وقت هن پاڻ کي جليل پريمي سڏايو هو ۽ اڄ هُو اسان ۾ امر جليل جي حيثيت سان موجود آهي.

ان واقعي کي ياد ڪندي، 14 آڪٽوبر 1969ع تي حيدرآباد مان موڪليل خط ۾ هن چيو. "حيرت جهڙي دعويٰ آهي ته 'امر جليل 1962ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي.' يار کي ڪير ٻڌائي ته پاڻ جڏهن "چاند" رسالي ۾ لطيفا ۽ اردو فلمي پرچن ۾ مشهور ايڪٽرن ۽ ايڪٽريسن جي حياتين جا حال احوال ۽ راز لکي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندو هو، تڏهن 1955ع ۾ مون "ادا" رسالي لاءِ "اندرا" لکيو هو. ان کان پوءِ نوابشاهه جي ادبي گڏجاڻين ۾ پابنديءَ سان ڪجهه نه ڪجهه لکي اچڻ، ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت ۾ ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ 1958ع ۾ لا ڪاليج جي مئگزين ۾ ڪهاڻيءَ جو شايع ٿيڻ. اها ٻي ڳالهه آهي ته 1955ع کان 1962ع تائين مان وڏيڪ ڇپجي نه سگهيو هوس. اٽ ڏهه ڪهاڻيون "آزاد" ۾ ڇپيون هيون. ان عرصي ۾ مون عذاب سٺا، ناڪامين کي منهن ڏنم. هڪ ٻئي ڪري ڪهاڻيون رجيڪٽ ٿي موٽنديون رهيون. ان آزمائش مان مون حاصل ڪيو آهي، وڃايو ڪجهه نه اٿم. مان ته معمولي ڪک آهيان. پاپا هيمنگوي جي رائيٽر لکيو آهي ته هيمنگوي کي روزانو رجيڪٽ ٿيل ڪهاڻين جا لفافا منهن ۾ اچي لڳندا هئا ۽ اهو عرصو اٺ ڏهه سال هلندو رهيو."

سنڌي ادبي سنگت نوابشاهه جي اها شاخ، مسجد روڊ تي لڇمڻ ڪومل جي ڇڏي ويل گهر کان ٿوري قدمن تي، پير معين الدين ڪياروِيءَ جي نوڪرن واريءَ اوطاق ۾ هوندي هئي، جنهن ۾ ٻه ڪٽون، ٻه ٽي ڄُهريل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسيون، هڪ دونهاتيل لالٽين ۽ پٽڙ ۾ گهوٽن جي ٻڌڻ لاءِ ڪڙهه پڻ هوندي هئي. اها اسان جي آفيس بہ هئي، تحريڪن جو مرڪز بہ هئي ۽ اڳتي هلي ”ادا“ رسالي جو سرنامو، مارڪيٽنگ ۽ ڊسٽريبيوشن سينٽر پڻ بني. اسان لالٽين جي روشنيءَ ۾ پنهنجين لکڻيون پڙهندا هئاسين، تنقيد ۽ تبصرو ڪندا هئاسين ۽ پوءِ جڏهن هَئو مئُو ٽرندي هئي تڏهن آئنده جي جلسن جلوسن، وال چاڪنگ، پوسٽرن ۽ پمفليٽن جي منصوبابندي ڪندا هئاسين. اهو ماحول اسان جي نئين دوست لاءِ بلڪل اوپرو ۽ اجنبي هو. هُو ڪراچيءَ مان آيو هو ۽ سندس چواڻي ڪيس ”ڪراچيءَ نيڪالي“ ملي هئي. ڪرڪيٽر هو. مون جڏهن ڪيس پهريون ڀيرو ڏٺو تڏهن هو حامد علي گرائونڊ تي بيٽنگ ڪري رهيو هو.

عزيز لاهوري جيڪڏهن اڄ جي زماني ۾ کيڏي ها تہ شعيب اختر کان بہ تيز بالر مڃيو وڃي ها. منهنجي ساڄي هٿ جون هي ٽي پڳل آڱريون، نبي بخش انڙ جا بہ اڳيان پڳل ڏند ۽ اوپنر فولاديءَ جو ڪچو مٿو سندس طوفاني رفتار جا شاهد آهن. ان ئي لاهوريءَ جي ففٽ اسٽمپ تي ٻاهر ويندڙ شارٽ پچ بال کي، ساڄي ٽنگ ٻاهر ڪڍي، مِڊ آن تي اهڙيءَ طرح ڊرائيو ڪيائين جو بال زمين تي ليڪو ڪڍندو بائونڊري لائين پار ڪري ويو. اهڙو غيرروايتي شاٽ ان دور ۾ فقط امتياز ۽ اڄڪلهہ برائن لارا ئي کيڏي سگهي ٿو.

ڪرڪيٽ جي هن مڪني هاٽيءَ ۾ اسپورٽسمين جون سموريون خوبيون موجود هيون. جواني تہ هونئن ئي ديواني ٿيندي آهي، پر جليل تي مستيءَ جو رنگ مڙئي سوايو چڙهيل هو. آفتاب ”مَکي“ ۽ ”ماما“ منصور ڪٽان رولو گڏهہ ڪاهي آيا. جليل مٿس سوار ٿي پوري گرائونڊ جو چڪر هڻي آيو ۽ وڏيءَ excitement مان چيائين، ”يار ڪا سواري آهي!“

ٻَائڻ وڄائڻ، نچڻ ڪڏڻ ۽ ڊائلاگ چوڻ کان ويندي وڻ جي ٽاريءَ ۾ جُهولي، اَڌَ جي هن پار پهچي، سيني تي مڪون هڻي، ٽارزن وارا ڪوڪرات ڪرڻ سندس خاص مشغلا هئا. راهہ ويندڙ پوليس وارن کي ڇيڙڻ ۾ خاص مزو ايندو هوس. پري کان ڪو پوليس وارو ڏسندي ئي زور سان نعرو هڻندو هو ”پٽيوالا!“ ويچارو پوليس وارو پهريون حيران ٿيندو هو پوءِ پريشان ۽ آخر ۾ شڪي ٿي، ڪياڙي کنهندو کسڪي ويندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين جي عشق ۾ گهاري وڃڻ جو گُر بہ ڪيس خوب ايندو هو. ”حَبُوءَ“ نالي هڪ آفت ڇوڪري اسان سان پڙهندي هئي. وڻندي سيني کي هئي پر چڪر اسان جي ٿي هڪ دوست سان هلندو هوس. هڪ شام نم جي وڻ هيٺان ويٺي پيار ونديائون تہ جليل ٽڙ تي چڙهي، ٿارين مان منهن ڪڍي ڳري آواز ۾ چين، ”اڙي بابا، وري عشق پشق ڪرتي هو ڪيا؟“

عاشقن ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو. شڪايت ٿي. پرنسپال احمد سعيد خان اسان ٻنهي کي گهرائي ٻهريون چنبڙ پتي، پوءِ پيار سان سمجهايائين ۽ آخر ۾ نصيحت ڪندي چيائين، ”پٽ، جتي بہ دليون پاڻ ۾ راضي هجن اتي ٽئين جو دخل چڱو ناهي.“

جليل اها نصيحت ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏي ۽ ”ٻيءَ“ دل کي راضي ڪرڻ لاءِ اٺو ٻڌي نڪري پيو. آخرڪار ڪاميابيءَ سندس قدم چميا ۽ فيصلو ڪيائين تہ ثريا نالي هڪ سڪل سڙيل، ڊينبڙي، پتڪڙي، دانگيءَ جي تري جهڙي ڪارڙي، ڪوجهڙي ڇوڪريءَ سان سندس جوڙي واهہ جو ٺهندي. هڪ ڏينهن گهٽيءَ ريهرسل ڪان پوءِ ڪيس ورانڊي ۾ جهلي، خالص انگريزيءَ ۾ متي توڙ ڊائلاگ ڪجهہ هن طرح هنيائينس:

"Your eyes are nothing but two twinkling stars that shine in the dark sky!"

ڇوريءَ جا ڏسو تہ تارا ساوا ٿي ويا. هوش اڏامي ويس. ذري گهٽ دم ڏٺيءَ حوالي پئي ڪيائين. ٽيڙ ڪائيندي، پٽين کي هٿ ڏيندي، نير ڳاڙيندي وڃي ڪامن روم ۾ ڦهڪو ڪري ڪِري. ذري گهٽ پرائو خون ڳچيءَ پيو هو.

ڪرشن چندر، دت پارتي ۽ دليپ ڪمار کي گهوٽي پيتو هئائين. سندن لکيل توڙي چيل سمورا ڊائلاگ برزبان ياد هئس ۽ موقعي مهل تي ڏاڍي رواني‌ءَ سان ادا ڪندو هو.

گهٽو پوءِ جي ڳالهہ آهي، ڪراچي يونيورسٽي ۾ شيرين نالي هڪڙيءَ ڇوڪريءَ اسان جو سک چين کسي ورتو هو. وڏي مشڪل ڪان پوءِ سندس گهر جو فون نمبر هٿ ڪيوسين. وائيس چانسيلر جي آفيس هيٺان گرائونڊ فلور تي هڪ پبلڪ بُوٿ نهيل هو. رات جو لڪي لڪي اتان شيرين کي فون ڪيوسين. هوڏانهن ”هلو“ ٿي ۽ هيڏانهن جليل دت پارتيءَ جو ڪتاب ڪولي ڊائلاگن ۾ شروع ٿي ويو. هڪ جي مٿان ٻيو ٻئي جي مٿان ٽيون، نولي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڏهلو ڏهلي تي گولو گولي تي راڻي، راڻيءَ تي بادشاهه هٽندو ويو. جڏهن يڪي جو وارو آيو تڏهن چيائين، ”مان تو کان سواءِ زندگي جي رڻ پٽ ۾ اڪيلوئي اڪيلو ڪٿي اونداهين ۾ گم ٿي ويندس شيرين!“
جواب مليو ”مان شيرين ناهيان، سندس ماءُ ٿي ڳالهايان.“
مٿو چڪرائجي ويس. روئڻهارڪو ٿي مون ڏي ڏٺائين.
اشاري سان چيومانس، ”ڌيرڪ استاد.“
يڪدم پلٽو کائي چيائين، ”جي شيرين جي ماءُ اهڙي شيرين آهي ته پوءِ شيرين ڪيتري نه شيرين هوندي!“ مون کي پڪ آهي ته مائيءَ اها سڄي رات خوشيءَ جا گيت ڳائنا هوندا ۽ سؤ دفعا آئينو ڏٺو هوندو ۽ هر بار شرمائي هوندي ۽ پهريون دفعو ڏيءَ کي رقيب جي نظر سان ڏٺو هوندو.
اهڙي من موجيءَ کي جڏهن مون چيو ته ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ هل ته صفا پڙ ڪڍي بيٺو. ٻانهون ٻڌي چيائين، ”منهنجي حال تي رحم ڪر، بابا.“
چيائين، ”اسان مست ماڻهو. اسان ڇا ڄاڻون شاعري ٻاڻريءَ مان“
چيم، ”شاعري ڇڪ پائيندي ڇا؟“
چيائين، ”ڇڪ يلي پائي، شاعريءَ کان پؤ ٿو ٿئي.“
پهرينءَ گڏجاڻيءَ ۾ ڪٽ تي پير پٽاري، پٺ کي ٽيڪ ڏئي خاموش ويٺو رهيو. ان وچ ۾ ادب جي آبياري ٿيندي رهي ۽ پير صاحب جي ماڻهن جا گهوڙا اديبن جي وچ مان اندر ايندا ۽ ٻاهر ويندا رهيا. اديب پنهنجن تبصرن ۾ الجهندا رهيا ۽ بحث مباحثو ڪندا رهيا.
ٻاهر نڪتاسين ته چيائين، ”اهڙا ته سوين افسانا مان به لکي سگهان ٿو.“
سندس اهي لفظ ان وقت عجيب ضرور لڳا هئم پر خبر ناهي ڇو مون کي پڪ ٿي وئي ته هُو جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهي، سچ چئي رهيو آهي. هاڻي جڏهن به جليل جي نئين ڪهاڻي يا ڪالم ڪهاڻي پڙهندو آهيان ته مون کي سندس ان جملي جي سچائي ۽ پنهنجي اعتماد تي اڻ ڄاتي خوشي محسوس ٿيندي آهي. مڪيه ڪارڻ ان سرهائيءَ جو اهو آهي ته انهن ڏينهن ۾ جليل کي سنڌي لکڻ ته پري جي ڳالهه. سنڌي ڳالهائڻ ۾ به ڏکيائي ٿيندي هئي. ڪراچيءَ واري ڪريل اردو ڳالهائيندو هو.
ٻئي هفتي هو ڏهن ٻارهن صفحن وارو طويل افسانو ”اندرا“ لکي آيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا لاهه نڪري ويا. ان ڪان پوءِ هفتي اوترو ئي ڏکو افسانو "ڪاغذ جا گل" ڪٺي آيو. ان ڪان پوءِ هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو. ڪجهه ڪهاڻيون "ادا" ۾ ڇپيون. "ادا" بند ٿيو ته ٻيو ڪو ڇاپڻ لاءِ تيار ڪونه هو. لاچار هندستان جو رخ ڪيوسين. اتم جي "نئين دنيا" ۾ هريءَ جي "ڪونج" هٿون هٿ ڪٺي ورتو. بي پرواهه بادشاهه جليل جي زندگيءَ ۾ عجيب انقلاب اچي ويو هو ڇهين جون 1968ع تي لکيل خط ۾ ڇپائين:

"مان هڪ اٽل فيصلي تي پهتو آهيان قمر. ته منهنجو وجود سنڌ سان آهي. سنڌي ٻوليءَ سان آهي. سنڌ کان سواءِ مان پنهنجي وجود جو تصور به نٿو ڪري سگهان. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا رٿا بندي ڪئي وئي آهي، جيڪي منصوبا سٽيا ويا آهن، تن جي ترڪيب ۽ چنگيزي استعمال ڏسي منهنجي دل پڃي پئي آهي. مان مرڻ چاهيان ٿو. مان خودڪشي ڪندس پر پنهنجين اکين سان سنڌ کي ختم ٿيندي ڏسي نه سگهندس. جيڪڏهن پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ڏوهه آهي ته پوءِ مان ڏوهاري آهيان. دنيا جو هر ڪو وطن پرست ڏوهاري آهي. ان ڏوهه لاءِ جيڪڏهن مون کي گوليءَ سان اڏايو وڃي ته مان تيار آهيان. نوڪري کسين، مان بيروزگاريءَ لاءِ تيار آهيان. پر ٻوليءَ جي معاملي ۾ ۽ بنيادي حقن جي ورچ ۾ ڪنهن به قسم جو ناهه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. مان ظلم کي ظلم سڏيندس، هر هڪ چنگيز ۽ هلاڪو خلاف لکندس. انهن قوتن جي خلاف لکندس جيڪي اسان جي خلاف ڏينهن رات ڪم ڪري رهيون آهن ھونئن ئي "واچ" هلي رهي آهي. منهنجي لاءِ مشڪل دور هلي رهيو آهي. مون کي اجا گهڻو ڪجهه لکڻو آهي، ٻڌائڻو آهي. مان هڪ ڪهاڻيءَ جو ڪفن ٻڌي آپگهات ڪرڻ نٿو چاهيان. ... سنئون جبل سان متو هڻڻ سان جبل نه لڏندو. جبل مان هڪ پٿر به ٽٽي نه سگهندو."

اسان ڪراچيءَ هليا آياسين.

تحريڪون جاري رهيون، بلڪ منجهن ايوب خان جي سخت مخالفت سبب وڏيڪ تيزي اچي وئي. اسان اها جنگ ڪراچيءَ جي روڊن رستن تي وڙهي. سنڌي ادب ۾ طارق اشرف جي "سهڻي" ۽ حميد سنڌيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ”روح رهاڻ“ مزاحمتي انقلاب آڻي ڇڏيو. جليل جي ”بارنس اسٽريٽ جو غنڊو“ ۽ چربٽ سيريز کي نوجوان نسل تازي هوا جو جهوٽو ڄاڻي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. هڪ نئين ۽ انوکي دور جي شروعات ٿي چڪي هئي. ان کان پوءِ آيون ”هڪ دل جي اڪيلائي“، ”اروڙ جو مست“، ”جڏهن مان نه هوندس“، ”سرد لاش جو سفر“ ۽ ”پکي“ جهڙيون لازوال ڪهاڻيون. هن کان اڳ ڪنهن به ليکڪ پڙهندڙن کي ايتري اعتماد ۾ ونئي، ايڏي پنهنجائيءَ سان سندن دل جي ڳالهه نه ڪئي هئي. ڏسندي ئي ڏسندي هُو سندن محبوب هيرو بنجي ويو.

24 سيپٽمبر 1971ع تي هن مون ڏانهن لکيو:

”روز ڪاغذ ڪارا ڪندو آهيان. ڦاڙي ڇڏيندو آهيان ۽ وري ٻيهر لکندو آهيان. لکڻ کان سواءِ منهنجي زندگيءَ جو ٻيو ڪوبه معقول مصرف نه آهي ۽ نه ئي ڪو مقصد آهي. مون اڪثر تمام سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي ته جڏهن لکڻ جي ذات مون کان کسجي ويندي (جنهن کي مان Talent exhaustion چوندو آهيان) تڏهن مان خودڪشي ڪندس، جيڪڏهن جيئندس ته اهو حادثو ٿي پوندو.

منهنجي ذهني پريشانيءَ جو سڀ کان وڏو سبب هيءُ آهي جو مان بدقسمتيءَ سان پنهنجي وجود ۾ به بلڪل مختلف ۽ هڪ ٻئي کان بلڪل ابتڙ شخصيتون ڪٺي جي رهيو آهيان. هڪ، جنهن جو نالو امر جليل آهي، سو سرڪش، ضدي ۽ باغي آهي. ٻيو جنهن جو نالو عبدالجليل قاضي آهي، سو ياڙي، ٽيپ رڪارڊر ۽ گراموفون جو پونڇو آهي. ٻنهي جي پاڻ ۾ جنگ آهي. منهنجو وجود جنگ جو ميدان آهي. منهنجو پيچ ڊرتيءَ سان آهي. مان اهو رشتو ٽوڙي نه سگهندس. ان رشتي کي برقرار رکڻ لاءِ مان ٻيو هر ڪو رشتو ٽوڙي ڇڏيندس. اسان جي ياري ان ڪوري مان پچي نڪتي آهي قمر، جتي خط پٽ ڪا اهميت نه رکندا آهن. مان تنهنجو آهيان.“

يونيورسٽيءَ ۾ اسان ڏينهن جو ڪيچلون ڪندا هئاسين. TPC (ٽرڊ پرنس آف ڪوچين) جي ڪليل گاڏيءَ ۾ چڙهي واڻهڙن کي چِتو ڪندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئاسين، ان ئي گاڏيءَ کي ڳاڙهو ڪپڙو ڏيکاري ساٽس بُل فائيٽنگ ڪندا هئاسين. آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ ناچ وجهندا هئاسين. ڇوڪرين جو جيئڻ حرام ڪندا هئاسين. شام جو ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين ۽ رات جو دير دير تائين جاڳي لکندا هئاسين.

ڪي گڏ اسان جي يار ۾ اهڙا هئا جن جي اسان کي بروقت خبر ئي ڪانه هئي. آهستي آهستي جڏهن ڏک لڳندا ويا تڏهن ڪاپاڻ کلندا ويا.

هڪ ڇوڪري اهڙي ته سهڻي يونيورسٽيءَ ۾ آئي جو ماڻهن جا وات ڦٽجي ويا. اصل مک پٽي ترڪيس، گلابي رنگ، ڳاڙها چپ، نشيلا نيڻ- جڻ ڪا آسماني مخلوق هجي. جليل نالو رکيس "The most beautiful creature on earth". نالو ڪجهه وڏو ٿي ويو هو ان ڪري کيس فقط Creature سڏڻ تي اڪتفا ڪئي سين.

ٻي، جا سندس پيڻ يا سوٽ يا ماسات يا پاڙيسرڻ ٿي لڳي، سا ٻه گهٽ ڪانه هئي. بس جسم ۾ ٿوري وڏيڪ صحتمند ۽ ڪجهه ڪجهه ڪيڏي هئي، ان کي سڏيوسين "گدامڙي". ڪجهه ڪٽي، ڪجهه مٽي. وات ۾ پاٽي ته ايندو ئي ايندو هو پر گگ به ڳڙي پوندي هئي.

هر ڪنهن پنهنجا حيلا هلايا. فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. هنرمند هر هنر آزمائڻ لڳا. وريو ڪجهه به ڪونه. اسان اجا واجهه وجهڻ ۾ پورا هئاسين ته اوچتو هڪ ڏينهن ڇا ڏسون ته جليل ڪريچر، گدامڙي ۽ سندن اڌ ڊزن کن سهيلين جي وچ ۾ راجا اندر ٿيو ويٺو آهي. ٿهڪڙا پيا پون، ڳانڙا پيا ڳائجن، تاڙا پيا ملائجن، ڪچهريون پيون ٿين.

نمڪ حراميءَ جي به ڪا حد ٿيندي آهي! ههڙي غداري ته مير جعفر به نه ڪئي هوندي، ڏٺي وائٺي منافقيءَ تي اندر ئي سڙي ويو. ڪا هڪ ڏينهن جي ڳالهه هجي ته ڪٽي زهر جو ڍڪ پي ويجهي، هيءَ ته روز جو معمول بنجي پيو. ويٺي ويٺي لکندي ڳالهائيندي اوچتو الوپ ٿيو وڃي. جان ڪٽي ڏسون ته پرين جي جهرمٽ ۾ ويٺو آهي. سوال ڪيون ته جواب نه ڏئي. پنهنجي منهن مرڪندو وتي. رڳو ڳالهه اتي بس ٿئي ته به چڱو. هن ته ٻين سهيلين جو به پتو ڪٽي ڇڏيو. سنئون سڌو وڃي دوستي رکيائين ڪريچر سان. هر هنڌ پاڇي جيان ساڻ. اسان کي ته ڪريچر جي بينائيءَ تي شڪ ٿيڻ لڳو. ڪن چيو ته ڪل تڙي اٿس، متيون منجهي ويون اٿس، قيامت تي ڪاري ڪري ڪن جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال هو تہ سڄو ميڇالو ڪنن مان وهي ويو اٿس. ڪن چيو تہ ڪيس هلي ٻڌايون تہ هيءَ گوريلو اٿئي، گورو بنگارا اٿئي. ٻن مانس اٿئي. پڇي جان ڇڏاءِ پر اهي سڀ حسد جون ڳالهيون هيون. دراصل جليل ڪي قدرت پرائي کي پنهنجو ڪرڻ جي هڪ خاص صلاحيت سان نوازيو آهي، جيڪو ڪيس هڪ دفعو مليو سو سمجهو تہ هٿن مان ويو. خلاص!

پر اسان کي جلد ئي پلاند ونڻ جو ڀرپور موقعو ملي ويو. ٿيو هيئن جو بارش جي هڪ ڏينهن، جڏهن سڄي يونيورسٽي پڪنڪ جي موڊ ۾ هئي، تڏهن اسان جو يار لُٽو پيرزادو خبر ناهي ڪٿان پولو هٿ ڪري آيو. شاگردن جا اچي ڳاهٽ ٿيا. ڪريچر ۽ گدامڙي بمع پنهنجي ٽيم جي پڻ وڏي شوق سان بيٺي تماشو ڏنو.

پولو بہ ڪو پلستر نڪتو. ڪنهن کي ڏند پيو ڏيکاري، ڪنهن تي اُلرون پيو ڪري، ڪنهن جي ٽوپي پيو لاهي. هر ڪو پنهنجي عزت بچائڻ ۾ پورو هو جو اوچتو پولي جي نظر وڃي جليل تي پئي. سموري مستي نڪري ويس. ساهُ وڃي لُڪيءَ ۾ ڦاٿس. ههڙي بلا شايد اڳ ڪٿي ڪونہ ڏٺي هئائين. اکيون ڇنڀي ڪيس غور سان ڏٺائين ۽ پوءِ پٺو ۾ رانياڻ ڪندو ٽپو ڏئي وڃي ٽنيءِ پويان لڪو. گهڙي ڪن ڪان پوءِ هوريان هوريان ٿورو منهن ڪڍي ڪيس ڏٺائين ۽ پوءِ وري ڪٽي منهن ٽنيءِ ۾ لڪايائين. ڄڻ جان تي بنجي آئي هجيس.

اسان جي تہ ڄڻ الله ٻڌي، گد گد پيا ٿيون. هنيوڇيون پيا هٽون. سينو تاڻي آڪڙجي ڪريچر آڏو بيهي رهياسين. ڪنهن تہ هنيانءَ جي باهہ ڪان چئي بہ ڏنو تہ "اڙي هن ڪان تہ جانور بہ ٽا ڏڪن، توهان ڇو انڌيون ٿيون آهيو چوريون؟"

پر اسان جي خوشي گهڻي دير قائم رهي نہ سگهي. جليل جي جادوءَ ڊنل پولي کي چند منٽن ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيو. هو جو ٿوري دير اڳ جان بچائڻ لاءِ لڪڻ جون جايون ڳوليندو ٿي وتيو سو ٽپ ڏئي اچي سندس جهوليءَ ۾ وينو. پنهنجو مٿو جليل جي ڪلهي تي ڊاري، پولو اکيون پوري وڏي آنند سان ليٽي پيو ڄڻ ورهين جا وڇڙيا مليا هجن.

مون ڪي سنڌي ادب جا ڪيترائي اهڙا پولا سڄهن جي ٻين ڪي تہ ڏند بہ ڏيکاريندا آهن، الرون بہ ڪندا آهن، تہ ٽوپي بہ لاهيندا آهن، پر جليل جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوليءَ ۾ ويهڻ لاءِ ماندا هوندا آهن.

اها هن جي فطري خوبي آهي. دليون جيتي ڇاڻي. محبت ونڊي ڄاڻي. شفقت جو هٿ مٿي تي رکي ڄاڻي. بري کي برو نہ چوندو. بحث ۾ نہ الجهندو. ڪنهن جي انا کي ضرب نہ پهچائيندو هو سنڌي ادب جو "جينٽلمين ليڪڪ" آهي. صاف، سٿرو کرو نماڻو مئو ۽ ايماندار. هن جو پنهنجي فن ڏانهن بہ ساڳيوئي رويو آهي.

17 جون 1969ع واري خط ۾ هن لکيو هو:

"افسانن تي تنقيد فقط اهو شخص ڪري سگهي ٿو جنهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ملڪي ۽ غيرملڪي افسانن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي ۽ جنهن افساني جي ٽيڪنيڪ تي زبردست مقالا پڙهيا آهن. جاهل ماڻهوءَ کي ڪوبہ حق ڪونهي تہ تنقيد جي نالي ۾ ٻوڙ هاري، دل چاهي ٿي تہ هڪ هڪ ادبي ٺيڪيدار کي ڪنڌ کان جهلي چوان تہ جيڪڏهن توهان هيمنگوي، سيرويان، اسٽائين بيڪ، ارون شا، ڪامو موراويا، ڪرشن چندر بيدي ۽ چيخوف کي نہ پڙهيو آهي، توهان کي افساني جي بنيادي ضرورت Conquest of time ۽ Element of time جي خبر ناهي تہ پوءِ توهان کي افساني تي رحم جي نظر ڪرڻ گهرجي."

جليل جا شروعاتي افسانا جذباتي، رومانوي ۽ زميني حقيقت کان گهڻو پري هئا، پر سنڌ ۾ جاري سجاڳيءَ جي لهر، شاگردن جي ويڙهاند ۽ تيز تر ٿيندڙ تحريڪن، ادب ڏانهن سندس رويو بلڪل بدلائي ڇڏيو. هن جي لهجي ۾ تکاڻ ۽ طنز ۾ گهرائي اچي وئي. وچولي دور جا گهڻي ڀاڱي افسانا ان حقيقت جي عڪاسي ڪن ٿا. موجوده دور مڪمل Maturity نهراءَ ۽ طبيعت ۾ آيل فقيراڻي سوچ ۽ آفاقيت (Universality) جو اولڙو آهي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اخباري ڪالمن سبب ٽن زبانن ۾ هڪ ئي وقت سندس موجودگي تہ ضرور رهي ٿي پر سندس ڪهاڻين جو Raw material (ڪچو مال) بريءَ طرح ضايع ٿي رهيو آهي.

ڪالم ڪهاڻي هڪ نئين صنف ٿي سهي ۽ ان جو سهرو بہ جليل جي سر ٿي آهي، پر پوءِ بہ سندس فني ڪمال کي ٿوري دير پاسيرو رکي ڏسبو تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سوين موضوع ۽ پلاٽ جيڪي وقتي حالتن جي ور چڙهي رهيا آهن، سي جيڪڏهن انفرادي طور ڪهاڻيءَ جي treatment (اسلوب) سان لکيا وڃن ها تہ جيڪر اهي سوين ڪهاڻيون جليل توڙي سنڌي ادب جي اڳ ئي مالامال خزاني ۾ بي بها اضافي جو باعث بنجن ها.

هن مانيٽي، سنجيده ۽ باوقار شخص جي اندر ۾ هڪ نهايت ئي شرير ٻار ويٺل آهي، جيڪو لک سمجهاڻ جي باوجود باز نٿو اچي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪا نہ ڪا چنهنبڙي پائي ئي وٺي: بلڪل سنڌس چرٻٽ پاڻتي جيان جيڪو ننڍي هوندي گهري ننڊ ۾ ستل ڪنهن نہ ڪنهن گهر ڀاتيءَ جي پير ۾ چڪ پائي ڪيس چرڪ ڀرائي دانهن ڪرڻ تي مجبور ڪندو هو ۽ جنهن کي جيڪڏهن چئبو هو تہ ويهي رهہ تہ ليٽي پوندو هو ۽ ليٽڻ لاءِ چئبو هوس تہ ٽنگون مٿي ڪري ٻانهن جي سهاري الٽو ٿي بيهي رهندو هو ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايئن ئي بيٺو رهندو هو. گلاس ۾ کير ڏبو هوس تہ چوندو هو سائي گلاس ۾ ڏيو. سائي ۾ ڏبس تہ ڳاڙهي ۾ گهرندو ڳاڙهي ۾ ملندس تہ چوندو کير نہ کپي، پاڻي ڏيو.

هن جا ڪردار اسان منجهان ئي آهن. ڏنل وائنل، ڄاتل سڃاتل، تومون جهڙا. سعيد منزل جي ڪنڊ تي اخبارون وڪڻندڙ گهانچي هجي يا مٿينءَ منزل تي رهندڙ نوابشاهہ جو سائين گولام رسول شاهہ يا وري ملڪ پلانٽ جو خفخاني ايم ڊي. شروع شروع ۾ سنڌس ڪردار واقعا توڙي local (جاءِ واردات) ايترا تہ حقيقي هوندا هئا جو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ لکيل ان سچ جي ڪيس ڀاري قيمت ادا ڪرڻي پئي. دوست رسي ويا، تعلقات بگڙي ويا ۽ ڪن حالتن ۾ تہ ظاهر ظهور دشمنيون پئدا ٿي پيون. خاص طور ويجهن دوستن جي جوين تہ وڏو ممڻ مچايو ۽ کيس هر طرح کان ناپسنديده شخصيت قرار ڏئي ڇڏيو.

هاڻي ڏڪ جهلي ويو آهي پر پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن پنڙيءَ تان لهي ويندو آهي. سنڌس اهي ننڍڙيون ڀُلون، ساڻس محبت ڪرڻ وارا لکين سنڌي مرڪي معاف ڪري ڇڏيندا آهن.

جليل، تون اسان جو مان آهين، شان آهين، ڀرم آهين، شرم آهين، جند آهين، جان آهين تو اسان جو دنيا ۾ ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. ٿل خوش هجين، آباد هجين، ايئن ئي مرڪندو رهين. ايئن ئي لکندو رهين، ايئن ئي جيئندو رهين. ايئن ئي لکين دلين جو پيار ميڙيندو رهين. ❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# امر جليل جي دل جي دنيا

ادب لفظن وسيلي زندگيءَ جو اظهار آهي. ادب جي اهميت ان ڪري به سرس آهي جو ادب جو انساني زندگيءَ سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي. انسان پنهنجي حياتيءَ ۾ جا ڏٺو جا ڪيو ۽ جا ماڻيو انسانذات سان ويجهو تعلق رکندڙ مسئلن متعلق جا سوچيو ۽ جا محسوس ڪيو: لڙڪ ۽ مرڪ جا اکين ڏٺا احوال قلمبند ڪرڻ، انساني ڪشمڪش کي ڪاغذ تي اُتارڻ، سچ ۽ ڪوڙ مڪر ۽ فڪر، دغا ۽ دان جي آکاڻين کي عام اڳيان آڻڻ جو ٻئي نالو ادب آهي. ان ڪري ايئن چوڻ هرگز وڌاءُ نه ٿيندو ته هڪ ادبي شهپارو سنئون سڌو زندگيءَ مان ئي اُپري ۽ اُسري ٿو ـــــ ۽ ان ڪري بهترين ادب پيش ڪرڻ واسطي ذاتي تجربو ۽ مشاهدو نهايت ئي ضروري آهي. گڏوگڏ، اهو به لازمي آهي ته ليکڪ ان مشاهدي کي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪري اهڙيءَ طرح جو ادب جنم وٺندو سو امر رهندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امر جليل جي يارهن ڪهاڻين جو مجموعو ”دل جي دنيا“ بہ اهڙي قسم جو ادبي خزانو آهي، جنهن کي وقت جي لَٽ لَٽي نہ سگهندي، ڪروڙ جي ڪَٽ ڪَٽي نہ سگهندي، صديون سونهن سينواري نہ سگهنديون.

جليل اسان جي افسانوي ادب جو سورمو آهي. هن جو قلم سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو آهي. سندس ڪهاڻيون ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بهترين ڪهاڻين سان پيٽي سگهجن ٿيون. ٿوري ئي وقت اندر هن گهڻو ۽ سٺو ادب پيدا ڪيو آهي ۽ ان جو سبب صرف اهو آهي تہ هن زندگيءَ کي نهايت ئي قريب تي ڏٺو آهي. هر جهُريل جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺو اٿس، هر گهائل سيني تي سر رکي سڏڪي رنو آهي. هر پٿونءَ پير تي لڙڪ لاڙيا اٿس، هر پورهيت جي زخمي هٿن کي پاٻوهہ مان چمي اکين تي رکيو اٿس. پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جي سنڌ جو سَنڌ سَنڌ چُور چُور ڏٺو اٿس. ريتن، رسمن ۽ رواجن جي گهاڻي ۾ پيڙهجندڙ جوانين جون دانهون جوالا بنجي سندس جيءَ کي جلائينديون رهيون آهن. ڏاڍ ۽ ڏمر جي ڏاٽ ڏڪندي ڏٺي اٿس ۽ غربت کي ليڙن ۾ ليلڙاٽ ڪندي ڏٺو اٿس. سندس حساس دل جو ڪجهہ ڏٺو آهي ۽ محسوس ڪيو آهي، ان کي هن هميشہ نهايت ئي ديانتداريءَ سان ڪهاڻين جو روپ ڏئي اوڊايو آهي. پنهنجي فن سان اها سچائي ۽ محبت ئي سندس ڪاميابيءَ جو راز آهي. هن اڄ تائين جو ڪجهہ لکيو آهي، سو ظالم جي تارونءَ ۾ تير ٿي لٿو آهي، ڏاڍي جي ڏيل تي ڏهڪاءُ ٿي ڪڙڪيو آهي ۽ پاپيءَ جي من ۾ پڇتاءُ ٿي تڙپيو آهي. هن جي عقابي اک سماج جي هر برائيءَ کي چِڳيءَ طرح ڏٺو ۽ پرکيو آهي. هن جي قلم هميشہ پنهنجي مالڪ جي اشاري کي سمجهيو، سچاتو ۽ مڃيو آهي.

جن کي بہ ”جليل“ سان گڏ گهارڻ جو موقعو مليو هوندو سي مون سان ضرور اتفاق ڪندا تہ هن جي حياتي، ذهن ۽ روح هميشہ عجيب ڪشمڪش جو شڪار ٿي رهي آهي. ڪا تڙپ، ڪا لوچ سندس دل جي گهراين ۾ چيت جيان چپندي پئي رهيا آهن. ڪو اڻ لکو غم سندس اداس اکين جي ميراث بنجي چڪو آهي. ڪا ڏکويل ڪوڪ، جا صرف ڪوئل يا ڪويءَ جو سينو چيري ئي ٻاهر نڪري سگهي ٿي، سا هن نوجوان جي چپن تان اٿلي اچڻ لاءِ هردم آتي آهي. مون سندس بيچينيءَ سان سال گڏجي گهاريا آهن. سندس روحاني آوارگيءَ جو ساٿ ڏنو آهي، ڪڏهن ڪرڪيٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄمي ميدان تي، ڪڏهن ٿيٽر جي اسٽيج تي، ڪڏهن ڪئمپس جي ڪال ڪوٺڙي ۾ ڪڏهن ڪلفٽن جي اداس ڪنارن تي. پر سندس روح جي ويراڳ کي سمجهي نہ سگهيس. هو خود بہ سمجهي نہ سگهيو آهي اها مهما.

گلن ڪان ڪنڊا ڏار ڪندي، هن ڪيئي بار پنهنجا هٿ بہ زخمي ڪيا آهن. ڏاڍ کي بي نقاب ڪندي، هن سور ۾ سختيون بہ سٺيون آهن. انسان کي آزمائيندي، هن دل جي دنيا داءَ تي بہ لڳائي آهي. مظلومن جا لڙڪ اگهندي، هو خون جا آنسو بہ رنو آهي پر پوءِ بہ سنڌي ادب جو هي سچو ساٿي ڪڏهن بہ دلشڪستو ۽ نااميد نہ ٿيو آهي. هن جو قلم تتل تير جيان اونداهيءَ ۾ لاٽ جي ليڪ ٺاهيندو، چمڪاٽ ڏيندو، ريتن رسمن واري راڪاس جي رنگ محل طرف سرڙاٽ ڪندو اُڏرندو رهيو آهي.

جليل جا ڪردار هڏ ۽ ماس جا اهي جيئرا جاڳندا انسان آهن، جن کي اسان روزمره جي زندگيءَ ۾ هر روز ڏسون ۽ گڏجون ٿا. ايتريقدر جو انهن مان گهڻا تہ اسان جا پاڙيسري، عزيز ۽ دوست بہ آهن. جليل ڪين اهڙي تہ سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ويهي گهڙيو آهي، جو جيڪڏهن غور سان پڙهو تہ سندن ساهہ کڻڻ جو آواز بہ ٻڌي سگهبو. ”سوجهري“ جا ربو ۽ بنبل دادا، ”اروڙ“ جو عارب ماڇي، ”عشق ۽ انٽرويو“ جي زرينہ، ”ڌرتيءَ جي ڌوڙ“ جي بالي ۽ شاهو ”چار جو شيخ ۽ علي“، ”دل جي دنيا“ جي تمنا ۽ ٻيا ڪيئي ڪردار اسان جا جاتل سڃاتل، ڏٺل ۽ وائٺل آهن. ڪري سگهندو ڪو انڪار تہ هر پاڙي، هر ڳوٺ ۽ هر شهر ۾ ٻنبل دادا، ربو، شاهو ۽ شيخ جهڙا ڪردار نٿا پلجن؟ ڪير چوندو تہ تمنا جهڙين ڪيترين ئي مجبور بيوس ۽ معصوم نياڻين جون تمنائون خاڪ ۾ ملائڻ وارا ڊپٽي ۽ سندن اوبل گاڏيون اسان وٽ ناهن؟ ڪو ٻڌائيندو تہ هزارن شاهُن جو گناهہ باليءَ جي ڪُکِ ۾ ڪندي وانگر نٿو چڀي؟...... تمنا خوشين جا خواب سڄايا، پر اهي سڀ اوبل جي ڌوڙ ۾ دٻجي ويا. جليل ان افساني جي آخري حصي کي لکندي، پنهنجي دل چيري رکي آهي ... مڪڻ ملائيءَ جهڙي ملائم انگريزياٽيءَ کي سنڌ ۾ اچي خبر پئي تہ سنڌ ۽ موهن جي دڙي ۾ ڇا فرق آهي ... مستن ۽ مجذوبن جي روپ ۾ ڪهڙا ڪهڙا درندا سنڌي سڀاجهڙن جو رت چوسيندا رهن ٿا. سريتون ڏاريندڙ رئيسن جون جوان ڌيئر ۽ ڀينر، سندن ئي ٻڌايل رستن تي هلن ٿيون. اهي ۽ ٻيا اهڙا ئي ڪيترائي مسئلا صرف جليل جو ذهن ئي سوچي سگهي ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائلاگ جليل جي سڀ کان وڏي خوبي آهن. تين زهريلا ۽ چڀندڙ مڪالما سندس افسانن جي جان آهن. جملا ننڍا، لفظ سادا، روزمره جي عام رواجي ٻوليءَ پر ڏڪ اهڙا سنڌائتا جو ڳچ ڳاريو ڇڏين. لفظ ڪڏهن هِير جيان گهلن، ڪڏهن تير جيان چڀن. ڪڏهن لولي ڏيئي لوڏين، ڪڏهن گولي بنجي گهائين. ايتريقدر جو پڙهندڙ ڪڏهن "آه" ۽ ڪڏهن "واه" ڪري اٿي!

"بيوقوف، سنڌين کي ڪهاڙين ۽ بندوقن کان سواءِ ٻه ڦري سگهجي ٿو."

["اروڙ جو مست"]

"آچر ڏينهن هرڪا شيءِ بور ۽ بيئل هوندي آهي. رڳو ريس ڪورس جا گهوڙا ڊوڙندا آهن."

["عشق ۽ انٽرويو"]

ڪريم چيو "اڙي چپ ڪريو ڪلي ڪلي چريا نه ٿي پئون." "پل چريا ٿي پئون، سنڌي پير ڪري پوڄيندا."

["رڃ"]

"توکي وئشا ٿيٽو پوندو زرينا! هن جڳ ۾ جيئري رهڻ لاءِ تو کي اهو قرض چڪائڻو پوندو. مون جهڙي بيغيرت ڪتي پاءُ لاءِ تون اهو قرض صدين کان چڪائيندي رهي آهين."

"شرم نٿو اچئي، بيغيرت!" امان دڙڪو ڏنو هو.

"بک جو پوت غيرت کي اڳري ڇڏيندو آهي، امان!"

["سچ اپرڻ کان اڳ"]

"عشق ۽ انٽرويو"، "چريٽ ۽ نرس"، "رڃ"، "سياڻن ۾ هڪ پوڪ" ۽ "دل جي دنيا" ۾ جليل مزاح سان گڏ طنز جي نشتر کان ڪم ورتو آهي. پڙهندڙ ڪردارن جي ڪارنامن ۾ گم ٿي، ڪڏهن اڻ لکي مرڪ چپن تي آڻي ٿو ڪڏهن ٽهڪ ڏيئي کلڻ تي مجبور ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن چٽر جو چهڪ پنهنجي ئي هانءَ تي لڳندو محسوس ڪري، ڇرڪي اٿي ٿو.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ شامل سيئي ڪهاڻيون هند ۽ سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن ۽ سنجيده طبقي کان خوب داد حاصل ڪري چڪيون آهن، پر مون کي خوشي ٿئي ها، جيڪڏهن سندس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پـ بينظير افسانا. جهڙوڪ "هولي"، "اندرا"، "راهون جدا جدا"، وغيره بـ شامل ڪيا ويا ها.

بهرحال، رهبر پبليڪيشنس جو عابد لغاري مبارڪباد جو مستحق آهي جو سنڌ جي هن البيلي اديب جو پهريون مجموعو ڇپائڻ جو سهرو سندس سر تي آهي. اميد آهي تـ جلد ئي جليل جي افسانن، ريڊيو ۽ اسٽيج ڊرامن جا بيا مجموعا بـ عام اڳيان آندا ويندا.

هر پڙهيل سنڌيءَ جي گهر ۽ هر اداري جي لائبريريءَ ۾ هن ڪتاب جو هئڻ لازمي آهي.☼



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# نسيم کرل سنڌي ڪهاڻيءَ جو مرڪز ۽ محور

سنڌي افسانيءَ ۾ هماليا جيڏي حيثيت رکندڙ نسيم کرل واقعي عجيب انسان هو. قداور، جسم ۾ پريل، گورو رنگ، ذهين ۽ وڏيون چمڪندڙ اکيون، ڳالهين جو ڳهير. ڪچهرين جو مور، جتي ويٺو اتي محفل مچايو ويٺو هوندو. ڳالهه مان ڳالهه. لفظ لفظ تي ٽهڪڙو هڪ هٿ ۾ سگريٽ، ٻئي هٿ سان حجائتي دوست کي گهروڙي منهن ۾ پوندو ڏيئي چوندو "هلا اٿئي، ياڙيا يانن جا." تاج بلوچ تي مڙئي سوايو هٿ هريل هوس. ٻنهي جي وچ ۾ قرب به اوترو ئي گهڻو هو.

آئيس ڪريم ۽ ڪافيءَ جو وڏو شوقين. پنهنجي موجودگيءَ ۾ ٻئي کي پئسا کولڻ ئي نه ڏيندو. کلندي چوندو هو "ابا، جڏهن وڏو ٿين تڏهن قرض لاهجانءِ."

ڪپڙي لٽي، خوشبو توڙي ڪتابن جي چونڊ ۾ ماهر هو. سفيد شلوار قميص وڏيڪ وٽندي هئس. سانباهي اُچي ۾ اُچي پاپلين جي. ملندي ئي پڇندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو "استاد، ڪهڙي سينٽ لڳائي اٿم؟"

جي ڏڪو لڳو تہ چوندو هو "واہ" جي نہ. تہ پوءِ اهو ئي تڪيو ڪلام، "ياڙيا ياڻن جا، تو بہ ٻوٿو نہ ٻاريو!"

ڪراچي ۾ جتي هاڻي اليڪٽرانڪ مارڪيٽ آهي، اتي ڪنهن زماني ۾ هڪ ڏاڍي سٺي ڪيفي هوندي هئي. نالو هوس ڪيفي شيزان. روز صبح جو يارهين ڪان پوءِ نسيم جو ٺڪاڻو اتي هوندو هو. بہ ٽي ڪلاڪ ساندھ اتي ويٺو، آئي وئي سان ڪچهري ڪندو هو. ڪراچيءَ ايندو هو تہ جامع ڪلاٿ مارڪيٽ جي پرسان پارڪ هوٽل جڙ تہ سندس ٻيو گهر هو. سڌو اچي پارڪ هوٽل ۾ خيما کوڙيندو. هڪ دفعي سگريٽ پي دريءَ کان ٻاهر ڦٽو ڪيائين. پتو ئي ڪونہ پيس تہ دکيل سگريٽ وڃي پردي ۾ اٽڪيو آهي. اچي ٽي باھہ لڳي. ذري گهٽ هوٽل ساڙيو هئائين. ان کان پوءِ ٽاڪ بدلائي صدر ۾ هوٽل جبيس ۾ ڪيائين. پنهنجي اچڻ جي خبر سنگت ساٿ کي ڏيئي بالم ٽي ويهي رهندو هو هوٽل جي پلنگ تي بہ وهاٽا مٿن ڪان ڏئي. جهڙو پير لٿو. ذات اديب اچي ڪٺو ٿيندو هو وٽس. ٻيا تہ ٺهيو پر مولوي عبدالواحد سنڌي جهڙو درويش بہ وٽس کهي ايندو هو.

اچي ڪاغذ تي، قيمتي قلم سان، نويڪلائيءَ ۾ لکيل افساني جو مهورت وڏي اهتمام سان ڪندو هو. دعوت ڏئي سيني کي گهرائي افسانو پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ پوءِ ٻنر ڪارائڻ جو روايتي فرض ادا ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو نسيم جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هو، پهريون سوال هر ڪو اهو پڇندو هوس، "نسيم نئون افسانو لکيو اٿئي چا؟"

کلندي چوندو هو "چورا، دعا ڪريو تہ ڪو ناول لکان، چاليھہ ڏينهن لنگر ڪارائيندومانَوَ!"

هڪ ڏينهن چيوسينس، "نسيم يونيورسٽيءَ ۾ هڪ سنڌي ڇوڪري آهي، جيڪا مٿي تي اسڪارف ٻڌي ايندي آهي. اسان کيس برٽ لنڪاسٽر (ايڪٽر) سڏي چيڙائيندا آهيون."

رڙ ڪري چيائين، "ڪلا ڪائيندؤ ڪوبلا. منهنجي سالي اَٿَوَ."

ڏينهن ئي اهو ٿيو مجال آ جو ان ڊپارٽمينٽ جي پرسان بہ لنگهون.

زندگيءَ ۾ پهريون دفعو خيرپور ويس. نسيم ڦري آيو. چيائين، "رات جي ماني مون وٽ کائيندين."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، ”رات رهي ڪونہ سگهندس.“

”چيائين، ”پوءِ منجهند جي ماني ڪاءِ.“

چيم ”منجهند کان اڳ ويٺو اتم.“

چيائين، ”پلا ناشتو ڪندو وڃ.“

چيم ”مشڪل آهي، سوير نڪرندس.“

ڪاوڙجي ويو. چيائين، ”هيءَ بندوقي باقي آڱوٺي لاءِ رکي اٿم. وڃي ڏيکار تہ خبر پوي؟“

اها نيرن هميشہ ياد رهندم.

ماڻهو اڪثر پڇندا آهن تہ ”سنڌي افساني ۾ وڏي ۾ وڏو نالو ڪهڙو آهي؟“

منجهائيندڙ سوال آهي، پر نسيم کرل جي درجي کان انڪار بہ ممڪن ناهي. ”بلاشڪ نسيم ئي سنڌي افساني جو محور ۽ مرڪز آهي. نہ نعريبازي، نہ اجائي ڪچ ڪچ، نہ ڊيگهہ نہ پٽاڙ سڌي راند سونٽي جي. ٻولي توڙي ماحول تي مڪمل دسترس. ڪردار جهڙوڪر پاڻ پيا ڳالهائين. ڪٿي بہ بناوٽ يا نقل جو گمان نہ ٿئي. آخري Punch line اهڙي جو دل هڪ ڌڪ گسايو وڃي. ماهر ڪاريگر جيان ويهي ڪهاڻيءَ جي اڻت ڪندو هو. لفظ لفظ ٺوڪي نڪي پنهنجي جاءِ تي ويهاريندو هو. جهڙو Perfectionist پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ هو اهڙو ئي پنهنجي ادبي پورهئي ۾ پڻ هو. ڪڏهن ڪونہ چيائين تہ، ”مان اول نمبر يا ٻين کان سرس آهيان.“ اها بيماري سنڌي ادب ۾ گهڻو پوءِ پيدا ٿي. دل جي خوشيءَ وچان لکندو هو. مون نہ ٻڌو تہ ڪڏهن چيو هجيس تہ قومي خدمت جي جذبي تحت ٿو لکان. سنئون سڌو کلو ٿلو ۽ بي تڪلف جهڙو ذاتي زندگيءَ ۾ هو، ڪهاڻين ۾ پڻ ايئن ئي بيباڪ ۽ بناوٽ کان سوين ڪوهہ پري هوندو هو. ”سوجهري“ جو پهريون دور 70ع جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو. دولت مهتاڻيءَ ويچاري سڀ سهولتون مهيا ڪري ڏنيون. وڪٽوريا روڊ تي راڪ ڪورٽ جي سيڪنڊ فلور تي ٺاهوڪي آفيس هئي. گهڻا ئي خدائي خدمتگار اچي مڙيا، جن ڪونہ ڪو ڪم پنهنجي ذمي ڪٿي ورتو. شام جو سوجهرو جي آفيس ۾ ميلو مچي ويندو هو. نسيم پلا پاڻ کي ڪيئن پري رکي؟ چئن قدمن تي هوٽل جبيس هئي. ان ۾ اچي ديرو دمايائين. هيڏانهن هوڏانهن ڦري، اچي جبيس وسائي. افسانا لکندو وڃي، چپائيندو وڃي. هڪ دفعي تہ افسانو لکڻ کاڻ اڪيلائي جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلاش ۾ ويجي ڪوهه مريءَ ڪان نڪتو. خبر تڏهن پئي، جڏهن ٻنر جو سڄو تيو. افسانو هٿ ۾ جهلي چيائين، ”پهريون افسانو پوءِ مانې.“

چيوسين، ”پيٽ پريل هوندو تہ داد بہ خوشيءَ سان ڏينداسين.“

چيائين، ”تہ پوءِ گهران پيٽ پري اچي ڪهاڻي ٻڌو.“

نسيم نئين زندگي، سهڻي، روح رهاڻ ۽ سوجهرو وغيره لاءِ دل کولي افسانا لکيا. سندس بهترين دور سهڻي وارو چئي سگهجي ٿو. ”سهڻي“ ون يونٽ خلاف سجاڳي جي انوکي تحريڪ طور مٿي ايري آئي. ان وقت ان رسالي ۾ ڇپيل تقريبن سمورو مواد جذباتي، قوم پرستي ۽ نعريبازي تي ٻڌل هو. پڙهندڙن جي بہ اها تقاضا هئي ۽ وقت جي پڻ، اها ئي اهم ضرورت هئي پر نسيم کرل ان وهڪري ۾ نہ وڙهو. هن زندگيءَ جا بهترين افسانا ان دور ۾ ئي لکيا ۽ بغير جذباتي بنجڻ جي نہ صرف افساني جي عظمت جي رسم نڀائي، بلڪ سنڌي ادب کي لازوال ڪهاڻيون پڻ ڏنيون. جيئن اڳ عرض ڪيو اٿم، نسيم جي ڪردارن توڙي پلاٽن ۾ حقيقت کان هٽي ڪابہ بناوٽ يا مصنوعيت هرگز ڪونہ هئي. پاڻ سماج جي مٿئين طبقي سان تعلق رکڻ سبب سماج جي ان حصي کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو ۽ هيٺئين طبقي سان سندس ڏينهن رات جو واسطو هو. ڪڙمي ڪاسبي، هاري، ناري ۽ ننڍڙا ڪامورا ڪڙا. هن جي روزمره جي معمول جو حصو هئا. انهن سيني ڪردارن کي چڱي طرح ڏسڻ پسڻ، سمجهڻ ۽ جاڻڻ سبب، هو کين پيلي پٽ چٽي سگهندو هو. سندس ڊائلاگن ۾ پڻ زور ۽ طاقت سندس اونهي مشاهدي ۽ انساني عمل جي ڀرپور مطالعي سبب موجود هوندي هئي. اهي سڀ رنگ جيڪي هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ پريندو هو، سي بہ هن جا پنهنجي ئي اکين سان ڏٺل هوندا هئا. مڪالمن جي تيزي ۽ چيڪو ان ڪري وڌيڪ نکري بيهندو هو جو اهي حقيقي ڪردارن جي چپن تان پٽي ۽ چڪي ڪاغذ تي اتاريا ويندا هئا. هونئن بہ هو ڏاڍو ذهين ۽ حاضر جواب هو. جملي تي جملو وهائي ڪيڻ هن جي کاٻي هٿ جو کيل هو. نسيم جي مٿين چپن تي هڪ شاندار ٿلهي مڇ هوندي هئي. هڪ ڀيري ڪنهن اديب دوست جي لاءِ چيومانس، ”فلاڻي پڻ مڇ رکي آهي، ڏٺي اٿئي؟“

کلندي چيائين، ”مڇ تہ ٻليءَ کي بہ ٿيندي آهي، مڙسن کي شهپر ٿيندا آهن.“

شهيد ٽيڻ کان چند ڏينهن اڳ خط لکيائين. مون ڪنهن فنڪشن ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ ٿيڻ لاءِ زور پريو هوس. جواب ۾ لکيائين، "پيارا قمر، تنهنجو حڪم اکين تي ضرور اچان ها پر مجبوري آهي. نه اچڻ لاءِ معافي. ضرور ملنداسين. دعا ڪر ته ذاتي خفن مان جلد آزاد ٿيان." آزاد ته هو ٿي ويو. زندگيءَ جي جهنجهٽن کان پر يارن دوستن کي ويڳاڻو ڪري ويو. سنڌي ادب کي يتيم ۽ بي سهارا ڇڏي ويو. پنهنجي ڪٽنب وارن کي زندگي ۾ جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو. ننڍڙو فيصل سنڌس حياتيءَ جي روشني هو. ڪهڙيءَ دل سان وداع ڪيو هوندائين ان ننڍڙي، معصوم وٽندڙ مرڪ کي؟

گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن نوجوان فيصل کي ڏٺم ته ڏاڍو خوش ٿيس. هوبهو پيءُ جي تصوير آهي، خدا ڏينهن ڏئيس، لڳي ٿو نسيم ٿيهر موٽي آيو آهي. ☼



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# حميد: هڪ اڻ ٽڪ انسان

جهڙيءَ ريت ادب جي مڪمل طور ٺهڪي ايندڙ تعريف ڪرڻ اوکو ڪم آهي، بلڪل ساڳي طرح شاعريءَ توڙي افساني جون حدون مقرر ڪرڻ ممڪن ناهي. هرڪو پنهنجي سمجهه، ڄاڻ ۽ تجربي جي آڌار تي ويجهي ۾ ويجهي راءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر اهڙي راءِ جا هر طرح اطمينان جوڳي هجي، سا اجا تائين قائم ٿي نه سگهي آهي - ۽ شايد ڪڏهن ٿي به نه سگهي. اها پڻ حقيقت آهي ته ناول، ڊگهي مختصر ڪهاڻي، ڪهاڻي ۽ مختصر ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ تفاوت جو تعين ڪرڻ به ڏکي ڳالهه آهي. اهو فيصلو ڪير ڪندو ته ناول ۽ ناوليٽ جي درميان سَنڌو ڪٿي ڪڍجي؟ ڪٿي پهرئين جي حد پوري ٿي ۽ ڪٿان ٻئي جي حد شروع ٿي؟ اهڙيءَ طرح افسانو يا ڪهاڻي (Short Story) ڊيگهه ۽ جوڙجڪ جي حوالي سان، ڪردارن ۽ واقعن جي لحاظ کان، ناول ۽ ڊگهي مختصر ڪهاڻيءَ کان، ڪنهن نه ڪنهن ريت مختلف ضرور هئڻ گرجي، پر ڪٿي، ڪيئن ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي انداز ۾؟ سا ڳالهه اجا تائين پوريءَ ريت طئي ٿي نه سگهي آهي. فن جي ڪنهن به شاخ ۾ مهربند حدبنديون ڪرڻ ممڪن ئي ناهي، ان ڪري جو تخليقي ذهن ڪلا جي خاڪي ۾ اهي رنگ ٿو پري، جيڪي ڪنهن خاص وقت ۽ ڪن خاص حالتن ۾ ڪيس پلا ٿا لڳن. ايئن ڪٿي چئجي ته فنڪار پنهنجي اندر ۾ سانديل سوچ جو چڱيءَ پر اظهار ڪرڻ لاءِ ماهرن توڙي نقادن جي مقرر ڪيل خيالي سرحدن جو محتاج ناهي. سرحدون هُو پاڻ جوڙي ٿو. ان عمل ۾ جيڪڏهن ڪيس ڪو ليڪو لتاڙڻو به پوي ٿو ته هُو بنا جهل پل ايئن ڪري گذري ٿو. پوءِ اها توهان جي مرضي آهي ته ان تخليق کي ڪهڙي خاني ۾ ٿا وجهو. ٿلهي ليکي ناول جي پيٽ ۾ ڪهاڻيءَ منجهه خيال جي يڪسوئي هئڻ گهرجي. هڪ ڪان وڌيڪ گڏوگڏ هلندڙ خاڪا نه هئڻ گهرجن. پلاٽ، ڪردارن توڙي بناوت ۾ ڪفايت ڪان ڪم ونجي. ڪنهن به سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي ته اها ڪنهن مقرر وقت ۽ جڳهه کان شروع ٿي، ۽ ئي مقرر وقت ۽ جڳهه تي ختم ٿئي. اهي مقرر وقت ۽ جڳهون جيتريون مختصر هونديون، ڪهاڻي اوترو وڌيڪ موثر ٿيندي اهو به ياد رکڻ کپي ته ڪهاڻيءَ جو مواد اوترو اهم ناهي جيتري ان جي جوڙجڪ (Treatment) اهم آهي. ڪيتريون ئي سٺي پلاٽ واريون ڪهاڻيون ڪمزور جوڙجڪ سبب بي اثر ٿيو پون ۽ ان جي ابتڙ ڪيتريون ئي ڪمزور پلاٽ واريون ڪهاڻيون ليکڪ جي مهارت سبب امر ٿيو وڃن. هونئن به دنيا ۾ ڪهاڻين جا پلاٽ (مرڪزي خيال) نهايت ئي محدود آهن. غور سان ڏٺو وڃي ته ساڳيون ئي ڪهاڻيون ٿوري گهٽي ردوبدل سان بار بار دهرايل نظر اينديون. سمجهُو ليکڪ انهن ڪهاڻين جي اٽت ۾ يا ڪردارن جي رَوَين ۾ نواڻ پئدا ڪري، ڪين دلچسپ بنائڻ جا جتن ڪندا آهن. مثلاً منفي ڪردارن ۾ روايتي طور سڀ برايون بيان ڪرڻ بجاءِ منجهن ڪجهه خوبيون شامل ڪرڻ، ڪين مزاحيه بنائڻ يا حالتن جي جار ۾ وڪوڙي سندن روَيي کي ناڪاري بنائڻ وغيره. اهڙيءَ طرح هاڪاري ڪردارن کي پڻ ٿورو گهٽو بدلائي سدلائي، ڪين خوبين جو پندار بڌائڻ بجاءِ منجهن ڪي خاميون تلاش ڪرڻ، طرز بيان کي مختلف ٽيڪنڪن ذريعي وڌيڪ دلچسپ بنائي تجسس پئدا ڪرڻ پڻ اڄڪلهه جي ڪهاڻي نويسن ۾ عام آهي. بس ايترو سو خيال رکيو وڃي ٿو ته ڪهاڻيءَ جي شروعات توڙي پڄاڻي هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام پڙهندڙ جو ذهن آسانيءَ سان قبول ڪري سگهي. ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، ڪردار، ڪردارن جا پاڻ ۾ رتيل ناتا، ماحول توڙي مرڪزي فلسفو انهن مان ڪو به هڪُ، ايڪائي ۽ ممڪنات (probability) جي ليڪي کي لتاڙي ٻاهر نه نڪري وڃي. هڪ سٺي ڪهاڻي اجائي وڌاءُ، غير ضروري چٽسالي ۽ غير فطري مڪالمن کان پاڪ هئڻ گهرجي. ڪوشش ڪجي ته ڪهاڻيءَ ۾ بڌايل واقعن جو دورانيو مختصر کان مختصر ترين عرصي جو هجي. پر جي اهو ممڪن ناهي ۽ ڪهاڻي ڪيترن ئي ڏهاڪن يا پيڙهين تي ٻڌل آهي، ته پوءِ ان عرصي کي ميڄائڻ لاءِ ماحول پڻ اهڙو پيدا ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ جو ذهن هڪ مرحلي کان ٻئي تائين پهچڻ ۾ غيرضروري جهٽڪو محسوس نه ڪري. شايد هيٺ ڏنل خاڪو منهنجي مقصد کي وڌيڪ چٽي طرح بيان ڪري سگهي:

هاڻي جيڪڏهن AB واري لائين کي ڪهاڻيءَ جي ڪنهن خاص ڪردار جي زندگيءَ جو ڪل عرصو سمجهجي ۽ CD واريءَ ليڪ کي ان ڪردار جي زندگيءَ ۾ پيدا ٿيل مشڪلات (Crisis) وارو عرصو ڄاڻجي، ته پوءِ EF واري لڪير، جيڪا ڪهاڻيءَ جو دورانيو آهي، سا ڪنهن به حال ۾ AB توڙي CD کان وڏي هئڻ نه گهرجي. ڪردار جي حياتي به وڏي ٿي سگهي ٿي ۽ سندس آزمائش وارو عرصو به ڊگهو ٿي سگهي ٿو پر ڪهاڻيءَ جي دورانيي ۾ ٻنهي کي سمائي پورو ڪرڻو آهي. EF واري عرصي ۾ ڪردارن جو تعارف به ڪرائڻو آهي، سندن اختلاف، اندروني توڙي ظاهري ويڙهاند به ڏيکارڻي آهي ۽ مناسب پڄاڻي به ڪرڻي آهي. موافق ۽ مخالف ڪردار هر ڪهاڻيءَ ۾ موجود هجن ٿا، جي ايئن ناهي ته پوءِ هڪ ئي ڪردار کي اهي ٻئي جذبا نڀائڻا پون ٿا. بهرحال، اهو ليکڪ جي ذهانت تي منحصر آهي ته هُو "ڪشمڪش" کي گهرو ۽ دلچسپ بنائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا گهات ٿو گهڙي ۽ ڪهڙا حيلا بهانا ڪري انهن مونجهارن مان پنهنجن ڪردارن کي پار ٿو اڪاري، ڪامياب ڪهاڻيڪار اهڙي ڪاب لَڪا پورڻ نه ڏيندو جيڪا سندس اڻ ترڻ تي چغلي هڻي.

مختصر ڪهاڻيءَ جي فن کي پڙهندڙن پهريون ڀيرو 19 صديءَ ۾ سنجيدگي سان قبول ڪيو. ان فن کي مقبول ڪرڻ ۾ ٿي مکيه ليکڪ اڳرا هئا: امريڪي ايلن ايجگر پو (1849_1809)، فرينچ گاءِ ڊي موپاسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1893_1850) ۽ روسي اينٽن چيخوف (1960_1904). هنن ليکڪن اها طرز تحرير جوڙي جيڪا مختصر ڪهاڻيءَ جي قريب تر هئي ۽ جنهن کي چِلي صاف ڪري خود هنن ئي افسانيءَ جي جديد صورت جي ابتدا ڪئي. گُٽيل جوڙجڪ، موڊ جي يڪسانيت، هلڪن اشارن ۽ ننڍڙن جملن ۾ تفصيل کي محدود ڪرڻ ۽ لفظن توڙي واقعن ۾ ڪفايت ڪان ڪم وٺڻ اهي چند گڻ هئا، جن کي ڪتب آڻي هنن ناول جي موضوعن کي افسانيءَ جو رنگ ڏنو. اڳتي هلي، پوءِ ايندڙ افسانا نگارن معمولي واقعن ۽ جذبن کي سامهون رکندي، ڪردارن جي زندگيءَ مان هڪ ڏينهن، هڪ مهينو يا هڪ سال اوڏر وٺي، سندن ڪنهن ڪنڊائتي گوشي کي نظر ۾ رکندي، ڪنهن هڪ نقطي تي روشني وجهي، ان کي افسانيءَ جو روپ ڏنو. شروعاتي افسانيءَ جا موجد بنيادي طور ناول نگار ئي هئا، پر پوءِ ايندڙ ليکڪ افسانيءَ لکڻ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سبب گهٽي ياڳي نئين صنف تي ئي ياڙڻ لڳا. بهرحال، افسانو ڇاڪاڻ تہ ناول جي ئي پيداوار آهي، ان ڪري شروعاتي توڙي پوءِ ايندڙ افسانا نگار ناول جي جادوءَ ڪان ٻاهر نڪري نہ سگهيا. جديد افسانيءَ جا ليکڪ پڻ گهٽي ياڳي ناول نگار ئي آهن. اڄڪلهہ جي ڪاروباري دور ۾، جڏهن پرڏيهي ليکڪ کي صفحن يا سٽن جي حساب سان معاوضو ملي ٿو تڏهن تفريحي ادب تعميري ادب تي ڇانئبو پيو وڃي ۽ گهٽو لکي، گهڻو ڪمائڻ جي حرص ۾ سستا جاسوسي، رومانوي ۽ مزاحيہ ناول مارڪيٽ ۾ سٽيا پيا آهن، ان هوندي بہ خالص علمي ۽ ادبي مزاج رکندڙ ليکڪ معيار کي ناٽي تي ترجيح ڏئي سٺا افسانا ۽ معقول ناول لکي رهيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ افسانيءَ جي ڄمار سوَ کن سال مس ٿيندي، ان مان پهريان پنجاهہ سال تجرباتي دور جا هئا، جنهن ۾ سڌيون سنئيون آکاڻيون، واقعا ۽ نصيحت ڀريا ٽوٽڪا لکيا ويا. ها ڪي چڱا افسانا پڻ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا پر اهي پڻ لَسا ۽ ٿوڙها تفصيل ٿا لڳن. منجهن ٽيڪنيڪي نواڻ جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي ٿئي. ورهاڱي ڪان ڪجهہ سال اڳ، ترقي پسند ادب ۽ خاص طور روسي اديبن جي گهڻ رخي اثر سبب سنڌي نثر توڙي نظم ۾ اوچتي نواڻ اچي وئي. اسان جيئن تہ هن وقت فقط افسانيءَ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان ڪري ٻين ڳالهين کي پاسيرو رکندي، ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪان اڳ نئين افسانيءَ جو روح



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر پهچي چڪو هو. ورهاڱي کان پوءِ جا چند سال افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويا پر لڏپلاڻ جي ڏک ۾ قتل ۽ غارت جي المئي سموري سنڌي ادب کي عام طور ۽ سنڌي افسانې کي خاص طور بالڪل مان ڪڍي بلوغت جي ڏاڪي تي آڻي بيهاريو. مثان جو شروع ٿيو سنڌ واسين سان سياسي ۽ سماجي ڏاڍ ڏمر، تنهن تہ رهيل ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي ڪراچيءَ جو سنڌ کان ڌار ٿيڻ، سنڌي ٻوليءَ کي مناسب رتبو نہ ملڻ، ون يونٽ جو ٺهڻ ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا اڻ وڻندڙ واقعا ٺهہ پهہ هڪ ٻئي پويان اهڙيءَ طرح رونما ٿيندا رهيا جو سنڌي عوام، خاص طور تي سنڌي اديب سراپا احتجاج بنجي اڀريو. هيءَ اهو دور هو جڏهن حيدرآباد مان حميد سنڌيءَ ماهوار "روح رهاڻ" ۽ طارق اشرف ماهوار "سهڻي" جاري ڪيو. رسالا ڇا هئا، ڄڻ سنڌين جي سيني ۾ صدين کان سانڍيل ڪوڪ هُئي، جا زمان ۽ مڪان جا بند ٽوڙي سانتيڪن صحرائن ۾ هر طرف گونجي اٿي. ضمير جو آواز هو. آزاديءَ جي پڪار هئي، ڏاڍ خلاف للڪار هئي. سموري ساڃهہ، سمورو درد، سموري بغاوت، سمورو فرياد پلٽجي پيو. سنڌن لکڻين ۾ مزاحمت، نفرت، حسرت، ڪروڌ، ڪاوڙ سرڪشي، غيرت، غصو ۽ خودداريءَ جا جذبا اوچتو ئي اوچتو اڀري اٿيا. برپٽ بيابانن ۾ ڀڀيل آگ هئي، جا ٻهرين ڳتو ملندي ئي پنيٺ ڪري ڀڙڪي پئي هئي دردوند دلين ۾. ڏسندي ئي ڏسندي اياز تنوير، رشيد، امر، پليجو سراج، آغا سليم، مانڪ، شوڪت، علي بابا، مغل، جمال، حميد، طارق ۽ سوين ٻيا ادب جي ميدان ۾ پلٽجي پيا. روح رهاڻ ۽ سهڻي صرف رسالا نہ رهيا، سجاڳيءَ جي تحريڪ جي علامت بنجي پيا. اها شاعري ٿي، جيڪا اڄ بہ وار ڪانداري تي وجهي. اهي افسانا لکيا ويا، جي اڄ بہ دنيا جي عظيم افسانن جي صف ۾ بيهاري سگهجن ٿا. عجيب دور هو. جا راند سياستدان ٽيبل تي هارائي آيا هئا، اها ساڳي راند چند سر ڦرين سوداين ڪاغذ تي ڇپيل چند تحريرن سان جيتي ورتي.

اسان جو يار حميد سنڌي ان ويڙهاند ۾ سڀ کان اڳرو سڀ کان اڇهل سڀ کان اڻل رهيو. بيوروڪريٽ پيءُ جو پٽ، ناز انداز سان پليل سهڻو موچارو نئين جواني، گهر ۾ نوڪرن چاڪرن جو ٽولو خدمت لاءِ هر وقت موجود، ڪڏهن ڪک ڪٽي ويٺو نہ ڪيو هئائين، اهو قومي ڪارج خاطر، اجيو ۽ بڪيو در در ڪڙيون گسائيندو وتي. ڪڏهن پريس تہ ڪڏهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪيٽ قلم هٿ ۾، لکندو بہ وتي، هلندو بہ وتي. ڪڏهن جهيڙو ٻين سان تہ ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان. ڪڏهن جلسا، ڪڏهن جلوس، ڪڏهن سيمينار تہ ڪڏهن جشن روح رهاڻ. مطلب تہ ڪڏهن ورچي نہ وينو. قلم اهو ئي هٿ ۾. افسانې مٿان افسانو. سنڌ جو روح ٻولي لڏائين. دل جو سمورو درد ڪاغذ تي اوتي ڇڏيائين. اهو دور بہ ڪو دور هو لکڻ وارا ٽڪجي پون، پڙهڻ وارا پوءِ بہ پيا واجهائين. قدم قدم تي جاڙ جون ڏياتيون جلي اٿيون. ماڻهو ماڻهو سجاڳيءَ جو اهڃاڻ بنجي پيو. سنڌ جاڳي اٿي، جهنڊا جهُولي پيا. جيل ڀرجي ويا، گوليون ساٽيون تي ويون، حڪمران حيران تہ اگهور ننڊ ۾ ستل هيءَ قوم آخر ڪيئن ڇرڪ ڀري، ڇال ڏئي، حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اٿي ڪڙي تي آهي؟

حميد جا افسانا انهن ڏينهن جي پيداوار آهن، جڏهن مزاحمتي ادب جي تواريخ لکي پئي وئي. سندس ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌوءَ جو ڇوهہ هو. اجرڪ جون ڦلڙيون ۽ ٽوپيءَ جون ٽِڪڙيون هيون. ڪاشيءَ جا ڇِٽ ۽ جنڊيءَ جا اندلٺي رنگ هئا. عام ماڻهو هئا. عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون هيون، عزتون ۽ غيرتون هيون، جيت هئي، هار هئي. خوبصورتي ۽ بدصورتي هئي. جيڪي اڪئين ڏنائين تي، بيحد سچائي ۽ ايمانداريءَ سان، امانت سمجهي، ڪهاڻين جي روپ ۾ عوام کي موٽائي ڏنائين تي. هيءَ عجيب شخص هر محاذ تي ور ور ڪري ايئن تي وڙهيو ڇڻ ڏهيسر جا ڏهہ ئي سِر ۽ هوشيءَ جون ٻارهن ٻانهون هڪ ئي وقت سندس سرير جو حصو بنجي ويون هجن.

ڪنهن چيو هو تہ دنيا ۾ پلاٽن جي کوٽ آهي؟ ڪنهن چيو هو تہ موضوع محدود آهن؟ حميد جي قلم ايتريون ڪهاڻيون جوڙيون جو حدن جو حساب ئي نہ رهيو. ڌرتيءَ جا ڏک پاند ۾ پائي، ننڍڙن ننڍڙن معصوم ۽ اڻ ڇهيل، ابهم واقعن کي پنهنجي حساس ذات جو ڇهاءُ ڏئي، هن ڪرشماتي طور سوين ڳوڙهن ۽ مٺيون ڪهاڻيون گهڙي ورتيون. آمريت جي اونداهي دور ۾ علامتي ڪردار ڳالهائيندا هئا ۽ وياڪل، اجايل، اجهاهيل انسان منجهن پنهنجو پاڇو ڏسي تڙپي اٿندا هئا. هونئن تہ حميد جي ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ روايتي آهي. سڌو سنئون من جي ماجرا ٻڌائيندو هلندو. ذري پرزي جو تفصيل ڏيندو هلندو. نہ لڪ لڪاءُ، نہ ڇپ ڇپاءُ، نہ ٽيڪنڪ جو سهارو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پڙهندڙ کي آخر ۾ اوچتو ڇرڪائڻ لاءِ پراسرار آخري جملي جو انتظار. جيڪي تيڏو آهي سو ڪهاڻيءَ جو منتقي نتيجو ئي آهي. اٽت، گهڙت، چنڊ ڦوڪ، چلڪائڻ ۽ چمڪائڻ ڪوڙن جو ڪم. ڪهاڻي هڪ مَنِي، نهر سان، گنڀير تا سان، سنجيدگيءَ سان ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ سچائي سان پنهنجي پڄاڻي ڏانهن پنهنجو پاڻ هاڪاريندي هلي، اهو ئي حميد جو ڪمال آهي، نہ اکرن جي جادوگري، نہ لفظن جي بازيگري، نہ پڙهندڙ سان ڪوئي ٻليءَ واري راند، نہ ٽوپلي مان سيهڙ ڪڍڻ واري واري نظربندي.

حالتن "روح رهاڻ" توڙي "سهڻيءَ" کي بند ٿيندي ڏٺو. سنڌي ادب جا بہ سرموڙ رسالا، جن سنڌي قوم کي ساهس ڏنو اتساهہ ڏنو اتهاس ڏنو پنهنجو قومي فرض نڀائي چڪا هئا. سنڌي ادب ڪانئن پوءِ بہ اٽڪل ۾ ڏهايون سندن سحر مان نڪري نہ سگهيو. نئين ٿهي انهن ئي قدمن جي نشانن تي پير پير مٿان رکي پاڻ ملهائيندي ۽ مڃائيندي رهي جيڪي انهن پنتي ڇڏيا هئا. سنڌي افسانو ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مانُ پرائڻ لڳو هو. ڏاريون ٻوليون مثال ڏيڻ لڳيون هيون سنڌي ڪهاڻيءَ جا، جيڪا ڌرتيءَ جي درد مان ڦٽي نڪتي هئي ۽ جنهن جي ساهن ۾ محروميءَ جو هڳاءُ هو ۽ جنهن جي مرڪ پويان آهوتي ۽ قربانيءَ جا لڙڪ لڪل هئا ۽ جنهن جي سُونهن سوريءَ تي لٽڪيل انهن سوڍن جي محتاج هئي، جن سچ جي سورج کي ترڻيءَ تي ڪٽي ڏيکاريو ۽ جيڪي ظالم کي ظالم چوندي نہ هٻڪيا ۽ جن مورڙئي جي سُنت نباهيندي مڇَ تي ٻَچ ڪئي هئي.

حميد هڪ ذهين انسان هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سٺو منتظم پڻ آهي. هُو پنهنجي قابليت، محنت ۽ لياقت سبب وڏن عهدن تي رسيو. ڪاليجن جو ڊائريڪٽر، يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين هئڻ سان گڏ هو مختلف ادبي، سماجي ۽ علمي تنظيمن ۾پڻ عزت وارن عهدن تي فائز رهيو. بيحد مشغول هوندي بہ هو هڪ لمحي لاءِ بہ پنهنجي ادبي فرض کان غافل نہ رهيو. پاڻ ڪٽي چا بہ چوي، منهنجي راءِ ۾ هن جو پهريون ۽ آخري عشق سنڌي ادب ئي آهي. هو لکندو رهيو. بيخوف، بي پرواهہ. بي ڊپو هُو اڄ بہ لکي رهيو آهي. ادبي اڄ اجهائڻ خاطر هن هڪ دفعو ٻيهر روح رهاڻ کي بزم روح رهاڻ جي نالي ۾ جيئاريو آهي. سندس گهر هڪ دفعو وري علم ۽ ادب جو محور بڻجي پيو آهي، جتي هر هفتي سنڌي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادبي تواريخ جا سيئي همعصر اهم جوڙا گڏجي ماضيءَ جي عظمت کي موٽائڻ جا جتن ڪندا آهن. شايد هڪ ڀيرو ڀيهر ساڳئي شخص هٿان سنڌي ادب جو نئون جنم ٿئي، نئون جنون جاڳي. نئين جوالا ٿاٽي، نئون نوجوان ڪر موڙي اٿي کڙو ٿئي ۽ اهو سڀ ڪجهه ساڀيان ڪرڻ لاءِ منهنجو سهڻو سپاجهو سمجهو ۽ سياڻو دوست حميد سنڌي جيڪا جنگ لڙي رهيو آهي. ڪهاڻين جو هي مجموعو، ان سلسلي جي اڪيچار ڪاوشن مان صرف هڪ نئين ڪڙي آهي، آخري نه.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# مرضيءَ جو مالڪ: شمشير الحيدري

مان جڏهن ڏٺيءَ طرفان پاڻ تي ڪيل پلايون ڳڻڻ ويهندو آهيان، تڏهن بين سان گڏ اها بہ خوشقسمتي ضرور شامل ڪندو آهيان تہ شمشير جهڙي پياري ماڻهوءَ جي نہ صرف ويجهڙائي نصيب ٿيم، پر هن طرفان بي انتها قرب ۽ پيار پڻ پلئہ پيم. مون کي ياد ناهي تہ ڪوبہ علمي، ادبي، سماجي يا ثقافتي ڪم هٿ ۾ کنيو هجيم ۽ سندس راءِ يا رهنمائي نہ ورتي هجيم. اها هن جي وڏ ماڻهائپ ۽ بردباري چئجي جو آڏيءَ مانجهيءَ سڏ ۾ سڏ ضرور ڏنو هوندائين. جهڙي تهڙي حال سان، ڪونہ ڪو حيلو وسيلو ڪري، پائرن سان اچي پاءُ ٿيندو. دوستن کان ڪسِي ڪانڌي ٿيندي، حيدري مهل تي مڙس ماڻهو ٿي بيهندو. انڪار ڪرڻ سندس سُڀاءَ ۾ ئي ڪونهي. اسان بہ سندس هاڪار تي ايترو هِرِي ويا آهيون جو ڪانئس نامناسب ۽ اڻ سونهائيندڙ فرمائشون ڪندي بہ ڪونہ ڳسندا آهيون. اهو شمشير جو ئي جگر آهي جو هر ننڍي توڙي وڏي ۽ اصلي توڙي نقلي اديب سان نڀائيندو اچي. سچ پڇو تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب جي ميدان ۾ اوهان کي ورلي ڪو اهڙو ڪردار نظر ايندو جيڪو هر قسم جي تنازعي کان پاڪ ۽ آجو هجي. اسان جو شمشير انهن چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن منجهان هڪ آهي جيڪو هر هنڌ عزت ۽ مانُ پائي ٿو نه ته پنهنجي پياري ادبي دنيا ۾ اهي گهڻنگ مها استاد وينا آهن. جيڪي چڱي ڀلي جو پٽڪو لاهيندي دير ئي ڪونه ڪن. ”مان“ جي مرض اسان جي اديبن ۾ وبائي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. جيسين ڪو ”مان“ جو وظيفو جملي ۾ ڏهه ڀيرا نٿو پڙهي ته سمجهي ٿو ته هيءُ جنم اڪارت ويو. ان ”مان“ جي ٻيچ تي جڏهن ڪو ٻيو ”مان“ لت ٿو ڏئي، تڏهن ادبي کيتر ۾ ٻائيتال مچڻ لازمي ڳالهه آهي. الزامن جا تير به تڏهن ٿا سڌا ٿين ۽ بدزبانيءَ جا ڀالا به تڏهن ئي ٿا اڀا ٿين. هيءَ سموري وٺ پڪڙ، مار ڌاڙ هڻ هٽان، آهي ئي ان مردار ”مان“ جي ڪارڻ. هرڪو چوي: مان سوا سير! سير ٿيڻ لاءِ ڪو تيار ئي ڪونهي. ها، اهي مولائي جن جو مولا تي ننگ آهي ۽ جي، نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾ ۽ جن ”مان“ کي ماري ڇڏيو ۽ جن پنهنجي هستي ۽ مستيءَ کي وساري ڇڏيو سي البت ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سک جو ساهه پيا کڻن ۽ هر هنڌ عزت پيا پائين ۽ گهٽي ٻيچ ٻيچ کان ڇٽا پيا آهن.

شمشير تمام گهڻ–رُخو انسان آهي. حيرت جي ڳالهه ته اها آهي ته هر ان ميدان ۾، جنهن ۾ سندس ذات ۽ ذات جو دخل آهي، هن نه صرف پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، بلڪ اڳواٽي پڻ ڪئي آهي. شاعر آهي. غزل، گيت، نظم ته خير سندس گولا غلام آهن ئي، پر آزاد نظم ۾ سندس ڪو ثاني مون کي ته نظر ڪونه ٿو اچي. اها اسان جي بدبختي چئجي جو سنڌي ادب کي ٻيو ته سيڪجهه مليو هڪ اڌ سنجيده نقاد ملي نه سگهيو. جيڪي انڌا منڌا، لولا لنگڙا نقاد پلئه پيا به آهن، تن پنهنجي ذاتي ريسرچ گهٽ ڪئي آهي، پاڻ کان اڳ لکيل پوٿين تي وڌيڪ ياڙيو اٿن. جي اڳواٽ ڇپيل ڪنهن ڪتاب يا مضمون ۾ ڪا معلومات رهجي وئي آهي يا اڻ پوري آهي يا وري ذاتي اختلافن سبب مورڳو ڏني ئي نه وئي آهي، پر جي ڏني وئي آهي ته گمراهه ڪندڙ آهي، ته پويان ايندڙ اڪابر به ان کي جيئن جو تيئن نقل ڪرڻ ۾ عافيت ڄاڻي، طوطي وانگر اهو ئي رٽيندا ٿا رهن جيڪو هنن پڙهيو يا ٻڌو آهي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمشير جي آزاد نظم لاءِ ڪيل جاکوڙ پڻ انهن اڌ اکري نقادن جي ڪم علمي ۽ ڪم چور طبيعت سبب اهو مرتبو ۽ مان ماڻي نہ سگهي آهي، جيڪو ڪيس اصولي طور ملڻ گهربو هو. حقيقت تہ اها آهي ۽ مان وڏي واڪي ٿو چوان، تہ "معياري" سنڌي آزاد نظم جو سرواڻ اسان جو پنهنجو شمشير ئي آهي. هُو اڄ بہ ان پَدَ تي قائم آهي. هن جهڙي رواني، پختگي ۽ خيالن جي اڏام اسان جي ٻئي ڪنهن همعصر شاعر ۾ ڏکي ملندي. جن شمشير کي پنهنجو ڪلام پڙهندي ٻڌو هوندو، سي ضرور شاهدي ڏيندا تہ سنڌو اجا سُڪو ناهي. لهرن جو لُڏُ، ڪُنن جا ڪڙڪا ۽ درياءَ جي دهشت اجا باقي آهي.

هُو ڊرامانويس آهي. ڊرامو هڪ قسط جو هجي يا تيرهن جو يا ٽيهن جو، شمشير وٽ نہ لفظن جي کوٽ آهي ۽ نہ خيال جي. قلم هن جي حڪم جو محتاج آهي. کوٽ اٿس تہ فقط وقت جي. هڪ ئي وقت ڪيس ايترا تہ ڪم ڪرڻا ٿا پون جو اڪثر پنهنجي حياتيءَ جون قيمتي گهڙيون گروي رکي دوستن سان ڪيل وعدن جو ڀرم رکڻو پوندو اٿس. گذريل دفعي جڏهن ادبي ۽ ثقافتي وفد سان گڏجي هندستان وياسين، تڏهن شمشير جو هڪ سيريل پي ٽي وي تي هلي رهيو هو. هن کي ايتري مهلت ئي نہ ملي هئي جو سموريون قسطون پوريون ڪري نڪري. نتيجو اهو نڪتو جو جڏهن بہ ڏينهن رات جي ٿڪائيندڙ سفر ۽ ميٽنگن جي ڀرمار مان ٿوري بہ فرصت ملندي هئس تہ پنهنجي ڪمري ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اسڪرپٽ لکندو رهندو هو ۽ پاڪستان موڪليندو رهندو هو. سندس هن هاڃاري کي تمام ٿورا ماڻهو سمجهي سگهندا. مون کي ڄاڻ آهي تہ ريڊيو ٽي وي، اخبار ۽ فلم لاءِ هڪ ئي وقت لکڻ ۽ وقت سِرِ مالڪن تائين پهچائڻ ڪيئن نہ انساني جسم مان زندگي نچوڙي ٿو ڪڍي. مان ان مرحلي مان گذريو آهيان. مون کي خبر آهي تہ هڪ هڪ گذرندڙ لمحو ڪيڏي نہ اذيتناڪ اڻ تڻ ڏيندو آهي، جڏهن اوهان جو ذهن انن مختلف طرفن ڏانهن ڇڪبو هجي، ڇيڇاڙبو هجي ۽ ڇيتيون ڇيتيون ٿي وکرندو هجي، ڀڄندو هجي، ڀُرندو هجي.

ٽي ويءَ جي ڪمپيئرنگ بہ ڪندو آهي، پروڊيوسر ۽ موسيقار جي مرضيءَ مطابق گيت بہ لکندو آهي، موقعي مهل جي حساب سان اسڪرپٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ لکندو آهي، مشاعرن ۾ شعر بہ پڙهندو آهي، ميزباني بہ ڪندو آهي ۽ شاعرن جي ناراضگيءَ جي پرواهہ ڪئي بغير سندن واري جي فهرست بہ تيار ڪندو آهي. ان کان وڌيڪ جان جوکم جو ڪم دنيا ۾ ٻيو ڪو شايد ئي هجي.

شمشير صحافي پڻ آهي. نئين زندگي ۽ مهراڻ کان وٺندي روزاني اخبارن تائين هن ايڊيٽر جا فرض انجام ڏنا آهن. ڪالم ۽ ايڊيٽوريل لکيا آهن. فيچر ۽ ڪهاڻيون ۽ خبرون ڏاهيون آهن. صحافي کيس استاد جو درجو ڏيندا آهن ۽ پڙهندڙ کيس صحافتي دنيا ۾ سَنَدَ طور سڃاڻندا آهن. ڇپائيءَ جي ميدان ۾ هن جو مَٽ مشڪل ئي ملندو. شمشير جي پروف ريڊنگ سنڌي صحافت ۾ مثال طور ڪم ايندي آهي. ڪهاڻيون، تحقيقي مقالا، تنقيدي مضمون، ترجما ۽ ٻيو اهو ڪجهہ جنهن متعلق انساني ذهن سوچي سگهي ٿو شمشير جي قلم مان ضرور گذريو آهي. اها ڪهڙي قومي تحريڪ آهي، جنهن ۾ هن ڀرپور ڪردار نہ ادا ڪيو هجي؟ ڪراچيءَ جو سنڌ کان ڌار ٿيڻ، سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ، ون يونٽ خلاف هلچل، ايم آر ڊيءَ جي مزاحمت يا وري ڪالاباغ، ڀاري، کوکرو پار سرحد، شناختي ڪارڊن ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي محاذن تي سنڌ جو ڪيس وڙهڻ لاءِ اسان جي هن دوست زباني توڙي قلمي جدوجهد سان گڏوگڏ عملي ويڙهاند پڻ ڪئي آهي هڪ خاموش ڪارڪن جيان، هڪ مخلص دوست جيان، هڪ سچي سنڌيءَ جيان.

سنڌ جي اهم قومي ادارن جوڙڻ ۽ کين تاتي، نپائي، پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۾ پڻ شمشير جي خدمتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. سنڌي ادبي سنگت هجي يا سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن هجي يا سنڌي اديبن جو ڪو محاذ، شمشير جي محبت ۽ محنت جي مُهر اوهان کي هر اداري تي چِٽي ۽ پختي لڳل نظر ايندي.

تازو سندس هڪ ٻي ۽ انوکي خوبي پڻ عام ماڻهن تائين پهتي آهي. هُو هڪ ڏاهي حڪيم جي روپ ۾ نئين سر نروار ٿيو آهي. هونئن شايد اعتبار نہ اچيم ها، پر لڇمڻ ڪومل جي ڪامياب علاج کان پوءِ مڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ رهيو آهي. لڇمڻ هندستان جي مشهور ڊاڪٽرن، ويدن ۽ طبيبن کان علاج ڪرايو پر فائدو نہ ٿيس. شمشير جو ڏنل ڏس ۽ گوريون مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڪٽي دهليءَ ويو هوس. مهيني اندر نوينو ٿي پيو. شمشير چواٽي هن وٽ هر قسم جا خانداني حڪيماڻا نسخا موجود آهن. جن مان وَس آهر هُو مريضن جي مدد پڻ ڪندو رهندو آهي، پر وسيلا ناڪافي هئڻ سبب هُو وڏي پيماني تي دوائون مارڪيٽ ۾ آڻي نٿو سگهي. مون کي ذاتي طور خبر آهي تہ هن تازو ڪينسر جي ڪجهہ مريضن جو ڪامياب علاج ڪيو آهي ۽ مايوس انسانن کي اميد جي روشني ڏيکاري آهي. ڪيڏو نہ چڱو ٿئي جيڪڏهن ڪو سرنديءَ وارو شخص يا ڪو مخير ادارو شمشير جي تجربي، ذهانت ۽ نسخن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس مالي وسيلا مهيا ڪري ڏئي.

منهنجو هيءُ دوست تمام گهڻين خوبين جو مالڪ آهي. هر مرض جي دوا آهي. سچار سياڻو سيبتو يار آهي. پهرينءَ هڪل تي سڏ ورنائڻ وارو سيبتو انسان آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون تہ ڪيس ايئن ئي ڄاتو سڃاتو ۽ پاتو آهي. ساري زندگي محنت جي گهاٽي ۾ پيسجندي گذاري اٿائين. پر ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي محرومين جي لڪا پورڻ ڪونہ ڏني اٿائين. پلجي بہ عزت نفس تي داغ لڳڻ نہ ڏنو اٿائين. ننڍي توڙي وڏي سان هڪ جهڙو ورتاءُ روا رکيو اٿائين. ڪڏهن ڪڏهن تہ معصوم ٻار جيان لڳندو آهي. جتي ويهندو اتي ٽهڪن جا ٽانگڙ ٽيڙي ڇڏيندو. هرڪو ايئن ڀائيندو تہ شمشير صرف منهنجو ئي آهي. سادو سودو ماڻهو آهي. سادو پائيندو سادو هنڍائيندو سادو واپرائيندو. مرضيءَ جو مالڪ ۽ طبيعت جو شهنشاهہ آهي. فقيري سندس هر عمل مان پڌي ظاهر ٿيندي. سندس تڪيہ ڪلام هر عام ۽ خاص جي زبان تي آهن. ”مولا تي ننگ آهي“ وارو تڪيہ ڪلام سندس روزمره جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو. هوندس تہ راجا، نہ هوندس تہ پرجا. سياڻي جو فڪر سياڻي ڪبو. ڏيڻ وارو ڪٿان نہ ڪٿان ڏيندو ضرور. پوءِ ڳڻتي ۽ ڳاراٽي ۾ ڇو ڳرجي؟ هن جي ڏاهپ جا سوين روپ آهن. ڪو نہ ڪو در هن لاءِ روز کلي ٿو. من موجي آهي. سودائي ناهي. پنهنجي ذات تي مڪمل ڀروسو اٿس، ان ڪري لاپرواهہ بلڪ بي پرواهہ پڻ آهي.

مٿي ذڪر ڪيل هندستان جي دوري دوران دهليءَ ۾ پنهنجا ڪپڙا لٽا، پاسپورٽ، ويزا ۽ پئسا ڏوڪڙ هوٽل ۾ وساري آيو. حيدرآباد دکن ۾ ياد آيس تہ خالي هٿين آيو آهي. بنگلور مان جينز ۽ گنجي تہ خريد ڪيائين پر پاسپورٽ ۽ ويزا ڪٿان اچن؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم: شمشير هاٽي ڇا ٿيندو؟

ڇيائين: مولا تي ننگ آ!

هر هوٽل وارن کي اهي ٻئي دستاويز ضرور گهرجن. هر شهر جي انتظاميه ۽ انٽيليجنس کي گهربل معلومات به گهرجي. ميزبانن کي به شرم کان ڪجهه ٻڌائي نه سگهون.

جس آهي سليم ميمڻ کي. جنهن ڪانه ڪا ٽل اٽڪل ڪري، ڪوڙا سچا نمبر هٽي، شمشير جي خانه پوري ٻئي ڪئي. اسان اهي ڏينهن ڏڪندي گذاريا. پر شمشير بي فڪر و ٿيو مولا جي ننگ سهاري، اسان سڀني کان اڳرو پئي گهميو.

اڄ سندس سالگره آهي. ڪيس مبارڪ ڏيون يا پارڻ ڪي؟

شل سندس پاڇو اسان جهڙن جيتامڙن جي سر تي سدائين قائم رهي.

شل هو اڳي کان اڳرو هجي. شل سندس دم سان سنڌي علم ۽ ادب جو قدم اڳتي وڌندو رهي. شمشير، شل تو کي ڪوسو واءُ نه لڳي. سائُ سلامت رهي. تو کي اسان جي گهرج هجي نه هجي، اسان کي تنهنجي هر قدم تي ضرورت آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# هڪ مانيٽو ماڻهو - شوڪت شورو

پريل ميلي ۾ اَڪيلو ۽ اُباڻڪو پنهنجن خيالن ۾ گم، مانيٽو ۽ اُداس اکين وارو شوڪت، سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون رُخ، نئون موڙ ۽ نئين سوچ ڏيندڙ چند سرڪش نوجوانن مان هڪ آهي. ان سچائيءَ جي پروڙ نه پنهنجي گفتگوءَ مان ڏيندو ۽ نه وري سندس دائمي خاموشي ئي سندس ذات، ذاتَ ۽ مشاهدي توڙي مطالعي جو ڪو اَڻ- لکو اهڃاڻ ڏيندي. موهڻو ۽ موچارو ڪپڙي لٽي توڙي لڇڻن ۾ وڻندڙ اَسان جو هيءُ لاڏلو دوست، اَندر ۾ ڪيترا طوفان سمائي، ڪيترا موهن جا دڙا سجائي، ڪيترا اَڻ ڪٿ ۽ عميق سمنڊ لڪائي، چهري تي هلڪڙي، اَبهم، معصوم ۽ معنيٰ خيز مسڪراهٽ وکيري، ايئن بي سُڌ ۽ بي نياز رهندو آهي جڻ من ئي من ۾ ڪو سپنن جو سهاڻو سنسار اُڻندو هجي. تيڻ ته ڪيس ڪوي هجي ها پر بنجي پيو ڪهاڻيڪار. ها، اَلبت ڪهاڻين ۾ شاعريءَ جو رنگ ضرور پريندو آهي. پلا هي ويچار ڪلا جي ان پَدَ تي نتا پهچن، جتي شاعري پلجي ٿي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لڳي ايئن ٿو ڄڻ ڪيترن سالن کان فريزر ۾ بند پيو آهيان ۽ ڄمي برف بڻجي ويو آهيان. پر برف تہ ٻاهر نڪرڻ سان رِجي ويندي آهي ۽ پاڻي وهڻ لڳندو آهي. وهندڙ پاڻي مون کي وڻندو آهي. بيٺل پاڻي ڏسي من مُنجهندو آهي. وهندڙ پاڻي وانگر ماٺهو بہ هلندو رهي. هڪ هنڌ ڄمي نہ وڃي.“

ڀلا شاعري ڇا آهي؟ اَندر جي اجهل اُڌمن جي اوڇتي اُڇل ئي تہ آهي. هار سينگار، جوڙ ۽ جنسار تہ سگهڙپائي ڇٽبي. قافيا ۽ رديف، بحر ۽ وزن تہ ان ”اوڇتي اُڇل“ کي جُهل ۽ جهالر پهرائڻ جي برابر آهن. ڪاريگري پنهنجي جاءِ تي اهم ضرور آهي پر ان کان وڌيڪ اُتم آهي جذبن، اُمنگن ۽ اُڌمن جي اها ڌارا جيڪا روح جي گهراين مان ڦاٽ کائي ڦُٽي نڪري. جيمس جوائس ۽ ورجينا وولف جي Stream of consciousness (ساڃهہ جي ڌارا) کي ان ڪارڻ ئي تہ ڪن نقادن من جي ڪويتا جو نالو ڏنو هو. جو سُجهي، جيئن سُجهي، بنا ٺاهَہ ٺوهہ، بنا ڪنهن بناوٽ جي، هُو بهُو ايئن، انهن ئي لفظن ۾، انهي ئي پيرائي ۾، ڪاڳر تي اُتاري ڇڏجي. ماڻهوءَ جي من جي ماجرا جيڪا اَندر ۾ اِيئن پئي ولوڙجي جيئن ”ماٽي مَنجهہ مَهي“. سا ساٽ سئوڙڻ، مِسي مساڳ، سرخي پائوڊر سان جرڪي ڪونہ پوندي.

اهو ئي سبب هو جو گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ شوڪت، سندس ڀاءُ مشتاق ۽ هڪ ٻئي مانيٽي ماٽڪ، عام رواجي اَنداز کان بغاوت ڪري، سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين پيچري تي آڻي بيهاريو جنهن ۾ لفظن جي راند بجاءِ ويچارن جا واهڙ هئا. ٻاهرئين ڏيک ويک بدران تازي هوا جو قدرتي هڳاءُ هو ۽ ظاهري گلڪاريءَ جي جاءِ تي سچائيءَ جي سورج جو تاءُ هو. اهو سڀ ڪجهہ بي خودي ۽ اَڻ ڇاتي آزاديءَ جو اِظهار هو. نيمن، اُصولن ۽ مقرر ٿيل معيارن کان بغاوت هئي. ان اوڇتي ۽ ڪن لاءِ انوکي ۽ اَجنبي تبديليءَ کي سمجهڻ لاءِ اَسان کي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيل انهن سيني ڏاڍاين، زورآورين ۽ زيادتين جو جائزو وٺڻو پوندو جن جي نتيجي ۾ عام سنڌي ۽ خاص طور نوجوان ويڳاڻپ، مايوسي ۽ اَڻ برابريءَ جي احساس ۾ مبتلا ٿي ويا. سنڌي هندن جو وطن ڇڏڻ ۽ سندن جاءِ تي ڌارين قومن جو ڀلتجي پوڻ ئي پنهنجي سر هڪ دکدائڪ تاريخي واقعو هو پر ان جي نتيجي ۾ سنڌي سيپتا، ٻوليءَ ۽ معيشت کي جيڪو ڪاپاري ڌڪ

لڳو ان رهجي ويل سنڌين کي دلگير ڪري وڌو. مٿان وري اَسان جون زمينون، مال ملڪيت ۽ روزگار ويو غيرسنڌين جي حوالي ٿيندو. سرڪار الهندي پاڪستان جي چئني صوبن کي گڏي، سندن نالو نشان مٽائي، ”ون يونٽ“ ناهي ويتر سنڌين جي زخمن تي لوڻ ٻُرڪي ڇڏيو. هونئن تہ سنڌ جي نالي ۾ ڪجھ نہ ڪجھ پلئہ پئجي ويندو هو پر هاڻي تہ اهو سهارو بہ نہ رهيو. اَهڙي ڏاڍ مڙسيءَ خلاف سنڌ جو ٻچو ٻار اُٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجا حق وٺڻ خاطر هڪ ڏکي ويڙهاند ۾ شامل ٿي ويو. شاگرد، صحافي، اَديب توڙي دانشور ان جدوجهد ۾ اَڳرا ۽ آڪرا هئا. ڪهاڻيون، شاعري ۽ ناٽڪ جيڪي ان دور ۾ لکيا ويا، سي سڀ ان اُداسي، ويڳاڻپ ۽ چڙ جو اولڙو هئا جيڪا هر هوشمند سنڌيءَ جي دل ۾ چٽڻگ جيان دکي رهي هئي. سنڌي ٻوليءَ اَهڙو سگهارو اَدب ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏنو هو. اها اَدبي تحريڪ هڪ سياسي جدوجهد جي شڪل اختيار ڪري وئي جنهن ۾ هر غيرتمند سنڌيءَ دل و جان سان حصو ورتو.

”ون يونٽ“ تہ ٽُٽي ويو صوبا ٻيهر بحال ٿيا. سنڌين جي زخمن تي ڪجھ قدر ڦهو ضرور پيو پر ڪانئن ڦڦايل حق نہ صرف موٽي نہ مليا بلڪ سندن محرومين ۾ واڌارو ٿيندو ويو. نوجوان ڊگريون هٿن ۾ کڻي هڪ دفتر کان ٻئي تائين دربدر جتيون گسائيندا رهيا پر مٿن روزگار جا دروازا بند ٿي چڪا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي وجود تي ٽيل ڦهري وار ڪنهن بہ تدبير سان ٽري ڪين سگهيو. ڌارين جي لوڏ نہ رڳو جاري رهي بلڪ هاڻي هو هٿيارٻند ٿي سنڌي آباديءَ جي شهرن تي قابض ٿي ويهي رهيا. سياستدانن، ڪامورن ۽ وڏيرن سنڌ کي تين وال ڪري ڇڏيو. ڪرسيءَ ۽ ڪرنسيءَ جي لالچ ۾ هنن هر اهو ڪڏو ڪم ڪيو جيڪو سندن آقا ڪين چوندا رهيا. اَهڙي گهٽ، ٻوسٽ ۽ مُونجھ واري ماحول ۾ چند حساس اَديبن پنهنجي پاڻ سان من جي اور اورڻ شروع ڪري ڏني. هنن جو ڪجھ اکين سان ڏٺو پئي يا ٻنو پئي يا دل جي سچائيءَ سان محسوس پئي ڪيو، اهو ساڳي ئي ايمانداري، همت ۽ رُڪائيءَ سان ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ پني تي اُتارڻ شروع ڪري ڏنو. اَڪهاڻي، بنان عنوان ڪهاڻي، ساڃھ جي ڌارا واري ڪهاڻي ۽ بنا پلاٽ (Plot less) ڪهاڻيءَ جي شروعات محرومي ۽ نراشا واري ان دور ۾ ٿي ۽ اَسان جو شوڪت حسين شورو ان نئين اَدبي تحريڪ جي بانين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهان هڪ هو. پنهنجي اَدبي سفر جي باري ۾ شوڪت جو چوڻ آهي تہ:

”پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ترقي پسند اَدب جو زور هو. مون سنڌي ۽ اُردوءَ ۾ ان کي گهڻو پڙهيو هو. اِنڪري جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو تہ ترقي پسند اَدب جي اَثر هيٺ منهنجين ڪهاڻين جا ڪردار مظلوم هاري ۽ ظالم وڏيرا هئا. 60 جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان جي سياسي حالتن هيٺ سنڌ سان ٿيل ناانصافين سبب سنڌي نيشنلزم وڌي رهي هئي، جنهن اَدب تي بہ اَثر وڌو هو. ان سبب مون طبقاتي فرق وارن موضوعن کي ڇڏي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ڏاڍاين تي لکڻ شروع ڪيو.

”1971ع ۾ پاڪ – ڀارت لڙائيءَ کان پوءِ پاڪستان جو اوڀر وارو حصو ٽُٽي چڪو هو ملڪ جون سياسي ۽ مالي حالتون تباهہ ٿي ويون هيون. سنڌي نوجوانن جو وڏو تعداد بيروزگاريءَ سبب فرسٽريشن ۽ ڊپريشن جو شڪار هو. انهن نوجوانن ۾ اَسين بہ شامل هئاسين. هونئن بہ 70ع وارو ڏهاڪو سڄي دنيا ۾ ماڊرن خيالن ۽ تحريڪن سبب وڏي اُٿل پُٿل وارو دور هو. ان ئي دور ۾ نئين ڪهاڻيءَ جنم ورتو هو. يارت جي سنڌي اَدب ۾ ماڊرن ڪهاڻي لکجي رهي هئي. سنڌ ۾ اها ٿوري دير سان پهتي. سنڌ ۾ جن ڪهاڻيڪارن ماڊرن ڪهاڻيءَ کي قبول ڪيو ۽ لکڻ شروع ڪيو انهن ۾ مانڪ، مشتاق شورو ۽ آئون شامل هئاسين. اَسان جي مخالفت ۾ چڱو خاصو طوفان ڪڙو ڪيو ويو ۽ الزام لڳايا ويا تہ اَسين گرامر کي ٽوڙي سنڌي ٻوليءَ کي خراب ڪري رهيا آهيون. بد اخلاقي پکيڙي رهيا آهيون ۽ اَسين ترقي پسنديءَ جا مخالف ۽ آمريڪي سامراج جا ايجنٽ آهيون، جيڪي سنڌي ماڻهن ۾ مايوسي، فرسٽريشن ۽ بددلي پيدا ڪري رهيا آهيون.

”اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ اَسان ڏٺو تہ لکڻ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ٿئي. ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جي وسيلي سماج کي بدلائڻ جا خواب ڏسڻ اَسان ڪڏهوڪو ڇڏي چڪا هئاسين. ان ڪري سياسي ليکڪن جون گاريون کاڌيون سين.“

شوڪت جي آخري جملي سان اختلاف ٿي سگهي ٿو پر سندس فرسٽريشن چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اَچي ٿي. اَدب سماجي اِنقلاب جو اهم وسيلو آهي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ جنهن دور جي ڳالهہ شوڪت ڪري رهيو آهي، ان ماحول ۾ سنڌي اَدب جي تبديليءَ واري ڪردار (Agent of



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Change) جي اَهميت ۽ ڪاميابيءَ کي ڏسندي هڪ طرف ته سياسي بازيگرن اَديبن جي کُلهي تي بندوق رکي پنهنجو نشانو چُٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ٻئي طرف چالاڪ ۽ موقعي پرست ليکڪن پنهنجي نالي کي چمڪائڻ ۽ اڳينءَ قطار ۾ ويهڻ خاطر اَجايو سجايو سنڌي نيشلزم جو نعرو هڻي ناپائدار وقتي ۽ سستو اَدب پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هئي. نعريبازي (Sloganism) تحت لکيل اَدب Localized يعني هڪ محدود وقت، طبقي ۽ ماحول لاءِ هوندو آهي. ان کي آفاقي (Universal) اَهميت ملي نه سگهندي آهي. حالتون بدلجندي ئي اَهڙو اَدب تاريخ جي پنن ۾ دٻجي ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندو آهي، پر اهو شرط فقط ۽ فقط اَهڙي اَدب سان لاڳو ٿيندو آهي جنهن جي پاڙ نڪريءَ تي هوندي آهي، جنهن ۾ سڪٽي نعري کان سواءِ ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي.

روسي اَدب، جنهن سنڌي ليکڪن کي بيحد متاثر ڪيو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو مقامي هوندي به پنهنجي اَهميت ان ڪري برقرار رکيو بيٺو آهي جو منجهس انساني قدرن کي اوليت مليل آهي. گورڪي جو "ماءُ" ان سلسلي ۾ بهترين مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. تلهو "جيئي سنڌ" چوڻ سان ڪجهه به ڪونه ورندو. جيستائين ان ۾ دل جي گهرائي ۽ من جي سچائي شامل نه هوندي. مان ميجان ٿو ته ان تحريڪ ۾ ڪجهه اَهڙا ليکڪ به اَچي شامل ٿيا جن فقط نالو ڪمائڻ لاءِ سنڌ جو نالو استعمال ڪيو. سندن شاعري توڙي ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ نه اها سچائي هئي نه گهرائي جيڪا پڙهندڙن جي ذهن کي ڌوڏي ڇڏي. بهرحال "نئين ڪهاڻي" جي سرواڻن جي پنهنجي ذاتي محرومي، مايوسي ۽ ويڳاڻپ کين اَندر جي اِظهار لاءِ هڪ نئين رُخ طرف ڪٺي وئي ۽ هنن ان نئين اسلوب ذريعي پنهنجي تهيءَ جي ناڪامين ۽ بي دليءَ جو ڀرپور نموني سان اِظهار ڪيو. اِنساني سوچ دُنيوي، سماجي ۽ سياسي پابندين جي محتاج نه هوندي آهي. ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اُٿندڙ سوال، احتجاج ۽ اِنقلاب، لفظن جي چونڊ، جملن جي بيهڪ گرامر جي ڊسيپلن جا پابند نه هوندا آهن. خواب ۽ خيال مُنجهيل، بي ترتيب ۽ بي تسلسل جاپندا آهن. انهن کي جيئڻ جو تيئن جهٽي لکڻ سان فرسٽريشن ۽ ڊپريشن جي انتهائي گهرائي ۽ ليکڪ جي من جي پيڙا جو اَثرائتو اِظهار ڪري سگهجي ٿو. هوئن به حقيقت پسنديءَ جي بنيادي تقاضا به اها ئي آهي ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ کي آئيني ۾ سندس اصلي عڪس ڏيکارجي، برو آهي يا ڀلو ليکڪ جو ان سان ڪو واسطو ناهي. بلڪ ليکڪ تہ پنهنجو ماضي توڙي حال بنا لڄ شرم جي ٻاهر ڪڍي ظاهر ڪندو آهي. هُو پنهنجي باري ۾ ڇا ٿو سوچي، پنهنجي گهر وارن، يارن دوستن، جڳ وارن متعلق سندس ڪهڙي راءِ آهي، سا کُليءَ ريت بيان ڪرڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهي.

"دنيا جيئڻ جي قابل ناهي يا آئون دنيا جي قابل ڪونہ آهيان؟ ... ايتري ساري زندگي گذري وئي پر مون کي ڪٿان بہ ڪو گرين سگنل نہ مليو اڳتي وڌڻ لاءِ. گرين سگنل هميشہ ٻين جي لاءِ هوندو آهي. ٻيا اڳتي وڌي ويندا آهن ۽ جڏهن منهنجو وارو ايندو آهي تہ ريڊ سگنل روشن ٿي ويندو آهي. وقت ڪيترو اڳتي وڌي ويو هو ۽ آءٌ پوئتي ڌڪجندو ويس. موجوده وقت ۾ آءٌ ٺهڪندڙ. صفا Misfit."

اهو Misfit وارو نظريو يا ٿيم نئين ڪهاڻي لکندڙ سيني اديبن ۾ ملندو. هنن جي خيال ۾ هو هن سماج ۾ ٺهڪي نہ سگهندا، ان ڪري ئي هو پاڻ کي اوپرو سمجهن ٿا. هنن جو اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، لهجو ۽ رويا ٻين کان مختلف آهن. اِنڪري نہ سماج کين قبول ٿو ڪري ۽ نہ وري هُو سماج کي قبول ٿا ڪن. هُو حساس آهن ان ڪري خود ترسي (Self Pity) ۾ مبتلا آهن. شوڪت پنهنجي هڪ افساني "اشارو" ۾ چوي ٿو:

"ها، تون حساس تہ آهين، پر رڳو پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذات جي حد تائين. ٻئي ڪنهن کي ڪا تڪليف آهي، ڪو مسئلو آهي، ان جو احساس توکي ڪٿي ٿيندو آهي! جيستائين ٻئي جي جذبات جو واسطو آهي تہ تنهنجو حساسپڻو ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي؟"

ساڳئي ئي افساني ۾ پنهنجي Misfit هئڻ جو ورجاءُ ڪندي لکي ٿو:

"پر جنهن ماڻهوءَ جي شخصيت ئي اونڌي هجي، اهو اونڌيون اُبتيون ڳالهيون نہ سوچيندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟ آءٌ ڪيتري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود پاڻ کي دنيا سان ٺهڪائي نہ سگهيو آهيان. هر هنڌ، هر ڪنهن سان، هر ڳالهہ ۾ Misfit."

"رات جو رنگ" نالي ڪهاڻيءَ ۾ ٻڻ شوڪت ساڳي ڳالهہ ڪجهہ هن ريت ڪئي آهي:

"اوچتو هن زور سان رڙ ڪئي: واهيات ... هڪدم چرڪي آسپاس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين. چرين وانگر رڙ ڪرڻ تي ڪيس شرم آيو پر هن کي حيرت لڳي تہ ڪنهن جو بہ ڌانهس ڌيان ڪونہ هو. ماڻهن جاٽي واٽي هن ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنو يا ...... يا ڪا بي ڳالهہ هئي. هن جو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو. تڏهن هن کي احساس ٿيو تہ اها رڙ هن جي نڙيءَ ۾ گھُٽجي وئي هئي. ”بزدل، ٻاڙي، ڊڄڻو ... جيڪي ڪجهہ چاهيان ٿو سو ڪري نٿو سگهان. رڳو رڙ بہ نہ!“ هن کي روئڻ اچي ويو اهو بہ اندر ئي اندر ۾. ٻاهر ڪجهہ بہ نہ هو. بيٺل پاڻي، جميل برف بڻجي ويل ـ اَندر گھٽي گهرائيءَ ۾ پاڻي ٿهڪي رهيو هو ۽ پيڙا هئي سڙڻ جي.“

شوڪت جي ڪهاڻين ۾ اها بي وسي (Inertia)، اها خود ترسي (Mistiness)، اها خودڪلامي (Soliloquy)، فيصلي جي گهٽتائي (Indecisiveness)، بي حسي (Apathy)، سرد جذبات (Frigid Sentiments)، ساڃهہ جي وهڪ (Stream of Consciousness)، پويان پُور (Flesh Back) ۽ ٻيا اَهڙا انيڪ مثال ملندا. جيڪي ان دور جي رُنل ۽ ماحول کان مايوس نوجوانن جو اهڃاڻ هئا. هُو ڳالهہ کي لڪائي ڇپائي، رومال ۾ ويڙهي، احتياط کان ڪم وٺندي (Tongue in Cheek) ڪرڻ جا عادي نہ هئا. ڳالهہ ڪيڏي بہ اُگري، اَڻ وڻندڙ يا ماڻهن جي نظر ۾ نامناسب ڇو نہ هجي، هُو اهي سڀ ٻنڌڻ ٽوڙي، بي حجاب تي ڇٽي ڏيندا هئا. پنهنجي لاءِ توڙي ٻين جي لاءِ ”هڪ ڊنل ماڻهو“. جيڪا منهنجي راءِ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هزارين ڪهاڻين مان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترين سٺين ڪهاڻين مان هڪ آهي، سا نہ رڳو نئين ڪهاڻيءَ جو بهترين مثال آهي، پر شوڪت شوري جي پنهنجي شخصيت جو عڪس پڻ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهي سمورا گڻ ملندا جيڪي نئين ڪهاڻيءَ جي تعريف (Introduction) لاءِ ضروري آهن. ان ڪهاڻيءَ ۾ شوڪت اِنڊلٽ جا ست ئي رنگ سموئي ڇڏيا آهن. هن جي ٻولي، ڊائلاگ، مونولاگ، طنز ۽ پلاٽ جي چونڊ کان ويندي واقعات (Locale) جي تفصيلن تائين، سندس مهارت ۽ ذهانت جو ثبوت ڏين ٿا.

”... ريڪس سئنيما کان اڳتي نيٽ هن کي وجهہ مليو. هن دل جهلي وک وڌائي ۽ عورت جي ويجهو اَچي ڳيت ڏئي ”هلو“ چيائين. عورت هن ڏانهن ڏنو ۽ مُرڪي پئي. ”هلو“، عورت ورائيو. هن جي دل ٿورو وڌي ”دل ۾ نہ ڪريو تہ ڪٿي ويهي چانهہ پيئون.“ هن کي اهو جملو ڏاڍو عجيب لڳو پر هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ پرائيويٽ عورت سان ڪيئن ڳالهائبو آهي.“

ڪردار جي اها سادگي دراصل شوڪت جي Misfit هئڻ واري دليل جي پنپرائي آهي. هن معاشري جا ڪارآمد ڪردار ۾ چلتا ڦرتا ماڻهو ايترا سادا، ايترا اَبوجهہ، ايترا ڪمزور ڪونہ ٿيندا آهن. اڳتي هلي لکي ٿو:

”عورت چيو ”ڪا جاءِ آهي يا هوٽل ۾ ڪمرو ونڻو پوندو؟“ هو مطلب سمجهي ويو. ”ان جي ڪا ضرورت ڪانهي، پاڻ ڪي نہ ڪنهن جاءِ تي هلڻو آهي نہ هوٽل جي ڪمري ۾.“ عورت هن ڪي حيرت مان ڏسڻ لڳي، ”پوءِ تون مون ڪي ونڻي ڇو آيو آهين؟“ ”آئون تو ڪي ان لاءِ نہ ونڻي آيو آهيان.“ هن منهن ڦٽائي چيو. هن ڏٺو تہ عورت جي منهن تي مايوسي اچي وئي. هن کيسي مان پگهار وارا پئسا ڪڍي ٽيبل تي رکيا. ”ہن ٽن ڪلاڪن جي لاءِ تنهنجي جيتري في آهي، سا هنن مان ڪٽي وٺ.“

هيءُ افسانو پڙهندي مون ڪي يارتي اُردو ليکڪ ڪرشن گوپال عابد ياد اچي ويو. اها عجيب ڳالهہ آهي تہ شوڪت ڪرشن گوپال عابد جو نالو بہ نہ ٻڌو هو. پوءِ بہ ايتري حيرت جهڙي هڪجهڙائي! شايد ان ڪري جو ھُو ٻئي ماڊرن ڪهاڻيءَ جا پانڌيئڙا آهن. هنن جا نيم، انداز ۾ اِظهار هڪجهڙا آهن. پوءِ منجهن مڪان ۾ زمان جو فرق ڇو نہ هجي. ڪهاڻيءَ جا ٻئي ڪردار بوريت (Boredom) جو شڪار آهن. يڪسانيت هنن ڪي نستوءِ نبل بڻائي ڇڏيو آهي پر جڏهن هو ٻئي پاڻ ۾ ملن ٿا، تڏهن ٿوري دير لاءِ هڪ ٻئي جي لاءِ خوشيءَ جا خزانا ڪٽي ٿا اچن.

شوڪت جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”خوف جو موت“ پڙهي مون ڪي هيمنگوي جي Killers ياد اچي وئي. ڪهاڻيءَ جو هيرو دشمنن ڪان لڪندو ڀڄندو ڪنهن اڻ ڄاتل ننڍڙي ڳوٺ ۾ وڃي ٿو رهي. رات جو گهر جا در دروازا ۾ دريون بند ڪري ٿو سُمهي ۾ ڏينهن جو ضروري ڪم ڪانسواءِ ٻاهر نٿو نڪري. اها صورتحال يڪسانيت، خوف ۾ بوريت ڪي جنم ڏئي ٿي ۾ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن ڳوٺ جي هوٽل وارو بيرو سهڪندو آچي ڪيس ٻڌائي ٿو تہ تنهنجي خون جا پياسا هت بہ پهچي ويا آهن ۾ تو ڪي مارڻ لاءِ بس پڇاڻ آيا ڪي آيا. تو ڪي اجا بہ وقت آهي تہ پوئين در ڪان نڪري ڀڄي وڃ. تڏهن ھُو بيري ڪي واپس وڃڻ جو چئي، ٻاهريون در ڇڳيءَ طرح کولي، بستري تي ليٽي، سندن انتظار ڪرڻ ٿو لڳي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خوف جو موت“ ۾ به شوڪت اهڙي ئي ڪاريگريءَ سان ڪامل جو ڪردار جوڙيو آهي. ڪامل ۽ سندس گهر واري زينب حيدرآباد ۾ ہوليءَ واري فساد جي زماني ۾ پناهگيرن جي گهيري ۾ اچي ٿا وڃن. ڏينهن رات گولين جا آواز ٿا گونجن. موت اکين آڏو بيٺو آهي. زينب جي منٿن تي ڪامل سنڌين جي وسنديءَ ۾ لڏي وڃڻ لاءِ هٿ پير هڻي ٿو ۽ آخرڪار هڪ مسواڙي جاءِ ڪِرائي تي وٺڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو. شام ڌاري جڏهن گهر ڇڏڻ جي تيارين ۾ آهن، تڏهن جاءِ جي مالڪياڻي سودي تان ڦري ٿي وڃي ۽ ڪامل مايوس ٿي موٽي ٿو اچي.

”گهر جي چابي وٺي آئين؟“

”نه پاڻ کي ڪيڏانهن به ناهي هلڻو. پاڻ هتي ئي رهنداسين پنهنجي گهر ۾، جنهن گهر ۾ منهنجا سمورا وڏا، بابو ۽ اَمان مري ويا. ان گهر ۾ پاڻ مرڻ کان ڇو ٿا ڊڄون! اَڄ کان ڊپ ذهن مان ڪڍي ڇڏ. ڪو الڪو نه ڪر!“ ڪامل کٽ تي ليٽي پيو ۽ سگريٽ دکائي آرام سان سوٽا هڻڻ لڳو.“

موت جو خوف جڏهن حد کان وڌي وڃي ٿو ۽ ڀڄڻ جي ڪا واهه نٿي سُجهي تڏهن اوچتو ئي اوچتو ڪمزور کان ڪمزور ماڻهو به خوف جي موت جو فيصلو ڪري ٿو. شوڪت جي هيءَ ڪهاڻي پنهنجي اُٺت ۽ گهڙت جي لحاظ کان نه رڳو هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي بلڪ پناهگيرن جي گهيري ۾ ڦاٿل مجبور ۽ لاچار سنڌين لاءِ هڪ وقتائتو سنيهو پڻ آهي. ڪامل ۽ زينب توڙي حاجي صاحب ۽ سندس گهر واريءَ جي ڪردار نگاري (Characterization) به خوب آهي، پر ڪردار نگاريءَ جي معراج تي شوڪت کي ڏسڻو اٿو ته سندس ڪهاڻي ”اَڌورا ماڻهو“ پڙهو. پروين هڪ تيز ترار، وات واڪي، بولڊ ۽ بي ڊپي عورت آهي. نياز ان جي اُبتڙ ساڳيو ئي ڪمزور، ڊڄڻو ۽ بي همت انسان. ٻنهي جي گفتگو ۽ هلت چلت کي چٽڻ وقت ليکڪ پنهنجي فن جي اوچاين تي پهتل آهي:

”هوءَ کلڻ لڳي: اهو ته ڪجهه ڪونه هو. مون ته تو کي Real Kiss ڪرڻ ٿي چاهي، پر ڏنم ته تون صفا ياڙي آهين. مون کي ڊپ ٿيو ته تون مون کان ڪڏهين ڀڄي ويندين.“ ”جيڪڏهن تو کي ايڏو خيال آهي ته پوءِ ٻين ماڻهن جي اڳيان هلڪڙائي نه ڪندي ڪر.“ ”يار، تون ته ڪو صفا شرم ٻوٽي آهين“. پروين ڪلندي چيو ”پر ترس، توُرنَ ڏينهن ۾ تو کي سُڌاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندس.“ ”تو مون کي ذليل ڪرڻ جو پروگرام ناهيو آهي. ان ڪم لاءِ رڳو آءٌ ئي تو کي هٿ آيو آهيان؟“ ”مون کي تو تي رحم ٿو اَچي يار. تون صفا ٻائو ٻڏو آهين. ماٺهو ڇوڪرين تي عاشق ٿيندا آهن ۽ تون چاهين ٿو ته ڇوڪريون توتي عاشق ٿين! تون آخر چاهين ڇا ٿو؟ ايترو سُهڻو به ڪونه آهين جو ڇوڪريون توتي مرنديون وتن.“

ان ساڳي ئي ڪهاڻيءَ ۾ نياز جي روپ ۾ اهو ساڳيو ئي بي همت، خوفزده ۽ اُپاٽڪو ڪردار سامهون اَچي ٿو جيڪو نئين ڪهاڻيءَ جي هيرو جي علامت بڻجي چڪو آهي. نياز جي زباني:

”آءٌ سچ پچ به جذباتي ماڻهو آهيان. خوابن جي دنيا ۾ رهندڙ پنهنجن خوابن جي تعبير مون کي ڪڏهن نه ملي آهي- ۽ جي ملي به آهي ته اُڌوري اَڻپوري! آءٌ چاهيان ٿو ته ڪير مون کي سمجهي، مون کي سنڀالي، مون کي سهارو ڏي . . .“

جڏهن سندس ئي لکيل جملا پڙهي رهيو هوس تڏهن فون ڪري ڇيومانس ”شوڪت، هيءَ ته پنهنجي ڪهاڻي لکي اَٿئي.“

کلندي وراڻيائين، ”ضرور پنهنجي شخصيت جو ته پاڇو پوندو.“

چوٿين جولاءِ 1947ع تي، ڳوٺ حاجي نور محمد شورو تعلقو سجاول، ضلعو ٺٽو ۾ عبدالڪريم شورو جي گهر ۾ پئدا ٿيندڙ شوڪت حسين شورو اَيم. اي تائين پڙهيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ، پاڪستان ٽيليويزن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي اَٿائين. گذريل ستن سالن کان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر آهي. 1964ع ۾ پهرين ڪهاڻي لکيائين. ريڊيو ۽ ٽي. وي. تي ڊراما لکيائين. سندس ڪهاڻين جا هن وقت تائين ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن: ”گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس“ ۽ ”اَکين ۾ ٽنگيل سپنا“ سنڌ ۾ شايع ٿيا. ٽيون ڪتاب، ”گُم ٿيل پاڇو“ ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان اُلهاس نگر مان ڇپايو. هندستان جي دورن دوران مون ڏٺو ته شوڪت اُتان جي ليکڪن ۾ ڏاڍو مقبول آهي، کيس چاهيندڙن جو تعداد بي انتها آهي. خود سنڌ ۾ پڻ هو سڀ کان وڌيڪ غير متنازع شخصيت طور ڄاتو ويندو آهي. سنڌالاجيءَ کي سنڀالڻ ۽ سهيڙڻ سندس عظيم ڪارنامو آهي.

احمد آباد (ڀارت) ۾ سندس واقفيت ڪرائيندي ڇيو هوم ”هيءُ اسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو دوست تمام گهڻو ٻالهائيندو آهي. سال ۾ هڪ ٻه جملا ڳالهايائين ته سمجهو وڏي کيپ ڪٽيائين."

هاڻي به جڏهن سندس لڳاتار خاموشيءَ کان بيزار ٿيندو آهيان ته چوندو آهيانس، "شوڪت، تون به ته ڪجهه چئه."

ساڳي معصوم مرڪ چپن تي آڻي چوندو آهي، "تون جو ڳالهائين پيو!"☼



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# امداد حسيني: سنڌي ادب جو شهزادو

جديد سنڌي ادب جو شهزادو امداد حسيني، جهڙو مانيٽو موهٽو ۽ مٽيادار آهي، اوترو ئي اونهو عميق ۽ ارڏو شاعر پڻ آهي. نہ توڙ جوڙ نہ گروهہ بندي ۽ نہ وري ڪنهن جي ٻن ٽن ۾. پنهنجي اصولن ۽ آدرشن سان مڪمل طور واڳيل. ڇڱو لڳندس تہ ڇڪي ياڪر ۾ ڀري ڇڏيندو برو ڀانيائين تہ نهہ ٿهہ مُنهن تي چئي ڏيندو. نہ ڏک ڪندو نہ ڏک ڏيندو. مان نٿو ڀانيان تہ سندس سخت ۾ سخت ادبي تنقيد تي ڪنهن مُنهن بہ گهنجايو هجي. سندس شخصيت ئي اهڙي آهي. سينئر سندس احترام ڪندا آهن ۽ نوجوان مٿس اول گهول ويندا آهن. ڪي چند آڳرين تي ڳڻڻ جهڙا اديب اهڙا هوندا، جن کي پنهنجن همعصرن ۾ ايترو مان مليو هوندو. سچ تہ هو نہ رڳو اها عزت لهڻي، بلڪ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ هُو ان عزت کي برقرار رکي بہ ڄاڻي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري ورثي ۾ ضرور ملي اٿس. پر جا شاعري هُو ڪري رهيو آهي، سا سندس پنهنجي محنت جو صلو آهي. آزاد نظم جڏهن بانبڙا پائي اسان جي چانئٺ تي پهتو تڏهن جن چند سجاڻ ليکڪن کيس ڪٽي چاتيءَ سان لاتو، تن ۾ امداد پڻ شامل هو. ڏسندي ئي ڏسندي هُو نہ صرف آزاد نظم جي ميدان جو مثيرو مڙس بنجي پيو بلڪ ان کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي، پنهنجي شخصيت جو حصو بنائي ڇڏيائين. سندس تشبيهون ۽ علامتون، صرف ۽ صرف هن جون پنهنجون جوڙيل آهن. بيا پل تہ سندس اولڙي ۾ پنهنجو پاڇو ڏسن، هن بيهر پنتي وري ڪين نهاريو آهي. غزل جو مخصوص تڪڙائي انداز شروع ۾ ضرور هن اپنايو پر پوءِ سنڌ ماءُ سان نينهن جو ناتو ڳنڍيڻ کان پوءِ، هُو ماڻهو ئي ٻيو تي پيو. اسان ان ئي امداد کي سڃاڻون جو اسان جو پنهنجو آهي، جو اسان سڀن جي دکن دردن جا گيت ڳائي ٿو جو اسان جي پيڙا جو ترجمان آهي، جو ڌرتي واسين جو اڻ چونڊيل نمائندو آهي. رومانٽڪ آهي، ان ڪري قدرتي حسن جو سڀ کان وڌو چترڪار آهي. چنڊ، درياءُ، بادل، خوشبوءِ هوا هن جي شعور ۾ گهليل آهن. باغي آهي، ان ڪري بغاوت جو عَلم اڏاريندو تند، ڪناروءِ ڪنڌ ورجائيندو نظر اچي ٿو. جذباتي آهي، ان ڪري پنهنجي سر زمين تي ٿيندڙ انياءُ ۽ ڪيس برداشت نٿو ڪري سگهي. انقلاب ۽ سو بہ عوامي انقلاب سندس نعرو آهي. ڪميٽيڊ آهي، ان ڪري پنهنجي آدرشن جي محور اندر جيئي ٿو. نہ ڪڏهن رُڪيو نہ جهڪيو ۽ نہ ئي وري وڪيو. اڏول آهي، اٽل آهي، اجهل آهي.

مکڻ جهڙي ماڻهوءَ جي من ۾ باهہ جا پنيٺ بہ ٿي سگهن ٿا، اهو امداد کي ڏسڻ، پرکڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ ئي معلوم ٿي سگهندو. مان کيس 45 سالن کان سڃاڻان. هُو اڄ بہ اهو ئي ساڳيو شرميلو خاموش طبيعت، کلڻو ۽ شريف ماڻهو آهي. منجهس ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. جي آئي آهي تہ صرف اها تہ هُو وڏيڪ ميچوئر ٿي ويو آهي. هن جي اصولن ۾ پختگي اچي وئي آهي ۽ سندس نياز ۽ نوڙت ۾ اضافو ٿي ويو آهي. يارن جو يار آهي. سڀ جو پيارو آهي. لاڏلو آهي. محبت ڏئي ٿو، وٺي ٿو. ساڻس ملي سنڌي ادب جي آئندي ۾ وشواس وڌي ويو آهي. تڏهن تہ چيم تہ هُو سنڌي ادب جو شهزادو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# امداد حسيني ـ سچار فنڪار

جيڪو سوچي، جيئن سوچي، هوبهو ايئن ئي انهن ئي لفظن ۾، بغير ڪنهن بناوٽي آرائش جي، ڪاغذ تي اتارڻ وارو امداد بجا طور تي نئين سنڌي ادب جي چند ڪيہ سرواڻن مان هڪ آهي. آزاد نظم جو انتخاب هن ڪونہ ڪيو. آزاد نظم خود سندس انتخاب ڪيو. ٻيءَ ڪنهن بہ صنف ۾ شايد امداد اهو ڪجهہ ڏئي نہ سگهي ها، جيڪو آزاد نظم ذريعي هن اسان جي ادب کي ڏنو آهي. هن جي شاعري خود ڪلاميءَ جي سپ کان بنيادي منزل Loud Twinkling جو بهترين مثال آهي جيڪا سچائيءَ جو پهريون ڏاڪو سمجهي وڃي ٿي. سچ کي جيترو ولوڙيو اوترو ئي ان جي شڪل صورت بگڙجندي ويندي. گهٽي سوچ ۽ ونڊ ونڊ (Distortions) کي جنم ڏيندي آهي. مصلحتون ۽ ابهام نيڪ نيتيءَ ۾ بہ معصوميت سان جذب ٿيندا ويندا آهن. نتيجي طور جيڪا شڪل جڙندي آهي سا گلدستي ۾ سجائي تہ سگهجي ٿي، خوشبوءَ کان پوءِ بہ وانجهيل رهي ٿي. Raw Truth



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سچو سچ) اهو آهي جيڪو پهرئين لمحي ذهن ۾ ايري ۽ جي اوهان اوترا ئي سچار آهيو تہ پوءِ انهيءَ صورت ۾ اوهان جي زبان تي اچي. پر جيڪڏهن اوهان حساس فنڪار آهيو تہ پوءِ ڪيس اوهان جي فن ۾ پڻ جهلڪڻ گهرجي. سچ پڇو تہ سچائي ڪنهن بہ ڪلاڪار جي مهٽ سهٽ. سرخي پائوڊر هيري جواهر ۽ رنگين مخملي ويس وڳي جي محتاج ناهي. ان ڪي ايئن ئي ترش، بدصورت ۽ کهرو هئڻ گهرجي جيئن اها جنم وٺي ٿي. امداد حسيني جهڙو پاڻ کرو ۽ کهرو آهي، سندس ڪلا پڻ اوتري ئي Original آهي. جيئن سوچي ٿو ايئن لکي ٿو. منافقي منجهس ذري جي ناهي. هار سينگار کان نفرت اٿس. بہ معيار هو سکيو ئي ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو هو ايترو پيارو آهي تنهنجو منهنجو اسان سڀني جو. ادبي لحاظ سان ڪڏهن بہ متضاد نہ رهيو آهي. سندس جوت مان روشنين جو آبشار ئي نڪتو آهي. نوان ليکڪ امداد جي فن جي رهنمائي ۾ انهيءَ Raw Truth کي جيئن پوءِ تيئن وڏي ۽ وسيع پيماني تي ڦهلائي رهيا آهن. اها ڪا گهٽ ڪاميابي تہ ناهي تہ ڪو اوهان جي ذهن کي پنهنجو ذهن ۽ سوچ کي پنهنجي سوچ سمجهي. آرٽ ۾ اهڙا رويا تحريڪن کي جنم ڏيندا آهن.

امداد حسيني اسان جي ٽهيءَ جو ليکڪ آهي. ان ٽهيءَ جو جنهن جي ڪلهن تي ون يونٽن وڏيون قومي ذميواريون وجهي ڇڏيون هيون. ٻڪر پوسات جي ان ماحول ۾ سچ تي پچڻ وارا پروانا ڪيئن ۽ ڪٿان آيا سا مهما تہ اڄ سوڊو سمجهہ ۾ نہ آئي آهي، البت جاڳرتا جي اها لهر سنڌي ادب توڙي سماج کي جيڪا امرتا بخشي وئي، ان جو سرو اڄ بہ اوترو ئي فرحت بخشيندڙ ۽ تازو آهي، جيترو ڪالهہ هو. انيڪ چهرا، انيڪ آواز هئا جي وقت جي دز لٿي نہ سگهي آهي. انهن مان هڪ طاقتور پر مختلف شخصيت هئي امداد جي، گهٽ ڳالهائڻو ڪلٽو ۽ سنئون سڌو امداد ڪن ۾ ئي دلين اندر ديرو ڪري ويو. هن ڪڏهن بہ لفظ نہ چباڙيا. نہ وڪيو نہ جهڪيو ۽ نہ وري ڪڏهن رُڪيو. نہ ڪڏهن چوڏراهٽ جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيو ۽ نہ نمبر ون جي چڪر ۾ پيو. پنهنجي مستيءَ ۾ مگن، ڪنداڻو ادب ڪارج ڪندو رهيو. ان وچ ۾ ڪيترائي ادبي مهم جُو پيدا ٿيا. پي آر جي زور تي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ پنهنجا اگهہ وڌائيندا رهيا. تقريرن توڙي تحريرن ۾ پنهنجي عظمت جا گيت ڳائيندا رهيا، پنهنجي منهن ميان مٺو ٿي، پنهنجن ئي هٿن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پنهنجي واکاڻ جو بڻ دېائي هڪ ئي ڪيسٽ کي وري وري هلائيندا رهيا. مون کي ياد ناهي ته امداد ڪڏهن به اهڙو ڪڏو ڪم ڪيو هجي. ها، هن جڏهن به ڪنهن کي قومي مفاد خلاف سرگرم ڏٺو تڏهن هڪدم بنا پيد ياءَ ۽ ذاتي تعلقات جي، کيس ناهوڪي رهڙ ڪيڍي ڇڏيائين. خود مان به هڪ اڌ دفعو سندس ادبي تنقيد جو شڪار ٿيو آهيان. رنج بجاءِ خوشي ٿي ته امداد جهڙو سڄاڻ ۽ سمجهو ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ حالتن تي ته نظر رکي ٿو. اڄ به جڏهن علمي ادبي حلقن ۾ شعوري توڙي غير شعوري طور نااتفاقي پيدا ٿئي ٿي، تڏهن امين جي چونڊ لاءِ اکيون ازخود امداد لاءِ واجهائين ٿيون.

اهو عزت، اهو مان ۽ اهو مرتبو هڪ ڏينهن ۾ حاصل نه ڪيو اٿائين. تقريبن اڌ صديءَ جي محنت ۽ محبت کان پوءِ ئي امداد اهڙي انوکي حيثيت ماڻي آهي. مائيٽو ۽ مٽيادار ته هو شروع کان آهي ئي، وقت سان گڏ ادبي بلوغت ۽ بردباري سندس شخصيت جو اهم ترين جز بڻجندي وئي. شاعري سندس وجود جو اڻ کٽ ۽ اڻ ٽٽ حصو آهي. شايد ان مٽيءَ جو اثر آهي، جنهن مان هن جنم ورتو- يا وري ان پس منظر جو عڪس آهي جنهن ۾ سندس تربيت ٿي. بهرحال، امداد جي ٽهڪن ۾ به رواني، بحر ۽ وزن محسوس ٿيندو آهي. رواداري ۽ نهٺائي جو نادر نمونو امداد، سنڌي ادب ۾ قومي مسئلن تي اڏول پهاڙ جيان مضبوط نظر ايندو. مصلحت کان ڪڏهن به ڪم نه ورتو اٿائين. سنڌ سندس جذبن جو محور ۽ مرڪز آهي. سنڌين سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ بي انصافي کيس تڙپائي ڇڏيندي آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته خود سندس ذات سان پنهنجن ڪيترين ئي ڏاڍايون ۽ ناانصافيون ڪيون آهن. گهڻن اهم موقعن تي سندس خدمتن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. ان هوندي به هن ڪڏهن به شڪايت نه ڪئي آهي. لکين نوجوانن جي دلين ۾ ڌڙڪندڙ امداد، ان تي ئي مطمئن آهي ته سندس چاهيندڙ سندس نالو محبت ۽ احترام سان وٺن ٿا.

آزاد نظم جو ذڪر ايندي ئي، شمشير الحيدريءَ سان گڏ امداد جو ذڪر اڪثر آهي. فرق صرف اهو آهي ته امداد روايتي آزاد نظم کي وڌيڪ فطري، وڌيڪ آسان ۽ وڌيڪ عوامي بڻايو. هُن وڍ ڪُٽ ڪري، رندو هڻي، پالش جو ليپ ڏئي، ڪاريگريءَ جو ڪمال ڪونه ڏيکاريو بلڪ جذبن ۽ خيالن کي جيئن جو تيئن ڪاغذ تي اتاري انساني سوچ جي ڪڙاڻ ۽ مٺاڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پنهنجي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو. پنهنجي اظهار تي نہ ارادتاً سينسر هنيائين ۽ نہ وري ڪوجهاڻ کي ڇپائڻ لاءِ پردو ڪرايائين. اهو وڏي دليريءَ جو ڪم آهي. ان لاءِ اخلاقي سگهہ جي ضرورت آهي. فني خودڪشيءَ جهڙن روين کي اپنائڻ ڪو سولو ڪم ناهي. اهو صرف ان فنڪار جو ورثو آهي جنهن کي پنهنجي پاڻ تي مڪمل اعتماد هجي ۽ پنهنجي سچائيءَ تي سؤ في صد ڀروسو هجي. خوشي آهي تہ امداد حسيني ان ڏکئي مرحلي مان پار ٿي هميشہ سرخرو ٿيو آهي.

سحر سندس زندگيءَ جي ساٿياڻي ٿي نہ. سندس ذات ۽ روح جو وڏاءُ پڻ آهي. سندس علمي ۽ ادبي ڪاوشن جو تسلسل آهي. سندس ذڪر ڪانسواءِ امداد جو ذڪر ٻسو ۽ اڌورو ٿيندو. سندن شاديءَ جي انن ڏهن مهمانن ۾ مان ۽ منهنجي گهر واري پڻ شامل هئاسين. ان شام گهر موٽنديءَ اسان ٻنهي امداد ۽ سحر کي دلي دعائون ڏنيون هيون پر اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هئوسين تہ هيءَ جوڙي اڳتي هلي سنڌي ادب لاءِ دعائن جو گهر بڻبي. خدا ٻنهي کي خوش رکي، سلامت رکي.☼



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# تنوير - مکڻو ماڻهو

تنوير سان منهنجي پهرين ملاقات منهنجي ادبي زندگي جيتري پراڻي آهي. حيدرآباد ۾ ملياسين گل محمد چنه جي معرفت. "ادا" جو پرچو ڏيکاري چيومانس، "هيءُ پهريون پرچو آهي."

چيائين، "تنيڏن ماڻهن وڏو پرچو ڪڍيو آهي."

اهي لفظ وسرن ئي نه ٿا.

چيائين، "تڪجي ته نه پوندؤ؟"

چيم، "هاڻي ته قلم هٿ ۾ ڪنيو اٿئون."

چيائين، "اڳيان ڏکيو پنڌ اٿو."

ان ڏکئي پنڌ کي هاڻي چائيتاليهه سال گذري ويا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ان عرصي ۾ مون قلم موٽائي نه رکيو آهي. رکڻو به ناهي، جياپي جو اهو ئي هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪيه بهانو آهي.

اهو تنوير سنهڙو، سيپڪڙو سهڻو ۽ نازڪ انسان هو. مون کي ياد آهي ته مون ڪيس ڏاڍو حيرت مان ڏٺو هو. سفيد قميص، ڪاري پتلون ۽ گلي ۾ چوڪڙين وارو مفلر.

چيائين، "ڪافي پيئندؤ؟"

اسان چپ رهياسين.

ڪافي ناهيندي چيائين، "مون کي ڪافي وڻندي آهي، ٻئي جي هٿ جي ٺهيل ڪافي مون کي وڻي ئي ڪونه. لڳندو آهي ابراهيم خليل جو شعر پيو پڙهان."

اسان کي ڏاڍي کل آئي هئي، انهن ڏينهن ۾ قديم ۽ جديد جو بحث چوٽ تي هو.

تنوير سان ان کان پوءِ ادبي ناتي محبت جا رشتا قائم ٿي ويا. ڏاڍو سهاجهو ماڻهو هو. پنهنجي شاعريءَ جيان دل ۾ در هميشه کليل رکندو هو. بناوت، منافقي ۽ اجايو ڏيکاءُ ڪيس وڻندو ئي ڪونه هو. علم ۽ ادب ۾ ايترو ٻڏل جو منجهس ڊاڪٽر ڳولڻ تقريباً ناممڪن نظر ايندو هو.

ڪاليج طرفان حيدرآباد جي داس گارڊن ۾ ڪرڪيٽ ميچ کيڏندي بال نڪ تي لڳم. خون بند ئي نه ٿئي، گاڏي ۾ ڪٽائي لياقت اسپتال ۾ آيا. ايمرجنسي ۾ پيو هوس، جو تنوير اچي پهتو. چيائين، "راڪاس، نڪ سان ڇا پئي ڪيئي؟"

چيم، "بال پئي جهٽيم."

چيائين، "تنهنجي لاءِ بري خبر آهي، تون فلمن ۾ هيرو ٿي نه سگهندين."

پڇيم، "ڇو؟"

چيائين، "هڏيءَ جو فريڪچر ٿي پيو آهي، جڙي ته ويندي پر سڌي بيهي نه سگهندي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بناوٽي ڏک جو اظهار ڪندي چيم، ”اهو چانس بہ ويو!“

ورهين کان پوءِ نيشنل هاءِ وي تان ڪراچيءَ پئي آيس تہ سامهون تنوير جي ڪار اچي بيٺي. وچ روڊ تي لهي پاڪر پائي ملياسين. چيائين، ”چڱو ٿيو جو ملي وئين، مان توکي ڳولڻ ڪراچي ويو هوس.“

پڇيم، ”خير تہ آهي!“

چيائين، ”ڏاڏا شاهہ ”مومل راڻو“ فلم پيو ٺاهي، تو کي ان ۾ ڪم ڪرڻو پوندو.“

نڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيم، ”هيرو جا چانس تہ تو ڪڏهوڪو ختم ڪري ڇڏيا. راڻي جو نڪ تہ گهٽ ۾ گهٽ سڌو هجي.“

مرڪي چيائين، ”راڻي لاءِ ڪير ٿو چوئي؟ اسان کي تہ اٺ جي تلاش آهي!“

ڪنڊڪوٽ ۾ هوس جو وڏي پيماني تي هفتي، ڏهن ڏينهن جو جشن ڪرايم. ڊراما، مشاعرا، راڳ رنگ، رانديون، روندڻيون وغيره رٿيون ويون. ادبي محفل جي موقعي تي آغا سليم جو اسٽيج ڊرامو ”دودو چنيسر“ پڻ رٿيو ويو. صدارت لاءِ تنوير کي عرض ڪيم، نہ رڳو پاڻ آيو بلڪ گهر واري ڊاڪٽر قمر، ياءُ ۽ ياجائيءَ کي پڻ ساڻ وٺي آيو. ڪنڊڪوٽ جو وڏيرڪو ماحول. بي پردي عورتن جو ڪو تصور بہ نہ پئي ڪري سگهيو ۽ هيڏانهن تنوير کي ان ڳالهہ جي ذري برابر بہ ڳڻتي نہ هئي، ڏاڍو پريشان ٿيس. آخرڪار قناتن جي اوٽ ۾ عورتن کي ويهارڻ جو انتظام ڪيم. تنوير بگڙجي ويو. سخت لهجي ۾ چيائين، ”جي معاشري کي منهن ڏئي نٿو سگهين تہ پوءِ ان کي سڌارڻ جي دعويٰ بہ نہ ڪر.“

نوابشاهہ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو جشن هو فنڪشن کان پوءِ هڪ ڪمري ۾ ويٺا هئاسين، رشيد ڀٽيءَ هر هر درئ کان ٻاهر پئي ڏٺو.

پڇيومانس، ”ڪنهن جو انتظار اٿئي؟“

پريشان ٿي چيائين، ”تنوير الوپ ٿي ويو آهي.“

سامهون ويٺل تنوير چشمو هٽ ۾ ڏيندي چيس، ”پائي چڏ، بنا چشمي تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڪي گهر بہ هٽ نہ ايندو آهي."

رشيد چشمو پائيندي چيو "ڏنئي! مان بہ چوان تہ ڪا شيءِ تہ الوپ ٿي وئي آهي."

ڏاڍي محبت سان ملندو هو. خيرپور يونيورسٽيءَ جي سچل چيئر تي حميد سنڌي مهرباني ڪري ڊائريڪٽر مقرر ڪيس. ميٽنگن ۾ ملاقاتون ٿينديون هيون. سچل لائبريري جو هڪ هڪ ڪتاب وري وري ڏيکاريندو هو. قلمي نسخا, قديم مسودا, تحقيقي ڪم, مطلب تہ پيار جي پورهئي سان جيڪو ڪجهہ سهيڙيو هئائين, سو وڏي فخر سان, وڏي مان سان يارن دوستن جي آڏو پيش ڪندو هو. اهڙي ئي هڪ موقعي تي سندس گهر ۾ منجهند جي ماني ڪائيندي چيائين, "هن ڪمري ۾ اياز ڪان وٺي سيد غلام مصطفيٰ شاهہ تائين سڀ دانشور آيا آهن, هي ڪتاب مون زندگي ڀر جي محنت ڪان پوءِ گڏ ڪيا آهن. هن گهر سان مون کي ڏاڍو پيار آهي. مون پنهنجون تخليقون گهٽي پاڳي هٽ ئي ويهي لکيون آهن, سمجهين ٿو تہ هن گهر کي ڇڏيندي مون کي ڪيتري تڪليف ٿيندي؟"

گذريل دفعي جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو, تڏهن اواري هوٽل جي هال ۾ چيومانس, "ٻڌو اٿم تہ اسلام آباد لڏي تو وڃين؟"

چيائين, "ڏاڍو ڏکيو فيصلو ڪيو اٿم. ان کي وڏيڪ ڏکيو منهنجا دوست بڻائي رهيا آهن, وڃڻ ئي نٿا ڏين."

چيم, "پوءِ رهي پئہ."

چيائين, "دل خراب ٿي پئي آهي, چوان ٿو تہ هاڻي آرام ڪيان."

دل خراب سچل چيئر تان هٽڻ بعد ٿي هيس, مون کي خبر ناهي تہ ڇا ٿيو. نہ وري سچل چيئر جي بورڊ ڪان ڪا صلاح ئي ورتي وئي هئي. صرف ايترو ٻڌم تہ تنوير وڏيڪ ڪم ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. مليو تہ پڇيومانس, "قصو ڇا آهي؟"

مرڪي چيائين, "ايئن ٿيندو آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم، ”ڇا ٿيندو آهي؟“

ڳالهہ بدلائي چيائين. ”آيو آهين تہ سڻيون ڳالهيون ڪر. بين ڳالهين لاءِ وقت پيو آهي. اهو وقت ڪڏهن ڪونہ آيو همیشہ مرڪي لنوائي ويندو هو. سندس مرڪ تہ عجيب هئي، سندس ٽهڪ ڏڳها ۽ بي ساختا هوندا هئا، جن جي پڄاڻي کنگهہ تي ٿيندي هئي. کنگهي ٽڪبو هو تہ ٽهڪ وري بہ اتان ئي شروع ڪندو هو جتان سلسلو ٽٽندو هوس. ڳالهہ ڳالهہ تي کلندو. يارن جيان، ننڍين ۽ بيڪار ڳالهين تي ٽهڪن جا آبشار وهائي ڇڏيندو هو چوندو هو ”ها پوءِ .......؟“

ظريف اينرو جو ترت جواب ڏئي اڳلي کي حيران ڪري ڇڏيندو هو هڪ دفعي سنڌي ٻولي هلچل لاءِ ويٺي ڪم ڪيوسين. اوچتو رشيد پٽي قلم ڦٽو ڪري تنوير کي مخاطب ٿي، اياز جي شعر جي پيروڊي ڪندي چيو:

اڙي چپ، اڙي چپ، پرين تو تہ ڏنو ناهہ، سندس چپ، سندس چاپ، ايئن آهہ، جيئن تون!

تنوير هڪ منٽ جي دير ڪانسواءِ جواب ڏنس:

اڙي ڏاند، اڙي ڏاند، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ سندس ساهہ، سندس گاهہ، ايئن آهہ، جيئن تون!

نمرتا ايتري، جو ننڍي کان ننڍي ليکڪ کي بہ مان ڏيندي ڪونہ ڪيٻائيندو هو. مون ڪيس ڪيئي پيرا غيرمعروف ليکڪن کي آفرين ۽ شاباس ڏيندي ڏٺو هڪ پيري مشهور مزاح نگار نور عباسي چيس، ”ماڻهو اڪثر مون کي پل پر تنهنجي شاعريءَ جو داد ڏيندا آهن.“

وراڻيائين، ”سڪي پيو آهيان تہ ڪڏهن ماڻهو پلجي تنهنجي مزاح جو داد مون کي ڏين!“

يارن جو يار، هڪل تي حاضر، سيني جو گهٽگهرو. ڪنهن کي نہ رنجائڻ وارو سنڌي ادب ۾ نئين موڙ آڻڻ وارو تنوير خبر ناهي ڪهڙيءَ دل سان خيرپور ڇڏي اسلام آباد ويو هوندو پيهر نہ موٽڻ لاءِ. سندس ڪمي ايئن محسوس ٿيندي، جيئن گهر ڀاتين کي گهر ڏٺيءَ جي ٿيندي آهي، پهريون رشيد، پوءِ اياز ۽ هاڻي تنوير، هڪ هڪ ٿي ويندا رهيا. نئين دور جا سڀ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڃاڻ مٽجندا تا وڃن. يادون باقي آهن. سندن تخليقون زنده رهنديون، ڳالهيون ۽ ٽهڪ ماحول گرمائيندا رهندا. جڏهن به محفلون مچنديون يا دوست گڏ ٿيندا، علم ۽ ادب تي بحث ڇڙندا، تڏهن ايئن لڳندو ڄڻ پير واري سيٽ تان ڪو اجهو هينئر اٿي ويو آهي.

ڪالهه شام تنوير جو ٽيجهو سندس ياءُ جي گهر تي ڊفينس ۾ ٿي گذريو. ايترا غمگين چهرا مون هڪ هنڌ شايد ئي گڏ ڏٺا هجن. اڳوٽي گاگن مل ۽ هاٽوڪي جي ايم قريشي چيو "منهنجي تنوير سان پهرين ملاقات گهٽو اڳ نوابشاهه ۾ تڏهن ٿي، جڏهن سندس والد ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو منهنجي سامهون ننڍڙي تنوير ڪنهن ڳالهه تي پيءُ کي انگريزيءَ ۾ چيو "توهان بيوروڪريٽ آخر پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟ خدا؟"

ڪهاڻيڪار رشيد آخوند چيو "هيترا ماڻهو صرف هڪ شخص جي محبت ۾ ئي گڏ ٿي سگهن ٿا."

شاعر تاج بلوچ چيو "تنوير جي مقبوليت جو ڪارڻ اهو ئي هو ته هن سڄي مجموعي ۾ ڪوبه هڪ شخص اهڙو نه هوندو جو چوي ته مون کي تنوير سان اختلاف آهي."

دانشور نورالدين سرڪي چيو "اياز جي پورهئي پٺيان جن شخصيتن جو هٿ هو تنوير انهن سينې کان اڳرو هو." ❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# فقير محمد لاشاري -
## سنڌي صحافت ۾ بهادريءَ جي علامت

عظيم انسانن جي اهميت جي ڪٿ سندن ڪيل ڪارنامن سان ٿيندي آهي، طبعي عمر سان نہ. موت مهڻو ناهي، ساهہ جي تند، ڪڏهن بہ ڪٽي بہ معمولي ڇڪ سان ڇڄي سگهي ٿي. رهجي وڃن ٿيون وڃڻ وارن جون ڳالهيون، ڳڻ ۽ سندن شعوري ڪاوشون. وڇوڙي جا وڍ برابر ڏکوئيندڙ هوندا آهن پر ساٿيهہ جي سڪ جا ڏڍ بہ ڪي گهٽ آٿت ڏيندڙ ناهن. امر آهن اهي، جن کي جڳ وڃي ڪان پوءِ بہ ياد ڪري ڏک جا ڳوڙها ڳاڙي، جن جي جدائي روح ۾ چيت جيان چڀي، جن جي ڪمي هر قدم تي محسوس ٿئي.

لاشاريءَ جو غم بہ وسرڻ جو آهي؟ اهو تہ انهن کان پڇو جيڪي سندن ويجهو هئا ۽ جن سندس قابليت ۽ ذهانت تي آئينده جا قومي محل جوڙيا هئا. انهن کان پڇو جي سندس شڪل شباهت، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڻ پڙهڻ، تقرير توڙي تحرير جا مداح هئا. انهن کان پڇو جيڪي هر مشڪل مرحلي جي مناسب حل لاءِ سندس تدبير ۽ تدبر لاءِ واجهائيندا هئا.

ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. اوچتو آيو ۽ کن ۾ لکين دليون جيتي هليو بہ ويو. دير ئي نہ لڳي، دل ۾ ديرو ڪري ويو. پنهنجا پراوا، جاتل سڃاتل، اجنبي ۽ اوپرا ماڻهو هڪ ئي لحظي ۾ قرب جي ڪنڊيءَ ۾ قابو ڪري، خوشگوار يادون ڇڏي، بنا موڪلائي، جيڏانهن جو هو، اوڏانهن موٽي ويو. سوڳوار سيڪو آهي، جن کيس ڏٺو ۽ جن کيس نہ ڏٺو صرف سندس موجودگي محسوس ڪئي. اهڙا ذهن صرف سنڌ جي ڌرتي پيدا ڪري سگهي ٿي، ان ۾ ڪوبہ جذباتي وڌاءُ ناهي. منهنجي زمين تي ئي اهڙا سهڻا ۽ خوشگوار گل ٽڙندا آهن. منهنجي آسمان تي ئي اهڙا جرڪندڙ ۽ مرڪندڙ ستارا ڪڙندا آهن. منهنجي سمونڊ مان ئي اهڙا قيمتي موتي ملندا آهن. منهنجي فضائن ۾ ئي اهڙا منڙا گيت گونجندا آهن. لاشاري سنڌ جي ساڃاهہ هو يا سنڌ لاشاري جي. اهو وقت ٻڌائيندو مون کي صرف ايتري ڄاڻ آهي تہ هو ڌرتي ماءُ جو لاڏلو ۽ غيرتمند پٽ هو جنهن امڙ جي لڄ بچائڻ لاءِ پنهنجي وجود سان وچن ڪيو. هو سچو هو سورمو هو. سڄاڻ هو. ادب توڙي صحافت ۾ بيباڪي ۽ بهادريءَ جي علامت بڻجي آيو ۽ سنڌي شعور ۽ شائستگيءَ جو اهڃاڻ بنجي ويو.

ڪلڙو ملڙو سادو ۽ سچار لاشاري هر محفل جي جان هو ۽ هر منزل جو شان هو. ”جاڳو“ جي هر حرف تي سندس فهم ۽ فڪر جي مهر لڳل هئي سا هئي، پر علم ۽ ادب تي پڻ سندس گهري نظر هئي. سندس همعصر، ڪٺي ڪيڏا بہ ناميارا ڇو نہ هجن، پنهنجين لکڻين تي راءِ لاءِ فقير جي ڇهري تي بدلجندڙ تاثر لاءِ ور ور واجهائيندا هئا. مان سندس تقرير جو شيدائي هوس. وس پئي موقعو نہ وڃائيندو هوس، سندس گفتگو ٻڌڻ لاءِ پاڻ وٽ اچڻ جو عرض ڪندو هوس يا وٽس گهڙيون گذاريندو هوس. ڪيئي ڀيرا تہ ايئن بہ ٿيو تہ کيس ريجهائي پريائي، ڪراچي کان ٻاهر ڪڏهن حيدرآباد تہ ڪڏهن سکر وٺي وڃي ڏينهن بہ ساٿس ڪچهري ڪندو هوس. صلاح مصلحت لاءِ سڀ کان پهرين نالو فقير جو ئي ذهن ۾ ايندو هو. ڪڏهن مايوس ڪونہ ڪيائين. ڪڏهن بهانو ڪونہ بنايائين، ڪڏهن انڪار ڪونہ ڪيائين. جو حال هوندو هوس، اهو حاضر ڪري ويهندو هو. فقير جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظمت اها هئي جو مون کي ياد ناهي ته ڪڏهن پنهنجي ذاتي تنگدستيءَ جو ذڪر ڪيو هجيس يا ڪو جائز ناجائز فائدو گهريو هجيس. هڪ ڏينهن ڪٿي ملٽا هئاسين. وقت تي نه پهتو آيو پر دير سان. پڇڻ کان سواءِ ئي چيائين، ”معاف ڪجو دير تي وئي، اسٽاف کي پگهار جا پيسا ڪونه هئا، ان ڪري مون کي ملليل گاڏي کپائي، ڇوڪرن کي ڏوڪڙ ڏئي پنڌ پهتو آهيان.“ حيران ٿي پڇيم: ”هاڻي ڇا ڪندين؟“

هميشه واري مرڪ ۽ لاپرواهيءَ مان شمشير وارو تڪيو ڪلام ورجايائين: ”مولا تي ننگ آهي.“

مولا تي ننگ رکڻ وارو هي نوجوان انهن محفلن جو مور هوندو هو جتي پهچڻ لاءِ اديب توڙي صحافي ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا آهن. سندس هر هنڌ طلب هوندي هئي، سياسي اڳواڻ، ادبي مرشد ۽ صحافتي پير سندس آمد لاءِ اکيون وڇائيندا هئا. راز ان سموري عزت ۽ اهميت جو اهو ئي ساڳيو لاغرضي. نه وڪيو نه جهڪيو ۽ نه وري ڪڏهن رڪيو. عزت نفس جو سودو نه ڪيائين. صاف ۽ شفاف انسان هو ان ڪري ڪنهن کي به منهن تي سچ چوڻ کان هٻڪندو ڪونه هو. ”جاڳو“ جا ايڊيٽوريل شاهد آهن ته هن دوستن تي به تنقيد ڪئي توڙي جو اهي اقتدار ۾ هئا. وقت جي حڪومت کي به اصولي نڪته چيني کان آجو نه رکندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هو موجوده نئين سنڌي صحافت جو مهندار بنجي ويو. اڄوڪي سنڌي پريس سڌي توڙي اڻ سڌي طرح فقير جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ مجبور آهي، ڇو ته عام پڙهندڙ فقير جي لکڻين جو عادي ٿي چڪو آهي. ڪيس تسڪين تڏهن ملندي، جڏهن سچ تي سنج نه وجهبا ۽ ڪوڙ کي سورهن سينگار ڪرائي، سندس ڪوجهائي ۽ ڪراهت لڪائي ماڻهن کي دوکو نه ڏنو ويندو.

اڄ جڏهن ڪالاباغ ڊيم جي مڪاري عروج تي آهي ۽ هر حربو هلائي ان مڪروه ارادي کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن، تڏهن ف.م.لاشاري جي ڪمي ڏاڍي شدت سان محسوس ٿي رهي آهي. ڪاش! هو هن موقعي تي اسان سان گڏ هجي ها.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# ڪلا لازوال آهي
## [مهاڳ]

پراڻي ڳالهہ آهي. ٻاهتر ڇيهتر جي زماني ۾ دولت مهتاڻيءَ جي وڪٽوريا روڊ واري آفيس چوندڙ سنڌي اديبن جو محفوظ ٺڪاڻو بڻيل هئي. ماهوار ”سوجهرو“ جاري ڪري مهتاڻيءَ سنڌي سماج ۾ جڻ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو. سنڌي زبان ۾ اها پهرين ٺئملي ميگزين هئي جنهن ۾ اعليٰ پائي جا افسانا، شاعري، تنقيدي مضمون تہ ڇپبا هئا، پر گڏوگڏ رڌپچاءُ، فئشن، هار سينگار ۽ ڪل يوڳ جهڙا سوال جواب پڻ اهم جاءِ والاريندا هئا. امر جليل، نسيم کرل، شمشير الحيدري، شوڪت ڪيهر، اقبال جتوئي، ناڪر شرما، امداد حسيني، علي بابا ۽ ٻيا ڪيترائي نامور دوست ڪنهن نہ ڪنهن بهاني پيا پيرو پريندا هئا. ادبي ماحول ۾ ٽيڪاٽپڻي بہ ٿيندي هئي، صلاح مشورا بہ جاري رهندا هئا ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي، هڪٻئي جي مدد سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جو ڪم ڪار بہ پيو هلندو هو.

دولت مهتاڻي پاڻ تہ خالص واپاري ماڻهو هو پر دلي طور بوليءَ، سيپتا، علم ۽ ادب، راڳ رنگ جو پڻ متوالو هو. سندس گهر واري ڪملا مهتاڻي ۽ ڀاڻتي سشيلا مهتاڻي، سنڌيءَ شڪل صورت سان گڏ راڳ جي چڱي ڄاڻ ۽ سريلي آواز جون مالڪ پڻ هيون. اڪثر گرومندر ڀرسان سندن عاليشان بنگلي تي سنڌي ڪٽنبن جون وڏي تعداد ۾ گڏجاڻيون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌي ڪلام ۽ شعر و شاعري سان گڏ بهترين ڊنر جو پڻ انتظام ڪيو ويندو هو. اهي شامون ڪراچيءَ جي وچولي درجي وارن سنڌين لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ، ملڻ جلڻ، خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ سنڌي سماج کي يڪجا ڪرڻ طرف پهريون قدم ثابت ٿيون. سچ پڇو تہ پهريون دفعو سنڌي عورت کي ڪراچيءَ ۾ ڳاٽ اوچو ڪري هلڻ ۽ پنهنجي اهميت جو احساس ٿيو. مهتاڻي صاحب هاڻي اسان ۾ نہ رهيو آهي، پر هن صاف سٿري، اندر جي اجري، هڏڏوڪي ۽ همدرد انسانن جا ٽورا نہ مڃڻ سندس ياد توڙي آتما سان ڏاڍائي ٿيندي.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ننڍي نيٽي نينگري، شڪل جي ملوڪ، شرارتي اکيون، چنچل طبيعت، گفتگوءَ ۾ اعتماد ۽ اچل، سنڌي ڀرت ڀريل لباس، بہ چوٽيون، ڪجهہ مختلف، ڪجهہ بيباڪ، ڪجهہ Creative، اسان جي وچ ۾ ايئن ڪاهي آئي، ڄڻ صدين جي شناسائي هجي. بحث ۾ ٻوي تہ ڳالهہ ميڃائي ٻوءِ دم ڪٽي. ڪِل ۾ چٽي تہ اکين مان ڳوڙها وهي هلنس، ڪم تي ويهي تہ ڀلي رات وهامي وڃي. صلاحون، مشورا ۽ نوان نوان آئيڊيا تہ وٽس مٽن جي حساب هوندا هئا. مهتاڻي صاحب کي تہ اهڙا ماڻهو کپندا هئا جيڪي محنتي هجن، وقت ڏئي سگهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ کليل ذهن جا مالڪ هجن. سحر بلوچ ۾ اهي سڀ خوبيون موجود هيون، انڪري ”سوجهري“ جو سمورو بار آخرڪار ڪيس ئي ڪٽڻو پيو.

جلد ئي سحر ۽ امداد جي شادي ٿي وئي. اڄڪلهہ جتي شيراٽن هوٽل آهي، اتي ان زماني ۾ هڪ بيحد خوبصورت ۽ محل جهڙو شاندار هوٽل ”پئلس“ جي نالي سان هوندو هو. ان هوٽل جي لان تي ڏهن پندرهن اديب دوستن جي، امداد ۽ سحر پنهنجي وهانءَ جي خوشيءَ ۾ دعوت ڪئي هئي. اڄ جڏهن بہ کين گڏ ڏسندو آهيان تہ اها شام اکين آڏو ڦري ايندي اٿم،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي چند بيحد اهم ۽ تاريخي ليکڪن ۽ دانشورن، گهوٽ ۽ ڪنوار جي سر تي آسيس جو هٿ رکيو هو ۽ کين گلن جي هارن سان جنهن جي چڏيو هو. ان گهڙيءَ ٻنهي جي اکين ۾ هڪٻئي لاءِ اوچتي اڇل کائي آيل پيار، اڄ چوٽيهه سال گذرڻ کان پوءِ به گهٽيو ناهي- وڌيو ضرور آهي. نالو ڪنهن هڪ جو ٿي ڪٺو ٿيئي جي وجود جي گرميءَ جو احساس اوس ٿيندو. امداد ته آهي ئي رول. جهڙو ڪلهه هو اڄ به اهو ئي ساڳيو آهي. البته سحر جي مزاج ۾ هڪ پروقار سنجيدگي ضرور آئي آهي.
سندس علمي توڙي ادبي جاڻ جو ته مان شروع کان ئي قائل آهيان پر هن ڪتاب ۾ شامل ادبي جائزا پڙهڻ کان پوءِ مون کي سندس علمي گهرائيءَ جو انوکو احساس ٿيڻ لڳو آهي. ادب جي ڪارج تي هن کان اڳ پڻ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. بدلجندڙ حالتن هيٺ عالمي توڙي ديسي لکڻين تي پوندڙ سماجي اولڙا ۽ اثر سنجيده ليکڪن کان ڳجها ناهن. خود اسان جو سنڌي ادب گذريل سٺ سالن ۾ ڪئين منزلون لتاڙي اڄ دنيا جي بهترين ۽ جديد ادب سان ڪُلهو ڪلهي سان ملايو بيٺو آهي، سو ته درست آهي پر ان هيڏي ساري تبديليءَ جي پويان ڪهڙا داخلي ۽ خارجي محرڪ آهن، تن جي تفصيلي معلومات فقط چند گهڻ – پڙهين ۽ ڳُوڙهو اڀياس رکندڙ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ڄاڻو ماڻهن وٽ ئي آهي.
انساني ذهن بيٺل پاڻي ته ناهي جو سينوارجي وڃي. وهندڙ درياءَ آهي. ڪڏهن موج ۾ اچي ته وسنديون ٻوڙي ڇڏي، ته ڪڏهن ايترو مانيٺو شانت ۽ خاموش جو دل جي ڌڙڪڻ به ٻڌڻ ۾ اچي. ڪڏهن بي چيو ارڏو ۽ اجهل ته ڪڏهن موڳو مُونجهو ۽ موڙهل. پنهنجيءَ تي اچي ته هماليا به ٽپي وڃي، نه چاهي ته اَڌَ اُڪرڻ به مشڪل تي پويس. اتي ته آمر، جابر ۽ قاتل تي طوفان تي ڪڙڪي، سمهي رهي ته صدين جي غلاميءَ جي سَمَڪَ به نه رهيس. وچڙي ته واچوڙن ۾ لات جلائي ڇڏي، ورچي ته سُهائيءَ ۾ به واٽ لهي نه سگهي.
اهڙن اجهل جذبن کي، ڪڏهن گهٽ ڪڏهن وڌ، هوا جو هلڪو جهونڪو سرنهن جي بي نام خوشبو تارن جي مدم روشني، نادار جي نبل آهه، يا وري بارود جي تيز بُو ناانصافيءَ جي گُند ڪتار ۽ سر بازار وڪامندڙ جوانيءَ جي بي وسي قلم جي نوڪ سان ڪاغذ تي اتاري، هڪ سچو اديب پنهنجي ضمير ۽ خمير جو فرض ۽ قرض چڪائي ٿو ۽ ڪائنات جي وشال سيني تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط هڪ اڻ لکي، معمولي ۽ بي سمجهه چٽنگ جلائي ٿو ۽ پوءِ جڏهن اها چٽنگ باهه جو ينيت بنجي چؤطرف ڦهلجي وڃي ٿي، تڏهن تحريڪ جو روپ وٺي ڏيهه پرڏيهه ۾ پنهنجو تاءُ تيزي ۽ تِک ڦهلائي ڇڏي ٿي.

جيڪڏهن چلي، فلسطين ۽ ڏکڻ آفريڪا جا اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڳاتل ليکڪ سنڌي ادب تي پنهنجو اڇوتو اهڃاڻ ڇڏي ٿا سگهن تہ پوءِ اهو بہ سياويڪ آهي تہ اسان جي ٻوليءَ جي ليکڪن جي قلم جو پڙاڏو پڻ دنيا جي انهن اونداهين ڪنڊن تائين پهچندو هوندو جن جي نالي توڙي نقشي کان اسان خود اڻ واقف هجون. قلم قبيلي جي اها ئي تہ خوبي آهي جو اهي سڀ هڪ اهڙي اڻ ڏٺي ۽ اڻ ڄاتي برادري ۽ برابريءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهن، جنهن کي ڪوبہ نالو ڏئي نٿو سگهجي. جيڪڏهن اياز اسان جون دليون گرمائي سگهي ٿو تہ پوءِ هو يقيناً هر ان ڏتڙيل قوم کي پڻ متاثر ڪري سگهندو هوندو جنهن جي وڏ وڏ ۾ سماجي ۽ سياسي ناانصافيءَ جو وِهہ ڀريل هوندو. جيڪڏهن امداد جي خاموش اسلوبي بغاوت سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏئي سگهي ٿي تہ پوءِ ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ نيپال يا ناروي جا نوجوان لکندڙ سندس مال توڙي رومال(Text & Texture) جا مداح نہ ٿيا هجن؟ امر جليل يا جمال ابڙي جا افسانا هجن يا ڪٿي نورالهديٰ شاهہ يا عبدالقادر جوڻيجي جا ڊراما هجن. سڪينہ سمون ۽ نور محمد لاشاريءَ جي فطري اداڪاري هجي يا عابده پروين ۽ علڻ فقير جا ازلي آلاپ هجن. روح مان نڪتل هر رڙ ۽ اندر مان اپاميل هر آهہ لافاني ٿئي ٿي. ان جو پاڇو ۽ پڙلاءُ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن جيءَ ۽ جانِ تي ضرور پوي ٿي.

ڪلا لازوال آهي، ان کي نہ وقت روڪي سگهي ٿو نہ وڇوٽي، نہ رنگ، نہ نسل، نہ دين نہ ڌرم ۽ نہ وري قوم يا قوميت جو فرق. اسان الائي ڪٿان ڪٿان جا گلاب ميڙي سنڌي ادب جو گلدستو جوڙيو آهي. اهڙيءَ طرح نجاڻ ڪٿي ڪٿي، ڪنهن ڪنهن جي گلدان ۾ اسان جا گل سجايل هوندا. انساني سوچ جون سرحدون سميٽجي ڇڪيون آهن. ڏک توڙي خوشيءَ جا سنڌا مِٽجي ويا آهن. جذبن جي ڪا سيما باقي نہ رهي آهي. هڪ دکي انسان ٻئي دکي انسان جي پيڙا ڏسي تڙپي اٿي ٿو پوءِ ڀل ڪٽي اهو ڪارو هجي يا گورو هندو هجي يا عيسائي، اتر قطب تي رهندڙ اسڪيمو هجي يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسٽريليا جو ڪو ابروجينيز. سحر امداد جا هي سمورا مضمون بلڪل اهڙيءَ طرح پانت پانت جي موضوعن ڪي ڇُهن ٿا ۽ سندس ٿي عقابي اک سان ڏسن ٿا انهن شخصيتن ڪي ۽ سندن ڪارنامن ڪي ۽ انهن واقعن ڪي جن جي روشنيءَ ۾ اسان سندن سوچ جي ڏارائن ڪي پرکي، پروڙي ۽ پرجهي سگهون. ها، هڪ شيءِ جنهن مون ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ جنهن جو کليءَ دل سان اعتراف نہ ڪرڻ ادبي بي ايماني ٿيندي، سا آهي سحر جي گهري مطالعي ۽ ان کان وڌيڪ اونهي مشاهدي جي سگهہ. سنڌي ادب ۾ هونئن تہ ٻيو سيڪجهہ آهي، جيڪڏهن ڪا ڪمي آهي تہ اها آهي بي ريا ۽ لاپاڻتي تنقيد جي. ۽ اهڙي اڻ ڏري تنقيد جي لاءِ نقاد کي تپسيا جهڙي تحقيق جي گهرج هوندي آهي. سچ پڇو تہ تحقيق ئي اسان جي سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڪمزوري آهي. مطالعو ۽ سو بہ وري ترتيب ۽ ترڪيب تحت disciplined مطالعو جنهن ۾ تقابلي جائزي بعد ڪنهن مناسب ذاتي راءِ تي پهچڻ لاءِ logical approach جي ضرورت پوي ۽ ليکڪ اهڙي ڏکئي چئلينج کي مناسب طريقي سان نڀائي، سو ڪشالو اسان جي سياءَ ۾ ٿي ناهي. پري ڇو ٿا وڃو؟ جديد سنڌي ادب جي تاريخ جو ئي ڪٽي مثال وٺو اسان جا همعصر جيڪي اسان ۾ موجود آهن ۽ اسان سان گڏجي گهاريو اٿن ۽ جديد ادب ۾ اڌ صديءَ دوران آيل تبديلين کان ذاتي طور واقف آهن، سي پڻ جڏهن آزاد نظم يا جاڻ جي وهڪري يا اڪهاڻيءَ بابت لکن ٿا، تڏهن هو نہ ساڄي ٿا ڏسن، نہ کاٻي، نہ اڳيان نہ پويان، نہ هيٺ نہ مٿي، فقط پاڻ کان اڳ لکيل ڪتابن، مقالن، تحريرن ۽ تقريرن جي آڌار تي اهو ئي ورجائين ٿا جيڪو ڪجهہ ڪنهن ٻئي ڪانئن اڳ لکيو آهي. جي غلط لکيو ويو آهي تہ ان غلطيءَ کي سڌارڻ بجاءِ ٻيهر جيئن جو تيئن ورجائي سَنَدَ جو درجو عطا ڪيو ٿو وڃي. اها سَنَدَ نئين پيڙهي ۽ نئين پيڙهيءَ کان ايندڙ نسل تائين رسندي ۽ هڪ ماڻهوءَ جي ڀُل يا نظر چڪ يا لاپرواهي يا ڪاهلي، سموري ادبي تحريڪ جي تاريخ کي غلط رخ ڏئي ڇڏيندي ايئن ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي ۽ چگهن پلن، ڇاتل سڃاتل ۽ معتبر ۽ مڃيل شخصيتن جي هٿان ٿي رهيو آهي. ان غلط رويي کي بدلائڻ ۽ سنڌي ادب جي سچي ۽ درست تصوير پيش ڪرڻ لاءِ نوجوان ليکڪن کي وڏي جاکوڙ ڪري سحر جيان پهرين تہ عالمي ادب جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو مختلف ادبي تحريڪن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ سياسي پس منظر جو ڀُوڳو اپياس ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ پنهنجي ادب کي اڻ ڏري نظر سان پرکڻو پوندو.

سنڌي ادب فقط ورهاڱي کان پوءِ وارن ستٽ سالن جي پيداوار ناهي. اهي ستٽ سال ته سنڌي ادب توڙي ٻوليءَ کي ٻچانگيءَ وانگر ورهائين ٿا، رَوين، نظرين توڙي سوچن جا ٻه- واٽا ورهاڱي کان ئي ڦٽن ٿا. سنڌي ادب جي عالمگيريت 1947ع کان پوءِ ئي شروع ٿئي ٿي جڏهن سنڌي ٻولي، سنڌ مان ٻاهر نڪري، وڏي پيماني تي هڪ ٻئي ملڪ ۾ نه صرف ڳالهائجڻ لڳي، بلڪ اتان جي قومي ٻولين مان هڪ پڻ مقرر ڪئي وئي. سرحد جي فقط هڪ طرف نهارڻ سان سڪي جو هڪ ئي رخ نظر ايندو ٻئي رخ کي پرجهڻ لاءِ اسان کي لڏي ويل سنڌين جي ذهني توڙي روحاني لاڙن کي نظر ۾ رکڻو پوندو. ظاهر آهي ته ورهاڱي کان اڳ سنڌي ادب صرف ٻن مکيه درجي بندين ۾ ورهايل هو – ڳوٺاڻو ۽ شهري ادب. ورهاڱي کان پوءِ به اهي ٻه درجا ته قائم ئي رهيا پر گڏوگڏ شهري ادب ويتر وڌيڪ ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويو- هندستاني ۽ پاڪستاني شهري ادب. لڏي ويل سنڌي گهڻي ڀاڱي هندستان جي شهرن ۾ ئي آباد ٿيا ڇو ته هو يا ته ڏنڌوڙي هئا يا وري پڙهيل ڳڙهيل عامل. هُو نه هِتي هر ڪاهيندا هئا نه اتي ئي ان قسم جي ڪرت ڪيائون. سنڌن شهري زندگي ۽ اسان جي شهري سماج ۾ بهرحال وڏو تفاوت آهي. هنن جا ٻنهنجا مسئلا آهن ۽ اسان جا پنهنجا. انڪري هنن جي ادب ۾ ۽ اسان جي ادب ۾ وِڇي ته هر حال ۾ پيدا ٿيڻي هئي، سواءِ چند اُنهن موضوعن جي جيڪي جذباتي ۽ روحاني طور اسان سيني کي وڌيڪ پيارا آهن.

شروعات جا ڀهريان چند سال البت سنڌن شاعري توڙي ڪهاڻي سنڌ کان جدائيءَ جو هڪ نهايت ئي دکدائڪ منظر پيش ڪري ٿي. ساروٽيون سنڌن لفظ لفظ مان لڙڪن جيان ٽمن ٿيون. اکر اکر آڳم ٿي ايري ٿو. سٽ سٽ ۾ سڏڪا سمايل آهن. پر پوءِ وقت سان گڏ زميني حقيقتون جذبن تي حاوي ٿي وڃن ٿيون ۽ روزمره جا مامرا اوليت اختيار ڪرڻ لڳن ٿا ليڪن دل جي ڪنهن لڪل تَهہَ ۾ وري به سنڌ سمايل اٿن. اها سڪ، اڪير ۽ اداسي ڪڏهن ڪڏهن خودبخود اٿلي ٿي پوي، اهو ئي عڪس اسان کي سرحد جي هن پار وسندڙ سنڌين جي تخليقي ادب ۾ ملي ٿو. سحر جڏهن هري دلگير، ايم ڪمل ۽ نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو اپياس ڪري ٿي يا لڇمڻ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وهي ڪاتي" بابت راءِ ڏني ٿي، تڏهن جڙ تہ ورهاڱي ڪان پوءِ وارن سچن سارن سٺ سالن تي ڦهليل سنڌي سوچ جي چير ڦاڙ تي ڪري، نارائڻ شيام جي فني ۽ فڪري روين تي ويچار ونڊيندي سحر چوي ٿي تہ "هونئن تہ شاعر پنهنجي ذات ۾ ڪل ڪائنات آهي ۽ انڪري ئي هر سچو شاعر پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو اهڃاڻ آهي. تڏهن تہ شيام سنڌ لاءِ پنهنجي اٿاهہ سڪ ۽ اڪير کي لفظن ۾ هيئن ٿو اُڪيري:

اڄ شـاهہ جـي رسـالي تـي نظـرون ڪيـي ويـون،
موتي صدين ڪان پـوءِ تـي ڄـڻ سـنڌ مـون ڏنـي.

۽ هيئن بہ ٿي چوي تہ "... پر جڏهن انسان ڪان هن جو نالو ۽ سڃاڻپ کسجي ويجي، جڏهن ماٿهوءَ جي پيرن هيٺان ڌرتي نہ هجي - ۽ جي مري تہ مڙهہ مٿان ڌرتي نہ هجي — اهڙو جيئڻ ڪهڙو؟

جـيئڻ ڪـهڙو پيـرن جـي هيـٺـان نـہ ڌرتـي
اچـــي مـــوت رک يـــي هـــوا ۾ اڏائـــي!

پر اهو ئي شيام زميني سچائيءَ ڪان بہ منهن موڙي نٿو سگهي. سنڌ برابر سندس سَنڌ سَنڌ ۾ سمايل آهي پر وقت سان گڏ هو دهليءَ کي بہ دل ۾ جڳهہ ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي:

دهلـــيءَ ۾ ڪڙڪيـتــو ڏنـئــي رات چمڪنـــدو؟
ٻجليءَ جو بلب ٿي ٿو سـگهي پـئـي ٻريـو نـريـو!

نارائڻ شيام جي واتان دهليءَ جو نالو ٻڌي دل کي ڌڪ تہ لڳي ٿو پر حقيقت جي آڏو جذبات جو ڪهڙو گذر؟ مِٺو تہ پوندو ئي تہ "ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي." گڏوگڏ اهو بہ آٿت ٿو ٿئي تہ اسان جي سنڌي ٻولي هاڻي سرحدون ٽوڙي پري پري تائين پهچي چڪي آهي.

ساڳيءَ طرح هري دلگير پڻ پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن کي ڪڏهن ڪونہ وساريو!

سنڌ اسان جي جند هئي پر ڌڪي ڪيائون ڌار
ڪونہ خوشيءَ سان گهر ڇڏيو آ، مڙئي ها مجبور!

اها بيچيني، اداسي ۽ ويڳاڻپ دلگير تي آخر تائين طاري رهي. هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي وطن جي مٽي ۽ وطن وارن کي آخر تائين وساري نہ سگهيو:

اگر پڇن کي ميت
ڇئجو هو پرلوڪ ۾
لکندو آهي گيت!

سحر، دلگير تي لکندي ڊاڪٽر ارجن شاد جا اهي لفظ ورجايا آهن جن ۾ هن چيو آهي تہ:

”... (دلگير) آشا وادي، سچو شاعر، زماني سان قدم سان قدم ملائي هلڻ وارو شاعر، گيت جو جنم داتا، شعر جي هر صنف ۾ گيت جي مڌرتا قائم رکڻ، لفظ لفظ کي پوري جاءِ تي بيهاري ان جي نزاڪت کي نئين رنگت بخشڻ، دلگير جو ڪمال آهي.“

سحر جو مطالعو گهرو، گهاٽو ۽ گهڻ- رُخو آهي. هيءُ ڪتاب پڙهندي مون محسوس ڪيو تہ ليکڪ جنهن بہ موضوع تي لکيو آهي، ان سان مڪمل انصاف پڻ ڪيو آهي. هن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي زور تي هڪ قابل محقق جيان مددي ڪتابن مان جيڪي چونڊ حوالا ڏنا آهن سي وقتائتا، موزون ۽ موضوع جي روح سان بلڪل ٺهڪي ايندڙ آهن. اهو ڪم فقط اهي ئي ڪري سگهندا جن کي پنهنجي پورهئي سان پيار هوندو ۽ (هنئين ۾ سچ جي ڳولا جي هُرکر هوندي). دلگير جو ئي ذڪر ڪندي سحر لکي ٿي:

”دلگير جي ان درد کي ڏسي مون کي سري لنڪا جي Lost generation جا شاعر مائيڪل آن ڊاچي (Michael Ondaatje)، رينزڪروز (Reinz Crusz) ۽ ياسمين گونيرتني (Yasmine Goonertne) ياد ٿا اچن جن جو ذڪر ڏهين سارڪ رائيٽرز ڪانفرنس ۾ ابيسڪارا تسا گهڻي محبت ۽ گهڻي ڏک مان ڪيو هو.“

مان اهي ڳالهيون انڪري بہ ٿو ورجايان جو 2005 ۾ جڏهن سنڌي اديبن جو هڪ جٿو سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي سڏ تي، ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هندستان ويو تڏهن هري درياني دلگير پڻ اتي موجود هو. ڏاڍو ڪراڙو ۽ ڪمزور پيئي لڳو پوءِ بہ سنڌ واسين کي ڏسي هو جڻ ٽڙي پيو هو. موڪلائڻ واري ڏينهن انڊين ڪلچرل سينٽر جي لان تي هو منهنجي پر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ذڪايل آواز ۾ چيائين، ”وڃو ٿا؟“ مون ۾ همت نہ هئي جو ساڻس نظرون ملايان. چپ ڏانهن ڏسندي چيم، ”ها“. ٿوري دير چپ رهڻ کان پوءِ چيائين، ”منهنجيءَ سنڌ کي سلام چئجان.“

مان ماٺ رهيس.

سڏڪي جهڙي آواز ۾ چيائين، ”منهن مٿي ڪري مون ڏي ڏس تہ سهي. پيهر شايد ملي نہ سگهون.“

اسان جي سنڌ موٽڻ کان پوءِ هو چند ڏينهن اندر گذاري ويو.

سحر پنهنجي هن ڪتاب ۾ سرحد پار جي اهم اديبن جي فن ۽ زندگيءَ جو احوال ڏئي دراصل ان ٽٽل پل کي پيهر جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي عرصي کان نظرانداز ڪيو پئي ويو ۽ جنهن جي پيهر جڙڻ سان سنڌي ساهت جي گڏيل ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

”شيخ اياز: هڪ شخص – هڪ شاعر“ جي سري هيٺ سحر شيخ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي دل کولي لکيو آهي. عقيدت، پيار ۽ پنهنجائپ سان ڀرپور مقالي تي ڪهاڻيءَ جو گمان ٿو ٿئي. هن جي هر لفظ مان شرڌا جو هڳاءُ پيو اچي. ايئن ٿو لڳي جڻ اياز تي لکڻ ويل ليکڪ جا لفظ قلم تائين پهچڻ لاءِ تڙپي رهيا آهن پر پوءِ هڪ سنجيده ۽ سچار نقاد جيان هوءَ اهو چوڻ تي مجبور ٿئي ٿي تہ، ”ڪمزورين ۽ خامين تہ انسان جي سرشت ۾ شامل آهن پر اسين ماڻهو جڏهن Idealise ڪندا آهيون، تڏهن انهن کي فرشتن جي پدوي عطا ڪندا آهيون. جڏهن تہ اياز خود بہ چيو آهي تہ ”شاعر فرشتو نہ آهي“ ۽ اسان کي جيڪڏهن فرشتن جي تلاش آهي تہ اسان شايد انهن کي غلط جاءِ تي تلاشي رهيا آهيون. پر اڳتي هلي اياز ايئن بہ تہ چئي ٿو تہ، ”فرشتو بہ تہ شاعر ناهي!“

۽ پنهنجي بيان جي حق ۾ دليل ڏيندي لکي ٿي: ”اهو ئي اياز جڏهن وائيس چانسلر ٿيو هو ۽ مون ليڪچررشپ لاءِ درخواست ڏني هئي، تڏهن مون کي چيو هئائين، ”سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪائي پوسٽ ناهي ۽ جي هجي بہ ها تہ منهنجي پنهنجي شڪارپور جي ڇوڪري ويٺي آهي. مان نوڪري هن کي ڏيان ها!“

بهرحال اياز سحر لاءِ هڪ ڏندڪٿائي شخصيت هو جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ۽ جنهن سان هڪ جملو ڳالهائڻ لاءِ هن جيڪي جتن ڪيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن جو احوال هن نهايت ئي دل لڀائيندڙ انداز ۾ ڪيو آهي.

”جمال ابڙي جي عظمت“ (مقدار نہ معيار) جي عنوان سان هن عظيم ڪهاڻيڪار کي سحر پنهنجي عقيدت جي ڀيٽا پيش ڪئي آهي. جمال تي ڳالهائڻ وقت مان اڪثر چوندو آهيان تہ سندس لکٽي ايئن لڳندي آهي جيئن ڪو ٻيلو گهوڙو کليل ميدان ۾ تيز ڊوڙندو هجي. مان ان کي Galloping Style ڪوٺيندو آهيان. سنبن جي ٽاپ ٽاپ، زمين تي دَوڪو تيز تيز ساهن جو آواز ۽ رکي رکي گهوڙي جي هٽڪار! پر سحر جي تشبيهہ مون کي وڌيڪ مناسب لڳي. هوءَ سندس اسٽائيل کي Crisp تي چوي. مان سمجهان ٿو تہ هڪ لفظ ۾ جمال جي پورهئي کي ان کان وڌيڪ خراج ڪو ٻيو ڏئي نہ سگهندو. لکي ٿي:

”جمال جي جملن جي Crispness ئي هن جي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اعليٰ گڻ هو. جمال جي ڪهاڻين جا توريل تڪيل ۽ پرفيڪٽ جملا پڙهڻ کان پوءِ مان جڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ”لفاظي“ ڪندي ڏسندي هيس، تڏهن جمال ابڙي جا لفظ لاٽ ٻڌجي ايرندا هئا.“

ايم ڪمل تي پڻ سحر هڪ خوبصورت مضمون لکي نہ رڳو شاعر جي واقفيت ڪرائي آهي پر پنهنجن ويچارن ۾ مناسب حوالن سان سينگاري، سحر هن ناهوڪي شاعر تي تقريباً مڪمل Study پيش ڪئي آهي. اسان جا اڪثر دوست فقط بار لاهڻ لاءِ بہ لفظ اونڌي ابتي تعريف جا لکي ڪنهن بہ شاعر يا افسانہ نگار جي پني نپري وجي گهر پيڙا ٿيندا آهن. سچ اهو آهي تہ سحر جي محنت ۽ مطالعو ڏسي عرصي کان پوءِ محسوس ٿيو اٿم تہ سنڌيءَ ۾ بہ ڪو مڪمل (Complete) ادبي تجزيو (Literary Appreciation) لکي سگهي ٿو. هڪ شخص سڄي زندگي هڻ هٽان ڪري، راتيون جاڳي، سک قناتي، پيار جو پورهيو ڪري، ڪو ادبي ڪارنامو سرانجام ڏئي، پر متس تحقيق ڪندڙ جيڪڏهن ڪي ٻي دليا آڏا ابتا اکر لکي پنهنجي فرض جو قرض چڪائي، تہ پوءِ نہ ان شخصيت سان انصاف ٿيو ۽ نہ وري پڙهندڙن سان. جيڪڏهن ڪنهن تي لکڻو ئي آهي تہ پوءِ پنهنجي سموري قابليت، ذهانت ۽ جاڻ ڪم ۾ آڻي، مددي مواد کي ڇنڊي ڇاڻي، من جي سچائيءَ سان لکڻ گهرجي. قلم تڏهن کڄجي جڏهن پاڻ ۾ جاڻ جا پندار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هجن. اهڙو ۽ ايترو لکجي جو موضوع جي ذري برابر اُج باقي نہ رهي. ايم ڪمل جي هن ننڍڙي شعر تي لکندي سحر شايد شاعر کان بہ گهڻو ڪجهہ وڌيڪ چئي وئي آهي:

قطرو قطرو تي پَلَ هٿن مان ويا

وينـي وينـي وَهِـي، وَهِـي ويئـي!

"ويني ويني وهي، وهي ويئي" ڪيڏي نہ تُز سٽ آهي ۽ ان سٽ ۾ هتي حيرت جي نشاني (!) منهنجي آهي، جو ان ۾ اها حيرت بہ منهنجي آهي. انهن سٽن ۾ سمايل سادگي ۽ سلاست ئي ان شعر جو وڏي ۾ وڏو گڻ آهي.

"شاعري معجزو تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن شاعر سادن سودن لفظن کي حيرت انگيز اونهيون معنائون عطا ڪندا آهن. هن شعر ۾ لفظن جو جوڙو جوڙو تي اچڻ سٽ کي سرلتا عطا ڪري ٿو. ان ۾ يقيناً "وَهِي" لفظ جو جوڙو بہ شامل آهي، پر اتي "وَهِي" لفظ جو ٻن مختلف معنائن ۾ اچڻ سٽ جي سونهن کي سوايو ڪري ٿو. "ويني ويني وَهِي، وَهِي ويئي" ۾ ڪل پنج لفظ آهن، انهن مان بہ لفظي جوڙا آهن، ان حساب سان لفظ تہ ڪُل ٽي ٿيا. بهرحال اهي بي حد سادا سودا پنج ئي لفظ "و" اکر سان شروع ٿين ٿا ۽ "اي" ۽ "اِي" سرن تي ختم ٿين ٿا. شاعريءَ ۾ النڪارن جو اهڙو حسين استعمال شاعر وٽ لاشعوري طور تي اچي ٿو ۽ سٽ جي فطري سونهن سوائي ٿيو وڃي."

اڳتي هلي لکي ٿي:

"ايم ڪمل بلاشبہ ماڊرن غزل جو هڪ باڪمال شاعر آهي. اج جا شاعر، عام طرح زندگيءَ جي پٽ ڪوهہ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سخت ۽ کهرن جذبن کي absurdity جو پوش ڍڪين ٿا. انهن مشيني دور جي ماڻهوءَ جي پيڙا کي اظهارڻ لاءِ مڪئنيڪل انداز اپنايو آهي. انڪري form بدران Anti_form ئي انهن جو بهترين پناهہ گاهہ ثابت ٿئي ٿو..."

شاعريءَ ۾ سهل پسندي، فارم جا نوان ۽ آسان طريقا، نثر جي قريب تر ٿيڻ جو رجحان، ٻن – ٽن سٽن جي تڪبندي ڪري جان ڇڏائڻ جو رواج عام جام ٿيندو پيو وڃي. اهڙي عمل جي دفاع ۾ دليل کهڙا بہ ڏنا وڃن، پر سحر جو مٿي ڏنل تجزيو سؤ سيڪڙو درست ٿو معلوم ٿئي. هن يقيناً ماڊرن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ جي absurdity کي سمجهيو آهي ۽ ان جو مناسب ڪارڻ پڻ ڳولي هٿ ڪيو آهي.

”روشني مرڻي نہ آ“ ۽ ”هوندا سي حيات“. استاد بخاري ۽ رشيد ڀٽيءَ جي حياتي ۽ فن تي، دل کي ڇهندڙ پنهنجائپ سان ڀرپور ۽ ذاتي مشاهدن تي ٻڌل ٻہ سهڻا دستاويز بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهن. گڏوگڏ تنوير عباسيءَ جي يادن، سندس شاعري توڙي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ هڪ ڀرپور تجزيو پڻ ڏنل آهي. سحر پاڻ شاعر آهي ۽ امداد، سندس جيون ساٿي، نئين شاعريءَ جي باني ڪارن مان هڪ آهي. انڪري همعصر شاعرن ۽ ليکڪن توڙي دانشورن سان سندن اٿڻ ويهڻ، ميل ملاقات، گهاٽائي ۽ گهرائي، هڪ فطري ڳالھ آهي. هونئن بہ هيءُ پيارو جوڙو پنهنجي حليم سڀاءُ ۽ رلڻي ملڻي طبيعت سبب هر محفل، هر ميڙ ۾ نہ صرف ڄاتو سڃاتو ويندو آهي، بلڪ وڏي چاهہ، عزت ۽ مانَ سان سندن آجيان پڻ ڪئي ويندي آهي. سياويڪ آهي تہ ايتري ويجهڙائي ۽ بي تڪلفيءَ ڪري هو پنهنجن جيڏن سرتن توڙي ننڍين وڏن جي نجي زندگيءَ ۾ آسانيءَ سان جهاتي پائي سگهن ٿا. سندن ويچار ٻڌي ۽ سمجهي سگهن ٿا. ساڻن سوال جواب ڪري سگهن ٿا ۽ پوءِ جڏهن سحر انهن ئي ڪردارن جي علمي ۽ ادبي رَوين، لاڙن ۽ ڪارگذارين تي لکڻ ويهي ٿي، تڏهن بي ساختہ ۽ لاشعوري طور هوءَ سندن ذاتي زندگيءَ جي ننڍين ننڍين ۽ معصوم واقعن تان پردو پڻ کڻي ٿي.

تنقيد جهڙي خشڪ موضوع ۾ اهي اکين ڏٺا تجربا شامل ڪرڻ سان هوءَ هڪ عجيب رومانوي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي ڇڏي، جيڪا تمام گهٽ ماڻهن جي نصيب ۾ لکيل آهي. اياز، تنوير، جمال، رشيد ۽ ٻين تي لکندي هُوءَ سندن شخصيت جي سحر ۾ گم ٿي ٿي وڃي ۽ نتيجي ۾ اسان کي پڙهڻ لاءِ اها ئي گهرائي ملي ٿي جيڪا ليکڪ پاڻ پنهنجي روح ۾ محسوس ڪئي آهي. ان ئي دليل جي آڌار تي جڏهن سحر، امداد حسينيءَ جي باري ۾ ڪجھ چوي ٿي، تڏهن آسانيءَ سان ڇئي سگهبو تہ ڪانئس وڌيڪ ڀرپور انداز ۾ ان البيلي شاعر تي ٻيو ڪوبہ لکي ڪونہ سگهندو. امداد سندس آئيڊيل ۽ آئيڊول (Ideal and Idol) بہ آهي تہ محبوب پڻ. جيون ساٿي بہ آهي تہ جيون جوتي پڻ؛ پر هرويرو ايئن بہ ناهي تہ هوءَ جذبات وهيٽي تي هر خوبي ۽ چڱائي ساڻس فقط انڪري ٿي سلهاڙي ڇو تہ هُوءَ سندس سپ کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي مداح آهي. ان جي ابتڙ هُوءَ علمي ۽ عقلي دليلن سان گڏ عالمي ادب جي معتبر هستين جا حوالا ڏئي، پنهنجي راءِ کي مستند پڻ بنائي ٿي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ امداد اسان جي دور جو Trend – Setter آهي. هن جا غزل تہ پنهنجي جاءِ تي اهم آهن ئي، پر نظم جي حوالي سان ڪيل سندس مختلف تجربا، سنڌي ادب کي هڪ نئين ماڳ، نئين منزل ڏانهن نين ٿا. ان سلسلي ۾ ٽي. ايس. ايليٽ جو حوالو ڏيندي سحر لکي ٿي:

”جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور جو نئون ۽ زنده ادب نہ هوندو تہ اسان پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان ڇڄي وينداسين... ”زنده ادب“ مرده خانن ۾ سانڍيل اهو ادب ناهي، جيڪو حال جي ڪنهن ”سرد خاني“ ۾ ڍونڍ جيان ڏپ ڪري ويو هجي، ”زنده ادب“ آهي ٽاريءَ تي ٽڙيل گلاب – رنگ، هڳاءُ ۽ آڪار! ”زنده ادب“ آهي ابهم ٻار جي مرڪ – جا سدا حيات آهي: جيون جو اهڃاڻ آهي. اڄ جي شاعر امداد حسينيءَ جديد شاعري کي نہ فقط نوان گهاڙيٽا پر نئون انداز ۽ اسلوب ڏنو آهي، تجربي جو ساهس ساريو آهي، نئين موسيقي ۽ آهنگ ڏنو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ ۽ اهم ڪم اهو ڪيو آهي جو هن ان کي سنڌيت جو هڳاءُ ڏنو.“

سچ پڇُو تہ هن پوري ڪتاب جي جان، امداد جي فن تي لکيل هيءُ مقالو ”صليبن ڏي سفر“ ئي آهي. سحر، امداد جي ذات ۽ ڏانءُ جي انهن ڪنداٽين خوبين کي ڳولي ڦولي، ڇنڊي ڦوڪي، ناهي جوڙي، شوڪيس ۾ سگهڙپائيءَ سان سجائي، اسان جي سامهون رکي ٿي، جيڪي هوند سندس جاندار شاعريءَ جي ٻاهرين چمڪ دمڪ ۾ عام نظرن کان اوجهل ئي رهن. هُوءَ هڪ ماهر جراح جيان امداد جي موضوعن، لفظن جي چونڊ، اسٽائيل، گهڙت، ردم وغيره جي، دل کولي بحث مباحثي ۽ دليل دلائل جي آڌار تي چير ڦاڙ ڪري ٿي ۽ سندس فن جي پيچيدگين جي نشاندهي ڪندي، پنهنجي نقطہ نظر کي سادي سودي پر اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري ٿي.

لڇمڻ ڪومل ”وهي ڪاتي جا پنا“ لکي آتم ڪٿا جي ميدان ۾ ٻاڻ کي جيئري ئي امر ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي سچار پر خلوص ۽ بي ريا ليکڪ تي لکڻ لاءِ بہ دل کپي. جيڪي ڪيس ڄاڻن سڃاڻن، تن کي خبر آهي تہ لڇمڻ هٿ، وات ۽ دل جو کليو انسان آهي. ”وهي ڪاتي“ ۾ هن پنهنجي ٻاڻ کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوبهو ايئن اوتي چڙهيو آهي، جهڙو هو عام زندگيءَ ۾ آهي.

علي احمد بروهي مرحوم، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي مرحوم ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ علم ۽ عقل جا پندار آهن. سندن ادبي پورهيو ڪيئن صدين تائين حيات رکندو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سامي، مرزا قليچ بيگ، سيد ميران محمد شاهہ ۽ سانگيءَ تي لکيل مقالا ادب جي شاگردن جي صحيح ڏس ۾ گهڻي رهنمائي ڪندا. سحر انهن سيني شاعرن ۽ دانشورن تي اعليٰ پائي جا مضمون لکي پنهنجو قد اوچو ڪيو آهي، جنهن جي هوءَ هر طرح حقدار پڻ آهي.

هيءَ ڪتاب، جيڪو مختلف شخصيتن، موضوعن ۽ واقعن جو وٽندڙ جهڳٽو آهي، تنهن جي اهميت ۽ افاديت ۾ مون کي رتيءَ برابر بہ شڪ ناهي. ادب جي شاگردن، چاهيندڙن ۽ خود ادبي ميدان ۾ لٿل ليکڪن جي لاءِ رهبر جي حيثيت رکندڙ هيءَ نهايت ئي اهم سوکڙي، اڄ سڄيءَ طرح سنڌي ادب جي مختلف دورن جي تاريخ پڻ آهي. منهنجي لاءِ اها وڏي عزت ۽ فخر جي ڳالهہ آهي، تہ منهنجا لکيل هي بہ اکر هن ڪتاب جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن.※



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# سنڌي ادب جو خاموش پانڌيئڙو!

نثر ۽ نظم تي هڪ جهڙي دسترس رکندڙ بشير موريائي گذريل چاليهارو سالن کان سنڌي ادب جي خاموش خدمت ڪندو اچي. افسانا، شعر، ترجما ۽ تنقيدي مضمون لکڻ ڪانسواءِ سنڌي رسالن جي مالي توڙي اخلاقي مدد ڪرڻ بشير جو شيوو رهيو آهي. ان وقت به جڏهن پاڻ ٽيهارو سال کن سرڪاري اعليٰ عهدن تي فائز رهيو ۽ هاڻي پڻ جڏهن پاڻ هڪ پرسڪون ذاتي زندگي گذاري رهيو آهي موريائيءَ جون سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيل خدمتون ناقابل انڪار آهن. پاڻ پڌائڻ ۽ ٺوم مان زعفران ٿيڻ واري هن دور ۾، جڏهن ڪوئو هريڙ لهي پساري هٽڻ جي دعويٰ کان باز رهي نٿو سگهي، بشير موريائيءَ نه ڪڏهن انعام اڪرام ۽ ساراهه جي ڪاڻ ڪئي آهي ۽ نه وري نظرانداز ٿيڻ جي شڪايت ئي ڪئي آهي. ڪانئس جيڪو وڙ پڳو آهي، سو ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيو اٿائين. منهنجي خيال ۾ سندس اها بردباري ئي سندس عظيم ڪردار جي گواهه آهي، ورنه هن دور ۾، جڏهن هڪ نظم يا پڳل ٽٽل ڪهاڻي لکڻ وارا به پاڻ کي مهان سڏائڻ ۾ عار محسوس نٿا ڪن، تڏهن موريائيءَ جو قوم تي قرض تمام وزني ٿو محسوس ٿئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور جو هيءُ ذهين ۽ وضعدار فرزند، ان زماني کان لکندو اچي، جڏهن سنڌي ادب ۾ ڪانڊيرو بہ درخت سڏائيندو هو. واٽين وٺي کان پوءِ جيڪو خال بريءَ طرح محسوس ٿيو تنهن کي ڄامڙن پر ڪرڻ لاءِ ادبي ميدان تي راتو رات اچي خيما کوڙيا، نتيجو اهو نڪتو جو نقل ۽ چوري ڪندڙ عادي ڏوهاري بہ سنڌي ادب جا مهندار بنجي ويٺا. اڄ تائين انهن جي ڪارنامن جا دهل پيا وڄن. جيڪي پنهنجي منهن پاڻ ميان مٺو ٿيا، تن اهو پڻ اهتمام ڪيو تہ آئنده بہ ڪين ساڳي ئي پد تي ساڳي ئي شرڌا سان ياد ڪيو وڃي. سنڌن دلي خواهش پوري ڪرڻ ۾ وري لولن لنگڙن محققن وڏو ڪردار ادا ڪيو جن تحقيق جا آداب بجا آڻڻ بجاءِ چمڪي تي بندوق وهائي بنا پورهيو ڪرڻ جي، پهريون ڇپيل دعوائن جي اکيون پوري تائيد ڪئي ۽ تاجپوشي جي اطاعت ۾ گوڏا کوڙي، سر جهڪائي، اکيون هيٺ ڪري ويهندا ويا. مسند نشينن جي ڪرسي پڪي ٿيندي وئي ۽ سنڌن لقب القاب تاحيات قائم ۽ دائم رهيا. ان وچ ۾ جن نوجوانن پگهر وهائي، پورهيو ڪري، سنڌي ادب جي آبياري ڪئي ۽ سچيءَ دل سان محنت ڪري نئون ۽ انفرادي ادب تخليق ڪيو سي ڏسندا ئي رهجي ويا. بشير مورياڻي انهن مان هڪ آهي. شاعر آهي، غزل جي ميدان ۾ وٽندڙ شاعري ڪئي اٿائين. عطائين وانگي نہ پنهنجي واه واه ڪرايائين ۽ نہ وري ڪيسٽون پرائي ناچڻ جي ٽولي ۾ شامل ٿيو. افسانہ نگار آهي، مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي تمام سهڻا افسانا لکيائين. ڇپايائين پڻ، پر پرچاري مهم کان پاسو ڪيائين. نہ نعرا هنيائين ۽ نہ سستي شهرت خاطر پاڻ تي تعريفي مقالا ۽ مضمون لکايائين. ترجما ڪيائين، ڇپايائين ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو.

سنڌ جي سڃاڻ ۽ سڀ کان اثرائتي رسالي "سهڻي" جو شروع کان صلاحڪار رهيو ۽ طارق اشرف جو ذڪين ذهنن ۾ مالي سهائتڪار پڻ رهيو. تمام ٿورن ماڻهن کي اها ڄاڻ آهي. پاڻ ٻاڦ ٻاهر ڪونہ ڪڍي اٿائين. سنڌ سرڪار ۾ مختلف محڪمن جو سيڪريٽري ٿي رهيو پر ڪڏهن بہ پنهنجي عهدي کي ناموس ڪاڻ استعمال نہ ڪيائين. اها سندس وڏماڻهپ آهي.

سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ کي ٿورا شخص موريائي جيتري ڏاهپ، سمجهہ ۽ مطالعي جا مالڪ هوندا. تحمل مزاج، مانيٽو ۽ مٽيادار موريائي، سيني کي عزت ڏئي ڄاڻي ۽ موٽ ۾ ان کان وڌيڪ عزت وٺي بہ ڄاڻي. اهو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف ان ڪري جو هو هلڪڙي ۽ سطحي گفتگو جو قائل نہ آهي. تڪي توري ڳالهائيندو آهي. گلا غيبت ڪونہ ڪندو آهي. اجائي سجائي کان پاسو ڪندو آهي. ڪن ٿورن سان دل جو حال اوريندو آهي. ڏاڍن نڪتن مان ڪونہ ڇڏي، جهڙو سنجيدو ۽ فهميدو پاڻ، تهڙو مناسب سندس ڪپڙو لٽو ۽ لباس. علمي ادبي توڙي سياسي ۽ سماجي موضوعن تي سندس مطالعو تمام گهرو ۽ مڪمل هوندو آهي. ڪنهن بہ معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ويهندو تہ باريڪ بينيءَ سان وزنائتا دليل ۽ مثال ڏئي پنهنجو نقطو بيان ڪندو. مخالف راءِ ڏيندڙ کي ڇينڀيندو ڪونہ. قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو اهي سڀ ڳالهيون هن جي سندس شخصيت کي اپارڻ ۾ مدد ڪن ٿيون.

موريانٽي صاحب سان منهنجي ملاقات تمام پراڻي آهي. شايد کيس بہ ياد نہ هجي. 1954ع جي هڪ سخت تپندڙ منجهند جو حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ تي، سنڌي ڪتاب گهر ۾ پهريون دفعو مون کيس ڏٺو سفيد قميص ۽ سفيد پينٽ، هٿن ۾ ڪتابن جا ٿهاٿ عبدالله خواب سان ملڻ آيو هو.

جلد ئي پوءِ مان ڪنهن ڊيوٽي جي سلسلي ۾ شڪارپور ويس. موريانٽي صاحب ڪاليج ۾ ليڪچرار هو گهر وٺي ويو. ماني کارايائين. اسان جي عرض تي ڪجهہ شعر پڻ ٻڌايائين. 1958ع ۾ نواب شاهہ ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿي آيو. منهنجو استاد ٿي رهيو پر ان کان وڌيڪ هڪ مهربان دوست. انهن ئي ڏينهن ۾ 1960ع ڌاري مقابلي جو امتحان پاس ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. ان کان پوءِ تہ اڪثر ملاقاتون ۽ محفلون ٿينديون رهيون. مان سندس قرب مان فيضياب ٿيندو رهيس. 1964ع ۾ منهنجي بدلي شڪارپور ۾ ٿي ۽ تقريباً انهن ڏينهن ۾ موريانٽي صاحب جي شادي ٿي. شادي ڇا هئي، شڪارپور جي تواريخ ۾ شايد ايڏو وڏو سماجي ميڙو ڪڏهن بہ نہ ٿيو هوندو. قدرت کيس علم ۽ ادب سان چاهہ رکندڙ ۽ نهايت ئي سگهڙ شريڪ حيات سان نوازيو هو.

مان ڪنڊڪوٽ ويس تہ اتفاق سان موريانٽي صاحب پڻ اتي جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿي آيو. منهنجي ڪاليج جي فنڪشن ۾ وڏي چاهہ سان شرڪت ڪيائين ۽ مون کي دلي ڏڍ ڏنائين. ڪراچي واپسيءَ کان پوءِ گذريل 28 سالن کان اسان هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ ڀائرن جيان شريڪ آهيون. اسان جون گهر واريون ننڍپڻ کان دوستڙيون ۽ اڄ تائين دوستيءَ جا ناتا نڀاهينديون اچن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان سموري عرصي ۾ بشير مورياڻيءَ کي بيحد قريب کان ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو اٿم. اڪثر هڪ ماڻهوءَ جي ٻئي ماڻهوءَ متعلق معلومات ۽ روش ذاتي مفروضن تي ٻڌل ٿيندي آهي ۽ اسان سنڌي ماڻهو تہ چمڪي تي بندوق هڻڻ ۾ ماهر آهيون. هونئن بہ محرومين اسان کي شڪي ۽ حاسد بنائي ڇڏيو آهي. ان ڪري بهتان بازي ۽ الزام تراشي اسان جي فطرت ۾ شامل ٿي وئي آهي. ڪجهہ اهڙو معاملو مورياڻي صاحب جي متعلق پڻ سنڌ ۾ اڪثر ڏٺو ويجي ٿو. سندس ڪم گوئي کي مغروري ۽ صاف گوئي کي بي اعتنائيءَ سان تعبير ڪيو ويو. وڪامي وڃڻ ۽ موقعي پرستيءَ جا الزام تہ سنڌي ڪامورن تي لڳندا ئي رهندا آهن. تڪليف تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ڪو شخص حساس هجي، سرڪاري پابندين جي باوجود خطرو ملهہ وٺي پنهنجن جي خدمت ڪري ۽ پوءِ بہ ڪيس طعنن ۽ مهڻن کان سواءِ ڪجهہ نہ ملي، مورڳو ڪيس تڪليف ۾ ڏسي خلق کلي ۽ خوش ٿئي. اهڙن موقعن تي دل خون جا ڳوڙها ڳاڙيندي آهي. مورياڻي صاحب تي بہ ڏکيا ڏينهن آيا. ڪيريئر جي عروج تي ڪيس پنهنجن ڏنگيو ڏک ڏنا، اهنج رسايا، خيرخواهن کي تڪليف ضرور پهتي، پر اڻ واقف هميشہ جيان پنهنجي فطرت کان مجبور ٿي زهريلا تير هلائيندا رهيا. هڪ قابل، محنتي ۽ همدرد آفيسر جي ڪردار ڪشيءَ جو ماتم ڪرڻ بجاءِ حاسد ۽ سڙيا ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيا. بي حسيءَ جو ان کان بدتر مظاهرو شايد ئي ٻيءَ ڪنهن قوم ڪيو هوندو. عرصي تائين هي لائق شخص نوڪريءَ تان لٿو گهر ويٺو رهيو. پيهر جڏهن ڪيس سرڪاري خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو تہ سندس دل ٽٽي چڪي هئي. اهو مورياڻي ڪڏهوڪو مرجهائجي، وڪري چڪو هو. مون کي اڪثر هو ماضي جو پاڇو لڳندو هو. کلندو هو پر ٽهڪن ۾ اها ڀرپور زندگي باقي نہ رهي هئي. ڳالهائيندو هو پر ڪنهن پولار مان. ملندو هو پر لڳندو هو تہ هو پنهنجو وجود ڪٿي دور ڇڏي آيو آهي.

ويڳاڻپ جي ان سموري عرصي ۾ ذهني بي آسودگي جي باوجود هن ادب سان بيوفائي نہ ڪئي. خاموشيءَ سان لکندو رهيو. ”سهڻي“ سان ساٿ نباهيندو رهيو. غيرملڪي ڪهاڻين کي ديسي ويس وڳا پهرائيندو رهيو. ادبي آکاڙي ۾ ڪڏهن بہ لنگوٽ پائي نہ لٿو نہ ڏر ٻنيو نہ ڏار ٽيو ۽ نہ وري پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي تلخي جو اظهار ادب جي اوٽ ۾ ڪيائين. سندس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان واقف ڪي مون هميشہ حسد جي نگاهہ سان ڏٺو آهي.

بشير موريا ڻي جي هڪ ٻي خوبي، جنهن مون کي سندس مداح بنايو، سا آهي سندس Sense of Humour (حس مزاح). هلڪي ۾ هلڪو فقرو بہ سندس عقابي ذهني گرفت کان بچي نٿو سگهي. لفظن جي انبار ۾ دٻيل طنز ۽ مزاح جي چٽنگ کي هو سپ کان اڳ سڃاڻي وٺندو آهي. جيڪي جملا ٻين جي مٿي مٿان بي سود گذري ويندا آهن، انهن ۾ چڀيل WIT ۽ Wisdom، مان مون جيترو موريا ڻي صاحب کي محظوظ ٿيندو ڏٺو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن کي ورلي ڏٺو هوندم. اڳلي کي نوڙت، تڪڙ ۽ ماپڻ جو فن قدرت کيس خوب ڏنو آهي. ڪيترائي ڪردار، جي اسان جي آڏو موجود آهن، معصوم لڳن ٿا، انهن ۾ ظرافت جا پهلو ڳولي لهڻ ۾ ماهر آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهي ئي ڪردار سندس ڪهاڻين ۾ پنهنجي اصلي رنگ ۾ جهلڪندا نظر اچن ٿا. سندس افسانو "اچي پڳ م پس." ان جو اعليٰ مثال آهي. حساس آهي. "ڇهڙي" پڙهڻ کانپوءِ سندس گهري انساني اپياس جو احساس ٿئي ٿو. "اڌوري اڌام" انساني رشتن، ناتن ۽ اڻپورين خواهشن جو ڀرپور مشاهدو آهي. سماج توڙي سياست تي سندس بحث اجاترا ۽ اڌارا ورتل نہ هوندا آهن. ڪابہ راءِ ظاهر ڪرڻ کان اڳ هو مڪمل ڪيس دليلن ۽ ثابتين سان، تسلسل ۾ ٻڌندڙ آڏو پيش ڪندو آهي. ٻئي جي راءِ کي غور سان ٻڌندو آهي. وچ ۾ نہ روڪيندو نہ ٽوڪيندو. اختلاف جي صورت ۾ جذباتي ٿيندي مون ڪيس ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. تحمل ۽ بردباريءَ جو دامن ڪڏهن هٿان نہ ڇڏيائين. وفادار ۽ پيار ڪندڙ شوهر، شفيق پيءُ ۽ وقت سر ڪم اچڻ وارو دوست آهي. 1992ع ۾، جڏهن مون تي سرڪار ڏمري ۽ جيل موڪليائين، تڏهن هو جيڏو تڙپيو، جيڏو ڦٿڪيو اوڏو شايد منهنجو سڳو ڀاءُ بہ نہ تڙپيو هجي. مان سندس اهي قرب زندگي ڀر وساري نہ سگهندس. خدا کيس پنهنجي ننڍڙي عيال سان خوش رکي ۽ خدا اسان کي بہ ساڃهہ ڏئي تہ پنهنجن محسنن ۽ هڏڏوکين کي عزت ۽ احترام سان ياد رکون.

ادبي حوالي سان، جيئن تہ مان اڳ بہ لکندو رهيو آهيان، سنڌي ادب ۾ پاڻ پڏائڻ، پنهنجن حوارين کان تعريفي مضمون لکائڻ، ميڙاڪا ڪرائڻ، پنهنجي خرچ تي پاڻ کي انعام اڪرام ڏيارڻ، ڪيسٽون پرائڻ جهڙا ڪرتالي رويا زور وٺي رهيا آهن. ڪي چند دوست تہ جيئڻ ئي پبلسٽيءَ تي ٿا. اهليت، لياقت، محنت ۽ سچائي منهن لڪائي ٻئي سڏڪي. جيڪي بردبار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا شرميلا اديب آهن، سي تہ ويچارا خاموشيءَ سان پنهنجو فرض ادا ڪندا رهن ٿا. پر جن کي سهاري جي ضرورت آهي، سي غير اخلاقي ۽ اڇنگا رستا اختيار ڪندي خواه مخواه پاڻ کي پنهنجي قد ڪان وڌو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. بشير مورياڻي صاحب جي ادبي خدمتن جو اندازو اوهان هن مان لڳائي سگهو ٿا تہ هن اج تائين اٺ مجموعا شايع ڪرايا آهن، جي هن ريت آهن:

- ❖ اصنام خيالي (شاعري) (1955)
- ❖ زندگيءَ جي راهہ تي (افسانا) (1955)
- ❖ اجنبي (افسانا) (1958)
- ❖ اڌوري اڌام (افسانا) (1984)
- ❖ چوندُ ترڪي ڪهاڻيون (ترجمو) (1989)
- ❖ ڪڪر منجهہ ڪپار (شعر) (1993)
- ❖ هنگريءَ جون ڪهاڻيون (ترجمو) (1992)
- ❖ مشرقي يورپ جي شاعري (ترجمو)(1996)

مٿئين لسٽ مان پليءَ پت معلوم ٿيندو تہ موريائي صاحب سنڌي ادب ۾ ترجمي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ دانستہ جتن ڪيا آهن. سندس شاعري موجوده سنڌي شاعريءَ لاءِ رجعت پسندن جي مدي خارج تحريڪ جي جواب ۾ هڪ جدوجهد جي حيثيت رکي ٿي. محقق حضرات جي پنهنجي ڪم ۾ سچا آهن، تن کي اهي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن ۽ ڪين مناسب طريقي سان بيان ڪرڻ بہ گهرجن تہ جيئن ريسرچ جو پورو حق ادا ٿي سگهي. ۽ اهو بہ تہ هڪ سرڪاري ڪامورو تمام تر پابندين جي باوجود ڪهڙيءَ طرح پنهنجي ضمير جو آواز ٻين تائين پهچائيندو رهيو آهي. دراصل اسان جي ريسرچ تمام اڃاتري ۽ سطحي رهي آهي، اسان ڪڏهن بہ تقابلي جائزن تي ڪم نہ ڪيو آهي. ڪنهن فرد جي ادبي ڪارج جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ وقت سندس معروضي حالتن متعلق نہ سوچيو آهي. جنهن ماحول ۾ جنهن مخالفت جي باوجود هن ذهني ۽ جسماني تڪليفون سهي ادب کي نکاريو آهي، ان تي ڪڏهن بہ نگاهہ نہ وڌي آهي. مون کي خاطري آهي تہ جڏهن بشير موريائيءَ جي پورهئي کي انهن سيني زاوين کان پرکيو ويندو تہ هو هڪ نهايت ئي قداور شخصيت جي صورت ۾ اڀري بيهندو. ❋



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# قاضي فيض محمد - هڪ سچار اڳواڻ

ايڇ ايم خوجا صاحب ڪان پوءِ جيڪڏهن منهنجي ذهني تربيت ۾ ڪنهن جو اهم حصو آهي، ته اهو آهي قاضي فيض محمد صاحب.

نواب شاهه جي سڪرنڊ روڊ مان نڪرندڙ مکيه روڊ تي چند قدم اندر هڪ سئينما هئي، جنهن کي پهريون پرڀات ٽاڪيز سڏيندا هئا. پوءِ ريگل ۽ پوءِ نگار سئنيما جي نالي سان مشهور ٿي. سئينما جي پر ۾ هندن جو ڌرمشالا هو جنهن جي مکيه در تي ”سوراج“ لکيل هوندو هو. ان ڌرمشالا جي سامهون، روڊ جي ٻئي پر، قاضي صاحب جو خوبصورت گهر هوندو هو ٻاهران اوطاق، جيڪا سندن آفيس جو ڪم به ڏيندي هئي، اندر رهائش. ننڍا هوندا هئاسين، ان ڪري اڪثر سندن گهر ۾ ڪم ڪار سانگي پيو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. اونهاري ۾ اوطاق ٻاهران ڇڻڪار ڪرائي، ڪرسيون وڇرائي، قاضي صاحب يا ته پنهنجن هاري ورڪرن سان وينو ڪچهري ڪندو هو يا راڳ رنگ جي محفل مچائيندو هو يا وري علمي ادبي ميڙ ڪوٺائي، شعر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخن سان دل وندرائيندو هو. مون مصري فقير (ڳاٽي) کي پهريون دفعو قاضي صاحب جي محفل ۾ ڳائيندي ٻڌو ۽ پوءِ اڪثر ساڻس ملاقات ٻه اتي ئي ٿيندي رهي. شاعر بلاول پرديسي پڻ پهريون دفعو اتي ڏٺم. ان کان پوءِ ته بردو سنڌي ۽ نور عباسي وغيره ايندي ويندي اتي ئي ڏسبا هئا. قاضي صاحب وڪيل ته هوئي، گڏوگڏ سياسي شخصيت ۽ هاري حقدار جو اڻٿڪ رهنما پڻ هو پر هڪ سٺي اديب هئڻ سان گڏ پاڻ تمام سريلو انسان پڻ هو. موسيقيءَ جي سٺي ڄاڻ هيس ۽ ڳائيندو ٻه خوب هو. اسان ننڍا ٻار سندس انهن سٺي رخن کي ڏسي پيا حيران ٿيندا هئاسين. تقرير جو فن، تحرير جي ڏات ۽ تنظيمي ڄاڻ جي منجهس کوٽ ڪانه هئي گهڻن کي خبر نه هوندي ته قاضي صاحب هڪ خوبصورت رسالو پڻ ڪيندو هو جنهن جو نالو هو ”عام راءِ“ پڙهيل طبقي جو هيءُ رسالو جهڙوڪر سرمائيداري نظام خلاف پهرئين تربيتي ڪورس جو ڪم ڏيندو هو.

منهنجو گهر قاضي صاحب جي گهر کان تقريباً هڪ فرلانگ جي فاصلي تي هو. اسان جي پاڙي ۾ ٽي فيض محمد رهندا هئا. هڪ ته قاضي صاحب پاڻ، ٻيو قاضي فيض محمد ”چاچو پاڪستاني“ ۽ ٽيون فيض محمد بروڙو جيڪو هوندو ته ڪمپائونڊر هو پر ڊاڪٽر سڏائيندو هو. ٻڌندو صفا ڪونه هو رڳو ڪلندو رهندو هو ۽ ”هاها“ ڪندو رهندو هو. چاچو پاڪستاني هڪ جهونو مڪراني بزرگوار هو جيڪو سيني ۽ ٽوپي تي چنڊ تاري وارا بلا هٽي پاڪستان زنده باد چوندو وتندو هو ۽ نيشنل گارڊ جي تنظيم ۾ مگن رهندو هو.

اسان وارو قاضي صاحب قد جو هلڪو شڪل جو موچارو رنگ جو صاف، گهاٽا وار ۽ خوش پوشاڪ هو. ڳالهائيندو ڏاڍو نرميءَ سان هو پرجذباتي ٿيڻ کانپوءِ سندس تقرير ٻڌڻ وٽان هوندي هئي. اڪثر ڳالهائيندي توڙي ڳائيندي روئي پوندو هو. اها سندس خلوص جي نشاني هئي. مون وٽس هاري تحريڪ جا ڪيترائي اهم ڪارڪن ڪم ڪندي ڏٺا. ”باقي“ نالي هڪ نوجوان جيڪو شاعر ٻه هو آواز ٻه سريلو هوس ۽ تقرير ۾ وڻ وڃائي ڇڏيندو هو. هو سندس خاص ورڪر هو. باقي قاضي صاحب جي هاري تحريڪ جي انڊر گرائونڊ خبرنامي جو ايڊيٽر پڻ هو ۽ جلسا جلوس ڪرڻ جو بار ٻه مٿس هوندو هو. ٻيو همراز هوندو هوس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ عبدالخالق آزاد. آزاد عجيب انسان هو. يا تہ جيل ۾ هوندو هو يا وري انڊر گرائونڊ رهندو هو. قابل ۽ ڪميٽڊ انسان هو. جڏهن 1954 کان ون يونٽ خلاف تحريڪ شروع ٿي، تڏهن ڪامريڊ آزاد جيل مان آزاد ٿي آيو هو ۽ اسان جي ستن سان گڏجي تحريڪ جو آغاز ڪيائين. ٽريننگ بہ ڏيندو هو، اڳواٽي بہ ڪندو هو. ستت مٿس وارنٽ نڪتا تہ انڊر گرائونڊ هليو ويو. روپوشيءَ جي ان دور ۾ هُو ڪيو ڪٿي ڪونہ سنڌي ادبي سنگت جي آفيس جي تقريباً سامهون روڊ جي ٻئي پاسي، مولوي محمد معاذ (ٺٺي واري ۽ مشهور ڪانگريسي ليڊر) جي دواخاني ۾ لڪيل رهيو ۽ اسان رات جو وٽس وڃي سڄي ڏينهن جي روداد کان ڪيس واقف ڪندا هئاسين ۽ ٻي ڏينهن جون هدايتون کانئس وٺندا هئاسين. قاضي صاحب جو ٿيون ساٿي ذات جو ڪلوئي هو ۽ منهنجي هم ڪلاسي ڪنڌي خان جو پيءُ هو. ماڻهن کي ميڙڻ ۽ ڪين سوليءَ زبان ۾ مسئلا سمجهائڻ جو ماهر هو.

انهن ڏينهن ۾ ننڍا وڏا جلسا جلوس تہ پيا ٿيندا هئا پر بہ تمام وڏا جلسا، جيڪي مونکي ياد آهن ۽ جن ۾ مون هڪ عام رواجي ڪارڪن جيان ڪرسيون ڍويون، تنبو هنيا ۽ ٽانگي تي چڙهي لائوڊ اسپيڪر ذريعي شهر ۾ ۽ جيپ تي چڙهي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ پڙها گهمايا، سي ڏاڍا ڪامياب ويا. هڪڙو موني بزار روڊ تي، جام جي هوٽل پرسان کليل ميدان تي ٿيو جنهن ۾ ٻين کان سواءِ ان وقت جو ۽ هر وقت جو لاجواب مقرر ميان افتخار الدين پڻ شامل ٿيو ۽ اها تقرير ڪيائين جو اڄ بہ ان جو مقابل ڳولي نہ سگهيو آهيان. ٻيو جلسو اسپتال روڊ تي، پرائمري مين اسڪول سان لڳ ميدان تي ٿيو جنهن ۾ جي ايم سيد، خان عبدالغفار خان، اڇڪزئي ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا اڳواڻ شامل ٿيا. ون يونٽ خلاف قاضي صاحب جو پوريءَ سنڌ ۾ اهو پهريون جلسو هو جيڪو تمام وڏي پيماني تي ٿيو ۽ تمام گهڻو "اثر" ڇڏيائين. جلسا تہ قاضي صاحب ٻين شهرن ۾ بہ ڪيا. اسان بالڪل وانگر ساڻس گڏ هوندا هئاسين. ٽنڊي آدم ۾ غلام حسين ورياهہ جي سڏ تي زوردار جلسو ٿيو جهول ۾ ميرن جي دعوت تي جلسو ٿيو. حيدرآباد ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪانڊ تي زوردار جلسو ٿيو ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي جي ميدان تي جي ايم سيد جي صدارت ۾ ڏينهن جو جلسو ۽ رات جو شاندار مشاعرو ٿيو. سڀني جو روح روان قاضي صاحب هوندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيل ۾ وڃڻ تہ ڄڻ قاضي صاحب جي عادت تي وئي هئي. ٻيو ڪو ٻهانو نہ ملندو هوِن تہ ٻڪريءَ جي چوريءَ ۾ بہ جيل موڪلي ڇڏيندا هئس. اهڙيءَ ئي هڪ جيل ياترا دوران قاضي صاحب "جنسار" نالي ناول لکڻ شروع ڪيو. ڪيس ڪاغذ ۽ قلم جيل ۾ رکڻ جي اجازت ڪونہ هوندي هئي، ان ڪري گهران جيڪو فروٽ يا ڪاڏو اخبارن يا ڪاغذن ۾ ويڙهي موڪليندا هئس، پاڻ انهن اخبارن جي پاسن توڙي حاشين تي ناول لکندا هئا. ٻئي ڏينهن اهي ڪاغذ ٿانون ٿپن سان گڏ موٽي ايندا هئا تہ اسان تي چار ڄڻا اها لکت صاف پنن تي اتاري گڏ ڪندا ويندا هئاسين. اهڙيءَ طرح ناول بہ لکجي پورو ٿيو تہ قاضي صاحب پڻ آزاد ٿي اچي گهر پيڙو ٿيو. چيائين جيل جي قيدين جي ٻڌايل سچين آکاڻين ڪي سموهي ناول لکيو اٿم.

هڪ ڏينهن ڳالهہ مان ڳالهہ نڪتي تہ چيائين تہ آخري باب ۾ جڏهن ناول جي هيرو جو موت ڏيکارڻو هوم، تڏهن مان ڪيترين راتين تہ روئندو رهيس، ڪيس مارڻ تي دل ئي نہ پئي چويم. آخر پاڻ تي جبر ڪري اهو منظر لکي تہ ويس، پر اجا تائين پاڻ کي ڏوهاري پيو ڀانيان.

ٻئي دفعي جيل جون ڳالهيون ٻڌائيندي ڪلندي چيائين هڪ ڪراڙي قيديءَ سان دوستي ٿي وئي جيڪو پنهنجي معشوق جي عشق ۾ ٻارن جيان اوڇنگارون ڏئي روئندو هو. هڪ ڏينهن آيو ۽ چيائين تہ اڄ منهنجي محبوب جي سزا پوري ٿي. پنهنجي گهر هليو ويندو. ڪانئس پڇيم جيئڻ کهڙي ڪم جو؟ اُن ڪري خودڪشيءَ جو پڪو پهہ ڪيو اٿم. قاضي صاحب چيس تہ ڀلا ان محبوب جو ديدار تہ ڪراءِ.

ڪراڙو قيدي ڪيس وٺي اچي هڪ پنجاهہ سالن جي ٿلهي متاري ملهہ وٽ بيهاريو. هي اٿئي منهنجي دل جو مالڪ!

قاضي صاحب کي دل کولي کلندو اسان ان موقعي تي ڏٺو. عجيب انسان هو. پنهنجي مقصد سان مڪمل طور واڳيل. سچار ۽ بي ڊپو. ڪاش، اسان کي اڄ ڪو اهڙو پرخلوص اڳواڻ ملي وڃي تہ هوند ههڙا ڏک نہ ڏسون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# هڪ ارڏي ڪردار تي موت جو اوچتو وار

انور پيرزادو سنڌي ادب توڙي سنڌي سماج جو هڪ باهمت، بردبار ۽ سچار ساٿي هو. هميشہ کلڻو ۽ رلڻو ملڻو انور ايئن ئي کلندي اسان کان جدا ٿي ويندو اهو تہ ڪنهن سوچيو بہ نہ هو. ڪنهن جي خواب ۽ خيال ۾ بہ ڪونہ هو تہ سنڌي ادب جي هن ارڏي ڪردار تي موت جو اوچتو وار ٿيندو. ڪنهن سوچيو هو تہ اسان جو هيءَ سلڇڻو شاعر ايترو جلدي جدائيءَ جو داغ ڏئي هميشہ هميشہ جي لاءِ وڇڙي ويندو. هن جي دل ۾ ڪيئي درد چڀيل هئا، ڪيئي محروميون لڪل هيون، ڪيئي طوفان سٽل هئا، پر سندس پيشانيءَ تي ڪڏهن بہ غم جو گهنج نہ ڏٺم. ڪڏهن پنهنجي بيوسيءَ جو ذڪر زبان تي نہ آندائين. ڪڏهن زماني جي زور آوري يا تقدير جي ڏاڍائيءَ جو داستان نہ دهرايائين.

ڪهڙو نہ عجيب شخص هو جنهن پنهنجي مختصر حياتيءَ ۾ عروج ۽ زوال جي انتها ڏٺي، پر ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃي، ڪڏهن ڪڏهن تہ شمشيرالحيدري جهڙو لڳندو هئم. محنتي، اورچ ۽ خوددار هين آڌو پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جا ڦٽ ڦولهڻ سنڌس غيرت ۽ انا جي خلاف هو. موهن جي دڙي جو پاڙيسري هي شخص پنهنجي محنت، لگن ۽ قابليت سان پاڪستان ايئرفورس تائين پهچي ويو. بنگال ۾ پوسٽنگ دوران هن جيڪي ڪجهه ڏٺو تنهن هن جي حساس دل کي ڌچڪو پهچايو. اندر جي آنڌ مانڌ ڪاغذ تي لکي ڪنهن دوست سان سلڻ لاءِ موڪليائين مٿس ڏيهه ڌڻي ڌمرجي پيا ۽ جوانيءَ جا قيمتي سال قيد ۾ گذاريائين.

ٻاهر نڪتو تہ واپس وڃڻ جون سڀ راهون بند مليس. صحافت ڏانهن وک وڌايائين. مختلف اخبارن سان سلهاڙيل رهيو پر سنڌي صحافت نالو تہ ڏئي سگهي ٿي، عزت سان زندگي گهارڻ لاءِ گهربل ناڻو نٿي ڏئي سگهي. انور اها چئلينج بہ قبول ڪئي. وقت ڪڏي جيئڻ جا جتن ڪرڻ لاءِ پنهنجي قابليت اجرت جي حوالي تہ ڪري ڇڏيائين. پر پنهنجا اصول جيءَ جان سان سانڍي رکيائين. مفاهمت ۽ مصلحت پسندي سنڌس سرشت ۾ شامل ئي ڪونہ هئي. نہ ڏينهن جي خبر نہ رات جي ڄاڻ. هڪ مشين جيان قلم جو پورهيو ڪندو رهيو. ڪيترائي پراجيڪٽ هڪ ئي وقت هٿ ۾ کنيائين ۽ نهايت ئي خوش اسلوبيءَ سان تڪميل تائين پهچايائين. انور انهن چند سنڌي ليکڪن مان هڪ هو جن کي سنڌيءَ سان گڏ انگريزي زبان تي بہ عبور حاصل هو. اهو ئي سبب هو جو سرڪاري توڙي نجي شعبن کي سنڌس ضرورت پوندي رهندي هئي.

مهم جوئي ۽ آرڪيالاجي سنڌس پنهنجا ذاتي شوق هئا. سنڌونديءَ جو سفر هجي يا رني ڪوٽ تي تحقيق، انور پنهنجي پاري جهڙي ترپندڙ طبعيت سبب هر ان جاءِ تي موجود رهندو هو جتان سنڌس بي چين روح کي تسڪين ملي سگهندي هئي.

خوبصورت ماڻهو هو ۽ خوبصورت ڳالهين جو فن ڄاڻندو هو. مون کيس هميشہ زندگيءَ جي ڀرپور قوت سان ڇلڪندي ڏٺو محفل ۾ ڪڏهن بہ ڪوماڻل نظر نہ آيو. گرمجوشيءَ سان ملندو ۽ جا گهڙي رهندو هو پنهنجي موهيندڙ مسڪراهٽ سان موهت ڪندو رهندو هو.

ادب ۾ انور نواڻ جي علامت تي آيو. هن جي شاعري اڳ لتاڙيل راهن کان مختلف ۽ بي نياز هئي. سنڌس موضوع سادا ۽ روزمره جي زندگيءَ جا نمائندا هئا. جو ڪجهہ چوڻ چاهيائين پنهنجي انداز ۾ بنا ڪنهن جهجهڪ جي چئي ڏنائين. رک رکاءُ تہ وٽس هئو ئي ڪونہ. آزاد منش هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد ٿي رهيو. جديديت جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ هو انهن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن مان هڪ هو جن روايتي شاعريءَ کان منهن موڙي پنهنجي اندر جو احوال انهن ٿي لفظن ۽ محاورن ۾ ادا ڪيو جيڪي بي اختيار، جيئن جو تيئن سندس ذهن مان ايري زبان تي ايندا آهن. جن کي نہ ڪاريگريءَ جي گهرج هوندي آهي ۽ نہ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت. شايد انور پابند شاعري ڪرڻ بہ چاهي ها تہ بہ نہ ڪري سگهي ها، ڇو تہ جيڪو تاثر بي اختيار ۽ غيررسمي لفظن جي وهڪري ۾ آهي سو قافئي ۽ رديف جي مصنوعي ڪاٽ ڪوٽ ۽ ناهہ نوهہ ۾ ملي نٿو سگهي. انور پنهنجين انهن خوبين سبب نوجوان نسل جو پسنديده نمائندو ٿي رهيو. هن جي ذاتي زندگيءَ جو اولڙو سندس لکڻين ۾ ظاهر ظهور نظر ٿو اچي. هن جي اندر جا زخم پلي تہ سندس زبان تي نہ آيا هجن پر شاعريءَ ۾ سندس اندر جي تلخي صاف صاف جهلڪي ٿي:

اڄ ماٺ هئي پر
اوچتو
خيالن جون ڳجهون
ڏونڊ سمجهي
من تي لامارا
ڪائڻ لڳيون.
نظم هڪڙو جڻي
اڃا بس نہ ڪئي اٿم
تہ ٻيو ذهن جي پيٽ ۾ چورڻ لڳو آهي.

انور جو دائمي درد صرف سندس ذات تائين محدود نہ هو. هن جي زندگيءَ ۾ سمورن زنگن کي پنهنجي ذات ۾ ڏاهہ سان آڻي هن شاعريءَ جي ڪينواس تي جيڪي ڇٽ ڇٽيا سي آس ۽ اميد ۽ ڏک درد ۽ پيڙا جي عجيب تصوير بڻجي ايرن ٿا. انسان جو انسان سان ناتو، انسان جو ڌرتيءَ سان تعلق ۽ انسان جو قدرت سان رشتو انور جي لکڻين جو عنوان رهيو آهي.

وڙهڻو ٿي تہ اڪيلو آ
مڙس، مڙس جو مٽ آهي!
زنجيرن سان جڪڙي مون کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوقن جي پهري اندر
ڏڪندي ڏڪندي وار ڪرين ٿو
پوءِ بہ چوين ٿو ڏاڍو هان؟

سنڌ جي عشق ڪيس پنهنجي ڌرتيءَ جو چپو چپو رلايو. هر پٿر، واريءَ جي ذرڙي ۽ ماضيءَ جي مزارن کي غور سان ڏسڻ، جاچڻ ۽ پرکڻ تي مجبور ڪيو. دريا ۽ سمنڊ جي اونهن اسرارن کي ڦولهڻ لاءِ لاچار ڪيو. هو وڻجارن جيان پهاڙن، وادين ۽ رڻ پٽ ۾ رلندو رهيو. ڳولي ڦولهي، چنبي چاٽي حقيقت جا موتي ميڙيندو رهيو. پنهنجي احساسن جو اظهار نثر توڙي نظم ذريعي ڪندو رهيو:

اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان!
جنهن رات ۾ توتي بيت چيا
سا رات اڃان پيي جاري آ
۽ سج ڏنگايون ڪونہ چڙهيون
هي پنڌ پري جو واري آ
مان ڪنهن سان پنهنجا سور سليان
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان!

پنهنجي زندگيءَ جي سموري ڪڙاڻ جو اظهار شايد انور پنهنجي هن ننڍڙي نظم کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ ماتم ذريعي ڪري نہ سگهي ها:

ٽڪ هجي تہ ڪٽي
اڇلائي ڇڏجي
جيون کي پلا
ڪاڏي ڪري
ڪاڏي ڪجي!

هن کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ نظم مون ڪڏهن ڪونہ پڙهيو آهي. پنهنجي من جي سموري تلخي، بيوسي ۽ ڪاوڙ هنن چند لفظن ۾ ادا ڪري انور جڻ تہ پنهنجي تصوير ڪشي ڪئي آهي. ڪيس ايئن ڪرڻ جو پورو پورو حق بہ هو. زندگيءَ ساڻس تمام وڏو مذاق ڪيو هو ۽ جواب ۾ زندگيءَ جو مذاق اڏائي رهيو هو. موت کي هو اياز جي اکين سان ڏسي ٿو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سر تي موت جي آيو
چا تي پيو؟
گل ٽڙن ٿا، پونئر پلن ٿا، هير گهلي ٿي.
شام ٽيڻ سان خالي ٿاري
پن چڙهڻ سان پوسٽ ٿئي ٿي.
هن جا هي گل ڳاڙها، سينو ٽاٽيل
۽ ڏند موتيءَ داڻا
غائب ٿيندا وقت پڄاڻان!
هر ڪا شيءِ آ اڄڻي ويڄڻي
جنهن کي سگهي ڪوبہ نہ روڪي!
هن جڳ جو هي ساءُ منو آ
باقي آڏو پويان اوندهہ

۽ گڏوگڏ زندگيءَ کي پڻ اياز جي اکين سان ڏسي ٿو:

زندگي ڪيڏي بہ رکي
ڪيڏي بہ ڏکي
ڪيڏو بہ ڏچو
جي سچ پڇو
موت کان پياري آ.

مان سمجهان ٿو تہ انور تي اياز جي شاعريءَ جو تمام گهڻو اثر آهي. هن پنهنجن نظمن ۾ اڪثر اها عقيدت بيان بہ ڪئي آهي پر هن بن جي اظهار جو انداز مختلف آهي. ٻئي ذات ڏٺي آهن پر واٽ جدا جدا اٿن:

پنيرڪي جو
مينهن جي ڦڙ ڦڙ
بار جو در
کڙڪائي ٿي.
موکي چئي ٿي
جمعو آهي.

انور، تون وقت کان اڳ اسان کان جدا ضرور ٿيو آهين پر تنهنجي مرڪ، تنهنجا ٽهڪ، تنهنجي ذات، تنهنجي ڏاهپ ۽ سڀ کان وڏيڪ تنهنجي ويڙهاند توکي هميشہ زندهہ رکندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# عبدالڪريم گدائي
## اونداهه ۾ روشن مينار

تمام ٿورا سنڌي سينئر اديب هوندا جن پنهنجي حياتيءَ ۾ نوجوان نسل سان نہ فقط هم آهنگي، هڪ جهڙائيءَ ۽ برابريءَ جو رشتو جوڙيو هوندو بلڪ وفات ڪان پوءِ بہ غائباڻي طور سندن رهنمائي ۽ همت افزائي ڪئي هوندي. اهي امر انسان اسان جي زندگيءَ ۾ تہ علم ۽ ادب جا روشن مينار رهيا پر وئي ڪان پوءِ بہ پنهنجي سادگي، بهادري ۽ بيباڪيءَ جا عظيم اهڃاڻ ڇڏي ويا تہ جيئن ڪائنن پوءِ انهن راهن جا پانڌيئڙا پنهنجو گس وڃائي نہ ويهن ۽ قومي ڪارج جي املهہ امانت جيڪا کين وڏڙن ورثي ۾ ڏني آهي، تنهن کي ماڳ پڄائين.

عبدالڪريم "گدائي"، جنهن کي اسان پيار مان "چاڄو" سڏيندا هئاسين، سو پڻ انهن ئي چند املهہ اديبن مان هڪ هو جن پنهنجي ذات ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيت جي ڇاپ سنڌي ادب تي هميشہ هميشہ لاءِ اهڙي تہ پڪي ۽ پختي ڇڏي آهي جو جيسين هڪ بہ سنڌي هن ڌرتيءَ تي ساهہ کڻندو، تيسين "گدائيؒ" صاحب زنده رهندو.

"گدائي" صاحب اهڙي دور ۽ اهڙي علائقي ۾ پنهنجي حياتي گذاري، جيڪي ڪنهن بہ طرح هڪ باغي ۽ ترقي پسند دانشور لاءِ سازگار نہ هئا. جيڪب آباد وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ سردارن جو ڳڙهہ مڃيو ويندو آهي. زورآور جو حڪم هلندو آهي ۽ هيٺين تي حياتي بار هوندي آهي. عام ماڻهو جانورن کان بہ بدتر زندگي گهاريندا آهن ۽ عورت جو ڪنڌ ڪانئرجي ڪهاڙيءَ هيٺ رهندو آهي. خوشامدين جا ڪٽڪ سردارن جي اڇلايل ڇيڇڙن تي ڪتن جيان ڪڙڪندا آهن ۽ غيرت جي نانءَ تي بي غيرتن جا ٽولا مُڇ مروٽي گهمندا آهن ۽ ڏاڍي جي قدمن ۾ ليٽڙيون پائيندا آهن ۽ ڪمزور تي ڏاڍ ٻڌي، ڏوُنس، دهمان، دڙڪي ۽ داٻي سان راڄ ڪندا آهن. جتي علم ۽ ادب جي ڪا اهميت ۽ وُقعت ڪانهي ۽ سچ سوريءَ سزاوار آهي. جت ڪوتن اندر ساموُن ساهہ منجهائي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ تي لاچار آهن، جنهن جي ڪوڙيءَ تهمت ڪين هميشہ هميسہ لاءِ بگهڙن جي ڏر ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي.

مون ست سال جوانيءَ جا گدائي صاحب جي گهُٽ، ٻوسٽ ۽ مونجهہ واري انڌيري نگريءَ ۾ گذاريا ۽ تڏهن احساس ٿيم تہ هن ماحول ۾ روح، ضمير ۽ اصولن کي برقرار رکڻ ڪيڏو نہ ڪٺن ڪم آهي. ڪوڙهئي سماج جي وچ ۾ ويهي حق ۽ سچ جي صدا بلند ڪرڻ وڏيءَ همت ۽ حوصلي جو ڪم آهي. انهيءَ ئي عرصي ۾ منهنجون "گدائي" صاحب سان تمام ڊگهيون ۽ اڻ وسرندڙ ڪچهريون ٿيون، ڪڏهن جيڪب آباد ۾ سندس سادي سودي گهر ۾، ڪڏهن ڪنڌڪوٽ ۾ منهنجي جوڙيل ڪاليج جي لان تي، ڪڏهن ڪنهن مشاعري ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن علمي ادبي محفل ۾. هُو جهڙو ٻاهران سچو ۽ صاف گو هو اهڙو ئي اندر جو اجرو ۽ من جو منو ماڻهو هو. زماني کيس گهائل ضرور ڪيو هو پر جهڪائي نہ سگهيو هو. مون کيس سدائين ڪلمڪ ۽ اوچي ڳاٽ ڏٺو. خودداري سندس نس نس ۾ سمايل هئي. پنهنجي غربت کي ڪڏهن بہ پنهنجي ڪمزوري نہ بنايائين. ڪنڌ ۾ ڪليءَ وارن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيسرن توڙي زمين تي خدائي جي دعويدار وڏين مُڇن ۽ اوچي دستار وارن وڏيرن جي وچ ۾ بہ مون ڪيس وڏي شان ۽ مان سان اوچي ڳاٽ ويٺل ڏٺو. سندس شاعريءَ جو ڏنگ تہ هرڪو محسوس ڪندو هو پر ڪلٽي عام سِيسرات ڪرڻ جي ڪنهن ۾ همت نہ هوندي هئي. هو عوامي شاعر هو ۽ عام ماڻهوءَ جا ڏک درد سميٽي، لفظن جو جامو پهرائي، شاعريءَ جي روپ ۾ عوام کي آڇيندو هو. هن جي اها ئي خوبي هئي تہ هو لفظن کي ڇباڙي، ڇيٽاڙي، سچ کي ڪنڊ جو تهہ چاڙهي، پِتل تي سون جي ورق چاڙهي، مصلحت کان ڪم وٺڻ سکيو ئي نہ هو. جا جيءَ ۾ هوندي هيس، سا خان خانان جي منهن تي ٺهڪائي ڏيندو هو. ياد اٿم تہ هڪ ڀيري جيڪب آباد جي هڪ محفل ۾ جتي ضلعي جا سمورا بيورو ڪريٽ موجود هئا، ”گدائي“ صاحب پنهنجو مشهور نظم، ”صالح صوبيدار اچا بہ ٻيي ساڳيا ڙيا!“ پنهنجي مخصوص وجداني ڪيفيت ۾ پڙهيو هو. هال ۾ سانت ڇانئجي وئي. ڊي سي ۽ ايس ڊي ايم هڪ ٻئي کي چور اکين سان ڏسڻ لڳا ها ۽ پوليس جا بالا عملدار ڪياڙيون کنهڻ لڳا هئا. فنڪشن کان پوءِ ڪلندي چيائين، ”اچ تير نشاني تي لڳو.“

ٻئي دفعي هارس ۽ ڪيٽل شو جي موقعي تي گورنر جي موجودگيءَ ۾ پنهنجو ٻيو مشهور نظم پڙهيائين، ”آزادي آئي، پر ماڳ نہ موٽي مارئي!“ صاحب لوڪن جي مُنهن تي هيڊ هارجي وئي. ساڳي ئي مرڪ منهن تي سجائي چيائين، ”هاٿي گهر وڃي مرندا.“

مون کي فخر آهي تہ ”گدائي“ صاحب جو اڻ ميو پيار نصيب ٿيم. مان ڪنڊڪوٽ ڪاليج ۾ اڪثر ادبي گڏجاڻيون ڪندو هوس ۽ سال ۾ هڪ هفتو تمام وڏي پيماني تي ڊراما، موسيقي، راند روند ۽ مشاعرن جا فنڪشن ڪرائيندو هوس. سنڌ جا سڀ نامور اداڪار، صداڪار، شاعر، اديب ۽ سخنور اهي اٺ ڏهہ ڏينهن منهنجا مهمان هوندا هئا ۽ هزارين ماڻهن جا ميڙ پنهنجن محبوب فنڪارن توڙي اديبن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ پري پري کان اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ هر روز سج اياري پوءِ اٿندا هئا. مان ”گدائي“ صاحب کان هر مشاعري جي محفل جي صدارت ڪرائڻ پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندو هوس ۽ هُو درويش بہ ايري سيري حال سان رڙهي سڙهي، ڪنهن نہ ڪنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح مون سان مهل وهي ويندو هو.

قربائتو انسان، سنڌ جي ثقافت ۽ رواداريءَ جو جيئرو جاڳندو مثال، ذات ۽ لات جو سيبتو سنگم، جرئت ۽ همت جو عملي اهڃاڻ، مرحوم عبدالڪريم ”گدائي“ پنهنجو وارو وڄائي ويو. سنڌي ادب ۾ سريلي باب جو اضافو ڪري ويو. خود داري ۽ بي نيازيءَ جو املهہ سبق ڏئي ويو. بغاوت جا پنيت ڀاري ويو. اسان فقط سندس ڇڏيل هڪ چٽنگ ئي سنڀالي رکون تہ جيڪر صدين تائين سنڌي ادب جرڪندو رهي. ❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# رفيق جعفري

سالن جي گهُٽَ، مُونجهہ ۽ ٻُوسٽ کان پوءِ گهڙي پل لاءِ هوا جو سَٽائو جُهونتو آيو هو. ٻنهي پاڙيسري مُلڪن جي سربراهن مُرڪي هٿ ملايو ۽ عام ماڻهن جي پراڻيءَ خواهش موجب سرحدن جا ڏنگر ڍلا ڪيا هئا. وَرهين کان سڪايل سنڌي ته آس جي ان گهڙيءَ جي اوسيئڙي ۾ هئا. ليکڪ ۽ ڪلاڪار ته هونئن ئي دل جا ڪونئرا، تن جو وجهہ ڏٺو سو دير ئي ڪونہ ڪيائون. مارچ 2004 ۾ سنڌي اڪيڊمي دهليءَ نيند ڏياري موڪلي تہ هند ـ سنڌ ڪانفرنس آهي، وارو ڪيو هليا اچو. اسان بہ ها ۾ ها ملائي. شمشير، حميد، شوڪت، موريا،ڻي ۽ الانا جهڙا پلوڙ ليکڪ ساڻ ڪري وڃي پهتاسين. وڏي آجيان ٿي، گهڻو مانُ مليو. هُو تہ سرها ٿيا سي ٿيا، اسان تہ ڪپڙن ۾ نہ پيا ماپون. ان ئي ڪانفرنس ۾ فيصلو ٿيو تہ ڊسمبر ڌاري پارتي سنڌي ليکڪن ۽ فنڪارن جو هڪ ڀرپور وفد سنڌ ايندو. 32 ڄڻن جو هيءُ جٿو سنڌ ڇا آيو ماڻهن جي نيڻن جا بند ڀَڄي پيا. ورهاڱي کان ٿيل ساٿين جي سنڌ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرزمين تي اها آجيان ٿي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

جلد ئي مون کي پنهنجي ڪتاب جي مهورت واسطي اپريل 2005 ۾ ٻيهر طلب ڪيو ويو. دهلي ۽ ممبئيءَ جي ان دوري اسان جا ارادا وڌيڪ پختا ڪري ڇڏيا. سيپٽمبر 2005ع ۾ سنڌي اڪيڊمي دهلي، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري واري ڪائونسل ۽ سنڌي سڀا طرفان هڪ دفعو وري پارت سڏ ٿيو. 34 اديبن، دانشورن ۽ ڪلاڪارن جو ڀرپور وفد ٽن هفتن لاءِ هندستان روانو ٿيو. ميزبانن پنهنجي طرفان مهمان نوازيءَ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي ٽن هفتن ۾ ڏهہ ٻارهن شهر گهمايا ويا ۽ هر شهر جي سنڌين دل جا تاڪ کولي آجيان ڪئي.

هيءُ سفرنامو جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، سو 2006 ۾ سڳا کي ڏنل دعوت جي پس منظر ۾ لکيل آهي. هن ڀيري بہ لڳ ڀڳ ٽيهہ ڄڻا مذڪوره ادارن جي سڏ تي هندستان ويا هئا. جن ۾ اديبن جو تعداد هرويرو اينترو ڪونہ هو. سڳا جا ڪارڪن ۽ عهديدار، هڪ پرائيويٽ ٽي وي چينل جا ڪارندا ۽ فنڪار ۽ ڪي ٻيا ساٿي مڙئي سرس هئا. مون کي ۽ منهنجي گهر واريءَ ارشاد قمر کي ميزبانن پنهنجي طرفان خاص دعوت ڏئي گهرايو هو. اهڙيءَ طرح گذريل ٻن سالن دوران منهنجو پارت ڏانهن اهو چوٿون سفر هو. هميشہ جيان سرحد پار جي پيارن پنهنجي پراڻي روايت کي قائم رکندي پيار جي پالوٽ لائي ڏني. هن ڪتاب ۾ ان محبت جي سفر جا تفصيل دلچسپ انداز ۾ ڏنل آهن پر جيڪي ڪجهہ اکين ڏٺو ۽ ڪنن ٻڌو ۽ ذهن محسوس ڪيو اهي تجربا ۽ مشاهدا فقط اکيون بند ڪري سوچي سگهجن ٿا. ڪٿي ڪيڏي بہ خلوص سان بيان ڪجن، پر پوءِ بہ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪا نہ ڪا ڪمي رهجي ئي ويندي ها. البت منهنجي پياري دوست رفيق جعفريءَ پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ هندستان جي ٻن هفتن واري ان دلچسپ دوري جو اکين ڏٺو احوال سربستو پڙهندڙن آڏو پيش ڪري

رفيق جي لاءِ مون کي تمام گهڻي عزت آهي ۽ سندس قابليت تي ڀرپور اعتماد اٿم. اسان جي ڏيٺ ويٺ بہ ان دوري دوران ئي ٿي. حالانڪ رفيق مون کي اسان جي پراڻي هڪ اڌ ملاقات ياد ڏيارڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي پر منهنجي ياداشت جي خبر انهن کي هوندي جن جي آڏو مان هميشہ شرمہ 'ر ٿيندو آهيان.

ليکڪ هڪ بردبار، گهٽ ڳالهائو، گهڻو ڄاڻو ۽ فضيلت وارو انسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تونئر تي، جڏهن اسان جا ڏسڻا وائسڻا ليکڪ توڙي دانشور يا فنڪار پاڻ پڏائڻ ۽ خوشامدن ۾ ليکو لنگهي بينا هئا. تڏهن رفيق خاموشيءَ سان هر ماڳ، هر مڪان، هر واقعي جو جائزو وٺندي نظر آيو نه رڳو ايترو بلڪ هر ڪنهن سان خوشمزاجيءَ سان ملڻ جلڻ توڙي هر ممڪن مدد ڪرڻ ۾ پڻ پيش پيش رهيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن ڪلڪتي واري ادبي ڪانفرنس ۾ مقالا پڙهڻ لاءِ نه سليم ميمڻ پهتو نه شوڪت شورو نه ادل سومرو ۽ نه وري اياز گل، تڏهن هميشه جيان بدحواس لڇمڻ ڪومل اچي ترتلي ۾ پيو. شام جو چيائين، ”سياڻي پيپر ڪير پڙهندو؟“

مون کي لڇمڻ جي هر ادا تي پيار ايندو آهي. ذميداريءَ جو احساس کيس سک سان ويهڻ نه ڏيندو آهي. پيو تڙپندو آهي ۽ اها تڙپ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

چيومانس، ”رفيق جعفري ئي اهو ڪم ڪري سگهندو.“

پڇيائين، ”پڪ اٿئي؟“

چيم، ”ها. منهنجي دل تي چوي ته هن گروپ ۾ ڪانئس وڌيڪ مناسب ماڻهو ڪونه ملندو.“

ٿيو به ائين. مسڪين جي مٿان اوچتو بار وجهي اسان ته وڃي رينوءَ جي ڪمري ۾ صبح جو ٽين بجي تائين ڪاجل، اُما لالا، گِريش، راجڪمار ۽ اَمر دولتاڻيءَ سان نويڪلي محفل موسيقي ملهائي ۽ هوڏانهن ويچاري رفيق جعفريءَ اها رات مٿا ماري ڪري ويهي پنهنجو مقالو لکيو.

ٻئي ڏينهن ادبي ڪانفرنس ۾ رفيق اسان جو نه رڳو مانُ رکيو بلڪ فخر ڪان ڳاٽ اوچو ڪرڻ جي قابل پڻ بنائي ڇڏيو. لڇمڻ جي ته ڪل ٻيهي ئي ڪونه. ور ور ڪري پيو چوي، ”يار هيءُ ته ڪو ڇُپيل رستم نڪتو!“

رفيق واقعي ڇُپيل رستم آهي. گهڻن گُڻن جو مالڪ آهي. محنتي آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته اڻ ڏريو آهي. سندس بي ريائي کي سمجهڻ لاءِ مون وٽ گهڻا ئي سبب آهن، جن جي ڪيس به جاڻ آهي.

سنڌ موٽڻ کان پوءِ هُو منهنجي ڪمزوري بنجي پيو آهي. هر اهم ڪم ۾ ساڻس صلاح ضرور ڪندو آهيان ۽ يقين ڄاڻو سندس راءِ جو احترام مون تي واجب ٿيندو ٿو وڃي. مون کي اميد آهي ته رفيق جعفريءَ جي هيءَ محنت رائيگان نه ويندي ❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# ڊاڪٽر مولا بخش جمالي

آخري دفعو مليو ته ڏاڍو ٿڪل ٿڪل، مُنجهيل مُنجهيل، اڻاٽڪو اڪيلو ۽ پريشان لڳو. بينڪ مان پئسا پئي ڪڍايائين.

چيائين: وڃجانءِ نه. مونکي توسان ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

مان لابيءَ ۾ ويهي انتظار ڪرڻ لڳس. ڪافي دير ڪان پوءِ آيو. وڃايل وڃايل پئي لڳو.

چيائين: ٻاهر هلي ٿا ڳالهايون. هت مونجهه آهي.

ٻاهر آياسين ته مونکي ايئن گهورڻ لڳو ڄڻ پهريون دفعو مليا هجون.

چيم: ٺيڪ ته آهين؟

هڪدم چيائين: ها، بلڪل ٺيڪ آهيان.

چيم: خبر پيم ته حيدرآباد هليو ويو آهين.

چيائين: اسرا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو آهيان. هفتي ۾ ٽي ڏينهن حيدرآباد ويندو آهيان. باقي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ئي هوندو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: اتي دوستن سان تہ ملندو هوندين؟

چيائين: نہ. ڪنهن سان ڪونہ ملندو آهيان. پڙهائڻ کان پوءِ ڪمري ۾ ئي رهندو آهيان.

پڇيمر: ٻار ڪٿي اٿئي؟

چيائين: آمريڪا ۾.

چيمر: ٻ ٻا ڄڃائي؟

چيائين: اها بہ اُتي ئي آهي.

پوءِ وري گم ٿي ويو. مان سندس پيلي رنگت ۽ سُڄيل اکين کي ڏسندو رهيس.

چيائين: مان بہ وڃان ٿو. ڪو سيمينار آهي.

چيمر: ٻارن سان مهينو کن گذاري اچ. طبيعت بحال ٿي ويندئي.

ڪجهہ پڙڪيو. خبر ناهي ڇا چيائين. لڳم تہ اکين ۾ ماڪ اتري آئي هيس.

چيومانس: تون اڪيلو هت رهي نہ سگهندين. امريڪا لڏي وڃ.

گهائل آواز ۾ ورائيائين: سنڌ ڇڏي نہ سگهندس.

واقعي سنڌ نہ ڇڏيائين. جهان ڇڏي ويو.

هڪ صبح اخبار ۾ پڙهيم تہ پروفيسر جماليءَ پنهنجي وات ۾ پستول هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي. دماغ تہ تڏي ئي ختم ٿي ويس، دل ٻن ڏينهن تائين هلندي رهي. پويان ڇڏيل خط ۾ لکيائين: مان توهان سڀني ٻارن کي بي حد پيار ڪندو آهيان. هاڻي ئي سموري دولت توهان جي آهي. جيئڻ وٽيوَ تيئن ورهائي کڻجو. ٿي سگهي تہ پنهنجي پوڙهي پيءُ کي معاف ڪري ڇڏجو.

مولا بخش جمالي منهنجو ننڍپڻ جو يار هو. جنهن ڏينهن منهنجو چاچو منهنجو هٿ جهلي پرائمري اسڪول جي هيڊماستر گيهي مل وٽ داخل ڪرائي آيو هو ان ئي ڏينهن مولا بخش کي سندس والد گهوڙي تي ٻيلهہ ڪٽي، اسڪول جي مين گيٽ تي، نم جي وڻ هيٺان گهوڙو ٻڌي، استاد گيهي مل وٽ وني آيو هو. ننڍڙي قد وارو، ٿماٽي جهڙو ڳاڙهو مولا بخش مٿي سان پٽڪو ٻڌي، ڳوڙها ڳاڙيندو ڪلاس ۾ داخل ٿيو هو. پيءُ کي ويندو ڏسي هو ريهون ڪندو ٻاهر ڀڳو هو ۽ پوءِ جڏهن پٽيوالا کيس ڪنيي کڻي آيا، تڏهن استاد عبدالواحد کيس مون سان گڏ ساڳيءَ بينچ تي ويهاريو ۽ هو باقي سمورو ڏينهن سڏڪندو رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجا صاحب جي هاءِ اسڪول ۾ بہ مئٽرڪ تائين گڏ هئاسين. ذهين هو پر کيچلو بہ واهہ جو هو. ماسترن توڙي شاگردن کي تنگ ڪري بيساختہ ٺهڪ ڏئي کلندو هو ۽ اوستائين کلندو رهندو هو جيستائين اکين مان ڳوڙها وهي نہ هلندا هئس.

هٿ اکر انگريزي توڙي سنڌي مونسان ڏاڍا ملندا هئس. هڪ ڀيري منهنجي نالي ۾ هم ڪلاسي ڇوڪريءَ ڏانهن پيار ڀريو خط لکي ٽپال ۾ موڪلي ڏنائين. جڏهن خط ڪلاس ۾ ڇوڪريءَ کي مليو تڏهن کل روڪي نہ سگهيو. وراڻدي ۾ وچي خوب کليو.

مئٽرڪ جي امتحان کان اڳ اسڪول جي رواج موجب هڪ گروپ فوٽو خوجا صاحب سان گڏ ڪڍايوسين. مولا بخش خوجا صاحب جي قدمن ۾ زمين تي وينو آهي ۽ ٺهڪ روڪڻ لاءِ چپ پڪوڙي ڇڏيا اٿائين.

ايم بي بي ايس ڪيائين. وڌيڪ پڙهڻ لاءِ انگلينڊ هليو ويو. والد صاحب جي وفات کان پوءِ وڏي ڀاءُ حاجي يار محمد کيس پيءُ بنجي پاليو هو. سنڌس هر انگل هر آرو سنو هو ۽ هن بہ وڏي ڀاءُ کي پيءُ کان وڌيڪ احترام ڏنو.

شادي ڪيائين، ٻار ٿيس. ان وچ ۾ سنڌ جي ڏاهي سراج سان اهڙي دل اڙيس جو سندس رنگ ۾ رنگجي ويو. سنڌ ۽ سنڌيت تي ڳالهائيندي نہ ٿڪبو هو. بيحد جذباتي ٿي ويو. علم ادب تي ڪڙي تنقيد ڪرڻ کان ڪين ڪيٻائيندو هو. هن جي لهجي جي تلخيءَ جا ڪي ٻيا بہ ڪارڻ هئا. گهريلو اٿبٽ آهستي آهستي سندس زندگيءَ کي ڪٽ جيان ڪٽيندي ٿي وئي. هن کي احساس ٿيندو پئي ويو تہ هُو گهر واريءَ جو پيار ۽ اولاد جي فرمانبرداريءَ کان محروم ٿي رهيو آهي. ان سموري المئي جو ڪارڻ هن جي نظرن ۾ ثقافتي فرق هو. جمالي ڳوٺ جي ماحول ۾ پيهيل پنهنجين پختين جڙن سان ڏاڍي مضبوطيءَ سان واڳيل هو. آزادي ۽ ڇڙواڳيءَ جو تصور هن جي ذهن ۾ مختلف معنيٰ رکندو هو. جنهن پاپوهہ سان هن اولاد کي پاليو هو تعليم ڏني هئي، سکيو رکيو هو دنيا جون سموريون نعمتون مهيا ڪري ڏنيون هيون ۽ جنهن پيار سان هن پنهنجي جيون ساٿيءَ کي پنهنجي وجود جو هڪ اهم حصو تصور ڪيو هو موٽ ۾ هن پڻ اوتري روايتي فرمانبرداري ۽ عزت جي اميد رکي هئي، جيڪا سندس معيار مطابق شايد کيس ڪونہ پئي ملي، يا گهٽ ۾ گهٽ هن جي خيال ۾ هن کي ان جو مستحق نہ پئي سمجهيو ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي دفعا گهران مايوس ٿي، رُسي هو مون وٽ رهڻ هليو آيو. هڪ پيري ڪنهن دوست کي چئي ڪيس لاهور موڪلي ڏنم. ننڍڙيون ننڍڙيون شڪايتون وڏي وڻ ٿي ويون.

امر جليل تازو هڪ بحث ۾ خودڪشيءَ کي سماجي ناانصافيءَ خلاف احتجاج جو خاموش مظاهرو چيو آهي. جواب ۾ ڪن سڄڻن آپگهات کي ڊپ، مايوسي ۽ ناڪاميءَ جي آخري منزل قرار ڏنو آهي. ٻئي ڳالهيون درست آهن. هر واقعي جو محرڪ الڳ الڳ ٿي سگهي ٿو. سيني ڪيسن تي ساڳيو اصول لاڳو ڪري نٿا سگهون. پر جماليءَ جي ڏکوئيندڙ موت جي پويان لڳي ٿو ته ٻن متضاد ثقافتن جي ڇڪتاڻ ڪارفرما هئي، جنهن کي دور ڪرڻ لاءِ هڪ ڏر کي پنهنجي انا کي پاسيرو رکي ، ڪنڌ جهڪائي اڻ ميٽي ضروري ٿي پئي هئي، جيڪا افسوس ته ڪنهن نه ميڙي. هونئن به هڪ ڪلاس مان نڪري متئين ڪلاس ۾ وڃڻ، هڪ ثقافت کي ڇڏي ٻئي ۾ جذب ٿيڻ، هڪ ماحول ک ترڪ ڪري ٻئي ۾ شامل ٿيڻ، هڪ خطرناڪ عمل آهي. اڪثر حالتن ۾ ڏريون نه هيڏانهن جون رهنديون آهن نه هوڏانهن جون مونکي هڪ ڪراڙي باهمت ڳوناڻي عورت سُجهي ٿي، جنهن پنهنجي ڌوهٽيءَ کي اعليٰ تعليم ڏيڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. زر، زمين، پئسو ڏوڪڙ، سک چين، سڀ ڪجهه لٽائي ان نياٽيءَ کي هر روز شڪارپور کان سکر ڪاليج تائين پاڻ وٺي ويندي هئي. ڪلاسن دوران وڻ هينان ويهي اوسيئڙو ڪيندي هئي ۽ شام جو ڪيس ساڻ ڪري شڪارپور موٽي ايندي هئي. ڊگري وٺڻ کان پوءِ ان ڇوڪريءَ جي المئي جي شروعات ٿي. ڳوٺ جي اڻ پڙهيلن سان شادي ڪرڻ کان پاڻ انڪار ڪيائين ۽ شهر جي پڙهيل ڪليل سکين ستابن ڇوڪرن ڪيس پنهنجو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ويچاريءَ آپگهات ڪري ان ڇڪتاڻ مان مڪتي ماڻي. اهو پلصراط جو پنڌ جمالي طئي ڪري نه سگهيو. پتڪڙي جمالي، جيڪو پتڪو ٻڌي، پيءُ کي ياڪر پائي، گهوڙي تي ٻيلهه چڙهي اسڪول ايندو هو پنهنجي اولاد کان پڻ اهڙي ئي محبت جي تقاضا ڪئي هئي ۽ اوسيئڙي ۾ ويٺل ماءُ جي هتان گره گره ڪري وات ۾ وڌل مانيءَ جي سرور جي آرزو ڪئي هئي. نه مليس ته مري ويو. اڪيلو رهڻ ڪيس پسند نه هو. دنيا ئي ڇڏي ويو.☼



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# جيجل پيڻ جو وڇوڙو

ڪهڙي خبر هئم ته عرصي کان پوءِ جڏهن ڪالم لکڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کڻندس، تڏهن پهريان اکر پنهنجي پيڻ، پنهنجي جيجيءَ، پنهنجي سورميءَ جي وڇوڙي بابت ئي لکندس؟ ڪالهه موڪلايائين، اڄ مٽيءَ ماءُ حوالي ٿي، سياڻي ڪهاڻي بڻجي ويندي، ايئن ئي ٿيندو آيو آهي. اهڙا سچا، سُپتيا، کرا ۽ بيباڪ انسان، جن جي جدائيءَ جو سوچي ڏيل ڏکي ويندو هو سي ويا. ڪجهه ڳوڙها ڳڙيا، ڪي سُڏڪا ايريا، گهڙيءَ پل زندگيءَ ۾ ڪو خال رهيو ۽ پوءِ وقت جي وير سمورا نشان ڊاهي وئي. رهي ته فقط ياد رهجي وئي. تواريخ ايئن ئي لکبي آهي. ننڍڙين ننڍڙين يادن جي سهاري، سهڻن مُهڻن چهرن جي آڌر تي، سچ جي ساکي سوچن ۽ جوڏن جي وڃايل وجود جي هلڪي مهڪ ۽ سوياري سڳنڌ تي.

اسان جي هيءَ خوبصورت پيڻ به سنڌ جي جياپي واري جنگ ۾ هڪ سريلي باب جو اضافو ڪري وئي. سنڌي عورت ڪيئن هئڻ گهرجي، سو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجيءَ جي جيوت ٻڌائي وئي. ويڙهاڪ هئي. هر محاذ تي وڙهي. اسٽيج تي، رستن تي، لوهي سيخن جي پويان، قدم قدم تي وڙهي. افسانن ۾، لوڪ گيتن ۾، نعرن ۾، سهرن ۾، ڊرامن ۾، گفتگوءَ ۾، عوام ۾، عقل ۾، سوچ ۾، سنگيت ۾، هر هنڌ بغاوت ڪيائين. پيو ته ڇڏيو، تخليق جي آخري عمل طور اياز لطيف، اختر بلوچ ۽ سسئي پليجو جهڙا امر ڪردار به سنڌ جي نذر ڪيو وئي. وطن جو ان ڪان وڌ سودائي ڪو ورلي ملندو. سنڌ سندس نس نس ۾ سمايل هئي. رڳ رڳ ۾، هر سُر ۾، ساهه پساهه ۾ ڌرتيءَ جو درد گهُليل هوس. شاهه کي ڳائي يا اياز کي، سوز ساڳو ئي هوندو هوس. مرڪندي زندگيءَ جو زهر پيتو هئائين ۽ سڏڪندي سنڌ جو نانءُ ڳڌو هئائين. اهڙو پيار ڪيائين پنهنجي ڌرتيءَ سان جو سنڌ جي ”ميران“ تي پئي. ميران ته خيالي بت ۽ اڻ ڀڏل بانسريءَ کي حياتي ارپي ڇڏي هئي. زرينا مورڳو ڏٺي وائٺي رڻ پٽ، اڪن، ڪانڊيرن ۽ ببرن واري تپڪندڙ سنڌ سان نينهن نڀايو هو. سندس آلاپ جي گونج قدم قدم تي گوُنج ڪڍيا هئا. وک وک تي موتيا مهڪايا هئا. سندس سُر به سنڌ لاءِ هئا ته سِرُ به سنڌ لاءِ ئي هو. هوءَ بيخود ٿي جڏهن اياز جي وائي چوندي هئي:

ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل،
تڏهن ملنداسين!

تڏهن وڇوڙي جو رومانس ڪر ڪٽي جاڳي پوندو هو. موت آسَ جو واس بنجي هرسو خوشبو ڦهلائي ڇڏيندو هو. ٽڙندڙ گلن جو جمالياتي حُسن پنهنجي عروج تي پهچي ويندو هو.

ڇا ته سُر هو سندس آواز ۾! مظلوم، گهائل دکايل سنڌ جي آخري چيخ پاسندو هو سندس هر لفظ، رڻ جي رڙ هئي. پولار ۾ پڙلاءُ هو، گوندر جي گونج هئي سندس هر وائي. اهڙي ڌيءُ، اهڙي ڀيڻ، اهڙي ماءُ نصيب وارن کي ملندي آهي. هوءَ ته اسان سيني جي جيجي هئي. ان ڪان وڌيڪ عزت نه هُن گهري پئي ۽ نه اسان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪيس ڀيو ڪجهه هئو ئي.

1962ع جي نومبر ۾ مان يونيورسٽيءَ مان نڪري پنهنجي پهرينءَ نوڪري تي شاهه عبداللطيف ڪاليج ميرپورخاص ۾ ليڪچرار ٿي ويس. مهيني ڪان پوءِ، ڊسمبر ۾ ڪاليج جو ساليانو جشن ٿيو. زرينا جو نالو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڪند ڪڙڇ ۾ هيڏي ٻار جي زبان تي هو. ڪيس ڏسڻ لاءِ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو. اسٽيج تي پهتي ته ماڻهن اٿي بيهي سندس آڌر ڀاءُ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. لڳاتار تاڙيون وڄائيندا رهيا. سُر ڇيڙيائين تہ پڙلاءُ سرحد پار تائين پهچي ويو. سندس حسين آواز جو جادو ويلن کي ٻُڏي ويو.

مان چپ چاپ سنڌ جي ڪوئل کي ٽهڪندو ڏسندو رهيس.

فنڪشن پورو ٿيو تہ ساڻس ملڻ ويس. پنهنجائپ مان چيائين، ”ڇورا، ڪيڏو تہ سهڻو آهين! اڄ تہ ڪارو ٽڪو هڻاءِ، نظر نہ لڳي پوئي.“ منهنجي شاديءَ کان پوءِ اهو واقعو اڪثر منهنجي زال کي ٻڌائيندو هوس تہ هوءَ ٽهڪ ڏئي کلي پوندي هئي.

چوندو هومانس، ”هڪڙي پيڙ هئم گذاري وئي. هاڻي تون ئي منهنجي پيڙ آهين.“

ڏاڍي پيار مان چوندي هئي، ”توجهڙو پياءُ تہ خدا ڪنهن کي ڏئي.“

منهنجي هڪ ٽي وي ڊرامي ۾ ماءُ جو ڪردار ڪيائين. اسپتال ۾ مرڻو هوس، هڪ ٻہ ٽيڪ ٿيا پر مان مطمئن نہ ٿيس.

چيومانس، ”ادي، توکي تہ ڍنگ سان مرڻ بہ نٿو اچي.“

چيائين، ”اهڙو مري ڏيکاريندي سانءِ جو سڏڪي پوندين.“

پيڙ پنهنجو وعدو پورو ڪيو. پاءُ جون اکيون اڄ بہ آليون آهن.

ٻہ سال کن اڳ پي ٽي وي ايوارڊس فنڪشن ۾ پنهنجي ڌوهٽيءَ سان گڏ آئي. مون کان ٿورو پريرو ويٺي هئي. شرارت ڪري ڪجهہ زور سان چيم، ”ان ڇوڪريءَ سان گڏ اها خوبصورت نوجوان ڪير ويٺي آهي؟“

هڪدم پنهنجيءَ سيٽ تان اٿي آئي. وڏو پاڪر پائي چيائين، ”حرڪت کان ڪو نہ مڙندين.“

چيم، ”جيجي، اڄ تہ قهر خدائي ٿي پئي آهين!“

کلندي چيائين، ”اڳ کهڙا گهٽ هئاسين!“

تازو هندستان جي دوري تي وڃڻ کان اڳ پيڙ اختر جي گهر فون ڪئي مانس.

چيم، ”پيڙ توکي هلڻو آهي.“

هڪدم چيائين، ”سِر لڳي.“

چيم، ”تياري ڪر.“

چيائين، ”پنهنجي هردم تياري آهي.“

ٻن ڏينهن کان پوءِ گولف ڪلب ۾ ڌوهٽيءَ جي شاديءَ تي ملي.

اها ئي پنهنجائپ، اهو ئي پيار اها ئي شفقت.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيومانس، ”وساريو تہ نہ اٿئي؟“
چيائين، ” هلبو سو هلبو، گهٽ ڪو نہ ٿيندي“
حيدرآباد پهچي چيائين، ”هلنديس ضرور، پر ڪي قانوني پيچيدگيون آهن، پهريون انهن کي مُنهن ڏئي وٺان.“
هوءَ هلي نہ سگهي.
دهليءَ ايئرپورٽ تي سندس مداح پڇندا رهيا.
حقيقت تڏهن کلي، جڏهن ڪانفرنس واري مهورت جي ڏينهن ڪنهن ٻڌايو تہ جيجيءَ کي اسپتال داخل ڪيو ويو آهي. سندس گردا فيل ٿي ويا آهن. مجموعي تي خاموشي ڇانئجي وئي. ۽ ان ڪان پوءِ هر زور هر شهر ۾ جيجيءَ جي صحت جي باري ۾ خبر پوندي رهندي هئي.
ايندي وقت لڇمڻ چيو، ”زرينا نہ آئي، ان جو ڏک آهي، ڪيس منهنجا ۽ اسان سيني هند واسين جا گهڻا گهڻا سلام چئجانءِ.“
جيجي، ٻڌي سگهين تہ ٻڌ! توکي سرحد پار تنهنجن بيشمار پنهنجن سلام موڪليا آهن. چوين تہ ڪين تنهنجي ئي آواز ۾ چوان:
ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڳاڙها گل،
تڏهن ملنداسين!
تڏهن ملنداسين!

❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# سنڌي اديب جو آدرش

مان اڪثر پاڻ کان سوال ڪندو آهيان تہ افسانا مان بہ لکان ٿو پنهنجيءَ پر ۾ سٺا بہ لکان ٿو. محنت بہ ڪيان ٿو پڙهيو پرجهيو بہ جام اٿم، افساني جي نون توڙي پراڻن لاڙن جي ڄاڻ بہ اٿم. پر پوءِ بہ اها موٽ نٿي مليم، جيڪا هوند ملڻ گهرجيم يا جنهنجو پاڻ کي حقدار سمجهان ٿو. ان جي ابتڙ جمال ابڙي، امر جليل، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجي، نور الهديٰ شاهہ ۽ ڪجهہ ٻين کي جيڪا عوامي عزت ۽ احترام حاصل آهي ۽ جيڏي چاهہ سان کين پڙهيو وڃي ٿو ۽ يڪراءِ کين نمائنده حيثيت ڏني وڃي ٿي، تنهن متعلق بہ رايا ٿي ئي نٿا سگهن.

منهنجي بي شمار ننڍڙن توڙي بزرگ ساٿين کي پڻ اها شڪايت عام آهي. جيڪي گذر ڪري ويا، سي اهو ڏک پاڻ سان گڏ قبر ۾ کنيون ويا ۽ جيڪي زنده آهن، سي ڪڏهن ڪڏهن ذاتي محفلن ۾ پاڻ سان ٿيندڙ ڏاڍائيءَ جو ذڪر ضرور ڪندا آهن. ڪي ان کي پي آر جو ڪمال ڪوٺيندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ڪن جي نظر ۾ اهو شخصيت پرستيءَ جو بهترين مثال آهي ۽ ڪي وري پڙهندڙن توڙي نقادن جي ذهني ڪچائيءَ تي ماتم ڪندا آهن. ٿوري ٿوري ڳالهه سيني جي درست ضرور هوندي، شخصيتون اسان جي ڪمزوري هيون، آهن ۽ رهنديون. ۽ ان ڪمزوريءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف دوست جدا جدا سانگ پڻ رچائن ٿا چو تہ اسان وٽ ٻين ڪان "مختلف" ٿيڻ پڻ هيروشپ جو ڪامياب نسخو سمجهيو ويندو آهي. پي آر جي چمتڪار کان پڻ انڪار نٿو ڪري سگهجي. شمشيرالحيدري چواڻي: اديبن جا جوڙا، ٽڪنڊا، چؤڪنڊا، پنج، ڇهہ ست ۽ اٺ ڪنڊا، يا ڏلَ يا ولرَ يا وڳر. هڪ ٻئي جا مداح ۽ جوابي مداح. پنهنجي توڙي پنهنجي سَٿ جي حمايت ۾ مستقل زمين هموار ڪندا رهندا آهن. هر ڪنهن جا محور ۽ مرڪز ڏار ڏار آهن ۽ ان ڪري سندن پسنديده هيروز پڻ جدا جدا آهن. اها ڪا لڪل ڳالهہ ناهي ۽ نہ ئي وري ڪا عيب جهڙي ڳالهہ آهي. بلڪ منهنجي نظر ۾ تہ اهو هڪ بنيادي مثبت قدم آهي تہ هر ليکڪ جو هڪ Circle of appreciation يا مداحن جو دائرو موجود آهي. اهي دائرا جيڪڏهن ازخود ۽ بي اختيار ٺهي پون تہ هوند نقادن جو ڪم آسان ٿي پوي پر جيڪڏهن اهي دائرا محنت ۽ ڪوشش سان جوڙايا وڃن، تہ پوءِ افساني ۽ ڪيسٽي ڪلچر ۾ ڪو فرق رهندو يا نہ. سو توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح پاڻ کي مظلوم، مجذوب يا محجوب ظاهر ڪريو. جڳ ڪان نيارو ۽ نرالو هئڻ جو تاثر ڏئي، اڪيلي سر اندلٺي جهنڊو لهرائڻ جو فيشن بہ هاڻي ڪافي پراڻو ٿي چڪو آهي پر آهي. ڪن دوستن وٽ ورجاءُ لفظن، محاورن توڙي پلاٽ کي ڇيڇاڙيهہ اڏ مئو ڪري ورءِ نئين سر، ٻيهر سينڊ سرمو ڪرائي، ساڳين ئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ پڻ عام آهي. اها رسم ايئن آهي، جيئن ساڳي ئي کوٽي سڪي کي بار بار ساڳي ئي دڪاندار کي آڇجي تہ من ڪڏهن نہ ڪڏهن بيزار ٿي يا ڀُل ۾ کڻي قبول ڪري. نوجوانن کي شڪايت آهي تہ جهونا جوڳي سندن راهہ روڪي ويهي رهيا آهن ۽ مون جهڙن ڪراڙن کي شڪوو آهي تہ نوجوان پڙهندڙ پنهنجي ساءِ جوڙيل روحاني پير جي مزار تي مجاور ٿي ويهي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي لوڻو ڦيرڻ کي بہ مهاپاپ ٿو سمجهي. تنقيد جو تہ اسان فقط نالو ٻڌو آهي. تحقيق تہ آهي ئي ڪونہ. ريسرچ اسڪالر نہ پنهنجي ساڄي ڏسي نہ کابي، نہ اڳيان نہ پويان، نہ مٿي نہ هيٺ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ ٻه ڪتاب ۽ چند رسالا جيئن جو تيئن نقل ڪري، نئون مقالو گهڙي ٿو ونئي ۽ اهو ئي پنيل سنيل مونوگراف اينڊز ريسرچ اسڪالر جي تحقيق جو بنياد ٿو بنجي. اهڙي طرح اسان جي ريسرچ، نار جي مالهه ۾ ڦاٿل ڪنگرين جيان پئي تي لڳاتار ڦري. اج ڪان پنجاهه سال اڳ جيڪڏهن ڪنهن کي پروف جي غلطيءَ سبب ڪهاڻيڪار لکيو ويو ته پڪ سمجهو ته اهو نالو ڦرندو گهرندو اج جي محقق هٿان عظيم ڪهاڻيڪار جو خطاب ماڻي چڪو هوندو پر جيڪڏهن ڪنهن چڱي ڀلي ليکڪ جو نالو ڊِل چڪ وچان رهجي ويو ته اها ٻه پڪ سمجهو ته هو هميشه لاءِ رهجي ويو.

اهي ۽ اهڙي قسم جا اعتراض، جيڪي منهنجا پيارا دوست اڪثر ڪندا رهندا آهن، سي بيشڪ ڌيان طلب آهن پر منهنجو ڀهريون سوال پنهنجي جاءِ تي اج ٻه قائم آهي ۽ اهو اهو ته ڪي محترم ۽ معتبر نالا وڏيڪ اهميت ڇو ٿا حاصل ڪن، جڏهن ته سندن همعصر پڻ ساڳئي بلڪ وڌيڪ تيز رفتار سان لکن ٿا. وڌيڪ محنت ۽ محبت سان لکن ٿا ۽ وڌيڪ سُڌ ٻُڌ رکن ٿا.

ان سوال جو جواب، گهڻي سوچ ۽ ويچار ڪانپوءِ مون ئي پنهنجي پاڻ کي ڏنو ۽ هاڻي مان مڪمل طور تي مطمئن آهيان ته شايد ان اوکي سوال جو هن ڪان وڌيڪ معقول جواب ٻيو تي ئي نٿو سگهي. اهو هيءُ ته جن دوستن جو مون نالو وٺي ذڪر ڪيو آهي ۽ جن جا نالا ڪٽي نه سگهيو آهيان، پر جن کي عوامي مڃتا ملي آهي ۽ پڙهندڙن جي دل ۾ سندن جهڳو جوڙيل آهي ۽ هو سندن ورجاءُ يا ڪچائيءَ يا ڦڪائيءَ کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ هردم تيار آهن، پر پنهنجي پيار ۽ وفاداريءَ ۾ تر برابر ٻه فرق آڻڻ متعلق سوچي ٻه نٿا سگهن، تن ۾ ضرور ڪا خاص ڳالهه آهي ۽ اها خاص ڳالهه سيني ۾ يڪسان آهي ۽ اها آهي سندن open ness. هُو ڪهاڻي گهڙين نٿا، صرف ٻڌائين ٿا. لفظن جو ڪاڪ محل جوڙين نٿا. ان ڪاڪ محل جو حصو بنجي ٿا وڃن. پڙهندڙ ڪان لڪ لڪاءُ نٿا ڪن، ڪيس شهادت طور ساڻ وٺي ٿا هلن، ڪيس پنهنجو همراز بنائي سندس اعتماد خريدي ٿا وٺن. ڪوبه گُر آستين ۾ ڇپائي، مٿس لڪل وار نٿا ڪن، بلڪ پنهنجا سپ پتا کولي، سندن سامهون ٽيبل تي رکي ٿا ڇڏين. نه وڏ ماڻهپائي ۽ نه وري عقلي برتريءَ جي دعويٰ جيڪو جملو پڙهندڙ جي دل ۾، سو ليکڪ جي لڪٽيءَ ۾. اهڙي حيرت انگيز



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهني هڪ جهڙائي ڏسي، پڙهندڙ جي لوڻ لوڻ ڪاندارجي وڃي، سا تہ قدرتي ڳالهہ آهي ۽ اهڙو ليکڪ جيڪو پڙهندڙ جي اندر جي ڳالهہ ڪري، سو ڪيئن نہ بي اختيار سورمي جي سروپ ۾ اوچو ۽ اڏول مانُ ۽ مرتبو ماڻيندو؟

ڪهاڻيون تہ بي حساب پر ڪهاڻي اها جا تنهنجي منهنجي من جي ماجرا بيان ڪري، جنهن ۾ اسان جا پنهنجا ٿهڪ ۽ ڇهڪ هجن، لڙڪ ۽ مرڪ هجي، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون هجن، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هجي، غيرت ۽ حيرت هجي، اسان پاڻ هجون، اسان جو ماحول هجي، اسان جا دوست ۽ دشمن هجن، اسان جو وير، اسان جي ويڙهاند، اسان جو ياءُ، اسان جو پلاند هجي، جيڪا اسان جي روح مان گوُنج جيان ڦٽي نڪري، جيڪا اسان جي گونگي زبان کي آواز ڏئي، بي نور اکين کي روشني ڏئي ۽ نڍال جسم کي ڏاڍ آڏو سينو تاڻي بيهڻ جو حوصلو ڏئي. جيئن آهيون، جيترا آهيون، آئيني ۾ پاڻ کي ايئن ئي هوبهو ڏسي سگهون. برابر، ڪٿي ڪٿي جذبا، نعرا، جنوني جملا ۽ ڊرائنگ رومي ڊائلاگ بہ ملندا، پر اهي بہ اوپرائپ جو احساس نہ ڏياريندا. جن دوستن ۽ مهربانن جو ذڪر مون شروع ۾ ڪيو سي اهڙا ئي آهن. سنوان، سڌا، سچار ۽ نماڻا. دل جي ڳالهہ چوڻ وارا. دل کولي چوڻ وارا، دل ۾ پيهي چوڻ وارا.

تڏهن مون کي پنهنجون سڀ شڪايتون، سڀ الڪا، سڀ ڪٽڪا اجايا لڳا ۽ انهن سيني نون توڙي پراڻن دوستن جي ڳٽي ۽ ڳاراٽو بي سبب لڳو جن کي اهو وهم وينل آهي تہ سندن ميچتا ڪنهن خاص عمر، طبقي يا فڪر جي محتاج آهي. مان جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ، تنهنجي دل وٽان، تنهنجي انداز ۾ نٿو ڪري سگهان تہ پوءِ توکان داد گهرڻ جو مون کي ڪهڙو حق ٿو پڄي؟ جڏهن ان پد تي پهتس، تڏهن پڙهندڙ اڻ چئي، چڪي مون کي پير ۾ وهاريندا ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيندا. اها مون کي پڪ آهي.

ان پسمنظر ۾ جڏهن منهنجي پياري دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڻٿڪ ليکڪ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو جائزو ورتو ويندو تہ حميد جا بہ وجود ۽ هر وجود جا بہ جنم نظر ايندا. پهريون وجود روح رهاڻ ۽ پهرين جنم ان دور جا افسانا. روح رهاڻ ڏسڻ ۾ تہ هڪ رسالو هو پر دراصل هڪ مضبوط اٿل ۽ اجهل تحريڪ جو روپ ڌاري ويو. اهڙي تحريڪ، جنهن سنڌ ۾ سجاڳيءَ جي بي پناهہ لهر آڻي ڇڏي. پراڻا ليکڪ ترقي پسند روين سان، پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام تر توانائي ڪٽي ميدان ۾ ڪڏي پيا ۽ نوان ليکڪ سندن مضبوط سهاري هيٺ، بامقصد، باهمت ۽ بيباڪ لکڻين جا پنڌار ڪٽي ڌرتي ماءُ جي تَتڃ ملهائڻ خاطر فولادي ديوار بنجي اُڀري آيا ۽ سيني گڏجي سنڌي ادب جي مزاحمتي تواريخ جو پهريون باب لکيو. (هن موقعي تي سهڻي رسالي جو ذڪر ڪرڻ پڻ بيحد ضروري آهي، پر موضوع جي مناسبت سان روح رهاڻ موضوع گفتگو آهي.)

ظاهر آهي، ان وايو منڊل ۾ جذباتيت ۽ نعري بازيءَ جي گونج ڪجهه سوائي هئي. اهڙن موقعن تي ادب ۽ سياسي پمفليٽ جي وچ وارو سنڌو ڪجهه زياده ئي گهٽجي ويندو آهي. ان هوندي به سنڌي ادب جي هنن متوالن ان دور ۾ پڻ لازوال ڪهاڻيون تخليق ڪيون. اهڙيون ڪهاڻيون، جي دل جي اٿاهه اونهاين مان ڪوڪ بنجي اڀريون ۽ هوڪ بنجي قومي ضمير تي ڇانئجي ويون. حميد پڻ انهن جنوني ڪهاڻيڪارن مان هڪ هو. سندس ان دور جون ڪهاڻيون آسانيءَ سان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون. ڦوهه جوانيءَ جي تقاضا مطابق عشقيه ڪهاڻيون، جن ۾ بهار، خزان، اونهاري ۽ سياري جي چئن مندن دوران ڪيل وعدا، پن ڇڻ جي موسم ۾ سڪل پنن جيئن وکريل سپنا، يادون ۽ ماضيءَ جا ڏنگ وغيره وغيره. ٻيو حصو ظاهر آهي تحريڪن جي حوالي سان جذباتي جدوجهد ۽ ويڙهاند سان ڀرپور. ان دور جو مزاحمتي ادب وقت جي حالتن موجب مقامي سطح جو ضرور هو ۽ هڪ خاص پرڳڻي جي خاص مسئلن تي مرڪوز هو ان ڪري ڪيس اڳتي هلي قومي توڙي بين الاقوامي ليول تي ڪيتري پذيرائي ملندي اهو ته وقت ئي ٻڌائيندو. البت ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته خالص ادبي نقطه نظر کان ان دور جي شاعري توڙي نثر جو گهڻو ڀاڱو سنڌي ڪلاسڪس جو هڪ اهم حصو بنجي چڪو آهي ۽ ان جي ئي روشنيءَ ۾ ان کان پوءِ ايندڙ لکڻيون اهو ساڳيو بلڪ ان کان به وڌيڪ اهم رول ادا ڪري رهيون آهن. حميد ان دور ۾ به گهڻو لکيو. سنو لکيو پر روح رهاڻ جي ڇاپ سندس لکڻين تي گهڻي ڀاڱي ڇانئي رهي.

حميد جو ٻيو وجود بزم روح رهاڻ ۽ ٻيو جنم ڪهاڻيءَ جي نئين ۽ بدليل اسلوب سان ٿيو آهي. بزم روح رهاڻ هڪ اعليٰ پائي جي ادبي تنظيم آهي، جيڪا بيحد سنجيدگيءَ سان اهو ڪم ڪري رهي آهي، جيڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروعاتي دور ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪيو. هر هفتي بامقصد گڏجاڻين ذريعي سنڌي ادب ۾ نہ صرف قابل قدر اضافو ڪيو پيو وڃي، بلڪ تعميري تنقيد ۽ نوجوانن جي همت افزائيءَ وسيلي سنو ۽ سچو ادب پڻ تخليق ڪيو پيو وڃي. اها حميد جي ذاتي ڪوشش، محنت ۽ جدوجهد آهي. خدا تعاليٰ کيس اجا بہ وڏيڪ سگهہ ڏئي. بزم روح رهاڻ پڻ سنڌي ادبي تواريخ ۾ سنہري لفظن سان ياد ڪئي ويندي

حميد جي نئين جنم جا افسانا، سندس پهرئين جنم کان ڪافي مختلف آهن. اها منهنجي ذاتي راءِ آهي، جنهن کي ادبي معيارن ۽ ماپن ذريعي پرکي سگهجي ٿو. منهنجي راءِ ۾ عمر توڙي ادبي بلوغت جي لحاظ کان حميد ازخود اهي پيراميٽرس ڳولي هٿ ڪيا آهن يا شايد قدرتي طور، بنا سندس شعوري ڪوشش جي کيس نصيب ٿيا آهن، جيڪي ڪنهن بہ ليکڪ کي هر دلعزيز ۽ امر بنائن ٿا.

شروع ۾ مون پنهنجي ۽ پاڻ جهڙن ڪيترن ئي ٻين دوستن جي ذهني تحفظات جو ذڪر ڪيو جن کي اڪثر اها شڪايت آهي تہ کين سندن لکڻين جي ايتري مناسب مڃتا نٿي ملي، جنهن جا هو لائق آهن. مون اهو بہ چيو تہ جن ليکڪن کي عوامي مڃتا ۽ سٺي موٽ ملي آهي، انهن وٽ هڪڙو ئي ٽوٽڪو هڪڙو ئي جادو، هڪڙو ئي ٽوٽڪو آهي، ۽ اهو اهو تہ هنن پنهنجي پڙهندڙن آڏو پنهنجي پوري شخصيت هڪ کليل ڪتاب جيان کولي سامهون رکي ڇڏي آهي. ان کي مون Openness سڏيو. اوهان ان کي ڀل تہ ادبي سچائيءَ جو نالو ڏيو. حميد جو ٻيو جنم ان ادبي سچائيءَ سان شروع ٿيو آهي. هن پنهنجي نئين جنم کي سڦل بنائڻ لاءِ دل کولي پڙهندڙن آڏو پيش ڪئي آهي. جيڪو ڪجهہ وٽس آهي، هو جهڙو بہ آهي، جيئن بہ آهي، جتي بہ آهي، پڙهندڙن جي آڏو اکرن جي صورت ۾ موجود آهي. اندرئين کيسي ۾، جورابن ۾، ڪفن ۾، ڪالر ۾، ابداڻي ۾، ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو لڪائي. کيسا خالي ڪري، ٻاهر ڪڍي، ٻيٽا ڪري ڏيکاري ٿو تہ هاڻي مون وٽ ٻيو ڪجهہ بہ ٻاڇي ڪونہ بچيو آهي. جيڪو ڪجهہ آهي اِهو اٿو.

قبول ڪيو نہ ڪيو يار اسان اهي آهيون.

هن جا پلاٽ، هن جا ڪردار، ڪردارن جي چلت، لفظن جو سٽاءُ، جملن جي جوڙجڪ، مطلب تہ ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي، جنهن ۾ لڪ لڪاءُ يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُپ ڇُپاءَ هجي. سنڌي راند سونهن جي. سندس نئين ڪهاڻي ڪتاب "دردونديءَ جو ديس" ۾ توهان ڪي حميد سنڌي، حميد سنڌي ئي ملندو. عبدالحميد ميمڻ جو ڪٿي به نالو نشان نظر نه ايندو نه سندس سرڪاري عهدا، نه آفيسري، نه سرڪاري ايوارڊ، نه ادب جي ڪليڪٽري، نه ادب جي سيڪريٽري شپ. ها، ڪهاڻيءَ جي ضرورت مطابق انهن ڳالهين جو به ذڪر آهي ۽ اڪثر آهي. پر ذڪر جي حد تائين ۽ ڪهاڻيءَ ڪي سچائيءَ جو رنگ ڏيڻ جي رنگ تائين، وڌيڪ نه. هن مجموعي ۾ ان ڪان اڳ ۽ ان ڪان پوءِ، ٻئي جنم دوران حميد ذهن جي هر ڪنڊ ڪڙڇ مان وقت جا ڄارا لاهي، مٽي ٻهاري، دز اگهي، اهي واقعا ۽ ڪردار ٻيهر ڳولي هٿ ڪيا آهن. جيڪي سندس زندگيءَ ۾ ساڻس گڏ رهيا ۽ جن ڪي هن ان لائق نه سمجهي پراڻن ڪاغذن، بوتلن ۽ لُنڊن لٽن جيان ٻاسيرو اڇلي ڇڏيو هو. اهي ئي ٿوڪاريل ڪردار ۽ واقعا حميد ڪي امرتا ڏيارڻ جو ڪارڻ ٿيندا. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ڏاڍايون آخرڪار سندس ڪهاڻين جو موضوع بڻيون آهن. منهنجي خيال ۾ حميد پنهنجو وڃايل محور ڳولي لڌو آهي. اهو محور آهي پنهنجاڻپ جو. ڪُلي دل جي ڳالهه ڪرڻ جو. پڙهندڙن ڪي پنهنجو رازدان بڻائڻ جو. ٻرندڙ قومي مسئلن ڪي ڇهڻ جو. پنهنجي چيپاٽيل، چيٿاڙيل ۽ چيچاڙيل عوام جي ڏک درد ۾ شريڪ ٿيڻ جو. هن مجموعي شايع ٿيڻ ڪانپوءِ ماهوار "سوجهرو" ۾ حميد جون به ٽي ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن. اهي پڻ ان محور جي گرد جڙيل آهن. گذريل پرچي ۾ خاص طور، سندس ڪهاڻي، "مرين ته آرهڙ ۾ مرجانءِ" هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. منهنجي ناقص راءِ ۾ اها ڪهاڻي سنڌي زبان ۾ لکيل ٺچوٺيءَ جي چونڊ پنجن ڪهاڻين مان هڪ ضرور ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ اسان سڀ گڏجي کيس مبارڪباد ڏيڻ چاهيون ته هن ڪان بهتر ٻيو موقعو شايد نه ملي.

سنڌي قوم ٻرندڙ باهه جو درياهه اڪري رهي آهي. واڳون وات ڦاڙيو بيٺا آهن، عقاب لامارا ڏئي رهيا آهن، سج سوا نيزي تي لهي آيو آهي، ڌرتي ٽامون ٿي وئي آهي، ان ٽاڻي اديب جو فرض وسيع ۽ اونهي معنيٰ اختيار ڪري چڪو آهي. اديب، جو قومن جو ذهن، روح، ضمير ۽ جان هوندو آهي، تنهن جون ذميواريون ههڙن موقعن تي سوچ جي سرحدن جو محتاج نه هونديون آهن. ڪنهن جي اجازت ۽ انا جو انتظار نه ڪنديون آهن. ننڍي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي، عورت يا مرد جو سَنڌو نہ ڏسنديون آهن. جيڪو تنهنجو فرض آهي، اهو منهنجو فرض آهي. جي تو کي ماءُ جي ٿڃ ملهائڻي آهي تہ مون کي بہ سر ڏئي سرخرو ٿيڻو آهي. جي تون علم کڻي، نينهن جا نعرا هڻي، نروار ٿو ٿين، تہ مان بہ قلم کڻي، سر ترئيءَ تي رکي، تو سان ساڻ هوندس.

قومي توڙي علمي، ادبي ۽ سماجي ادارا تباهہ ٿي رهيا آهن. گوڏا گسائو ۽ پاچا پُسائو اڏ اکري ملهالا اهڙن اهم ادارن کي اڏوهيءَ جيان کائي کوکو ڪري رهيا آهن. قابل، لائق فائق نوجوان مايوسين جي اونداهي غار ۾ ڌڪبا ٿا وڃن. مالي توڙي، سماجي، توڙي ثقافتي اعتبار کان اسان پينارن کان بہ پنتي پئجي چڪا آهيون. سياسي طور اسان جي ڪابہ حيثيت ۽ اهميت باقي نہ بچي آهي. نڌڻڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار! اهڙي موقعي تي ليکڪ، سڄاڻ ۽ سمجهو ماڻهو وجود جي آخري جنگ لاءِ تيار ٿين. سا ڪا اڇرج جهڙي ڳالهہ ناهي. ماڻهن تائين سڄاڳيءَ جو پيغام پهچائڻو آهي. شعر ذريعي، ڪهاڻيءَ ذريعي، ناٽڪ ذريعي، ڪالم ذريعي. ڇهنڊڙي پايو ٿڌڙا نہ ڪيو بانئو وهائي ڪيو. لٽ نہ اولاريو. وڏي واڪ چئي ڏيو سينڌ ۾ مارئي نہ ڳايو.

هيءُ وقت مهڻا ۽ ميارون ڏيڻ جو ناهي. جونيئر سينيئر جو ناٽڪ هاڻي بند ٿيڻ گهرجي. يونٽي ۽ غير يونٽيءَ جو اسڪرپٽ پراڻو ۽ مدي خارج ٿي چڪو اهي ڪل جهڙيون ڪوچرايون هاڻي بند ٿيڻ گهرجن. سنڌ لاءِ، امڙ لاءِ، جيجل لاءِ، مجبور ۽ محڪوم مارن لاءِ اسان کي سڀ ويڇا وساري هڪ دفعو ٻيهر مڙي مُٺ ٿيڻو پوندو.

نہ ڪو ننڍو آهي ۽ نہ ئي ڪو وڏو. نہ ڪو ئي چوڌري آهي ۽ نہ ئي ڪو چيلو. نہ ڪنهن کي فتوائن ڏيڻ جو حق آهي ۽ نہ وري ڪنهن کي فتوائن مڃڻ جي مجبوري.

اسان هڪ هئاسين، هڪ آهيون. هڪ رهنداسين. اسان جو ماڳ سنڌ آهي. اسان جي منزل سنڌ آهي. اسان جي مومل سنڌ آهي. اهو اسان جو وچن آهي سنڌ سان، سنڌ واسين سان، پنهنجي ضمير سان. چو تہ اسان سنڌي اديب آهيون. اسان جهڙو ڪو ٻيو ٿي تہ ڏيکاري!

(27 جون 2003، حيدرآباد جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي ڪتاب، ”درد ونديءَ جو ديس“ جي مهورت جي موقعي تي پڙهيو ويو.)❊



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

# جوڳي پيا به ڳهڻا

اسان آيا آهيون.

اسان ٻيهر موٽي آيا آهيون.

اسان هڪ دفعو وري اوهان ڏانهن موٽي آيا آهيون،

ايئن جيئن لهر ڪناري ڏانهن موٽندي آهي.

ايئن، جيئن مُندائتا مينهن هر سانوڻ خشڪ ڌرتيءَ تي اوهيڙا ڪري وسندا آهن. ايئن، جيئن سرءُ جي سُڪايل تارين تي بهار ۾ نوان گل ٽڙندا آهن.

ايئن، جيئن ڪونجون وڳر ڪري، نديون، صحرا ۽ پهاڙ ٽپي، آخرڪار پنهنجن پيارن ڏانهن ورنديون آهن.

ايئن، جيئن سڄڻن جي سارَ هڏڪي بنجي، اوچتو ئي اوچتو اُيري ايندي آهي.

ايئن جيئن ساهُ سرير ۾ سُرندو آهي.

اسان بہ ايئن ئي توهان ڏانهن موٽي آيا آهيون،

پنهنجن ڏانهن، پنهنجي آتما ڏانهن. پنهنجي اڏ ڪليل اکين ڏانهن. مُرجهايل مُرڪ ڏانهن. ڳل تي ڇُهنيل لڙڪ ڏانهن. پنهنجي پاڻ ڏانهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصي تائين مارئي ملير لاءِ تڙپندي رهي. سُڏڪندي رهي. روئندي رهي. جيئندي ۽ مرندي رهي. جهجندي ۽ جُهرندي رهي. اڄ ملير خود مارئيءَ ڏانهن هلي آيو آهي.

توهان، جيڪي اسان جي نس نس ۾، رڳ رڳ ۾ ۽ ساهه پساهه ۾ سمايل آهيو.

توهان، جيڪي اسان جي ڪسيل خوشبو آهيو

توهان، جيڪي اسان جا وڇايل خواب آهيو.

توهان، جيڪي اسان جو جسم آهيو جان آهيو وات آهيو لات آهيو واهه آهيو ساهه آهيو گيت آهيو گهاءُ آهيو سونهن آهيو ساءُ آهيو پريت آهيو ريت آهيو سِڪ ۽ چِڪ آهيو.

ڇا اسان جو توهان سان فقط ٻوليءَ جو ئي رشتو آهي؟ يا سيپيتا جو ئي ناتو آهي؟ يا ڌرتي ماءُ جو ئي تعلق آهي؟

هوندو پر اسان ۽ اوهان جو قرب ان کان بہ ڪجهہ وڌيڪ ويجهو گهاٽو ۽ گهرو آهي.

اسان اوهان جا اباڻا آهيون.

ان رکَ جا رکوالا آهيون، جيڪا اوهان جي ۽ اسان جي وڏڙن جي مساڻن ۽ مقامن مان هڪ ئي وقت گڏجي اڏرندي آهي. ان درياءَ جا ديوانا آهيون، جنهن جو صاف ۽ شفاف پاڻي گنگا جل کان وڌيڪ پاڪ ۽ پوتر آهي.

ان ڌرتيءَ جا ڄاوا آهيون، جنهن جي مٽيءَ ۾ ڪستوريءَ جي خوشبو آهي.

ڏار ٿيا آهيو ڏاريا ته ڪئي ڏيکاريو! پري آهيو پراوا ته ڪئي ڏيکاريو! پرڏيهي آهيو پاند ڇڏائي تہ ڏيکاريو!

رت ست ۾ سمايل آهيو. جيءَ جان ۾ جَڙيل آهيو. انگ انگ ۾ اڙيل آهيو. منهن مٽائي تہ ڏيکاريو!

ڏار ٿيا ئي ڪڏهن آهيون؟ هر دم، هر پل، هر لمحي، هر گهڙيءَ، هر ساعت اسان سان ساڻ آهيو.

هزارها سالن جو سفر گڏجي طئي ڪيو اٿئون. هي مختصر جدائي ويريون ڪيڏي ورهائي نہ سگهنديون جنم جنم جا رشتا ٽوڙي نہ سگهنديون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيءَ جا ناتا آڪاس جي اُتاهينءَ تي جُڙندا آهن. ڌرتيءَ جي ڌوڙ اُنهن سڳهارن بندڻن تائين رَسي نـ سگهندي.

اوهان کان سواءِ اسان ڪجهه بـ ناهيون. مٽيءَ مُٺ آهيون. ڌرتيءَ جي ڌُوڙ آهيون، ڪکَ ۽ ڪانا آهيون. اسان جي ڏيٺ تڏهن جي آهي، جڏهن هيءَ جهان نـ جڙيو هو:

نـ ڪو عرش نـ اُپ ڪو زمين ناهـ ذرو
نـ ڪو چارو چنڊ جو نـ ڪو سج سرو
پري پين پرو نات ڏنائون نانهـ ۾!

اسان هڪ ٻئي سان ان نانهه ۾ مليا هئاسين. پولار جي پاتال ۾ اسان جا جِيءَ جَڙيا هئا. خاموشيءَ جي خوابن ۾ اسان روح رهاڻيون ڪيون هيون. سانوڻ جي ڦهرئين وسڪاري ۾ اسان جُهومي ڳايو هو. سنڌوءَ جي ڪناري، چولين جي ڇَرَ تي اسان پنهنجي تاريخ جو ڦهريون باب لکيو هو. اُج ۽ رُڃ ۾ گڏ رهياسين. تَتَلَ واريءَ تي ڪِريل ڀگهر جا ڦهريان قطرا اسان جا پنهنجا ئي هئا. رات جي اونداهيءَ ۾ گونجندڙ ڦهريان ٽهڪ اسان جا ئي هئا. دنيا کي ڦهرين سيپتا اسان ئي ڏني. سمونڊ جي سيني تي ڦهريان واپاري ٻيڙا اسان ئي تاريا. گيت ۽ سنگيت جي اوائلي دنيا اسان ئي آباد ڪئي.

اسان اڳواڻ آهيون، هن ڌرتيءَ جي گولي تي وسندڙ انسانن جا. امام آهيون، رهبر ۽ رهنما آهيون هن روشنيءَ ۾ وهنتل اُجري جهان جا. امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو املهه مثال آهيون. فقيرن، درويشن، ساڌن سنتن جا پوئلڳ آهيون. انهن جي ئي دعائن ۽ آسيسُن اسان کي نفرتن جي آڙاهه کان دور رکيو. انهن جي ئي سِکيا، اسان کي پيار سان گڏجي رهڻ سيکاريو. انهن جي ئي ڏسيل آدرشن، دنيا ۾ اسان جو مُنهن مٿانهون ڪيو.

۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو اسان جي خوشين کي نظر لڳي وئي.

اسان جي آسن، امنگن ۽ آشائن کي نشتر چيري وئي. اسان جي سُکئي ستابي آکيري کي باهه جا ڀنيٺ وڪوڙي ويا.

تاريخ جي سڀ کان وڏي ۽ سڀ کان ڀيانڪ لڏپلاڻ جي طوفان جاني جدا ڪري ڇڏيا. باغ ۽ بستيون ويران ٿي ويون. دل وارن جي دنيا اهڙي اُجڙي جو ٻيهر ڪڏهن بـ آباد ٿي نـ سگهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ئي زماني جو هڪ قرض منهنجي ڪلهن تي گذريل اڌ صديءَ کان بار بنيل آهي. چاهيان ٿو ته اهو بوجهه اڄ هميشه هميشه جي لاءِ پنهنجي روح، ضمير ۽ مَنَ تان لاهي ڇڏيان. ميساري ڇڏيان. وساري ڇڏيان.

انهن ڏينهن ۾ مان نواب شاهه جي پرائمري مين اسڪول ۾ ٽيون درجو سنڌي پڙهندو هوس. استاد گيهي مل هيڊماستر هو ۽ ٻُتي کوهه واري گول چڪر جي هڪ ڪُنڊ تي رهندو هو منهنجو پيارو دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو امر ليکڪ لڇمڻ ڪومل ۽ سامهينءَ ڪنڊ تي گهر هو منهنجي هم ڪلاسي شيوڪ جو. شيوڪ ۽ مان گڏجي پليا هئاسين. صبح جو ڪتابن جا ٿيلها ڳچيءَ ۾ لٽڪائي، هٿ هٿ ۾ ڏئي، گڏجي اسڪول ويندا هئاسين. شام جو ڪڏهن هُو منهنجي گهر ته ڪڏهن مان هُن جي گهر.

جاڙا ياڙ لڳندا هئاسين هر آئي وئي کي.

هڪ ڏينهن شيوڪ به ننڍڙا ڦٽاڪي وارا پستول ٿيلهي ۾ لڪائي اسڪول کڻي آيو.

مون کي ڏاڍا وڻيا. حسرت سان کين ڏسندي پڇيم: ”ڪٿان آندا اٿئي؟“

چيائين: ”دادا ونيءَ ڏنا اٿم ڏياريءَ تي.“

چيم: ”هڪڙو مون کي ڏيندين؟“

چيائين: ”نه. ڪنهن کي ڪونه ڏيندس.“

مان چُپ چاپ کيس ڏسندو رهجي ويس ۽ هُو ٻئي پستول ڏاڍي لاڏ سان سنڀالي پنهنجي ٿيلهي ۾ وجهي گهر هليو ويو. منهنجي ننڊ ڦٽي پئي. هڪ ٻه دفعو گهريامانس به، پر صاف جواب ڏئي ڇڏيائين.

انهن ئي ڏينهن ۾ ورهاڱي جي باهه ڀڙڪي اُٿي. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. هر گهر ۾ لڏپلاڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا.

هڪ شام شيوڪ کي چڪرا بازار ۾ ڏٺم. حلوائيءَ جي دڪان اڳيان چادر وڇائي، مٿس پنهنجا سمورا رانديڪا سجائي، ڪنڌ جُهڪائي، خيالن ۾ گم سم ويٺو هو.

چادر مٿان لاٽون هئا، ڇرا هئا، ٻگل دوربين هئي، ننڍڙي سائيڪل هئي. ٽارچ هئي ۽ انهن سڀني شين سان گڏ رکيل هئا ٻه پليٽي وارا نوان نڪور دل گهريا پستول.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم: "هي ڇا ٿو ڪرين؟"

ڇپائين: "وڪڻان ٿو."

پڇيم: "ڇو؟"

ڇپائين: "اسان وڃي رهيا آهيون!"

ڇيم: "ڪيڏانهن؟"

ڇپائين: "خبر ناهي، دادا چوي ٿو تہ اسان کي هاڻي هتان جلدي نڪرڻ گهرجي."

پستولن کي ڏسندي پڇيم: "هي بہ وڪڻين ٿو؟"

اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس. گهٽيل آواز ۾ ڇپائين: "ها! ڇهين ڇهين آني."

مُنهن ڦيري ڇڏيائين. روئي پيو ريهون ڪري، جڻ دل ۾ ڪات لهي ويو هجيس. منهنجي اندر ۾ ڪا ڪمزور ديوار ڍهي پئي ڏڪڪو ڪري.

سُڏڪندي ڇپائين: "تون وٺندين؟"

ڪنڌ جُهڪائي موٽڻ لڳس تہ هن پويان اچي هٿ مان جهليم.

ڇپائين: "وٺندا اٿئي نہ؟"

ٽڙڪندڙچپن سان ڇيم: "ها! پر مون وٽ ٻارهن آنا ڪونهن."

هن ٻئي پستول مون کي ڏيندي چيو: "تون رکي ڇڏ. جڏهن پئسا ٿين ئي تہ ڏئي ڇڏجانءِ."

هُو هليو ويو. مون تي ٻارنهن آنا قرض چاڙهي خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو. سندس نشاني مون عرصي تائين سنڀالي رکي. ان آس تي تہ هُو هڪ ڏينهن موٽي ايندو.

نہ آيو. ٻيهر ڪڏهن بہ موٽي نہ آيو ۽ مان اهو ڀاري قرض ڪُلهن تي کڻي ڪيس ڳوليندو رهيس هر گهٽي، هر گهيٽ، هر چوڪ، هر چوراهي تي. ذري گهٽ ست سالن جي هن ڏکي سفر ۾ مون کيس هر هنڌ، هر جڳهہ ڳوليو آهي. نہ مليو هو نہ مليو.

شرت جي جي ديوداس جي ٻن روپين واري قرض جي اهميت جي ڄاڻ ٻين کي هجي نہ هجي، مون کي آهي. مون کان پڇو تہ پيار جي اوڌر ڪيتري ڳري ٿيندي آهي. جدائيءَ جي نشاني ڪيترا ڏنڀ ڏيندي آهي. وڇوڙي جون يادون ڪيترا گهرا ڇهڪ ڏينديون آهن. مون کان پڇو!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان پڇو جنهن اڌ صديءَ کان مٿي شيوڪ جا ٻارهن آنا سنيالي رکيا آهن. سندس آخري لڙڪ ۽ سڏڪا جيءَ جي جهروڪن ۾ سجائي رکيا آهن. سندس بيوسيءَ جي مورت من ۾ جيئن جو تيئن ڇپائي رکي آهي.

اڄ جڏهن سامهون وينل هر چهرو نِنڍڙي معصوم شيوڪ جو چهرو نظر ٿو اچي، تڏهن سوچيان ٿو مان اوهان مان ڪنهن ڪنهن جا قرض اُتاري سگهندس؟ ڪراڙي لاڻي، ڀڳڙن ۽ ڪٽمنڙن واري غريب ۽ نڊٽڪي چوهڙ مل جو جنهن سنڌ ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ دڪان جو در اندران بند ڪري، اوندهه ۾ اُڇيو ۽ ٻڪيو اندر ويهي رهيو هو ۽ جنهن جو لاش ٽن ڏينهن کان پوءِ پاڙي وارن دروازو ڀڃي ٻاهر ڪڍيو هو.

يا جمعدارڻ شرما جو جنهن پنهنجي ڪٽنب سان گڏ لڏيندي، راجا واري گاڏيءَ ۾ جوڌپور ويندي، ريلوي جي ٻاهرئين سگنل وٽ، هلندڙ گاڏيءَ مان ٽپو ڏئي، پنهنجو انت آندو هو ۽ پاڻ اُڇليندي چيو هئائين: ”من نٿو مڃي ڀڳوان! من نٿو مڃي.“

يا سول سرجن وليرام جو جنهن منهنجي ٽائيفائيڊ جو علاج ڪيو هو ۽ في وٺڻ کان انڪار ڪيو هئائين ۽ بابا کي چيو هئائين: ”پٽنهن جڏهن وڏو آفيسر ٿي وڃي، تڏهن مٺائي کارائجانءِ.“

اُن مٺائيءَ جو قرض اڄ تائين مون تي باقي آهي.

يا وڏوا سونيءَ جو جنهن پنهنجي هنج ۾ وهاري مون کي سوين ڪهاڻيون ٻڌايون هيون ۽ جنهن جي ڳلن تان ڳوڙها ڪڏهن به خشڪ نه ٿيا هئا. ۽ جڏهن هوءَ کلندي هئي ته سڏڪي جو گمان ٿيندو هو ۽ جيڪا سُريلي آواز ۾ ڳائيندي هئي:

سئن هنيائون سُڃَ ۾،
ڇڏي در ته گهٽا،
جيڪي رب کي وٽيان،
جن جي منهن ۾ مٽيان
جوڳي ٻيا به گهٽا
سامي ٻيا به گهٽا
پيئرڙي، منهنجو لکيو لاهوتين سان!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جنهن چيو هو: ”وڏو تي مون تي ڪهاڻي ضرور لکجانءِ“
·سونيءَ جي ڪهاڻي مون تي اڄ بہ قرض آهي.

يا ٽانورداس جو جنهن ڪان بتيءَ لاءِ گاسليٽ وٺڻ ويو هوس تہ چيو هئائين: ”ننڍڙا! گاسليٽ ذري مون تي بہ هاري تيلي ڏئي ڇڏ. ديس جي رک ديس ۾ ئي رهي تہ چڱو.“

يا بينڪ مئنيجر هيرانند جو جنهن موڪلاڻيءَ مهل زمين تي ويهي ٻُڪَ مٽيءَ جا پنهنجي سِر تي نائيندي چيو هو: ”منهنجي ماتا، منهنجي جيجل، منهنجي امڙ، مون ڪي هيءَ ڏينهن تہ نہ ڏيکارين ها.“

يا مهتي جو جنهن سان منهنجي پڦي حوا جو جهيڙو ختم ئي نہ ٿيندو هو ۽ جڏهن هو وڃڻ لڳو تڏهن پڦيءَ جا پير پڪڙي روئيندي چيو هئائين: ”امان، وڃانءِ تو هميشہ جي لاءِ، چيو آکيو بشڪ ڪجانءِ!“

۽ پڦيءَ منهن ڦيري ڇڏيو هو ۽ ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو ۽ پوتيءَ جي ڪُنڊ وات ۾ وجهي سُڏڪا روڪيندي رهي هئي. ۽ پوءِ جڏهن هو هليو ويو هو تڏهن ان پاڻي ڇڪڻ ڇڏي ڏنائين ۽ سندس در جي چانئٺ تي عرصي تائين ڏينهن رات سندس اوسيئڙو ڪندي رهي هئي. ڪنهن جا ڪنهن جا قرض لاهي سگهندس؟

يا سيٺ هيرانند جو جيڪو ان زماني ۾ ڪروڙپتي هو ۽ لڏڻ ويل نہ زر زيور ساڻ کنيائين نہ پئسو ڏوڪڙ، نہ سون چاندي، نہ هيرا جواهر. جي کنيائين تہ هڪ هٿ ۾ سنڌ جي مٽي ۽ ٻئي ۾ سنڌوءَ جو پاڻي. رهي نانءُ سائين ءَ جو!

ڪنهن جا ڪنهن جا قرض لاهي سگهندس؟
ڪيترا جنم گهربا ان پريڪشا مان پار پئجڻ لاءِ؟
ڪيتريون راتيون، برساتيون، سيارا، اونهارا، آنسو آهون، سُڏڪا، دانهون، پرياءَ ۽ پڇتاءَ گهرجن، تاريخ جا اهي ڏکندڙ قرض لاهڻ لاءِ؟

۽ ها، ياد آيم، ڪي قرض منهنجا بہ رهيل آهن توهان تي. اهي بہ وصول ڪرڻا اٿم توهان کان!

توهان منهنجي سنڌ چورائي آهي!
پنهنجين اکين جي اوٽ ۾ سمائي آيا آهيو منهنجي ديس کي!
پنهنجي آتما جي اونهائين ۾ اُتاري آيا آهيو منهنجيءَ ڌرتيءَ کي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي مَنَ جي مندر ۾ سجائي آيا آهيو منهنجيءَ متيءَ کي!
منهنجي سنڌوءَ کي ڇپرن جي ڇانوَ ۾ لُڙڪ بنائي لٽڪائي رکيو آهي اوهان.
منهنجي وشال سمونڊ کي سيني ۾ ڇُپائي رکيو آهي اوهان.
حيدرآباد جي منگهن ۽ معصوم شاھ جي مناري ۽ ستين جي آستان ۽ ڪوٽڙيءَ جي پُل ۽ ڪراچيءَ جي نيٽيءَ جيٽيءَ کي پنهنجن سوچن ۾ قيد ڪري رکيو آهي اوهان!
ڏاڍو هنيو اٿوَ!
منهنجي سنڌ مون کي موٽائي موٽائي ڏيو.
موٽائي ڏيو منهنجي شهرن جون روشنيون ۽ خوشيون ۽ خوشبوئون ۽ خوبصورتيون.
موٽائي ڏيو اُهي مُرڪون ۽ سُرڪون ۽ ٽهڪن جا ٽانگڙ. جي اوهان جي دم سان چونڪن، چوراهن ۽ واهڻن ۽ وسندين ۽ ٽربر ٽڙندا هئا.
موٽائي ڏيو اهي گيت ۽ سنگيت ۽ ڇيڄ ۽ جُهمريون ۽ لاڏا ۽ سهرا ۽ ڳيچ، جيڪي نيون نويليون ۽ اڙٻنگ ۽ البيليون، گهر گهر، گلي گليءَ ۽ گهاٽ گهاٽ تي وکيرينديون هيون.
موٽائي ڏيو اها من شانتي ۽ ميٺ ۽ محبت ۽ ڀائيچارو ۽ برابري جيڪا صوفين ۽ سنتن کان سوغات ۾ ملي هئي.
موٽائي ڏيو اڻپوريون ڪهاڻيون ۽ اڌورا خواب ۽ دلين ۾ ڌڙڪندڙ ارڻ ڄاوا امنگ، جيڪي توهان ڀڄاڻا مرجهائجي ويا. مري ويا.
موٽائي ڏيو منهنجي ٻولي، سيپتا ۽ ساهت جا اڻ لکيل پنا. جيڪي اوهان ڀڄاڻا ڪورا ئي رهجي ويا.

اوهان جي ڀڄاڻا
نہ بلبل ئي چهڪي
نہ مکڙي ئي مهڪي
نہ ورسيا وڻاڻا.
اوهان جي ڀڄاڻا!
اوهان جي ڀڄاڻا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان روح کي جڙ نپوڙي چڪاسين،
اُداس نگاهن ۽ تشنہ لبن سان
هر گام
هر شام
توکي پڪاري تڪاسين
مگر تون نہ آئين
نہ آواز آيو
بهارون نہ موٽيون
۽ ڪونجن جون وڇڙيل قطارون نہ موٽيون!
گلن جا زخم ڪين ڀريا، نہ ڀريا
ويا دور وڇڙيءَ سي ساٿي نہ وريا.
ساقي سُمهي پيا ۽ مقتل وساڻا
اوهان جي پڄاڻا!
موٽائي سگهو تا تہ موٽائي ڏيو منهنجو قرض مون کي موٽائي ڏيو!

منهنجي جند، منهنجي سنڌ، پنهنجي جيءَ مان ڪوري ڪڍي موٽائي ڏيو.

اکڙين مان، سپنن مان، سوچ مان، لوچ مان، سيني مان، روح مان، تن بدن، جسم ۽ جان مان چُني، چڪي، اُتاري اُکاڙي موٽائي ڏيو. جو ڪجهہ لڪي ڇُپي چوريءَ زوريءَ کڻي آيا آهيو موٽائي ڏيو.

منهنجي هڪ هٿ تي اوهان جا هارهن آنا آهن ۽ ٻئي تي اوهان جي سپنن جي سنڌ آهي. ڇا کڻندؤ ڇا ڇڏيندؤ ـ ٻڌايو؟

ڪير ڪنهنجو قرض لاهيندو فيصلو اوهان کي ئي ڪرڻو آهي.

جيڪڏهن امتحان جي ان ڪٺن گهڙيءَ ۾ توهان جا قدم ڪنبن، ڇَپَ ٿڙڪن ۽ سوچ ساٿ ڇڏي ڏئي، تہ پوءِ مون کي پنهنجو ڪُلهو ڏيو اُن تي پنهنجو سِرُ رکي دل کولي روئي سگهان.

منهنجي هڪ آس آهي، اميد آهي، خواهش آهي ۽ هڪ خواب آهي:

وقت جا ڪانٽا هڪ وار بيهي رهن ۽ پوءِ پنج هزار سال پٺتي موٽي وڃن ۽ موهن جي دڙي جي اُها نرتڪي، جيڪا رقص ڪندي وقت جي قيد ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمي وئي آهي، سا هڪ دفعو ٻيهر نيڪ اُتان ڪان ڳالا جو مظاهرو ڪري، جتي زمانو ڪيس باندي ڇڏي گهڻو اڳتي وڌي ويو هو.

اهي ڪنڌر ٻيهر آباد ٿين. پوءِ چاهي منهنجي دل موهن جي دڙو ڇو نه بنجي وڃي.

منهنجو اهو به خواب آهي، ته يڻائي جي تنبوري جي تار هيڪر ٽپي اُتي ۽ سنڌي ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ پتنگن جهڙ وبهه ڪري ديوانا وار جهومندا، ڳائيندا، ڇيچ وجهندا. پٽ ڏٽيءَ جي مچ تي مُچو ناهي مِڙن ۽ امن، ايڪتا ۽ پريم جي اُلن ۾ آلا تي، جڳ ڪي جيئڻ جو گُر سيکاري وڃن.

منهنجو خواب آهي پوپٽ جي پرن تي ورهاڱي جي وڇوڙي جا گيت لکان ۽ هزارين پوپٽ مُنين ۾ پري هوائن ۾، فضائن ۾ ايئن ڦهلائي ڇڏيان، جو اُهي جهرن جهنگن ۾، ميدانن ۽ پهاڙن ۾، ندين ۽ نارن تي، حدن ۽ سرحدن تي، اسان جي دلين جو درد ڪٽي پکڙجي وڃن ۽ اسان جي پريت ۽ پيڙا کي امر ڪري ڇڏين.

۽ منهنجو اهو به خواب آهي، ته هر چيٽي چنڊ تي سرحد جي ٻنهي پارن جا سنڌي ورهاڱي واري ويريءَ تي اچي گڏ ٿين. اوڏا هجن ته هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملن. پريرا هجن ته هٿ ڏگهيري آڱريون آڱرين سان ڇُهائي سگهن. دور هجن ته پري ڪان نيڻن ۾ سمائي سگهن. اوجهل هجن ته فقط سوچي سگهن.

اهڙا هزارين خواب هينئڙي ۾ پالي رکيا اٿم. انهن خوابن ۾ مان آهيان، توهان آهيو اسان سڀ آهيون. هن جنم ۾ نه، ته ٻئي جنم ۾ اهي سپنا ضرور ساپيان ٿيندا، ڇو ته اهي اسان جا سپنا آهن. اسان ئي انهن کي جنم ڏنو آهي. اسان ئي انهن جي پالنا ڪئي آهي. اسان ئي انهن جي تعبير لهنداسين. پوءِ چاهي سوين جنم وٺڻا ڇو نه پون. ايندا سين وري ايندا سين. ايندا رهنداسين. اهو اسان جو پنهنجي پاڻ سان وچن آهي.

*(17 جون 2006ع تي ڪلڪتي جي ادبي سيمينار ۾ پڙهيل)*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ثقافت کاتو حکومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com